120

سنڌ جي هندو ڌرمي
آستانن جي

تواريخ

ليکڪ
مسٽر ڏهلرام آسودومل وڪيل

سنڌ جي هندو ڌرمي استانن جي تواريخ

لکندڙ

مسٽر ٿهلرام آسودومل وڪيل

حيدرآباد سنڌ.

سال ۱۹۴۷] قيمت ۰-۸-۱ روپيه [ڇاپو پهريون

لکندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم.

امر اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، چوڪي بزار حيدرآباد سنڌ.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ارپڻ پتر

هن پستڪ جو قل مان گهڻي سڪ ۽ پريم سان
پنهنجي پياري سپتري سرڳواسڻ شريمتي ديوڪي
ٻائي زال مسٽر وشنداس بگومل سجان کي ارپڻ
ٿو ڪريان.

١٤ ڊسمبر ١٩٤٦

ڏيئامل دولترام

ڀومڪا

سنڌ جي هندن جا سؤن جي تعداد ۾ ڌرمي استان آهن، جيڪي ساڌ رهي ويا آهن. انهن مان مکيه ڌرمي استانن جو اتهاس، استانن جي سنتن جا جيون چرتر ۽ شجرن وغيره بابت هڪ پستڪ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهرج ڏسي هيءُ پستڪ لکيو ويو آهي. مراد هن پستڪ لکڻ جي هيءَ آهي ته سنڌ جي هندن جو پنهنجي ڌرمي استانن ۽ هندو ساڌن جي سماڌين ۾ شرڌا، صدق ۽ سڪ جاڳي ۽ اها قائم رهي ۽ هو پنهنجن ڪٽنبن سميت انهن ڌرمي استانن جي تيرٿ ياترا ڪن. سنڌ جا جوان جي هن وقت ستسنگ کان پري آهن ۽ جنکي پنهنجي گردوارن جو پورو قدر نه آهي، تنکي پنهنجن گرو استانن جي وڏائي ۽ مهما جي سڌ پوي ۽ سنڌ جي سنتن ۽ انهن جي سماڌين ۾ شرڌا ۽ صدق ۽ عزت اُتپن ٿئي ۽ اها قائم رهندي اچي. هن پستڪ جي وسيلي انهن ڌرمي استانن جي گادي نشينن جي ٻوين کي پنهنجن وڏن جي پوتر آدرش جي ڄاڻ ٿئي.

سمي ڀائي ڳالهين ۽ اُن جي وسري وڃڻ جو امڪان آهي. تنهن ڪري دفتر تي سنڌ جي ڌرمي استانن بابت حقيقتون گڏ ڪري رکڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. تنهن کانسواءِ هر هڪ سک شيوڪ کي پنهنجي پنهنجي گردوار جي اتهاس ۽ گادي ڌرن جي جيون چرترن بابت معلوميت هن پستڪ مان ملي سگهندي. هن پستڪ جي

SINDH ARCHIVES
CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH

وسيلي پڙهندڙن جي دلين ۾ شردا ۽ سڪ ڌرمي استانن لاءِ صدق ۽ سڪ اُڀڻ ٿيڻ تي هنن جي دلين ۾ انهن ڌرمي استانن تي تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ اُتساهه ۽ اُمنگ جاڳندو. هن وقت جو اهڙن ڌرمي استانن لاءِ اُتساهه نه آهي تنهنجو هڪ مکيه ڪارڻ بي خبري آهي. اها گهٽتائي هن پستڪ جي پڙهڻ سان ذڪر ڪيل استانن لاءِ پڙهندڙن جي دلين ۾ عزت ۽ سڪ جاڳائي نه لکندڙ جي مراد پوري ٿيندي. هن پستڪ ۾ هر هڪ هندو ڌرمي استان بابت حقيقت، گادي نشينن جا شجرا ۽ سندن جيون چرتر گڏ ڪري، هن پستڪ ۾ درج ڪيا ويا آهن. اُميد نه هي پستڪ سنڌ جي هندن کي ڪارائتو ٿيندو. هن پستڪ جي ڇپائڻ تي سمورو خرچ ديوان ڏيئامل صاحب ولد ديوان دولترام صاحب ڀاوناڻي ريٽائرڊ ڊسٽرڪٽ جج صاحب پنهنجي سپتري سرڳواسڻ ديوڪي ٻائي جي نمت ڪيو آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ مٿين صاحب جا گهڻي قدر شڪرگذار رهندا جو انهي سبب ڪري هن پستڪ جي پيسا ٿوري رکجي ٿي. جيڪي هن پستڪ جي وڪري مان پيدا ٿيندو سو وري ٻين ڌرمي پستڪن جي ڇپائڻ تي خرچ ڪرڻ ۾ ايندو.

حيدرآباد، سنڌ.

ڏهلورام آسودومل گربخشاڻي

٢٥ فيبروري ١٩٤٧ع

ياداشت هندو ڌرمي استانن جي
هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن

جريان نمبر نالو استان ۽ شهر جو — صفحو

١ درٻار بابا گوبند داس صاحب، مانجهندن ١
٢ شري ساڌ ٻيلو، سکر ١١
٣ راڄ گهاٽ درٻار، ٺٽو ١٨
٤ درٻار بابا گوپت صاحب، خيرپور ميرس ۽ حيدرآباد ٣٦
٥ شري اڏيرو لعل صاحب، اڏيرو لعل ٥٣
٦ سائين دليترام صاحب صوفي، حيدرآباد ٦٤
٧ هالاڻي جا سنت، هالاڻي تعلقو ڪنڊيارو ٧١
٨ مسند صاحب درٻار شڪارپور، شڪارپور ٨٦
٩ امراپور درٻار، ٽنڊو آدم ٩٢
١٠ استان ڀائي مولچند گياني، حيدرآباد ١٠٥
١١ ڀائي همت سنگهه جي درٻار، ٽنڊو ڄام ١٠٩
١٢ ڀائي جڳترام مسند درٻار، حيدرآباد ١١١
١٣ ڀڳت ڀڳوان جو استان، ڪوٽڙي ١١٣
١٤ جتوئي وارن ساڌن جي درٻار، ڳوٺ منياڻي ١١٥
١٥ استان ٿلهي وارن ساڌن جو، سيتا روڊ کان ٦ ميل پري ١١٩
١٦ درٻار ڀائي وسڻ رام، روهڙي ١٢٢
١٧ ڪاليڪا مندر، حيدرآباد ١٢٦

جريان امبر نالو استان ۽ شهر جو — صفحو

۱۸ سوامي ڌرمداس جي دربار، لاڙڪاڻو ۱۲۹

۱۹ شري اُڏيرو لال جو استان، نصرپور ۱۳۲

۲۰ سوامي صاحب جي مڙهي، هنگورج رياست خيرپور ۱۳۳

۲۱ ٺڪاڻو ڀڳت لعلورام، حيدرآباد ۱۳۵

۲۲ ٺڪاڻو ڀائو ڪمياداس صاحب، حيدرآباد ۱۳۷

۲۳ آشرم هنس نرواڻ، ٽنڊو جان محمد ۱۴۰

۲۴ ٺڪر سائين هرجسراءِ صاحب، حيدرآباد ۱۴۳

۲۵ استان سوامي شنڪر آنند ڀارتي، شڪارپور ۱۴۷

۲۶ سوامي ٻيانسنگهه جو نرمل آشرم، حيدرآباد ۱۴۹

۲۷ ديوان صورتسنگهه جو ٽلهو، حيدرآباد ۱۵

۲۸ اڪال ٻونگو ڀائي گولاسنگهه، حيدرآباد ۱۵۶

۲۹ رام ٻنگو ڀڳت هرداسرام، گدو بندر ۱۵۷

۳۰ دربار ڀائو هريرام صاحب، پريا ۱۶۰

۳۱ دربار سنت ڀڳترام صاحب، جوهي ۱۶۵

۳۲ دربار ڀائي سترامداس، ابهي تعلقو ۽ شهر فيروز ۱۶۷

۳۳ ڀڳت سترامداس صاحب جي سماڌ، رهڙڪي
تعلقو اُباڙو ۱۶۸

۳۴ ڀائي ولائتراءِ جي سماڌ، قنبر ۱۷۶

۳۵ دربار ڀائي واڌورام صاحب، ٽنڊو الهيار ۱۷۸

۳۶ راجا وير جو استان، شيخ ٻرڪيو تعلقو ماتلي ۱۷۹

صفحو

جو ڀان امبر الو استان ۽ شهر جو

٣٧ سادو واسواڻي جو ميران ستسنگ، حيدرآباد ١٨١

٣٨ ڪنيا ڀڳت جو ٺڪاڻو، حيدرآباد ١٨٧

٣٩ ٺڪاڻو مهنت ڪان صاحب، حيدرآباد ١٩١

٤٠ ٺڪاڻو شري مهنت ڪرپارام، حيدرآباد ١٩٤

٤١ ڀائي نارائڻ داس جي دربار، پير جو ڳوٺ ١٩٩

٤٢ ڀڳت ٺڪيارام جو استان، ٽنڊو قيصر ٢٠٣

٤٣ استان سنت ڳاهربوسنگ، ڪنڊيارا تعلقو روهڙي ٢٠٨

٤٤ مهراج بسنترام جو استان، حيدرآباد ٢١٤

٤٥ هٽونگي جي سادن جو استان، هٽونگو ٢١٨

٤٦ مهراج ڏيوڏارام صاحب جو استان، دادو ٢٢١

٤٧ گوسوامي برهمانند صاحب جو آشرم، حيدرآباد ٢٢٤

٤٨ بابا ديوالا صاحب جي دربار، حيدرآباد ٢٣٣

٤٩ بابا جولارام جي دربار، حيدرآباد ٢٤١

٥٠ بابا ڪيمداس صاحب جي دربار، حيدرآباد ٢٤٣

٥١ مهاتما رامانند جي ڪٽيا، ڳوٺ لقمان لڳ

خيرپور ميرس ٢٤٦

٥٢ گوسائين ڪرشن گر جي مڙهي، جيڪب آباد ٢٤٩

٥٣ سنتاراڻي خالصا اڪال ٻونگو، حيدرآباد ٢٥١

٥٤ دربار مهنت سوامي رامديال، حيدرآباد ٢٥٧

٥٥ الکي صاحب جو استان، حيدرآباد ٢٦١

٥٦ برهمو مندر، حيدرآباد ٢٧٠

جڳهين امير نالو استان ۽ شهر جو	صفحو
۵۷ گوروسنگت هيرآباد، حيدرآباد	۲۷۵
۵۸ پاڻي ڪونوَل جو باغ، حيدرآباد	۲۸۴
۵۹ گورو نانڪ ديو جي ٽلهي، ميرپور بٺورو	۲۸۶
۶۰ شري سڪندام مندر، حيدرآباد	۲۸۹
۶۱ ٽورا چڪي وارا پڳت، ڳوٺ ٽورا چڪي حيدرآباد	۲۹۵
۶۲ کهٽ وارو بابو گرداس صاحب، شڪارپور	۲۹۷
۶۳ گوسوامي سوائي شيام گرنجي مڙهي، شهدادپور	۳۰۲
۶۴ گورو مندر، بندر روڊ ايڪسٽينشن ڪراچي	۳۰۹
۶۵ گورو نانڪ دربار، گاڏي کاتو ڪراچي	۳۱۵

هيءُ ڪتاب چيتن ديو ڪي. ورما اَمر اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، چوڙڪي بزار حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ ڇپائي پڌرو ڪيو.

سرڳواسڻ شريمتي ديوڪي ٻائي
وشڻداس سجانسنگاڻي

جنم ٢٢ نومبر ١٩٠٨ سرڳواس ١٦ جون ١٩٤٤

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

درٻار بابا گوبند داس صاحب

مانجهند جي درٻار سنڌ ۾ نامور ۽ پرسڌ ڌرمي استان آهي. هن استان ۾ ڪيترا سڌ پرش ۽ پورن سنت ٿي گذريا آهن. اهو استان مانجهند هنڌ ڪوٽڙي ضلع دادوءَ ۾ آهي. ان استان جي عاليشان ۽ وڏي درٻار درياهه شاهه اٽڪل پنجويهه سال ٿيا ته ٻوڙي ويو. هاڻي استان مانجهند سان لڳ ساڌن جي باغ ۾ آهي. ان استان جي ساڌن جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

شجرو

١- ٻائو ساڌورام صاحب
٢- ٻائو رام ٿنهي صاحب
٣- ٻائو مدن داس صاحب
٤- ٻائو چيتن داس صاحب
٥- ٻائو گوبند داس صاحب
٦- ٻائو ديوي داس صاحب
٧- ٻائو ڌرمداس صاحب
٨- ٻائو گرداس رام صاحب

استان سان لاڳو ۽ سنڌس شاخون

حيدرآباد ڪنيالني ٽنڊي ۾ سن ۽ ماڙي ۾ آهن. هر ڪنهن سال اسوءَ جي پورنماسيءَ تي ٽي ڏينهن ٻائي

گوبندداس صاحب جن جي سماڌ تي شاهي ميلو لڳندو
آهي. جتي هزارن جي تعداد ۾ سک، شيوڪ ۽ سنت
مهاتمائون ايندا آهن. ڪٿا ڪيرتن ٿيندو آهي ۽ پڱت
چڱي لڳندي آهي. باغ ۾ ڀائي گوبندداس صاحب ۽ ٻين
سادن جون سماڌيون آهن. سماڌ ٻن اڳيان هزارين شرڌالو
سک شرڌا سان سوال ڪري پنهنجون ڪامنائون پوريون
ڪري وڃن ٿا. هر ڪنهن سوالي کي پنهنجي ڀاونا جا
ڀاڙا ملن ٿا.

ڀائو گوبندداسَ صاحب لاهور ۽ مرد فقير ٿي گذريا
آهن. سندن ڪيتريون ڪرامتون سکن ۽ شيوڪن کي
ڏيکاريل آهن. ڀائو گوبندداس صاحب هڪ يوگي ۽
سڌ پرش ٿي گذريا آهن.

ڀائو صاحب سڄو ڏينهن ايشور جي ڀڳتيءَ ۽ سماڌيءَ
۾ گذاريندا هئا. ڀائو صاحب جڏهن سک کي پرسن ٿي
آسيسا ڪندا هئا، سو سک اُڏجي پوندو هو. سوين سکن
تي ڀائي صاحبن ديا درشٽي ۽ ڪرپا ڪئي. هڪ دفعي
مالجهندن جي سيٺ آئيڏاسمل جي ولڙهي کي اچي باھ
لڳي ڀائي گوبندداس صاحب ڏانهن آدمي ڀُوڙي آيو
۽ اچي باھ جي سڌ ڏنائين. ڀائي صاحبَ باھ ڏنل جاءِ تي
پنهنجي لٺ گهمائي ته باھ هڪدم وسامي ويئي.

رتومل مانجهندائي جا پٽ پڙليا ٿي. هو بلڪل سقيم
حال ۾ هو. هن ڀائي صاحب کي شادي تي گهرايو. ڀائي
صاحب هن کي هڪ چادر ڏيئي چيو ته اها وڃي ديگ

ٿي وڃھو. چادر ڏيگ تي پوڻ سان اَکت اُن تي پيو. ھڪ ٻي ڏيگ مان سئن جي تعداد ۾ مزمان کائي اُٿيا. ڀائي صاحب رتومل کي آسيسا ڪئي، ھاڻي ھن جا پٽ تمام سکيا آھن.

سنڌ ۾ ھڪ سک ڀائي بدلومل کيس ڏاڍي ڀولاخان وٺي ويو. اُن وقت ڀائي بدلي مل جو پٽ جو اڳيئي بيمار ھو تنھنجو مرتيو ٿيو. ڀائي بدلي مل جي ستائڻ تي ڀائو صاحب اندر ڪوٺيءَ ۾ ڇوڪري وٽ وڃي اڪيلو ويٺو. پوءِ اچي سنڌس پيءُ کي چيائون تہ ڇوڪر کي ننڊ ھئي. ھاڻي ھو ننڊ مان اُٿيو آھي. ڀائي صاحب جي ڏيا سان مڙل ٻالڪ اُٿي ويٺو.

ڀائي صاحب جي منزل ڪڏي لاڙ ۾ ھئي ڀائي صاحب جي اچڻ جو ٻڌي گوٺيءَ جي مختيارڪار صاحب ۽ سب ڊويزنل آفيسر کين گڏجڻ لاءِ ڪڏيءَ ۾ آيا. وات تي انھن ٻنھي ڪامورن ڀاڻ ۾ ھي صلاح ڪئي تہ جيڪڏھن ڀاوا صاحب دلين جا مالڪ ۽ پھتل فقير آھن تہ اسانکي ٻرنڊي ۽ پڪل پلو کارائيندا. ڀائي صاحب انھن جي اچڻ کان اڳ ڀائي لاھوري مل پنھنجي سک کي حڪم ڪيو تہ ٻرنڊي ۽ پلن جو بندوبست اسان لاءِ ڪر. پوءِ مختيارڪار ۽ سرويئر آيا جنکي ٻرنڊي ۽ پلو مليو.

ھڪ دفعي ڳالھہ ڏاڪن تہ وائسراءِ ڪراچي کان گشت ڪري موٽي ڪلڪتي طرف ٿي ويو. ڀائي گوبندداس صاحب جن جي اھا مرضي ٿي تہ وائسراءِ جو منھن ڏسجي

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

اهو خيال ڪري لٿ ڪٺي مانجهند جي اسٽيشن تي آيا. جيئو ٽڪيٽ هئن کي ماڻهن ٻڌايو ته وائسراءِ جي اسپيشل گاڏي مانجهند جي اسٽيشن لي ڪالهه بيهٺي آهي. جڏهن ٻئو صاحب اسٽيشن تي پهتو ته وائسراءِ جي گاڏي جي انجڻ خراب ٿي پوڻ ڪري گاڏي لاچار ڊرائيور کي مانجهند جي اسٽيشن تي بيهارڻي پيئي. وائسرءِ اُن وقت گاڏي مان هيٺ لهي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي پسار ڪري رهيو هو. جڏهن ٻائي صاحب وائسراءِ کي تڏهن انجڻ ٺهي ۽ گاڏي اتي هلڻ لڳي.

ٻائي صاحب جا شرڌالو سڪه حيدرآبادي عامل ديوان نرپداس، ديوان ڪلاچند ٻيلن وارو ۽ ديوان عالمچند هئا. هڪ دفعي ڳالهه ٿا ڪن ته ديوان نرپداس پنهنجن سنگتين سان گڏجي مانجهند ڏانهن آيو ٿي. واٽ تي سڀني اها صلاح ڪئي ته ٻائو صاحب اسان کي هن سياري جي مدد ۾ انب کارائي ته چڱو. ٻائو صاحب وڏو ڪرامتي سنت ۽ دلين جو مالڪ آهي. پلاڏسون ته هو صاحب اسانکي هن تهه سياري جي مدد ۾ انب کارائي ٿو يا نه.

جڏهن روٽيءَ جي مهل آئي، تڏهن ٻائي گوبندرام صاحب اُنهن ديوانن جي روبرو هڪ چيلي کي سڏ ڪري چيو ته ديوانن کي انب کارائڻ تي دل ٿي آهي هنن کي انب کارائبو. وڃ فلاڻي کوٺي جي دروازي جي مٿان ۾ انب رکيا آهن سي ڪڍي پسائي هنن کي. روٽيءَ سان

ڪاراءِ. اها ڳالهه ٻڌي ديوانن جا ڏلڊ ڇپن سان لڳي ويا ته ڪهڙيءَ طرح سان ڀائي صاحبن کي اسانجي دل جي مراد جي سڌ پيئي، ۽ ڪيئن انب هن سياري جي مند ۾ ڪڻان آيا.

هڪ دفعي ڀائو گوبندداس صاحب هوليءَ تي ننڍيجي حيدرآباد جي دربار ۾ آيا ٿي. ڀائي صاحبن لاءِ برانڊي، حلوو ۽ پئسا خرچ لاءِ کڻندا هئا. ان وقت حيدرآباد ٽڪاڻي جي سنڀال ڀائو کيماداس صاحب جن ڪندا هئا. حيدرآباد جي ٽڪاڻي جي اُن وقت ايتري آمدني ڪانه هئي. هولي جي ڏينهن ڀائي گوبندداس صاحب جي اچڻ ڪان اڳ، عجب جي ڳالهه هي ٿي جو برابر چاليهه ڄڻان هڪ هڪ ٿي ٽڪاڻي ۾ آيا، هرڪو اُنهن مان برانڊي جي ٻوتل، حلوي جو ڪٽو ۽ هڪ روپيه نقد ڀائي کيماداس صاحب اڳيان رکندو ويو. اها حالت ڏسي ڀائي کيماداس صاحب کي ٽپرس وٺي ويو. سنت مهاتمائون سڀني جي اندر کي پرکيا ڪرڻ وارا آهن. هو جاڻي جاڻڻ هار آهن. ڀائي گوبندداس صاحب جي ٻين ڪرامتن جو ذڪر ڪبو ته وڏو پستڪ لکجي پوندو. مثال طور مٿي ڪي ڪرامتون ڏنل آهن. ڀائو گوبندداس هٿي قائم آهن. سنڌ ماڻهن جي سماڄ اڳيان جيڪو ننڍيجي ڪامنا ڀائي شرڌا سان نمي ٿو، تنهن جي اها ڪامنا ڀائو صاحب پوري ڪري ٿو، اهڙا گهڻا مثال آهن.

ڀائي گوبندداس صاحب جون چاڪريون ۽ تصوير

حيدرآباد ڏومڻ واه جي مٿان گوبند ڏام ۾ وڪيل آهن.
تصوير ۽ چاکڙن اڳيان شرڌا سان نمڻ سان. منو ڪامنا
پوري ٿئي ٿي.

ڀائي صاحب جو چيلو ڀائو سنمڪداس صاحب هو. هو صاحب وري ڀڳت ۽ ڀهتل ساڌ هو. هڪ دفعي مانجهندن ۾ ڪالرا جي بيماري اچي ٿي. شهر جي ماڻهن ڀائي سنمڪداس صاحب کي اها ويئتي ڪئي ته آسيسا ڪريو ته اها بيماري دور ٿئي. ڀائي سنمڪداس صاحب هنن کي چيو ته آسين اوهانجي ڀارن پنهنجو شرير ڏيون ٿا ۽ اوهان تان اها آپدا ٽاريون ٿا. ائين چئي چادر تاڻي سمهي پيا. ڀائي سنمڪداس صاحب کي جلدي ڪالرا اچي ٿي ۽ هڪ ٻن ڪلاڪن ۾ شرير تياڳيائون. ڳالهه ٿا ڪن ته ڀائو گوبندداس صاحب کي پنهنجي پياري چيلي جي ديولوڪ پڌارڻ تي گهڻو ڏک ٿيو. ڀائي صاحب چيو ته هي وقت اسانجي وڃڻ جو ۽ نه ڀائي سنمڪداس صاحب جو. ڀائو گوبندداس صاحب پنهنجي چيلي کي گهڻو پيار ڪندا هئا. پنهنجن هٿن سان ڀائي سنمڪداس صاحب جي سماڌ باغ ۾ ٺهرايائون.

ڀائو صاحب تنهن کان ٿي پوءِ مهني پوءِ بيماري لاءِ دوا جو بهانو ڪري پير احمد شاه وٽ مٽيارن جي ڳوٺ ويا، جتي تاريخ ١٣ اسو سنبت ١٩٢٤ جي شرير ڇڏيائون.

ڀائي گوبندداس صاحب کي پنهنجون زمينون ٽي ۽ مانجهندن ۽ ميرپور خاص پاسي آهن. ڏرٻار جا انيڪ سڪ

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES

حيدرآباد، هالا، مالجهندن، ڪراچي، شهداد پور، سڪرنڊ ۽ ڪوٽڙي ۾ آهن. ڀائي گوبند داس صاحب جن جي سماڌ ڀائي سنمکداس صاحب سماڌ جي اڳيان باغ ۾ آهي.

ڀائي گوبند داس صاحب کان پوءِ سندس پوٽو چيلو، ڀائي سنمکداس صاحب جو چيلو ڀائو ديوداس صاحب گادي تي نشين ٿيا. ڀائو ديوداس صاحب سچا يوگي ۽ ايشور ڀڳت هئا. هن مالجهندن جي دربار کي هند سنڌ ۾ پرسڌ ڪيو ۽ گهڻا دربار جا سک ڪيا. ڀائي ديوداس صاحب مالجهندن ۾ پنهنجي گرو ڀائي گوبند داس صاحب جي ورسي تي ميلي جو آرنڀ ڪيو. اهو ميلو هر سال ١٣ اسو جي تي ڏينهن باغ ۾ سماڌ وٽ تي لڳندو آهي. ڀائو ديوداس صاحب وڏي حشمت وارو ۽ قداور ماڻهو هو. هر ڪنهن کي مجال نه ٿيندي جو ساڻن ڳالهائي سگهي. ڀائي ديوداس صاحب مهري پيري ماڻي. ڀائي ديوداس صاحب جي پنهنجي سک ديوان هرداسمل ڪليڪٽر تي آتي ڪرپا هوندي هئي. ديوان هرداسمل کي اولاد نه ٿيندو هو تنهن کي پٽ سنتان ڏنائون. ڪليڪٽر جو عهدو ديوان هرداسمل کي ڀائي صاحب جي ديا سان مليو. ٻين به گهڻن سکن تي ڀائي ديوداس صاحب آسيسا ڪئي. ڀائو ديوداس صاحب ٢٨ آکاڙ ١٩٨١ برابر جون ١٩٣٤ ديولوڪ پڌاريا.

ڀائي ديوداس صاحب کان پوءِ سندس چيلو ڀائو تيرٿداس صاحب مالجهندن جي دربار جي گادي تي ويٺا.

ڀائو ڌرمداس صاحب به پهتل ۽ نرموهه فقير هئا،
هن صاحب جي ڏينهن ۾ دربار جا گهڻا سک، شيوڪ خاص
ڪري حيدرآباد نواسي آيا. هي صاحب دل جو اُدار
هوندو هو. تيرٿ ياترا تي وڃي اُتي سڀني مهاتمائن کي
اَن، ڪپڙي جو دان ڪندا هئا. گهڻن سکن تي ڀائي
ڌرمداس صاحب آسيسا ڪئي. ڀائي ڌرمداس صاحب
جي ڏينهن ۾ مالجهندن جي دربار درياهه شاهه پاڻي ويو.
تنهن ڪري گرو گرنٿ صاحب مالجهندن باغ ۾ سماڌ ٻن
تي براجمان ڪيا ويا. ڀائي ڌرمداس صاحب تنهن ڪانپوءِ
گهڻا مهنا حيدرآباد پنهنجي ٽڪاڻي ۾ گذاريندا هئا.
ڀائي ڌرمداس صاحب حيدرآباد ۾ ٻومڻ واهه تي پنهنجن
وڏن جي يادگيري لاءِ هڪ عاليشان استان ٺهرايو جنهن
تي گوبند ڌام نالو رکيائون. ان استان ۾ ڀائي گوبندرام
صاحبن جون چاکريون ۽ سندن تصويرون مڙهي تي رکيل آهن.

ان دربار جي هڪ نامور چيلي ڀائي ڪمياداس صاحب
ڀائي گوبنداس صاحب مالجهندن جي حيدرآباد واري
شاخ جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو. اهو ٽڪاڻو اوائل ۾ بلڪل
ننڍو هو. فقط هڪ صفحو اڏيل هوندو هو ۽ ٻيو ميدان ئي
ميدان لڳو پيو هوندو هو. ڀائو ڪمياداس صاحب ڀائي
گوبنداس صاحب جي آگيا وٺي اچي حيدرآباد واري
ٽڪاڻي ۾ رهيا. اُن وقت ڀائي صاحب ٢٢ ورهين جي
اوستا جا هئا. چاليهه ورهين ساندهه ڀائي ڪمياداس صاحب
ان ٽڪاڻي جي سنڀال ۾ رهيا. ڀائي ڪمياداس صاحب

ANTIQUITIES & ... SINDH ARCHIVES ... GOVT. OF SINDH

جي ڀڳتيءَ جي ڀرپاءَ سان اهو ٽڪاڻون هاڻوڪي اوج
کي وڃي رسيو آهي. ڀائو کيمداس صاحب پورن ڀڳت
ٿي گذريا آهن. انيڪ سکن تي ڀائي صاحب آسيسا ڪئي
ڀائي صاحب جي آسيسا سان وڌيا ويجها آهن. ڀائي
کيمداس صاحب ڌن پاڻ وٽ جمع نه ڪيو. جيڪي
درٻار ۾ سکن شيوڪن وٽان ايندو هون تنهنجو
سداورت ڪري غريبن ۽ فقيرن کي ڀنڊارا ڪري کارائي
ڇڏيندا هئا. سال ۾ ڏهه ٻارهان ڀنڊارا ڪندا هئا جتي
هزارن جي انداز ۾ ماڻهو اچي ڀوڄن وٺندا هئا. سندن
لنگر سدائين کليل رهندو هو. ڪيترا اتي ۽ مسافر سندس
ٽڪاڻي ۾ رات جو آرام ڪري روٽي کائي خوش ٿي
ويندا هئا. ڀائو صاحب پنهنجو سمورو وقت هري نام
سمرڻ ۾ هڪ اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ ويهي سڦاو ڪندا هئا.
شام جو ڪٿا پاٺ ڪندا هئا. ڪٿا تي شهر جا ڀريا مڙس
۽ ٻيا اٽڪل پنجاهي کن ماڻهو ايندا هئا. ڀائي صاحب
جو زور ايشور نام سمرڻ ۽ شري جپ صاحب پڙهڻ تي
گهڻو هوندو هو. جيڪي به سک وٽن ايندا هئا، تن کي
هري جي نام سمرڻ ۽ جپ صاحب جي پاٺ ڪرڻ جو
اپديش ڏيندا هئا. ڀائي صاحب ڀاڙي جي سکول جي
شاگردن کي درٻار ۾ شام جو اچڻ تي هيرايو. ڪيترا
ڇوڪرا ڀائي صاحب جي سنگت ۾ سڌرجي پيا ۽ وڏي
وڏن عهدن کي لڳا ۽ ڪي ڌنڌي ڌاري ڪري شاهوڪار
ٿيا آهن. ڀائي کيمداس صاحب جا انيڪ شرڌالو سک

شيوڪ آهن، جن جي ڀائي صاحب ۾ اٿي شرڌا آهي ۽ جنکي پنهنجي شرڌا ۽ ڀاونا جا ڦاڙا مليا آهن ۽ جي ڀائي صاحب جي ڏيا سان وڃي سکيا ٿيا آهن. ڀائي ديويداس صاحب جي گهڻي پريتي ڀائي کيماداس صاحب سان هوندي هئي. ڀائو ديويداس صاحب وقت به وقت ڀائي کيماداس صاحب سان دربار جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪندا هئا. ڀائو کيماداس صاحب تاريخ ٢ ويساک ١٩٨٣ برابر تاريخ ١ مئي ١٩٢٥ شهر حيدرآباد ۾ ديولوڪ پڌاريا. سندن چوڏول سان گڏ هزارن جي تعداد ۾ مرد ۽ زالون شمشان ڀومي ڏانهن هليا. هر هڪ سال تاريخ ٢ ويساک ڀائي کيماداس صاحبن جي ورسي ڌام ڌوم سان ٽڪاڻي ۾ ملهائي ويندي آهي.

ڀائي ڌرمداس صاحب خوب مانجهندن واري ڌربار جو ڀالو هند سنڌ ۾ پرسڌ ڪيو. سندس ڏينهن ۾ دربار جا سک شيوڪ وڌيا ۽ دربار جي آمدني وڌي. ڀائي ڌرمداس سپٽمبر ١٩٤٤ ۾ حيدرآباد جي شهر ۾ شريرُ تياڳيو. سندس آخرين ڪريا مانجهندن ۾ ڪئي وئي ۽ سندن سماڌ مانجهندن ۾ ٻين سماڌين سان گڏ اڏائي وئي.

ڀائي ڌرمداس صاحب ڪانپوءِ سندس چيلو ڀائو گرداس رام صاحب مانجهندن جي دربار جي گادي تي ويٺو. ڀائو گرداس رام صاحب پنهنجن وڏن وانگر دربار جي ڪاروبار چڱي طرح سان هلائي رهيو آهي.

شري ساڌ ٻيلو تيرٿ استان

سنڌ پرڳڻي جي سکر شهر ۾ سنڌو نديءَ جي آڳاهه جل ۾ شري ساڌ ٻيلو تيرٿ استان آهي. اهو استان هڪ اُداسين آشرم آهي. انهيءَ استان جو بر پا ڪندڙ ٻنو سائيندڙ شري يوگيراج سوامي بنکنڊي اُداسين مهاتما هئا. ان استان جي گادي ڌڻين جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

شجرو

١- شري سوامي بنکنڊي مهراج

٢- سوامي هرنارائڻ داس صاحب

٣- سوامي هرپرساد صاحب

٤- سوامي اچل پرساد صاحب

٥- سوامي جيرامداس صاحب

٦- سوامي هرنامداس صاحب

ساري ڀارت ورش ۾ اُتم ساڌ ٻيلو تيرٿ جو نالو ناموَر آهي. هن استان تي گهڻا ساڌو سنت رهن ٿا. ڏينهن جو ٻن ٻهرن وقت لنگر لڳندو آهي. انهيءَ تيرٿ جي اچڻ وڃڻ لاءِ سنڌو درياهه ۾ ٻيڙيون ٻهاريون ويٺيون آهن. اهو استان سنڌو نديءَ جي وچ ۾ ان ٽڪرين تي ٻڌل آهي. ان تيرٿ استان تي ديوي، مهاديو، گڻيس، ستنارائڻ، هنومان، اُداسين آچاريه جڳت گرو شري چند ڀڳوان جون مورتون جدا جدا مندرن ۾ استاپن ٿيل آهن

اُن اسٿان ۾ اُن پورنا ڀڳوتيءَ جو ڏنل ڪرمنڊل رکيل آهي. جنهنجي پوڄا اڄ ڏينهن تائين ٿيندي آهي، اُن ڪرمنڊل ۾ اهڙا سڌي رکيل آهي ته جيسين ان ڪرمنڊل ۾ سادن جي شرڌا هوندي تيسين اسٿان تي اُن ۽ ڌن جو گهاٽو نه رهندو. ديوي ڀڳوتي پنهنجي اصل سروپ ۾ ساڌ ٻيلي اسٿان ۾ رهي ٿي.

ساڌ ٻيلي اسٿان جي مهاتمائن جا هيٺ مختصر جيون چرتر ڏجن ٿا. سوامي بنکنڊي مهراج جو جنم ٧ چيٽ ١٨٢٠ برابر سن ١٧٦٣ع ۾ پنجاب رامچند براهمڻ جي گهر ٿيو. جنم پتري موجب سندس نالو ٻال چندر هو. سوامي ميلارام سنبت ١٨٣٠ ۾ گرمنتر ڏيئي سوامي جنکي اُداسين سمپردايءِ ۾ آندو ۽ سندن نالو بنکنڊي رکيو. سوامي بنکنڊي صاحب تنهن کانپوءِ پنهنجي گروءَ جي منڊليءَ سان تيرٿ ياترا ڪئي ۽ وديا ۽ يوگ جو اڀياس ڪيو.

ڪشمير، امرناٿ ۽ هردوار ۽ ٻين ديسن ۾ رهيا. ٥٨ ورهين جي ڄمار ۾ سنبت ١٨٧٨ ۾ سوامي جن سنڌ ديس ۾ پڌاريا. اُن وقت حيدرآباد ۾ وبا جي بيماري هئي. سوامي جن گئو جي کير ۾ گنگا جل ملائي منتر پڙهي حيدرآباد نواسين کي ڏنو ته اهو شهر جي چوڌاري ڇڻڪاريو. ايشور جي ڪرپا سان ائين ڪرڻ سان وبا جي بيماري شهر مان غائب ٿي ويئي. سوامي جن هڪ سال حيدرآباد ۾ رهيا. تنهن کانپوءِ خيرپور مان ٿي،

روهڙي ۾ آيا. سنبت ١٨٨٠ ۾ ويساک سوامي جن سنڌ وندي
جي وچ ۾ ٻهاڙ ۾ جتي هاڻي ساڌ ٻيلو آهي. اُتي براڄمان
ٿيا ۽ اُن تيرٿ ياترا جو نالو ساڌ ٻيلو رکيائون. سوامي جن
جدا جدا ديوتائن جون مورتون ان استان تي استاپن ڪيون.
تنهن کانپوءِ گرمندر استاپن ڪري اُن ۾ گرو گرنٿ صاحب
جمان ڪيو ويو.

انگريزن جي صاحبي جي شروعات ۾ سکر جي
ڪليڪٽر جي مرضي تي ته ٽڪري تي ساڌ ٻيلي واري
استان تي پنهنجي رهڻ جو بنگلو اڏايان. پر بنگلو اُن
هنڌ اڏجي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪم ڪاريگر
ڏينهن جو ڪري ويندا هئا سو سڀ ڪم رات جو ڊٺو
پيو هوندو هو. بلڪ سرون ۽ چن به غائب ٿي ويندو
هو. هڪ رات ڪليڪٽر ۽ سندس زال کي شرير ۾ اچي
درد ٿيو ۽ ٻئي ڏاڍا وياڪل ٿيا. ڪليڪٽر ڄاتو ته مون
ساڌوءَ سان هٺ اٽڪايو آهي ۽ هنکي تڪليف ڏني
آهي تنهن جو دک ٿو ڀوڳيان. صبوح جو سويل ڪليڪٽر
صاحب سوامي جن کان معافي ورتي هنکي ساڌ ٻيلي جو
پروانو لکي ڏنو.

سوامي جن جو نت نيم ساڌ ٻيلي ۾ هيٺين ريت هوندو
هو. پوئين رات ٽين بجي مهل اُٿندا هئا. صبوح جو پنجين
کانپوءِ سوچ ڪريا ڪري سنان ڪندا هئا. پوءِ سنڌيا
ڪري سورج کي ارگهه ڏيئي ۽ پرنام ڪري پرڪرما

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT

ڏيندا هئا. تنهن ڪانپوءِ شري گرو گرنٿ صاحب جو
پاٺ ڪري ١٠ بجي گاديءَ تي براجمان ٿيندا هئا ۽
پريمين سان گيان چرچا ڪندا هئا ۽ وديارٿين کي وديا
پاڙهيندا هئا. تنهن ڪانپوءِ شري مد ڀاڳوت جي ڪٿا
ڪانپوءِ پوري ١٢ بجي سيمي. حاضر مهاتمائن ۽ اتٿين ۽
سنگتين کي ڪارائي پاڻ پوءِ کائيندا هئا. ٿورو آرام ڪري
وري وديارٿين کي پاڙهيندا هئا. شام جو يوگ وشسٽ
۽ رات جو پارس ڀاڳ جي ڪٿا ڪندا هئا.

سوامي جن جي عمر جڏهن هڪ سؤ ورهيه ٿي تڏهن
شش ۽ سنگتين کي چيائون اسين هاڻي موڪلائون ٿا.
پنهنجي پٺيان تيرٿ استان جي سنڀال لاءِ پنهنجي وڏي
چيلي سوامي هرنارائڻ کي مقرر ڪيون ٿا. سوامي جن
سنبت ١٩٢٠ آکاڙ مهيني ۾ ديولوڪ پڌاريا. ڪين سندن
اڳيا موجب جل سماڌي ڏني ويئي.

سوامي هرنارائڻ داس پنهنجي بدران پنهنجي گرڀائي
سوامي هرپرساد کي گادي تي وهاري پاڻ دربار صاحب
جي ٽهل شيوا ڪرڻ لڳا. سوامي هرپرساد صاحب
ويهه سال گاديءَ تي ويهي دربار جي ٽهل ڪئي. سوامي
هرپرساد ديولوڪ پڌارجڻ کان اڳ پنهنجي چيلي سوامي
اچل پرساد کي گادي جو تلڪ مانگهه ١٩٤٠ سنبت ۾ ڏنو.

سوامي اچل پرساد خيرپور رياست جي لقمان شهر جي
پرسان ٽنڊي نهال خان جا رهاڪو هئا. سوامي جن جو

جنم جو نالو سيٺ لکي سرداس هو، سندن مائٽ ۽ پاڻ
لکاپتي-گلاني سيٺيون هئا. سوامي جن گرهست آشرم
جا سڀ فرض ڀڄا آڻي ٻرت اوستا ۾ دنيا ۽ ڪٽنب جي
سيوي ٻعد ان کي تياڳي اچي شري ساڌ ٻيلي ۾ فقير ٿي
رهيا. سوامي هرپرساد صاحب ساڌ ٻيلي جي مهنت ڪين
اداسي ڀيٽ ۾ وٺي پنهنجو چيلو ڪري سندن نالو
اچل پرساد رکيو. ان وقت سوامي جن جي عمر ٥٦ ورهيه
هئي. سوامي اچل پرساد دربار جي چڱيءَ طرح شيوا ٽهل
ڪئي ۽ وديا پڙهي.

سوامي اچل پرساد ويراڳوان شرير هئا. جلدي هنن
جو چت مهنتي جي ڪاروبار هلائڻ کان ڪٿو ٿي پيو.
سوامي جن خيال ڪيو ته دنيا جا پدارٿ ۽ لکن جون
ملڪيتون ڇڏي اچي فقيري ڪئي سين ۽ وري به ساڳي
ٻنڌن ۾ اچي اٽڪياسين. تنهن ڪري ايائي سال گادي
تي وهڻ ڪانپوءِ جيٺ ١٩٤٣ ۾ پنهنجي چيلي سوامي
جيرامداس صاحب کي گادي تي وهاري پاڻ مهنتي جو
تياڳ ڪري تيرٿ ياترا تي هليا ويا. تيرٿن تان موٽڻ
بعد سوامي جن سنڌ جو گشت ڪيو ۽ ڪجهه وقت حيدرآباد
۾ رهيا. سوامي جن هيڏي وڏي استان جي مهنتي تياڳ
ڪري جهنگ پٽ گهمندا ڦرندا رهيا سا ڳالهه ڏيکاري
ٿي ته هو دنيا جي پدارٿن کي تڇ وستو ڪري سمجهندا هئا.

آکاڙ سنبت ١٩٥٠ تي سوامي جيرامداس جن ديولوڪ
پڌاريا. تنهن کانپوءِ سندس چيلي سوامي هرنامداس

صاحب گاديءَ تي ويٺا. هن وقت سوامي هرنامداس صاحب گادي تي ويٺل آهن.

سوامي هرنامداس جو جنم پوهه سنبت ١٩٣٧ تي سکر شهر ۾ ٿيو هو سنبت ١٩٤٤ ۾ سوامي هرنامداس جي ماتا پتا سوامي جن کي شري ساڌ ٻيلي جي مهنت ٻائي چيرامداس کي پيٽ ۾ ڏنو. سوامي چيرامداس صاحب سوامي هرنامداس کي چيلو ڪري اُداسين سمپردا ۾ آندو.

سوامي هرنامداس صاحب پنهنجي گروڪان سنسڪرت وديا پڙهڻ شروع ڪئي. اڃان وديا پوري نه ڪئي هئائون ته سنبت ١٩٥٠ آکاڙ ۾ سوامي چيرامداس ديولوڪ پڌاريا. سوامي چيرامداس صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ سوامي هرنامداس گادي تي ويٺا. سوامي جن استان جو ڪم سنڀاليندا هئا ۽ وديا به پڙهندا ويا. سوامي جن کي هڪڙي چڱي مورتي ملي ويئي جو سندن چيلو ٿي استان جو چڱيءَ طرح سان ڪم ڪار هلائڻ لڳو. هن جو نالو شريمان ٻائو هري داس هو.

شري ساڌ ٻيلي تيرٿ ۾ پاٺ شالا، لئبرري، سڀا منڊل، رام جهروڪا، گرو بکنڊي باغ آهي. ندي جي چئني طرفن کان باغ هئڻ ۽ سنگمرمر جو مندر، جي ڏهڻ سان شري ساڌ ٻيلا تيرٿ ڏاڍو سوڀياوان استان ٿي پيو آهي.

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

شري سوامي هرنامداس صاحب گادي تي ويهي ٻئي وقت گيتا، ڀاڳوت، رامائڻ آد هندو ڌرمي گرنٿن جي ڪٿا پاٺ ڪندا آهن. ڪٿا وقت امير، غريب حاضر ٿي. سوامي جن جي ڪٿا ٻڌن ٿا.

سوامي جن ڪنهن ڪنهن وقت پنڊتاڻي فيصلا پاڻ ڪندا آهن. سوامي هرنامداس صاحب هندوجاتيءَ جي سڌارڻ جو هر وقت اونو رکن ٿا. جنهن ڪري گئوشالا ڪاهيڻي اکل ڀارت ورش، شري گرو شري چند اُداسين اُپديشڪ سڀا، انهن سڀني سوامي جن کي پنهنجو پرڌان مقرر ڪيو آهي. سنڌ ۾ اُداسين پنٿ کي سوامي جن زور وٺايو آهي. ساڌ ٻيلي تيرٿ استان ۾ چڱا چڱا ودوان، هندو ڌرم اُپديشڪن ۽ ساڌن جو هميشه ميڙو لڳو پيو هوندو آهي. استان تي سنتن لاءِ کائڻ پيئڻ ۽ پڙهڻ ڪرڻ لاءِ چڱو پربنڌ ٿيل آهي.

سوامي هرنامداس هندو سناتن ڌرمي اُداسين ساڌو آهن. هندو جاتيءَ جي اُنتيءَ لاءِ جيڪي تي سگهندو اٿن سو ڪندا آهن. سوامي جن کي هنديءَ سان ڏاڍو پيار آهي. سوامي جن گهڻن هندي پاٺ شالائن جا سڀاپتي آهن. سوامي جن جي ڪوشش سان هندن ۾ سڄاڳي آئي آهي. هنن جي ڪري گهڻيون ڪرسمون دور ٿي ويون آهن هندن ۾ سڌارو آيو آهي. سوامي جن هر هڪ ڪمڀ جي ميلي تي اُن جي سداورت جو ڪيترو کوليندا آهن ۽ اُتي پاڻ حاضر رهي هزارن ۽ لکن روپين جي اُن ۽ ڪپڙي

جو دان سنتن، مهاتمائن کي ڪٽب جي ميلي تي ڪندا آهن. سوامي جن وڏي هلندي وارا سنڌ جا شرومڻي ساڌو آهن. سندن ڪوشش سان سنڌ ۾ ڪيترا دفع اُداسين ڪانفرنسون ٿيون آهن. سوامي جن سنڌ جي اُداسين ساڌن جا شرومڻي ۽ صلاحڪار آهن.

سوامي هرنامداس صاحب جي اپامڪاري ۾ شري ساڌ ٻيلو هند سنڌ ۾ پرسڌ ٿيو آهي. انيڪ ساڌو مهاتمائون ساڌ ٻيلي ۾ رهي سک وٺي وڃن ٿا. سکر شڪارپور جي رهواسين جي آٿي شردا ۽ سڪ ساڌ ٻيلي استان ۾ آهي. هن وقت ساڌ ٻيلو استان سنڌ جو مکيه ڌرمي استان ليکيو وڃي ٿو.

راج گهاٽ دربار ٺٽو نگر سنڌ

راج گهاٽ دربار ٺٽي جو بنياد وجهندڙ ٻائو ٻالڪرام صاحب هو. سندس جنم پنجاب ۾ ڳوٺ جلال پور ۾ ٿيو. ٻائو ٻالڪرام صاحب جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

شجرو

١- بابو شريچند صاحب
٢- بابو گرڏتو صاحب
٣- ٻائو ٻالڪرام صاحب

٤- ٻائو سنتوکداس صاحب

٥- ٻائو چرڻ داس صاحب

٦- ٻائو پورنداس صاحب

٧- ٻائو سجاداس صاحب

٨- ٻائو هرڪشن داس صاحب

٩- ٻائو ڪاشي داس صاحب

١٠- ٻائو مننداس صاحب

١١- ٻائو امرداس صاحب

١٢- ٻائو لڇمڻ داس صاحب

١٣- ٻائو گرمکداس صاحب

١٤- ٻائو آتمارام صاحب

جڏهن گورو نانڪ شاھ صاحب جن جوتي جوت سمان ٿيا تڏهن بابو شري چند صاحب گورو نانڪ شاھ جا وڏا فرزند ڇوٽ ٻارٺ ۾ رهي تپشيا ڪرڻ لڳا ۽ برابر ١٢ سال تپشيا ڪيائون. الهي وچ ڇهين پاتشاهي گورو هرگوبند صاحب جن بابي شري چند صاحب وٽ ٻارٺ ڇوٽ ۾ سندن درشن ڪرڻ لاءِ آيا ۽ پاڻ سان وڏو فرزند بابو گورڏتو صاحب به نيائون. بابي شريچند صاحب گورو هرگوبند صاحب کان سندس وڏي فرزند بابي گورڏتي صاحب جي ٻانهن گهري ورتي. بابي شريچند صاحب بابي گرڏتي کي پنهنجي ٽوپي ۽ سيلهي ڏيئي پنهنجو چيلو ڪيو بابي گورڏتي صاحب جا چار ڪاربردار ٿيا

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

آهن. (١) بابو وسڻ صاحب (٢) بابو المست صاحب (٣)
قول صاحب (٤) گووند صاحب . اهي چار ئي چيلا بابي
گرڏني صاحب جا ٿيا. هن ڪانپوء اهي چارئي ڏوڙيون
مقرر ٿيون. بائو بالڪرام صاحب بابي گرڏني صاحب
جي حڪم موجب ڊونهي دکائي اُها پاڻ سان کڻي اڙهين
عيسوي صديء ۾ سنڌ ملڪ ۾ آيا. ننگر ٺٽي جو وسندڙ
۽ درياه شاه جي ڪناري تي چڱو استان سمجهي شهر
جي ٻاهران منزل انداز تي ڊونهي دکائي اچي ويٺا. هڪ
ڪچي لانڍي ٺاهي ان کي اوڙهو ڏيئي اُن ۾ رهڻ لڳا.
اُورن ڏينهن ڪانپوء بائو بالڪرام صاحب اٿي هڪ جهمب و
کڙو ڪٽيو ۽ هڪ اغارو رکايو. جڏهن اها سڌ ٺٽي ننگر
جي مسلمانن کي پئي تڏهن هنن پاڻ ۾ اها صلاح ڪئي
ته پاڻ ۾ مسلمان ڪٺا ٿي بائي بالڪرام صاحب سان وڃي
لڙائي ڪري هن کي ٺٽي مان هڪالي ٻاهر ڪڍون.
مسلمان گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي بائي بالڪرام تي چڙهائي
ڪرڻ لاء تيار ٿي هليا. اڌ واٽ تي سندن پٺيان دانهون
۽ ڪيڪون ٿيون ۽ هنن مان ڪن کي اها خبر ملي ته
پٺيان سندن ٻار يا ٻيو عزيز مري ويو آهي ۽ ڪي سخت
بيمار آهن. اهو حال پنهنجن عزيزن جو ٻڌي گهڻا اُنهن
مان مسلمان ته پوئتي موٽي شهر ڏانهن ويا. باقي جيڪي
رهيا تن مان ڪي انڌا ته ڪي پنگلا ته ڪي مست ٿي
پيا. ڪي اُنهن مان مست هاٿين وانگر پاڻ ۾ اچي اٽڪيا
۽ وڙهيا. پوء مسلمان پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هي فقير ڪو

ڪرامت جو سائين آهي هن ڪان هٿ ٻڌي هلي معافي ورتي. هنن پاڻ مان هڪ ماڻهو ڪي ٻائي صاحب ڪان معافي وٺڻ لاءِ موڪليو. ٻائي صاحب قياس ڪري هنن کي سندن بي ادبي جي معافي ڏني.

اوري وقت گذرڻ ڪانپوءِ ٻائي ٻالڪرام صاحب ان هنڌ تي پنهنجو ڳوٺ ٻڌايو. جو راڄ گهاٽ جي نالي سان سڏبو آهي. جيڪا دونهي جلال پور کان دکائي آندي هوائون سان اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. هڪڙي دفعي اهو ڳوٺ درياه شاه دونهي سميت ٻائي ويو. پوءِ ٻائي صاحب اها ٻرندڙ دونهي درياه شاه مان ٻاهر ڪڍي پيو نئون ڳوٺ ٻڌائي اُن ۾ اُها دونهي رکي.

ٻائي ٻالڪرام جي معجزا ۽ شڪي وڌندي رهي. ڪوهن ۾ سندس صديقي سڪ ٿيا. ڪيترا هندو ٻائي ٻالڪرام صاحب وٽ اچي هن نان آسيسا گهرندا هئا ۽ اڳيان پيشائون رکندا هئا. اها حالت سنڌ جي ان وقت جي بادشاه کي پسند نه آئي. ڪلهوڙي بادشاه نئي جي صوبي ٻهرام خان کي تنبيهه ڪرڻ لڳو ته تنهن جي بي پرواهي سبب هندن جي فقير ايترو زور ورتو آهي صوبي ٻهرام خان ٻائي ٻالڪرام صاحب کي اچي عرض ڪيو ته سائين اهڙي ڪا ڳالهه ڪريو جنهن مان ڪلهوڙي حاڪم کان ڇٽان. هن مولڪي اوهانجي ڪري ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي. انهي وقت ٻائي ٻالڪرام صاحب فرمايو ته ڪلهوڙن جي صاحبي جلدي ويندي. هي ڏاڍڻ ناالهي

جو اُسين زمين ۾ پوکيون ٿا. ان ۾ چار ٽار ٿيندا. جيستائين اهي چار ٽار قائم هوندا تيستائين ٽالپرن جي بادشاهي سنڌ ۾ قائم رهندي. جلدي ٿوري وقت ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ناس ٿي ويئي ۽ ٽالپر سنڌ جا حاڪم ٿيا.

جوت سنگهه نالي هڪ شاهوڪار شڪارپوري کي ڪلهوڙن پنهنجي رياست جو مقاطع جهرڪن کان وٺي ڪراچي تائين ڏنو هو. جوت سنگهه جو ٻائي صاحب ۾ گهڻو صدق هوندو هو. هن کي اولاد ڪو نه ٿيندو هو. هن ٻائي صاحب کي پرارٿنا ڪئي ته سائين آسيسا ڪريو ته مونکي اولاد ٿئي. ٻائي صاحب فرمايو ته توکي اولاد ٿيندو پر تنهنجي سڀ مايا ۽ ملڪيت ناس ٿي ويندي. جوت سنگهه وراڻي ڏني ته اولاد ٿئي ۽ ملڪيت وڃي ته وڃڻ ڏيو. ٻائي جي آسيسا سان هنکي پٽ ڄائو پر پٽ ڄائي کان اڳ هنجي سڀ ملڪيت ناس ٿي ويئي. پوءِ وري ٻائي صاحب جي آسيسا سان جوت سنگهه وڃي ڪمائي کي لڳو. ٿورن سالن بعد پرلوڪ پڌاريو. سندس گادي تي چيلو سندس ٻائو سنتوکداس ويٺو.

ٻائو سنتوکداس اصل پنجاب جو ويٺل هو. ٻائي بالڪرام جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ گادي نشين ٿيو. هن پنهنجي سکي شيوڪي چڱي وڌائي. هڪ ڏينهن درياه شاهه جوش ۾ اچي ٻائي صاحب جي ڳوٺ کي ٻوڙڻ شروع ڪيو. سڀن جي منٿ ڪرڻ تي ٻائي سنتوکداس درياه شاهه جي ڪپ تي اچي هڪ وڏو پٿر درياه ۾

اُڇلايو ۽ پاڻ فرمايائون تہ اسان درياہ کي ٻڌي ڇڏيو آھي. ھاڻي درياہ ڪولہ پائيندو. ٿيو بہ ائين ان وقت کان وٺي درياہ شاہ پنھنجي ھٽي ويو ۽ ڳوٺ بچي ويو.

ڀائي سنتوڪداس پنھنجي گرو ڀائي ٻالڪرام صاحب جن جو ڀنڊارو ڪيو. بي انداز سک شيوڪ ۽ فقير اچي گڏ ٿيا. سکن ڀائي صاحب کي ٻڌايو تہ آيل سيڌو ڀنڊاري لاءِ پورو نہ ٿيندو وڌيڪ گھرائڻ جي آگيا ڏيو.

پاڻ فرمايائون تہ اوھان ڪو بہ فڪر نہ ڪريو وڏي دل سان ڀنڊارو ھلايو. اسين پاڻ ڀنڊاري ۾ اچون ٿا. سامان جيڪو ڪٺو ٿيل ھو تنھن کان ٻيڻا ماڻھو آيل ھئا. ٿوري وقت کانپوءِ ڀائو صاحب پاڻ ڀنڊاري ۾ ويا ۽ سڀ سامان پنھنجي نظر مبارڪ مان ڪڍيائون. گھرايل سامان مان ڀنڊاري جو ڪم شروع ٿيو. سيڌي سامان تي ڀائي صاحب جن جي نظر مبارڪ پوڻ سبب اھڙي تہ برڪت اچي ٿي جو ڀنڊاري پوري ٿيڻ بعد اھو سيڌو سامان ڪيتري قدر پاڻ بچي پيو.

حيدرآباد وارو مکي تاراچند دربار جو صادق سک ڀائي صاحب کي پٽ ملڻ لاءِ عرض ڪيو. ڀائي صاحب اُن وقت موج ۾ اچي وچن ڪيو تہ ڀائي تاراچند توکي ھڪ پٽ ٿيندو. اُھو ھيرو ٿيندو ۽ نالو بہ اُن تي ھيرو رکجو. ٿورن مھينن گذرڻ بعد ڀائي تاراچند کي پٽ ڄائو جنھن جو نالو ھيرو رکيو ويو. جو مکي ھيرانند تاراچند

جي نالي سان حيدرآباد جو نامور مکي ٿي گذريو آهي. جنهن جا پويان مکي هرڪشنداس، مکي مڱهارام آهن.

ڀائو سنتوکداس صاحب پنهنجي حياتي جو سمورو وقت ايشور ڀڳتي ۾ گذاريو، هو سدائين گوشي نشين رهندو هو. سندس پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس چيلو ڀائو چرنداس گادي تي ويٺو.

ڀائو چرنداس به پنجاب کان سنڌ ۾ آيل هو. ڀائو چرنداس صاحب ڪرامت جو صاحب هو. ڀائي صاحب انيڪ ڪرامتون ڏيکاريون آهن. ڀائو چرنداس روز نت نيم سان لڪ چوري چادر ۽ دشالو درياه شاه کي وڇائي. اُن تي ويهي درياه جي ٻي پار ويندو هو. جڏهن ان ڳالهه جي خبر ماڻهن کي پيئي تڏهن هو ڏاڍو ٻهرس ۾ پيا. هڪ ڏينهن عيد جو هو. اُن ڏينهن ڀائو صاحب پنهنجن هارين کي ڪاڻڻ لاءِ سيڙو ڏنو ۽ ڍڳن جي چاري لاءِ بندگاه جا ڏنا ۽ کين حڪم ڪيائين ته عيد هئڻ سبب، اوهان زمين ۾ ڪم نه ڪجو. پر هارين ڀائي صاحب جي حڪم جي انحرافي ڪري ڍڳا وڃي نارن ۾ ٻڌا. ڀائي صاحب تنهن تي ڪاوڙجي چيو ته جن هارين اسانجي حڪم جو الگهن ڪيو آهي سو ماني مالي تي رکي نه کائيندا. اهي هاري اڄ ڏينهن تائين پيٽ قوت لاءِ حيران آهن. هو هڪ هنڌ ڪين ٽڪي سگهن ٿا. ورن سدائين نئين نئين زميندار جي زمين آباد ڪندا.

سنڌڻ نالي هڪ مسلمان هاري هو. اُن ڀائي صاحب

جي ٽالي چار ٻارڙن ٽماڪ جون ڏار ڪري ڀوڪيون هڻون.
ان لاءِ ڀائي صاحب هنکي چار پٽ آسيسا طور ڏنا. سچڙ
کي چار ئي ڀائي صاحب جي آسيسا سان چئن ٻارڙن
ٽماڪ ڏيڻ لئي ڄاوا هئا. ڀائي چرنداس حيدرآباد ۾ هڪ
ٽڪاڻون ٺهرايو هو جو اڃان تائين قائم آهي. ڀائي صاحب
سکن شيوڪن تي پٽن جي ڄمڻ ۽ شادي مرادي جي
موقعن تي درٻار جا ٻنديان مقرر ڪيا هئا. جي ٻنديان
اڃان تائين قائم آهن اهڙي طرح ڀائو چرنداس درٻار کي
زور ونائي گادي تي ڀائي پورنداس کي وهاري پاڻ
جوتي جوت سمان ٿيا.

ڀائو پورنداس صاحب ٻه ڪرامت جو صاحب هوندو
هو هن صاحب سکن شيوڪن جون ڪيترڙيون مرادون
پوريون ڪيون. سندس درشن ڪئي سک شيوڪ خوش
ٿي نهال ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ صاحبزادو پنجاب
کان ڪا مراد دل ۾ رکي ڀائي صاحب وٽ آيو. ڀائي
صاحب هنکي آسيس ڪئي. جڏهن ڪچهڙي برخواست
ٿي، تڏهن صاحبزادي هڪ پارس پٿر ڪڍي ڀائي صاحب
اڳيان پيٺا رکيو ۽ چيائين ته سوامي توهانجو ٻيدارو هميشه
ٻڌو هلي ڪرپا ڪري هي پارس پٿر قبول ڪريو جو
توهانکي ۽ توهانجي پوين کي ڪارگر ٿيندو. سک سنگت
جي ٻه مرضي ٿي ته اهڙي چيز پل ڀائي صاحبن وٽ
هجي. ان وقت ڀائي صاحب هڪ ٿلهي کي حڪم ڏنو
ته مصري ۽ چانورن جو اڪو کڻي اچ. حڪم موجب ٿلهيو

مصري ۽ چانور کڻي آيو. ٻاڱو صاحب ان وقت سڪ سنگت سميت درياهه شاهه ڏي اچي پارس ۽ اڪو درياهه ۾ پرواهه ڪيو. سڪن شيوڪن کي اها حالت ڏسي ڏاڍو تپرس لڳو ۽ ارمان ٿيو. صاحبزادي جي ارمان جي ته حد نه رهي. ٻاڱو صاحب پارس درياهه ۾ لوڙهي ٻيا ڏک سک جي موٽي دربار ۾ آيو. پوڄن ونڻ وقت اهو صاحبزادو اندر ڪونه آيو ۽ ماٺ ڪري چادر تاڻي ڏک ۾ سمهي پيو. ٻاڱي صاحب هنکي اڏري روئي نه کائڻ جو ڪارڻ پڇيو. صاحبزادي وراڻي ڏني ته سائين مونکي اولاد ڪونه ڪو ٿئي ٿو مان توهان وٽ اهڙ آملهه نذرانو کڻي آيس. پر اوهان اجو ڪوبه قدر نه ڪيو. جي اوهانکي اهو نه گهربو هو ته مون کان ته نه وٺبو ها. ٻاڱي صاحب هنکي چيو ته روئي کاءُ سڀ ڀلي ٿي پوندي. صاحبزادي کي روئي کارائي هنکي درياهه شاهه جي ڪپ تي وٺي آيا ۽ اچي خواجي خضر کي منت ڪيائون ته جيڪو پارس مون اوهان وٽ امانت رکيو آهي سو مونکي موٽي ڏيو. اينتري ۾ هڪ وڏي لهر آئي جنهن ۾ سوين پارس پيل هئا. ٻاڱي صاحب صاحبزادي کي چيو ته تون پنهنجو پارس ڳولي ڪڍ. صاحبزادي وراڻي ڏني ته مون کان پنهنجو پارس نٿو لڀي. ٻاڱي صاحب هڪ پارس کڻي صاحبزادي کي چيو ته خاص هي تنهنجو پارس آهي. صاحبزادي اهو پارس سڃاتو ۽ لوهه تي لڳائي ڏٺو ته برابر اهو لوهه سون ٿي پيو. صاحبزادي اها حالت ڏسي ٻئي،

صاحب کي نمسڪار ڪيو ۽ وري به اهو پارس درياه ۾
ڪڍي وڌو. ايتري ۾ هڪ وڏي لهر آئي جا سڀ پارس
موٽي ڪڍي ويئي. پوءِ ٻئي ڏينهن صاحبزادو دربار ۾ رهي
موٽي پنجاب طرف وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. بابي صاحب هنکي
موڪل ڏني ۽ اپديش ڏنو ته بابي پرميشور جيڪا مايا ڏي سا
چڱي مارگ ۾ خرچ ڪجي. فقيرن کي دولت جي ڪهڙي
پرواه اهي. اسين هن دنيا ۾ مسافر آهيون. جيڪو
زندگي جو وقت مليو اٿئون سو ٺڪري ڪاٽي پرميشور
جي بندگي ۾ گذارڻون ٿا. زندگي بندگي لاءِ ملي آهي
۽ نه ڪاٽڻ ۽ خوشين ڪرڻ لاءِ، ٺڪري ڪاٽجي تي انهي
لاءِ ته ٺڪري ڪاٽي ايشور جو ڀڄن ڪجي. بابي صاحب
صاحبزادي کي اها سکيا ڏيئي هنکي. آسيسا ڪئي ته
توکي پٽ سنتان ٿيندو. صاحبزادو اولاد جو ور وٺي خوش
ٿي موٽي ڳوٺ آيو. بابي صاحب جو ديسان ديس اماچار
وڌڻ لڳو ۽ هزارين ماڻهون سندس سک شيوڪ ٿيا.

هڪڙي دفعي جي ڳالهه آهي ته ننگر ٺٽي جي پرسان
زميندارن هڪ لنبو واهه ٿي کوٽايو. زميندار لنبي جمال
ڪيترا ماڻهو واهه کوٽڻ لاءِ گڏ ڪري هڪن کان واهه جي
کاٽي کوٽارائي. چيڙ جي ڪاڏي لاءِ ديگيون گهربل هيون
لنبو جمال دربار جون ديگيون زوري کڻائي ويو. بابي
صاحب هنکي منع ڪئي ته مسلمانن جون ديگيون ڪٿب
آيل وري اسانجي ڪٿب نه ايندڙن پر لنبي جمال نه

پڇو تنهن کي ڀائي صاحب ڪاوڙجي سراپ ڏنو ته
اهو واهه اصل نه لڳندو ۽ لڳي وهندو. هزارن و لکن
روپين خرچ ڪرڻ سان به اهو واهه نه لڳو ۽ نه وهيو.
انگريزن جي حڪومت ۾ ڪليڪٽر پرينگي صاحب
ڀائي صاحب جن جو لاچار ڏسي دربار کي هڪ معافي
جاگير ستن پيڙهين لاءِ سرڪار مان انعام طور ڀنڊاري جي
خرچ لاءِ ورتي ڏني جا جاگير ڀائي امرداس صاحب جي
وقت ۾ رعيتي ٿي. ان کانسواءِ پيون به ٻيون ڀائي صاحب
جنهنڪي ميرپور ساڪري ۾ آڪاري جي ڀنڊاري لاءِ سندن
شڪن کان مليون. ڀائي پورن داس پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي
چيلي ڀائي سنجاداس کي گادي نشين ڪري پاڻ
گوشي نشين ٿيا ۽ ٿورو وقت رهي جوتي جوت سمان ٿيا.
ڀائو سنجاداس صاحب سپاءِ جا سانتيڪا هئا. هن دنيا
داني ۾ گادي تي وهڻ کان پوءِ ڪو ٿورو وقت رهيا.
هن صاحب پنهنجي گورن جا ڀنڊار پلي پت ڪيا. جنهن
۾ ڪيترا فقير ۽ وڏا مهنت ۽ سک شيوڪ آيا. ڀائي صاحب
جي ڏينهن ۾ دربار جي سکي شيوڪي گهٽي وڌي.
ٿورن ڏينهن بعد ڀائي سنجاداس صاحب جن ڀائي
هرڪشنداس صاحب جنهنڪي جهرڪن جي ٽڪاڻي مان
گهرائي گادي ۽ جو بار مٿس وجهي جوتي جوت سمان
ٿيا. ڀائو هرڪشنداس صاحب اصل جهرڪن جي ٽڪاڻي
۾ رهندا هئا. جتي ماڻهن جي ڏاڍي مڃتا هيس. هن
ڀائي صاحب کي سندس گورو ڀائو سنجاداس پنهنجي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
OF SINDH

حياتي ۾ گاديءَ تي وهاري پاڻ جوتي جوت سمان ٿيا .
پنهنجي گورو ڀائي سڌاداس وانگر ڀائي هرڪشن داس
ٿورو وقت گادي ماڻي. جوتي جوت سمان ٿيڻ کان اڳ
ڀائي ڪاشي داس کي گاديءَ جو ذمو مقرر ڪيائين.
ڀائو ڪاشي داس پنجاب کان آيل هو. هي صاحب ڀائي
پورن داس جو چيلو هو. مٿس ڀائي پورن داس جي ديا
۽ ڪرپا جهجهي هوندي هئي، گادي تي وهڻ کان اڳ
ڀائو صاحب حيدرآباد، غلام الله، ميرپور ساڪري ۾ گشت
ڪندا هئا، راڄ گهات دربار جي گهڻي سڪي شيوڪي
ڪيائون. ڀائي صاحب ڪاشي داس کي ڄاڻ هئي ته هن
کي هن فاني دنيا ۾ ڪي ٿورا سال رهڻون آهي. اهو
خيال ڪري حيدرآباد ۾ پنهنجي ٽڪاڻي چيلي مدنداس
وٽ اچي رهيا. ڀائي، ڪاشي داس صاحب ڀائي مدنداس
صاحب کي راڄ گهات ۾ پنهنجي گادي تي وهاري پاڻ
ٽڙين ڏينهن ۾ جوتي جوت سمان ٿيا. ڀائو مدنداس
جوتسنگه دربار جي صادق سک جو اولاد هو. جوتسنگه
کي ڀائي بالڪرم ڪرپا ڪري اولاد ڏنو هو. ڀائو مدنداس
جو ننڍي هوندي کان وٺي ايشور طرف لاڙو هو. جڏهن
١٤ ورهين جي ڄمار جو ٿيو تڏهن دنيا جا سڀ لڳ لاڳاپا
لاهي وڃي تيرٿ واسي ٿيو. تيرٿن تان موٽي سڌو ڀائي
ڪاشي داس وٽ راڄ گهات ٺٽي ۾ آيو. ڀائي ڪاشي داس
هنکي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. ڀائي ڪاشي داس کي ڀائي

مدنداس صاحب کي جوتي جوت ٽمڻ کان اڳ گادي تي
ويهاريو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڀائي مدنداس صاحب ڳوٺ غلام الله ۾ ويا. اتي کين ڀائي امرداس صاحب گڏيو، جنهن کي چڱي مورت جاڻي پنهنجو چيلو ڪري پاڻ سان وٺي راڄ گهاٽ دربار ۾ آيا ۽ کين دربار جو ڪم سپرد ڪري پاڻ گشت ڪرڻ لڳا. سندن پٺيان ڀائو امرداس دربار جي سنڀال ۽ آئي وئي جي ٽهل سيوا چڱي طرح سان ڪئي. جڏهن ڀائو مدنداس صاحب جن ڪيترن ئي پنجاب ڏانهن ويا ته اتي ڀائو صاحب ڀائي لڇمڻداس صاحب کي ناٺي ۽ سنتوکي مورت ۽ پڙهيل ڏسي کين پاڻ سان گڏ سنڌ ۾ آيا. ٿورن ڏينهن کانپوءِ ڀائو صاحب جن جوتي جوت سمان ٿيا. تنهن کان پوءِ ڀائو امرداس گادي تي ويٺو. ڀائو امرداس ۽ ڀائو لڇمڻداس جي پاڻ ۾ چڱي صحبت هوندي هئي. پنهنجي گڏجي دربار سکي شيوڪي ۽ زمين گهڻي وڌائي ۽ ٻيا به گهڻا ڪم دربار جي سڌاري جا ڪيائون. جڏهن ڀائو امرداس صاحب گشت تي ويندو هو ته سندس غير حاضري ۾ ڀائو لڇمڻداس دربار ۾ رهي دربار جو ڪم سنڀاليندو هو. ڀائو امرداس صاحب جن بلڪل سالتيڪا پوش ۽ گوشي نشين هوندا هئا. ٿورا ڏينهن گادي تي ويهي هن بي بقا دنيا مان روانا ٿي ويا. کانئن پوءِ سندن گور ڀائي ڀائو لڇمڻداس گادي نشين ٿيا.

SINDH ARCHIVES
DR. N.A. BALOCH COLLECTION
Acc. No. 28685
Date: 6-11-08

SINDH ARCHIVES
ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH

ڀائو لڇمڻداس ڪڏهن ڪڏهن وڏن ڪارڻ ظاهر ظهور
ڪيترائي ڪرامتون ڏيکاريون هيائين. ڀائي امرداس
جي وقت ۾ ڀائو لڇمڻداس جن گهڻو ڪري گشت ڪندا
رهندا ۽ سکن کي اُپديش ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ڀائو
لڇمڻداس ڳوٺ غلام الله ۾ تشريف فرما ٿيا. اُتي ديوان
ننديرام پٽ چاهڙي مل جو رهندڙ هو جو تمام سخت بيمار
ٿي پيو هو. ڀائو لڇمڻداس، ننديرام جو اهو حال ڏسي
هن تي رحم کاڌو. ڀائي صاحب فرمايو ته هڪ سوني مهر
پيدا ڪريو. غلام الله ڳوٺ ننڍڙو هو تنهن ڪري سوني
مهر ملي نه سگهي. ڀائي لڇمڻداس پنهنجي گودڙي مان
هڪ سوني مهر ڪڍي ۽ حڪم ڏنائين ته ان مهر کي
ٽونگ ڪرائي اچو. غلام الله جي ڳوٺ ۾ ڪو سونارو يا
ڪاريگر مهر کي ٽونگ ڪرڻ وارو ڪونه هٿ آيو. ڀائي
لڇمڻداس جن اها مهر هٿ ۾ ورتي ڪرامت جي زور سان
مهر کي ٽونگ ڪري اُها ديوان ننديرام کي رکيا ڪري
پارايائون ته هو هڪدم چڱو ڀلو ٿي پيو. چڱي ڀلي
ٿيڻ کانپوءِ ننديرام ڀائي جنکي عرض ڪيو ته جيڪا سوني
مهر اوهان مونکي ڏني آهي. تنهنجي پئسا وٺو. پر ڀائي
صاحب جن مهر جي پئسا وٺڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي
ننديرام اها ساڳي مهر موٽائي ڀائي جنکي ڏني. ننديرام
جي ماڻهن کي جڏهن ان ڳالهه جي سڌ ملي ته ننديرام
سوني مهر ڀائي جنکي موٽي ڏني آهي تڏهن هنن کي
ڏاڍو ارمان ٿيو.

ديوان شوالداس پٽ ديوان چاندومل ٽنڊي جو وينل
هو. ديوان شوالداس کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هن اولاد
لاءِ ٻه ٽي جيتري شادي ڪئي. پر ٻي زال مان به
هنکي اولاد نه ٿيو. اولاد ٿيڻ واسطي ديوان شوالداس
ڀائي لڇمڻداس کان پيو گهرندو هو.

هڪ ڏينهن ڀائو لڇمڻداس ديوان شوالداس جي گهر
تشريف فرمان ٿيو. ديوان ان وقت گهر ۾ حاضر ڪونه
هو. سندس غير حاضري ۾ ديوان جي ڪٽنب جي ڀاتين
ڀائي جن جي گهڻي قدر خاطري ڪئي. ڀائي جنکي
ڀهر لائين حقو ناهي ڏنائون ۽ پوءِ گلاس شراب جو ڀري
کين پيئڻ لاءِ ڏنائون. ايتري ۾ ديوان شوالداس به پنهنجي
گهر ۾ آيو. جڏهن هن ڀائي جن اڳيان ڪٽنب جون سڀ
زالون ميڙ ڪري وينل ڏٺيون ۽ ڀائي جنکي شراب پيئندو
۽ حقو ڇڪيندو ڏٺو تڏهن اها ڳالهه ديوان وشنداس کي
پسند نه آئي تنهن ڪري دل ۾ رنجيدگي رکي ڀاڻ
وڃي ٻي جاءِ ۾ ويٺو. ڀائو لڇمڻداس جن انترجامي هئا،
تنکي ديوان شوالداس جي رنجيدگي بابت اندر ۾ خبر
پيئي. سي يڪدم ڪاوڙجي شراب جو گلاس ڇڏي ۽
حقو ڇڏي گهر ڇڏي اٿي هلڻ لڳا. تنهن تي ديوان
شوالداس جي ڪٽنب جي ماڻهن هنکي آگاهه ڪيو ته
اهڙي طرح تنهنجي هلت جي ڏک ڪري ڀائو لڇمڻداس
هليو ٿو وڃي. تنهن تي ديوان شوالداس اٿي اچي ڳچي
۾ ڪپڙو پائي ڀائي جن کان معافي گهري. آخر ڀائي جن

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES CULTURE TOURISM GOVT. OF SINDH

ڪيترن حيلن ڪرڻ کانپوءِ شونداس کي معافي ڏني. پوءِ شونداس پنهنجن هٿن سان انهين سر ڪٺو تيار ڪيو ۽ گلاس شراب جو ڀري ٻائي جن جي اڳيان رکيو.

ٻائي صاحب شراب پيتو ۽ جڏهن موج ۾ آيا تڏهن ديا ڪري ديوان شونداس کي چوڻ لڳا ته وڃ توکي ات پٽ ٿيندا. ٻائي جن جي وچن موجب شونداس کي برابر اٺ پٽ ٿيا، جن مان ڪي هن وقت وڏي اقبال وارا آهن. اها ڪرامت ظاهر ظهور ٿئي ۾ ٻائي جن جي پرسڌ آهي. پيارا پڙهندڙو! ڏسو سنتن جا لوڀا، شل ڪنهن تي مهر ڪن، پوءِ دريا وانگر نٿي پوندا، جو هڪ پٽ لاءِ محتاج هو تنهن کي اٺن پٽن جي بخشيش ڪيائون.

ديوان ديواني مل روچيرام حيدرآباد سنڌ جو وينل نئي نگر ۾ اورسيئر هوندو هو. هنکي اولاد ڪونه ٿيندو هو. ديواني مل ٻائي جن جي هاڪ ٻڌي، ٻائي جنکي اولاد لاءِ منٿون ڪندو هو. چئن ورهين کانپوءِ ٻائي جن هڪ وقت موج ۾ اچي ديواني مل کي مڇ، ڪان وٺي چوڻ لڳو ته راتب حڪم ٿيو آهي ته توکي ٻه پٽ ٿيندا. اها آسيسا ٻڌي ديواني مل اکين مان خوشي جا لڙڪ وهائي ڏاڍو گد گد ٿيو. ديواني مل کي ٻائي جن جي وچن موجب ٻه پٽ ٿيا. اهي دربار صاحب جا غلام ٿي گذارين ٿا. اهڙيون ڪيتريون ڪرامتون ٻائي لڇمڻداس صاحب گهڻن ماڻهن کي ڏيکاريون. جيڪڏهن هڪ هڪ ڪرامت جو ذڪر ڪبو ته هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوندو.

ديوان حشمتراءِ ريجهومل سيرچنداڻي. ويٺل حيدرآباد واري مقاطع ڪاٺي سکر بندر جو سرڪار مان ڪميون هو، پر هنکي ڪامريا لٿي ملي سگهيا. گهڻي تڪليف ورتائين پر نااميد ٿيو. هڪ دفعي ٻائي لڇمڻداس کي عرض ڪيائين ته ماڻهو ڪاٺيءَ لاءِ مونکي ملن. تنهن تي ٻائي جن فرمايو ته بابا! توکي ماڻهو ڪم لاءِ ملندا ۽ تنهنجي پٽ سان رهجي ايندي. ان وقت ٻائي جن جي منزل رتيديري ضلع لاڙڪاڻي ۾ هئي. تنهن ڪانپوءِ جلدي هڪ ڏينهن ٻائي لڇمڻداس ڳوٺ رتيديري ۾ ڏٺو ته گهڻا پٺاڻ ڪامريا گڏه وٺي اتي اچي لٿا. انهن کي ڏسي ٻائي جن دل ۾ چوڻ لڳا ته اهي ماڻهو حشمتراءِ کي ڪارائتا ٿيندا. ٻائي جن اها ڳالهه انهن ماڻهن سان ڪري ڳوٺ مان منزل ڪٽي ٻئي پاسي هليا ويا. پوءِ اهي پٺاڻ ڪامريا سڌا سکر بندر ڏانهن هليا ويا ۽ اتي حشمتراءِ کان پئسا وٺي ڪم تي چڙهيا ۽ معياد کان اڳ ڪم پورو ڪري ڏنائون. ريجهومل کي ان ڪم مان چڱو فائدو پهتو.

ٻائي لڇمڻداس صاحب پنهنجي حيدرآباد جي ڪنياٽي ٽنڊي واري استان جي سنڀال لاءِ سال ١٩٠٤ کان وٺي ٻائي ڏيالداس صاحب پنهنجي وڏي چيلي کي مقرر ڪيو هو. ٻائو ڏيالداس يوڳي ۽ ڪلاڌاري سڌ پرش هو. هو سدائين اڪيلو رهندو هو. ڪڏهن پنهنجو استان ڇڏي ٻاهر نه نڪتو. هو ايوڌيا پريءَ جو هڪ براهمڻ هوندو هو. ٻائي لڇمڻداس هنکي فقيري ويس ڏيئي اداسي

ٻنت ۾ ورتو ۽ سنڌس ٻالڪ ڏيالداس رکيو ۽ هن کي حيدرآباد جي اسٽان جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو. ڀائي ڏيالداس جو پورن شِشو گرو گرنٿ صاحب ۾ هوندو هو. جيڪي ڏکي وٽس ايندا هئا تن کي چوندو هو ته پنهنجا ڏک سور وڃي گرنٿ صاحب اڳيان رکو. گرو گرنٿ صاحب اوهان جا سڀ ڏک دور ڪندو. ڀائي ڏيالداس سدائين اڪيلو گذاريندو هو. پنهنجن هٿن سان روٽي ٺاهيندو هو. ڪڏهن ٻه نوڪر يا چيلو به رکيائين. ڀائو ڏيالداس هڪ سياڻون ۽ نيتي تي پورو سنت هو. هن جا پرتا سنڌس سکن شيوڪن کي اڃا ٻيل آهن. ڀائو لڇمڻداس جڏهن حيدرآباد ۾ ان اسٽان تي اچي رهندو هو تڏهن هو سنڌس چڱي شيوا ڪندو هو.

ڀائو ڏيالداس تاريخ ٢٥ مئي ١٩٢٥ع ڌاري حيدرآباد ۾ شرير تياڳيو.

ڀائي لڇمڻداس صاحب جي ديهلوڪ پڌارڻ کانپوءِ سنڌس چيلو ڀائو گرمکداس نئين دربار جي گادي تي ويٺو. هن وقت ڀائو آتمارام گادي نشين آهي. هر هڪ سال چيٽي چنڊ ۽ ٻهرين چيٽ تي ان دربار ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ دربار جا سک شيوڪ ايندا آهن. دربار ۾ مٿي ذڪر ڪيل دونهي سدائين دکي رهي ٿي. سوين هزارين سک ۽ شردالو دربار ۾ اچي پنهنجون من جون ڪامنائون پوريون ڪن ٿا.

دربار بابا گرپت صاحب

دربار بابا گرپت صاحب جو ٻيو وجهه بابا گرپت صاحب هو. سندس جنم پنجاب ۾ ڏيري صاحب جي ڳوٺ ۾، شري گرو بابا نانڪ شاه نرهنڪاري جوتي جوت سروپ واري بيدي ڪل ۾ سال ١٨٠٧ع ۾ ٿيو. بابا گرپت صاحب جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

شجرو

شري گورو بابا نانڪ شاه نرهنڪاري جوتي سروپ

١- بابا شري چند اداسي
٢- بابا لکمي چند صاحب
٣- بابا ڌرم چند صاحب
٤- گورو ماڻڪ چند صاحب
٥- بابا مهر چند صاحب
٦- بابا روپ نارائڻ صاحب
٧- بابا برج نارائڻ صاحب
٨- بابا ٺوني ٺراءِ صاحب
٩- بابا ٽيڪچند صاحب
١٠- بابا ڪاڪاچند صاحب
١١- بابا زوراور صاحب
١٢- بابا سرٺرام صاحب
١٣- بابا جگت رام صاحب
١٤- بابا گرپت صاحب اداسي

مٿين شجري مان ڏسڻ ۾ ايندو ته بابا گرپت صاحب جن گورو نانڪ صاحب جي انش مان ٻارهين پيڙهي آهن. سندن پتا بابا سرترام صاحب اوچ پدوي تي رسيل گورو پورو هو. ڳالهه اها ڪن ته بابا گرپت صاحب جن جمندي ڄام هئا. ٻارهين اوستا کان وٺي سندن دل جو لاڙو پرماتما پرائڻ هو. سندس زبان ۾ سرسوتي هئي. هو ست پرش ۽ ڪرامت جا صاحب هئا. جيڪي به زبان مان ڪڍندا هئا، اوئين اوس ٿيندو هو. پنجاب جي راڄا رنجيت سنگهه اُن وقت پنجاب جي گادي تي راڄا ويٺل هو. راڄا رنجيت سنگهه کي جڏهن معلوم ٿيو ته گورو نانڪ شاهه جي ڪل مان بابا گورپت صاحب وڏيءَ ڪرامت وارا پيدا ٿيا آهن، تڏهن هو سندن درشن ڪرڻ لاءِ ونن گهڻيون پيٽائون اچي رکيائين. بابا گورپت صاحب جي پتا ويچار ڪيو ته پنهنجي لاڏلي فرزند بابا گرپت کي گرهست آشرم ۾ آڻيان. اُن وقت بابا گرپت صاحب جن جي اوستا ويهه سال هئي. بابا گرپت جن پرماتما جي ڀڳتي ۾ لين هو. تنهن ڪري کين گرهست آشرم ۾ رهڻ پسند نه آيو. پوءِ جلدي بابا گرپت صاحب ويراڳ جو وڳو ۽ ويس قبولي فقيري ڪمائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. بابا گرپت صاحب گهر ڇڏي سنڌ ديش ڏانهن رخ رکيو. بابا گرپت جن ساري عمر جتي تي گذاري هو.

راڄا رنجيت سنگهه کي جڏهن اها ست ملي ته صاحبزادو بابا گرپت صاحب جن سنڌ ديش ڏي هليا ويا آهن تڏهن

هن خيرپور ۽ حيدرآباد سنڌ جي حاڪمن مون ڏانهن
قاصد موڪليو ته صاحبزادو بابا گرپت صاحب جن ايڏانهن
اچن ته اوهان اُن جي هر طرح خاطري ڪجو.

پوءِ پاڻين پهريائين بابا گرپت صاحب خيرپور رياست
۾ ٺٽڙي لقمان پيرسان جهنگل ۾ هڪ ڪٽيا ٺاهي
وينا. ساڻن گڏ ڀائي رام ديال صاحب بيدي گڏ هو. اها
جاءِ مير صاحبن جي جاگير ۾ هئي. اُن وقت خيرپور ۾
مير سهراب خان مير علي مراد خان صاحب جو پيءُ راڄ
ڪندو هو. جنهن پنهنجي جيئري تخت پنهنجي وڏي
پٽ مير رستم خان کي ڏنو هو. مير صاحبن جي
ماڻهن، بابا گرپت صاحب کي جاگير مان دخل ڪڍڻ
۽ اُٿي هلي وڃڻ لاءِ زور پريو. بابا صاحب جن پڻ بيپرواهه
فقير، سو ڏاڍو ڪٽي اچي مير جي ماڻهن کي اڪ ڏيکاريائون
مير جي ماڻهن اتان پڇي مير صاحب کي اچي دانهن
ڏني. مير صاحب فرمايو ته اڄ ٺهيو ڀلي سياڻي صبوح
جو سويل ان هندو فقير کي جاگير مان زوريءَ لڏائجي
۽ سندس لانڍي ڊاهي ڇڏجي. ڳالهه ته ڪن ته رات
جو مير صاحب کي ننڊ ۾ جن ڀوتن ٻڄارڻ آيا. مير صاحب
جي ڪنڌ مٿان هڪ ڪارو نانگ ڦڻ ڪڍي اچي بيٺو
جنهن مير صاحب کي آگاهه ڪيو ويو ته فقير سان هٿ نه
اٽڪاءِ. صبوح ٿيڻ سان، مير صاحب پاڻ سان وزير وٺي،
اوچون سوغاتون کڻي، بابا صاحب جن وٽ آيو ۽ ڪيترين
پيري پئي، ڪائن دعا ورتائين. اُن جاءِ تي، جتي بابا

صاحب جن لاڏلي ٺاهي هئي. هن وقت سماڌيون ٿيل آهن.

بابا گرپت صاحب ڏيري صاحب مان پاڻ سان گڏ ٽي اهم وستو کڻي آيو هو. (١) بابا شريچند صاحب جا ڪيس (٢) نانڪ شاهي روپيه (٣) گورو گوبند سنگهه صاحب جن جي منڊي، اهي ٽيئي شيون اڄ تائين دربار خيرپور رياست ۾ موجود آهن. هر سال بڏي واري مهني ۾ بابا شريچند صاحب روت تيرٿ جي موقعي تي اهي ٽيئي شيون سکن کي ڏيکاريندا آهن.

اُن وقت خيرپور واري دربار ۾ ڀائي مولرام صاحب مسند وڏي ڀيڪي ۽ شان سان رهندو هو. مسندن جو زور اُن وقت هو ۽ هو سکن کي ستائيندا هئا. مسند مولرام راجائن وانگر ٺوٺان سان هلندو هو. هو زبردست هوندو هو. جيڪي سک غريبي سبب ڀيٽايون نه ڏيئي سگهندا ها، ته انهن سان تعديون ڪري، وٺائن ڀيٽايون زوري وصول ڪندو هو. ڀائي مولرام مسند جي برخلاف سکن گهڻيون شڪايتون بابا گرپت صاحب جن کي ڪيون ۽ اها خواهش ڏيکاريائون ته جي بابا صاحب اها دربار وسائين ته سکن جو جيڪر ڀلو ٿئي. انهن تي بابا صاحب پاڻ روبرو دربار صاحب ۾ حال جاچڻ لاءِ ويا. اُتي ڏٺائون ته سکن جون ڳالهيون سچيون آهن، ڀائي مولرام اهڙو هٺيلو هو جو هن بابا صاحب جو پورو آدرستڪار نه

SINDH ARCHIVES

ڪيو. تڏهن سکن جي خاطر، زوري مسند مولرام کي
کي دربار مان هڪالي ڪڍي پاڻ اها دربار وسايائون.
ميرن پڻ پاڻي مولرام جي دانهن تي ڪو ڌيان نه ڏنو. ديوان
دلپتراء اجواٽي جوان وقت ميرن جو وڏو وزير هو تنهن
جي صلاح سان دربار بابي گرپت صاحب جي حوالي ميرن
ڪئي. تنهن ڪانپوء مسند مولرام وڃي روهڙي وسائي.

ديوان دلپتراء ميرن جي وزير کي راجا رائجيتسنگهه
جي خط جي ڄاڻ هئي. ديوان دلپتراء بابا صاحب کي
پورن فقير ۽ مٺيا وارو ۽ ايشور جي رنگ ۾ رتل اکين
وارو ڏسي همڄو سک ٿيو. ان ڪانپوء سڀ اجواٽي آکهه
وارا بابا صاحب جا سک ٿيا. آهستي آهستي بابا صاحب
پنهنجن سکن سان ڏيئي خب سان ملندا هئا ۽ سندن
حال احوال وٺندا هئا. بابا صاحب شرڌالو سکن جون دنيوي
ڪامنائون پوريون ڪندا هئا، جڏهن ڪنهن سک کي
تنگ نه ستي ڏسندا هئا تڏهن کيس خرچ رسد پهچائيندا هئا.

خيرپور جي ميرن ڪيترا پروانا بابا صاحب کي پارسي
ٻولي ۾ لکي ڏنا. بابا گورپت صاحب ۾ ميرن جو صدق
ڄهڄهو هو هنکي ڪرامت وارو فقير ڄاڻندا هئا. بابي
جي لنگر جي خرچ لاء ميرن کين جاگيرون عطا ڪيون.
آخر مولرام ۽ ٻيا مسند بابي گرپت صاحب جا سک ٿيا،
بابي صاحب هنن هندن تي قياس آٽي هنن کي هڪ
جاء رياست خيرپور ۾ ٺهرائي ڏني ۽ فرمايائون ته جيڪو
سک اوهان کي خوشي سان ڪا پيڻا ڏي ته بلاشڪ اها

الھن کان اڳاريو. وڏي دربار بابي گرپت صاحب جي قبضي ۾ رهي.

هڪ ڀيري بابا گرپت صاحب جي دربار جو چيلو ٻاڙو هرپچن داس ڳوٺ جي کوه تان پاڻي ڀري ويو. پاڻي ڀريندي، مير علي مراد خان جي پٽن، ڏوڪ ڏوڪ ڪري اچي گهوڙن کي نيسر مدجهان پاڻي پياريو. ان ڳالهه تان ٻاڙي هرپچن داس ۽ مير جي پٽن جو جهيڙو ٿيو. مير جي پٽن ٻاڙي هرپچن داس کي لپاٽ هڻي ڪڍي. مير جا پٽ اڃان مس گهر پهتا ته کين رت جون اُلٽيون اچڻ لڳيون. مير صاحب کي جڏهن ان احوال جي سڌ ملي تڏهن هو ڇوڪرن کي ساڻ ڪري بابا گرپت صاحب جن وٽ آيو ۽ ڇوڪرن لاءِ ڏوه بخشايائين. بابا صاحب کين آسيسا ڪئي ۽ هو چڱا ڀلا ٿيا.

سيد جعفر علي شاه، مير علي مراد جو مرشد، بابا گرپت صاحب جو سنگتي هوندو هو ۽ کين عزت سان ڏسندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته بابا گرپت صاحب مير سهراب خان کي سندس ٽن پٽن بابت هيئين مسوه چٽي ٻڌائي ۽ برابر بابي صاحب جي اڳڪٿي موجب ائين ٿيو.
رستم رانگهه ۾، مبارڪ پنگهه ۾ ۽ علي مراد جهنگهه ۾.

خيرپور جو ٻالو شيخ موٽي هندو ڌرم ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿيو پئي. بابا صاحب ٻالي شيخ کي پاڻ گڏ گنگا تي وٺي ويا ۽ هنکي هندو ڌرم ۾ پنهنجن جي معرفت آندو.

اٽڪل سال ١٨٣٠ع ڌاري بابا گورپت صاحب جن
ٻيهر ٻيون دفعو، خيرپور مان حيدرآباد ڏي آيا. بابا صاحب
جن خيرپور مان ست ستر ناٽڪا هميشه پاڻ سان گڏ وٺي
گشت تي نڪرندا هئا. خيرپور ۾ اهي ناٽڪا دربار جي
ڀرسان رهن ٿا جنهن جاءِ کي رار جهروکو سڏيندا آهن.
ٽين ٽين سالين، بابا گرپت صاحب جن حيدرآباد ۾ اٺ ڪ
واري مهني ۾ ويندا هئا ۽ اٽڪل ٦ مهنا اتي رهندا
هئا، بابا صاحب جا سک، سيوڪ حيدرآباد ۾ گهڻا عامل
ٿيا. ديوان دلپتراءِ صوفي فقير جي صحبت بائي صاحب
سان ٿي. حيدرآباد ۾ اڪتراءِ واري گهٽيءَ ۾ بابا گرپت
صاحب پنهنجي دربار ۾ وهي لهندا هئا. بابا صاحب جن
ٽين ٽين سالين حيدرآباد ويندا هئا، تڏهن رستي تي
هالاڻي ۽ ڪنڊياري ۾ به رهندا هئا. هالاڻي ۽ ڪنڊياري
۾ بائي صاحب جا ڪيترا سک، شيوڪ آهن.

حيدرآباد سنڌ ۾ نارومل شيخ رهندو هو. نارومل
شيخ، بابا گرپت صاحب جڏهن هو صاحب حيدرآباد
ٽين ٽين سالين ايندو هو تڏهن ايندو هو. بابا گرپت صاحب
هن تي گهڻو مهربان هئا. نارومل شيخ صدق ۽ شرڌا
سان بائي گرپت صاحب جي شيوا ٽهل ڪندو هو. هڪ دفعي
بابا گرپت خوش ٿي نارومل کان پڇيو ته توکي ڇا گهرجي.
تنهنتي نارومل وراڻي ڏني ته مونکي مهرباني ڪري
وري هندو ڌرم ۾ گڏيو. بابا گرپت صاحب اوتاري
پرش هئا سو ناروملکي موٽي هندو ڌرم ۾ آڻڻ قبول

ڪيو. بابا گربخش صاحب حيدرآباد جي عاملن جي پنچائت
سڏائي. عاملن جي مکي ديوان شوقيرام ضد ٻڌي بيٺو.
هن بابا صاحب جي آگيا نه مڃي. ديوان شوقيرام چيو ته
ٿارومل هڪ واري هندو ڌرم ڇڏي شيخ ٿيو هو وري
ڪيئن هندو ڌرم ۾ موٽي وٺبو. اهو واقعو ١٨٥٧ع ۾ ٿيو.
حيدرآباد جي عاملن جون ٻه ڌريون ان ڳالهه تان ٿي
پيئون. ديوان گدومل شهاڻي ۽ ديوان مالسنگهه آڏواڻي
بابا گربخش صاحب جي راءِ سان شامل ٿيا. بابا صاحب
حڪم ڏنو ته جيڪو اسانجو صديقي ۽ شرڌالو سک سڏائي
سو ٿارومل جي هٿ جو ڏنل پرساد کيرڻي ۽ پوريون
وٺي کائي جي صدقي سک ها تن ٿارومل جي هٿ جو
پرساد وٺي کڻو. بابا جن لڌهن ڪاڻپوءِ پنڊتن جي معرفت
شاستر وڌي موجب ٿارومل کي وري هندو ڌرم ۾ آندو.
بابا جن جي آگيا نه مڃي ديوان شوقيرام کين ناراض ڪيو.
جو لٺيچو اهو جنهن جي سيني کي چڳي طرح سڌ آهي
بابا گربخش جن ٿارومل جي ٻانهن ديوان گدومل کي ڏيئي
هنڪي ٿارومل جي پارس ڪئي. بابا گربخش جن جي آسيسا
سان ديوان گدومل ۽ سندس پٽ ديوان ديارام اڏجي
پيا. ٿارومل درجي درجي وڃي مختيارڪاري جي
عهدي کي پهتو.

ٿارومل جي شادي ديوان مولسنگهه اجواڻي خيرپور
مان هڪ هندو ڪٽنب مان ڪرائي. هن وقت ديوان

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

ٽارومل مختيارڪار جو ڪٽنب، حيدرآباد جي عاملن ۾ ماڪيجاڻين جي آکهه جو سڏجي ٿو.

ديوان مولسنگهه اجواڻي کي اولاد ڪيترا سال ڪو نه ٿيندو هو. بابا گرپت جن ديوان مولسنگهه تي آسيسا ڪئي ۽ هنکي پٽ پوٽا ٿيا.

سيٺ بولچند لکپت وارو، سامان جون ٻيڙيون ڀرائي ڪلڪتي ڏانهن سمنڊ جي رستي روانو ٿيو. سمنڊ ۾ هڪ هفتو سندس ٻيڙو اٽڪي پيو. هو بابا گرپت جن جو سچو صديقي سک هو. ۽ هن بابا جنکي من ۾ ڌيائي آراڌنا ڪئي ته ڪرپا ڪري منهنجو ٻيڙو هلايو. بابا گرپت جن جي ڪرپا سان هنجو ٻيڙو هلڻ لڳو. مسافري پوري ڪرڻ بعد سيٺ بولچند اَن جا انبار آڻي بابا جن جي لنگر ۾ جمع ڪرايا.

سيٺ بولچند جڏهن سخت بيمار هو، هنکي ابچي ۾ لاهي وڌو هئائون تڏهن بابا صاحب هنکي وڌيڪ حياتي بخشي ليپي مان اٿاريو هن وقت تائين سيٺ بولچند جو اولاد خيرپور دربار جي شيوا ڪري ٿو. ٻيا به ڪيئي سيٺيون بمبئي وارا دربار جا سک شيوڪ آهن. شڪارپور جي مصر چانگي مل کي اولاد ڪو نه ٿيندو هو. هن بابا جن کي اولاد لاء پرارٿنا ڪئي. بابي جن فرمايو ته هنکي پٽ نه ٿيندو پر ڌيئر ٿينديون، جنکي پٽ ٿيندا، جنهن ڪري تنهن جو نالو قائم رهندو. مصر چانگي مل کي جلدي ڌيئون ڄايون.

بابا جن پرڳڙي جي ڳوٺ جي ديوان گرداسنگهه کي
سخت بيماري مان اُٿاري ھنکي وڏي حياتي بخشيش ڪئي.
خيرپور جو مکي نهچلداس پيءُ ٿي ويو پر ھنکي
اولاد نه ٿيو. ھن ٻي شادي اولاد ٿيڻ لاءِ پنهنجي پهرين
زال جي مرڻ بعد ڪئي. شادي ڪري ھو بابي جن کي
مٿو ٽيڪڻ آيو. بابي جن مکي کي چيو ته تون باقي ڏهه
ڏينهن وڌيڪ جيئرو آهين، تو ٻي شادي ڪري وڏي
ڀل ڪئي آهي. مکي تنهن تي بابي جنکي وراڻي ڏني
ته مان اوهانجو سک آهيان مونکي مرڻ جو ڪوبه ڊپ
نه آهي. بابي جن ھنکي آسيسا ڪئي ۽ پنهنجي حياتي
مان ڏهه سال مکي کي ڏنا. مکي ڏهه سال وڌيڪ جيئرو
ھو. ھنکي ھڪ پٽ گردارمل الي جائو.

هالاڻي دربار جو گادي‌پسر بابا سکديو صاحب جڏهن
پرلوڪ پڌاريا تڏهن سندن گاديءَ تي ڪو مقرر ڪونه
ٿيل ھو. سادو ان ويچار ۾ پيا ته ڪنهن کي تخت نشين
ڪجي بابا گرپت جن ان وقت اتي ھئا. اتفاق سان ھُن
ڏٺو ته ڪوهه تي شهر جو ھڪ ليعگر پاڻي پيو ڀري بابا جن
ھنکي ڏسي يڪدم سڃاتو ته ھي ٻالڪ درويشي صورت
آهي ۽ فرمايائون ته ھن ڇوڪر کي تخت نشين ڪريو.
ان نيعگر جو نالو ٻائو ڪشنداس رکيو ويو. ٻائو ڪشنداس
وڏي مورت تي گذريو آهي. ٻائي ڪشنداس اوچ
پدوي وارو سنت ھو.

بابو گرپت صاحب لاثاني فقير ھئا. بابي صاحب وٽ

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES & ARCHIVES

سنڌس دربار ۾ ڪيترا سڌ فقير رهندا هئا. دربار ۾ هميشه هري جي نام جو جاپ ستسنگ ٿيندو هو. دربار جا سک روز امت نيم سان دربار ۾ ايندا هئا ۽ اچي نام جپيندا هئا. جيڪڏهن ڪو سک دربار ۾ ڪنهن ڏينهن اچڻ کان گسائيندو هو ته بابو صاحب هُن کي چوندو هو ته آيا دربار مان نه گساءِ هر روز امت نيم سان دربار ۾ ايندو ڪر. ٢٩ ڏينهن دربار جا سک دربار ۾ اچي بابي گرپت صاحب جو درشن ڪندا هئا ته چنڊ ڏينهن بابا صاحب پاڻ هر هڪ سک جي گهر وڃي هن کي پڇندو هو ته بابا! خوش ويٺا آهيو. ائين ٻچي ساڳي پير موٽي دربار ۾ اچي پنهنجي روزاني پروڙي کي لڳندو هو.

هڪ ڀيري بابا گرمت جن تيرٿن تي هئا ته هردوار ۾ ڏاڏون ته پنڊي. وٽ هڪ ڇوڪرو پيو ءِ ڏٺا پڙهي بابا صاحب هن ڇوڪري جي صورت ۽ اکين جي جوت ڏسي، معلوم ڪيو ته هي ٻالڪ هڪ عجيب درويش ٿيندو. بابي گرپت جن اُن نيڳر جي پتا کان هنجي ٻانهن گهري ورتي. هنجي پتا کي بابي جن چيو ته هي ٻالڪ اسان کي گهرجي. انجي عيوض اسين توکي ۽ چار پيا پٽ ڏيون ٿا. ڇوڪري جي پتا بابي جن کي چيو ته هي ٻالڪ اوهانجي ملڪيت آهي. بابي جن ڇوڪر کي پاڻ سان خيرپور وٺي آيا ۽ هنکي پنهنجو چيلو ڪري هنجو نالو ڀائي سنگتداس رکيائون. ڀائي سنگتداس بابي جن کي ڏاڍو پيارو هوندو هو. بابو صاحب هردم هنکي پنهنجي

SINDH ARCHIVES

ٻرسان وهاريندو هو. ڀائو سنگتداس سڄي رات ٻوڳ ابياس ۾ گذاريندو هو. هو هڪ يوگي ۽ ودوان هو. ٻٻي جن جي اها اڇا هُئي ته هنکي پنهنجي گادي جو مالڪ ڪجي. پر ڀائي سنگتداس گادي نه قبولي ۽ ٻيري ٻئي ٻاٻي جن کان ان لاءِ بخشايائين.

گنبت جو سيٺ گيانچند ميگهداس واپار ۾ نقصان هيٺ آيو ۽ سڄي ڪاروبار بند ڪرڻي پيس. هو ڀائي سنگتداس وٽ آيو ۽ هن کان آسيسا گهريائين. ڀائي سنگتداس هنکي پنهنجا ٥ روپيه ڏنا ۽ چيائينس ته تون پنهنجا پنج روپيه هن ۾ تڏي وري لٿين سو واپار شروع ڪر. سيٺ ائين ڪيو. هو وري ٿلهي ٿان لکاپتي سيٺ ٿي پيو. اڄ ڏينهن تائين سيٺ گيانچند جو پٽ بگومل ترن تارن واري دربار جي خرچ لاءِ ڪمائي مان اڌ پيدائش جو ڏيندو آهي ۽ پڻ ڪاشيءَ ۾ جيڪا دربار ڀائي سنگتداس جي نالي هلندڙ آهي تنهنجي خرچ پکي لاءِ ڏيندو آهي. ترتارن ۽ ڪاشيءَ واريون ٻئي درٻاريون خيرپور دربار جون شاخون آهن. ٻاٻي گرپت صاحب جي جوتي جوت سمائڻ بعد ڀائي سنگتداس خيرپور مان وڃي ترن تارن ۾ رهيو ۽ ٻابا گرپت صاحب جي نالي سداورت جاري رکيائين. ڀائو سنگتداس نماڻي مورت ۽ لاپرواه فقير هو. هو ڪڏهن ڀائي هرپرڪاش ۽ هرڀجنداس سان گڏجي لاءِ سنڌ ۾ ايندو هو. سنڌس

سماڌ بابي گرپت جنهن جي سماڌ جي لڳو لڳ آهي ۽ سندس چاکڙيون به دربار ۾ رکيل آهن.

دربار جي سموري ڪاروبار بابي گرپت جنهن جو ٻيو چيلو ٻائو هرپرڪاش سنڀاليندو هو. مٿس بابي گرپت جنهن جو گهڻو پيار هوندو هو. بابي گرپت صاحب پنهنجي جيئري، سڀ ڪجهه پڌار ڪرڻ کان ويهه سال اڳ، وصيت ڪري ويا ۽ ان موجب دربار جو مالڪ ٻائي هرپرڪاش کي مقرر ڪيائون. وصيت نامون بابي جن تاريخ ١٨ جولاءِ ١٨٥٧ع جي ڪيو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ديوان تاراچند ملڪاڻي ٻين ساٿين سان گڏجي تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. وڃڻ کان اڳ هو بابي گرپت جن کان موڪلائڻ آيو. بابي گرپت صاحب چيس ته ٻاهر تيرٿن تي وڃڻ جي تڪليف ڇو ٿو ڪرين. مان توکي هتي ٿو تيرٿ ڪرايان. تون چيلهه ۾ ٻڌل پئسا ٻاهر ڪڍ.

سک ويچارو صدقي هو. هن پئسا ڪڍي ٻاهر ڪيا. بابا جن هن کي حڪم ڪيو ته اهي سمورا پئسا کڻي وڃي فلاڻي گهر ڏيئي اچ ته هو لياڻيءَ جو ڪارج جي ڪتب آڻين. سک ائين ڪيو ۽ تيرٿن تي نه ويو. دان اهو سڦلو جنهن مان ڪنهن گهرج واري جي گهرج پوري ٿئي.

بابي گرپت صاحب جو حڪم پنهنجي چيلن کي اهو هو ته دربار جي سموري آمدني دربار جي ڀلي ۽ لنگر تي خرچ ڪري ڇڏجو. فقير کي ٻي ملڪيت ناهڻ نه

SINDH ARCHIVES
CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

گهر جي. بابا صاحب جنهجو لنگر هڪ دفعو ڏينهن ۾ ٿيندو هو. جتان فقير ۽ ٻيا سڀ آيا ويا کائي ترپت ٿي ويندا هئا. مايا جي ميڙڻ ۽ ملڪيت ناهڻ جو خيال بابي گرپت صاحب نه ڪيو.

بابي گرپت پنهنجي مورت ڪڍائڻ جي برخلاف هئا. انهن ڪري سندن تصوير هٿ ڪا نه اچي ٿي. سندن صورت سهڻي ۽ من موهڻي هئي. هو ڪيس ڌاري هئا. سندن ڏاڙهي ڊگهي ۽ اڇي هئي. هو پڄامون پهريندا هئا. مسافري وقت تلوار پاڻ سان ٻڌندا هئا گهوڙي تي سواري ڪندا هئا. سندس گهوڙي کي روپا سنبج پيل هوندا هئا.

هڪ دفعي بابي گرپت صاحب کي هڏڪيءَ جي بيماري ٿي، پاڻ فرمايائون ته اسانجو هلڻ جو ارادو آهي. ان وقت ڀائو هرپرڪاش، ڀائو امولڪداس، منشي ڪشنداس، ديوان مولسنگهه جي وٽل هئا، تن وينتي ڪئي ته اجان ڪو وقت اوهانکي هت رهڻ گهرجي. اوهانجي هئڻ مان سکن سيوڪن کي فيض رسندو. پاڻ فرمايائون ته چڱو وڌيڪ اٺ سال رهون ٿا. پوري اٺن سالن گذرڻ بعد پرلوڪ پڌاريا. سٺر ورهين جا جڏهن ٿيا تڏهن هڪ ڏينهن روهڙي ۾ شام جو فرمايائون ته اسانجي طبيعت ٺيڪ نه آهي. خيرپور موٽي هلون ٿا. هٽي سڀ ڪم ڏانهن هلنداسون. جڏهن خيرپور جي دربار ۾ موٽي آيا. تڏهن وري ساڳي هڏڪيءَ جي

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES CULTURE TOURISM GOVT OF SINDH

بيماري اچي ٿين. صبوح جو دان پڄ هوشياريءَ سان
ڪري، اشنان بعد گاڌي جو ڏرم ڪيائون ۽ ڏرم جي
ٿالهي تي هٿ لاڻائون تنهن کانپوءِ بابو صاحب ٻائي
سنگتداس جي ڇاتيءَ تي ليٽيا. پوءِ اشارو ڪيائون ته
چادر مٿان وجهو. پوءِ سچ کنڊ ڏانهن هليا ويا.
بابي گرپت صاحب جي سماڌ لقمان ۾ اُن هنڌ تي
ٺهيل آهي جتي اوائل ۾ هڪ لانڊي ٺاهي اچي ويٺا هئا.
سماڌ صاحب اڳيان انيڪ سک سيوڪ جيڪا ڪاهندا
کٽي اچن ٿا ان جون ڪامنائون پوريون ٿين ٿيون. هر سال
۾ دفعا سماڌ ۾ تي ميلو لڳندو آهي. هڪ شوراتريءَ
جو، ٻيو ويساکيءَ جو.

شجرو بابي گرپت صاحب جي پوين جو

١- بابو گرپت صاحب
٢- ٻائو هرپرڪاش صاحب
٣- ٻائو هرپچن داس صاحب
٤- ٻائو جيراماس صاحب
٥- ٻائو ڪرنداس صاحب

بابا گرپت صاحب جي ڪيل وصيعت موجب ٻائو
هرپرڪاش صاحب گاديءَ تي ويٺا. هو صاحب پوگ
ابياسي هوندا هئا. بابا گورپت جن جي ديهانت بعد فقط
اٺ ٽي سال کن حيات هئا. سال ١٨٨٠ ڌاري ٻائو هرپچنداس
صاحب چيلو ٻائو هرپرڪاش داس صاحب، ٽيان تخت نشين

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES

ٿيا. ڀائو هرڀڄنداس پڻ يوگ ابياس ڪندو؛ فقير هو. هيڪي يوگ ابياس جو وستو بابا گورپت جن وٽان مليل هو.

ڀائو هرڀڄنداس شانتيءَ سڀاءَ وارو هوندو هو. هو صاحب ڪڏهن غصو نه ڪندو هو. نماڻي مورت وارو درويش هو. پئسي جو لوڀ ڪونه هوس. سندن پيرن ۾ پدم ريکا هئي جنهن ڪري پئسو سندن پٺيان پيو ڦرندو هو. دربار جي سڀ ملڪيت هن صاحب جي ڏينهن ۾ ٺهي ۽ وڌي. ڀائي هرڀڄنداس پنهنجي ڏينهن ۾ هڪ ٽرسٽ ناءُون ٺاهيو. جنهن موجب دربار جو تخت نشين مالڪ نه آهي. پر هڪ قسم جو ٽرسٽي آهي. ان ٽرسٽ نامي ۾ ڄاڻايل آهي ته دربار جو حساب ڪتاب سکن کي ڏسڻ ۽ جاچڻ جو اختيار آهي. ڀائو هرڀڄنداس سال ١٩١٧ ۾ سچ کنڊ پڌاريو

جڏهن ڀائو هرڀڄنداس صاحب سچ کنڊ پڌاريو تنهن وقت سندس چيلو ڀائو جيرامداس صاحب حيدرآباد ۾ هو. ان وقت حيدرآباد ۾ پليگ هئڻ سبب اختياريءَ وارن ڪنهن کي خيرپور ميرس ۾ سواءِ ڊاڪٽر جي تپاس جي اچڻ نٿي ڏنو. جنهن ڪري ڀائو جيرامداس اول حيدرآباد جي گاديءَ تي ويٺو پوءِ جڏهن بيماري لهي ويئي تڏهن شان ۽ مان سان خيرپور دربار جي گادي تي ويٺو. ٽرسٽ نامي موجب ڀائو جيرامداس هڪ ٽرسٽي مثل هو. هو سڀ ڪم ڪار لاءِ ديوان شامسنگهه اجواڻي کان صلاح وٺندو هو.

ڀائو ڄيرامداس صاحب ڪاشيءَ ۾ ڪي سال رهي. سنسڪرت وديا پڙهائي هئي. هو صاحب سنسڪرت ۾ هوشيار هو ۽ ڪٿا وارتا چڱي طرح سان ڪندو هو. سندس ديهانت سال ١٩٣٤ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. ڀائي ڄيرامداس جي حياتيءَ ۾ سندس چيلو ڀائو ڪرنداس ڳرن تارن ۽ ڪاشيءَ جا استان سنڀاليندو هو. ديوان مولسنگھ جي اولاد ۽ ٻين خيرپور جي سکن ڀائي ڪرنداس صاحب کي خيرپور ۾ گهرائي هڪڙي مان، شان سان خيرپور جي گاديءَ تي ويهاريو. ڀائي هر ڀڄنداس صاحب جي ڏوست نامي موجب ڀائو ڪرنداس هڪ ڏوسٽي تي دربار ۽ دربار سان لاڳو ملڪيتن جي سنڀال ڪندو اچي ٿو. ڀائي ڪرنداس نهٺو ۽ سادي سڀاءَ جو ساڌو آهي.

ڀائي ڄيرامداس صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ دربار جي ملڪيت ڇڄي ٻه اڌ ٿي پيئي. حيدرآباد واري دربار جو مالڪ ڀائي ڄيرامداس جو چيلو ڀائو سنتوکداس ٿيو. جو هاڻي حيدرآباد واري دربار ۾ رهي ٿو. ڀائو ڪرنداس ٻي سموري دربار جي ملڪيت جو مالڪ ٿيو. هميشه جي دستور موجب حيدرآباد واري دربار ۾ رات ڏينهن سترسنگ، ۽ ڪيرتن ٿئي ٿو ۽ لنگر جاري آهي. دربار جا شهر حيدرآباد ۾ اڪثرائي گهٽي ۾ آهي. ان دربار جا گهڻا سک، شيوڪ آهن، جنهنجو ڀائي گرپت صاحب جي دربار ۾ صدق ۽ شرڌا آهي.

شري اڏيرو لعل صاحب

حيدرآباد ضلع جي هالن تعلقي ۾ اڏيرو لعل ريلوي اسٽيشن کان ٥ ميل پري، شري اڏيري لعل صاحب جو پرسڌ استان آهي. سنڌ ۾ اهو هندن جو مکيه تيرٿ استان آهي. نه فقط سنڌ پر پنجاب، ڪڇ، گجرات، احمدآباد جا شردالو ماڻهو شري اڏيري لعل صاحب جي استان تي متو ٽيڪڻ ۽ درشن ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. سنڌ ۾ شري اڏيري لعل صاحب هندو ڌرم جي سهائتا لاءِ ورڻ ديوتا جو اوتار ورتو آهي. شري اڏيري لعل صاحب جو استان هڪ عاليشان اُچي عمارت تي هندن لکين روپيا خرچ ڪيا آهن، اهو استان هندو پنچائتين جي مقرر ڪيل ٽرسٽين جي سنڀال هيٺ آهي. پنچن هڪ ٻائي کي ان استان جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو آهي. ان استان ۾ پڻ هڪ جوتي استان آهي. جنهن ۾ لعل صاحب جي اکنڊ جوت جڳي ٿي. روز مره سوين ياتري شري اڏيري لعل صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. چنڊ چنڊ تي وڏو ميلو ان استان تي لڳي ٿو. چيٽي چنڊ ۽ اَسو جي چنڊن تي وڏا شاهي ميلا لڳن ٿا. جتي لکن جي تعداد ۾ هندو ۽ مسلمان اچن ٿا. شري اڏيري لعل صاحب جا لکين هزارين سک شيوڪ آهن، جن جا من گهريا مطلب شري لعل صاحب پورا ڪري ٿو. شري لعل صاحب جا انيڪ احسان ۽ ڏورا پنهنجن سڀن پيارن

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

لعل ٿي آهن جي هر دم تن من ۽ ڌن سان شري اُڏيري
صاحب جي سيوا ڪن ٿا، هزارين شيوڪ آهن جي هر هڪ
چنڊ تي شري لعل صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃن
ٿا. جنهن جهڙي ۽ جيتري شري لعل صاحب شرڌا ۾ آهي
تنهن جهڙي، تيتري من گهري مراد شري لعل صاحب
پوري ڪري ٿو. جيسين هندو ڌرم قائم هوندو ۽ جيسين
دنيا هوندي تيسين شري اُڏيري لعل صاحب جو استان
قائم هليو ايندو.

شري اُڏيري لعل صاحب جي اوتار وٺڻ جي وارتا
هيٺين ريت آهي. اٽڪل سيا نو سؤ ورهيه اڳي سنڌ
۾ مسلمان بادشاهه مرک ناٿي هو. هو سمو ذات جو هو.
هن جي گادي جو هنڌ ٺٽو نگر هو. ٺٽو اڳي سنڌ واهڻي
جي ڪپ تي وڏو شهر هوندو هو. مرک بادشاهه هڪ
ڏينهن اهو خيال ڪيو ته پنهنجي سنڌ جي هندو پرجا
کي زوريءَ مسلمان دين قبول ڪرائجي. هندن بادشاهه
جي اها ڳالهه نه مڃي. تنهن ڪري بادشاهه هندن تي ظلم
۽ سختيون ڪرڻ لڳو ۽ هندن کي زوريءَ مسلمان دين
قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو اهو وقت هندن جي ڀير
جو هو. سنتن، براهمڻن جي پرارٿنا تي جوتي سروپ
شري ورڻ ديو شري اُڏيري لعل صاحب ديا ڪري
سنڌ ديش جي نصرپور شهر ۾ ڀڳت رتن راءِ جي گهر ۾
اوتار ورتو. هندن جڏهن آڪاش واڻي ٻڌي ته ڀڳوان
سهائتا لاءِ اوتار وٺي ڀڳت رتن راءِ جي گهر نصرپور ۾ آيو

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES

آهي، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيا. هُن باد شاهه کي چيو ته هاڻي اسانجو سهائتا ڪندڙ نصرپور ۾ جنم وٺي آيو آهي. او هان سان هو پاڻيهي گڏبو. باد شاهه مرکه کي هُن جي ان ڳالهه تي ته ڪهڙي طرح ايشور اوتار وٺي انسان جو چولو ڌاري هُن جي اچي سهائتا ڪندو، اعتبار ۾ نه آئي. پر تڏهن به هُن چيو ته آءٌ توسان تو ڏسان ته ڪهڙي طرح تو هانجو سنگورو او هانجي سهائتا ڪري ٿو.

شري اُڏيري لعل صاحب جي اوتار ڌارڻ جي سڌ جهٽ هُن ٻن ماڻهن پڪڙجي ويئي سڌ جا هُن و خوش ئي چوڻ لڳا ته ڏاڍو سٺو ٿيو هاڻي اسانجو ڏر ۾ رهجي ايندو. مرکه باد شاهه جو وزير آهيو نالي وارو هو. مرکه باد شاهه هُنکي حڪم ڏنو ته تون نصرپور وڃي اها سڌ وٺي اچ، ته برابر هُن جو اوتار نصرپور ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ اها به خبر وٺي اچ ته هو ڪهڙي منزل جو ولي الله ۽ اولياءُ آهي. اهيو وزير نصرپور اچي رتن راءِ جي گهر ٻالڪ جي درشن ڪرڻ لاءِ ويو. اهيو وزير جنهن ٻالڪ جي ويجهو ويو تنهن هُنکي مورڇا وٺي ويئي. هُنکي اُن مورڇا ۾ شري امر لعل صاحب جو ايڪ ليلائون ۾ اچرج ڏسڻ ۾ آيا. اهي وزير ٻالڪ جي منهن جي سوڍا ڏسي وسمي ۾ پئجي ويو. اتيئي ڏنائين ته لعل صاحب ٻالڪ نه آهي پر سورهن ورهين جو هڪ نوجوان پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي. وري ڪڏهن پينگهي

ڏانهن نظر ڪري ته پيشگاهه ۾ ڪي ٻالڪ ته، ڪو
نوجوان ۽ هڪ سفيد ڏاڙهي وارو ٻزرگ. ويٺو آهي.
اهڙي طرح جدا جدا روپ ڏسي وزير ڏاڍو حيران ٿيو.
هنکي هٿي پڪ تي ته شري اُڏيرو لعل صاحب بيشڪ
ڀڳوان جو اوتار آهي. اڃان نصرپور ۾ شري امرلعل صاحب
اڳيان ويٺو هو ته هن ڏٺو ته شري امرلعل صاحب گهوڙي
تي چڙهيو ٺٽي شهر جي ٻاهران ويٺو آهي ۽ ٻئي ساڳي
وقت ڏٺائين ته هڪ پاسي براهمڻ، ساڌو ۽ ٻيا شهر جا
ماڻهو سندن اُستتي ڪري رهيا آهن ته وري ٻئي طرف
ڪا ۽ جل جا جيوَ ماڻهن جو روپ ڌاري، لنگر ڳاهي بيٺا
آهن. مٿان وري ديوتائن گلن جي ورکا ڪئي آهي ۽
مرڪ بادشاه پاڻ سان اميرن ۽ وزير وٺي شري اُڏيري لعل
صاحب جي اڳيان سوغاتون پيشائون رکي سندس اڳيان
سر نوايو آهي. شري اُڏيري لعل صاحب جا اهي اچرج
ڏسي اهڙي وزير هٿ جوڙي لعل صاحب جي پيرن تي
ڪري، هي عرض ڪيو ته سائين! اوهان خدا تعاليٰ جا
ولي ۽ قدرت جا ڌڻي آهيو. مهنجا گناه معاف ڪري بخشيو.
مان سمورو حال وڃي بادشاه سان ڪريان ٿو. تنهن ڪانپوءِ
اٿيو وزير ڪيتريون سوغاتون شري اُڏيري لعل صاحب
اڳيان رکي موٽي ٺٽي آيو ۽ اچي سموري حقيقت
مرڪ بادشاه کي ڏني. ته اوهان هندن
سان وڏيڪ ظلم نه ڪريو. اوهان لعل صاحب اڳيان
پنهنجون خطائون بخشايو. وزير واتان شري اُڏيري لعل

SINDH ARCHIVES
TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH

صاحب جون ڪرامتون ٻڌي مرک بادشاه ڊنو. هن ڀڪ
سان ڄاتو ته شري اُڏيرو لعل صاحب رواجي انسان نه آهي.
هُن جي سامهون ٽڪڻ ۽ مقابلو ڪرڻ آهي پنهنجون پاڙون
پٽائڻ ۽ پنهنجو ناس ڪرڻ. مرک بادشاه اهڙي وزير
کي حڪم ڏنو ته تون ٺٽي اڳيان وهندڙ درياه
اڳيان وڃي لعل صاحب جو ڏيان ڪر ته لعل صاحب
ھتي ٺٽي ۾ اچي اسانکي ملندو. اهڙي وزير بادشاه جي
حڪم موجب ائين ڪيو ٿوري دير ۾ درياه مان ايڪ
شبد ٻڌڻ ۾ آيا ۽ درياه موج ۾ اچي لهرون هڻڻ لڳو.
تنهن ڪانپوءِ شري اُڏيرو لعل صاحب هڪ سندر سوهڻاوان
جوان جو روپ ڌاري درياه مان گهوڙي تي سوار ٿي
ٻاهر نڪتو. اُن وقت لعل صاحب جي هٿ ۾ جهنڊو هو
۽ ٻئي هٿ ۾ ترار هئي ۽ مٿي تي سونو ڇٽ رکيل هو.
لعل صاحب جي پٺيان ايڪ جوڌا جوان هاٿين ۽ گهوڙن
تي سوار هئا ۽ ڪيترو سارو پياده لشڪر هو. ان صاحب
جي سوڀيا جو بيان ڪير ڪري سگهندو اهڙيو وزير
لعل صاحب جي اها ليلا ڏسي هٿ جوڙي لعل صاحب
اڳيان ٻهي لعل صاحب جي واکاڻ ڪرڻ لڳا. اهڙي وزير
هٿ ٻڌي شري لعل صاحب کان پڇيو ته سائين اوهان
ڪير آهيو؟ تنهن تي شري امر لعل صاحب ورائي ڏني
ته مونکي لوک جلپت ڪري سڏين ٿا. اُڏيرو لعل به
منهنجو نالو آهي. مان ورڻ ديوتا، ندين جو راجا آهيان.
مان پنهنجن ڀڳتن جا ڪارج پورا ڪريان ٿو. جهڙيون

جھڙي ڀاونا مون ۾ رکي منهنجو سمرن منهنجا ڀڳت
ڪن ٿا، تهڙو تهڙو ڦل مان هنن کي ڏيان ٿو. تون مونکي
جل جو سروپ ڄاڻ.

شري اُڏيري لعل صاحب اهڙي کي چيو ته هاڻ اسين
تنهنجي بادشاه سان ملاقات ڪنداسين. اهڙي وزير وراڻي
ڏني ته ڀلو سائين! ائين چئي هو لعل صاحب اڳيان هلڻ
لڳو. لعل صاحب پنهنجي سنڌس سڄو لشڪر هلڻ لڳو.
اهڙي وزير ڏٺو ته بيشمار لشڪر درياه مان نڪتو آهي
جو لعل صاحب پنهنجي قطارون ٺاهي بيهو اچي. تنهن تي
اهڙي وزير لعل صاحب کي وينتي ڪئي ته بادشاه کي
اوهان سان جنگ ڪا نه جوڙڻي آهي. اوهان مهرباني ڪري
لشڪر کي پٺتي هٽايو. تنهن تي لعل صاحب لشڪر کي:
حڪم ڪيو ته درياه ۾ سمائجي وڃو. ٺٽي جا سڀ هندو
لعل صاحب جو ٺٽي ۾ پڌارڻ ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. هو
لعل صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ ڊوڙي آيا. سڀيئي
هندو لعل صاحب جو درشن ڪري جيءَ جيءَ شبد اچارڻ
لڳا ۽ لعل صاحب جا گڻانواد ڳائڻ لڳا.

اهڙي وزير مرکه بادشاه کي لعل صاحب جي پڌارڻ
جي سڌ ڏيڻ ويو. جيڪا حالت هن ڏٺي هئي سا سموري
بادشاه کي ٻڌايائين. مرکه بادشاه جڏهن ٻڌيان لعل صاحب
جو درشن ڪيو، تڏهن هنجي ڏيا ۽ حشمت سڀ هارجي
ويئي. هن ڊوڙي وڃي لعل صاحب جي چرنن تي ڪريو

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVERNMENT OF SINDH

۽ گهڻي مان ۽ شان ۽ عزت سان لعل صاحب کي پنهنجي محلات ڀر وٺي آيو. اهڙي وزير بادشاه سان سموري حقيقت ڪئي ته ڪهڙي طرح شري اڏيرو لعل صاحب ٽڪڪ سميت درياه شاه مان ٻاهر نڪتو آهي. هي صاحب بيشڪ هندن جو والي آهي. شري اڏيري لعل صاحب مرک بادشاه کي هدايت ڪئي ته هندو ۽ مسلمان ۽ سڀ جيو ڀڳوان جا خلقيل آهن ڌڻي صاحب هڪ آهي. پر هن انيڪ ڌرم ۽ مذهب پيدا ڪيا آهن. تون هندن تي ظلم نه ڪر ۽ هنن کي مسلمان دين قبول ڪرڻ لاءِ لاچار نه ڪر.

مرک بادشاه کو دشت هو. هن لعل صاحب کي اڪيلو ڏسي خيال ڪيو ته لعل صاحب کي قيد ڪجي. لعل صاحب ته جاڻي جاڻڻ هار هئا. هنن مرک بادشاه کي چيو ته اي بادشاه! تون وڏو مورک آهين. تون مون کي قيد ڪري نه سگهندين. جڏهن بادشاه جا سپاهي شري اڏيري لعل صاحب کي جهلڻ آيا تڏهن هو وڏو ڀيانڪ آواز ڪري دربار مان غائب ٿي ويو ڪنهن کي به ان ڳالهه جي سڌ نه رهي ته لعل صاحب ڪيڏانهن ويو.

مرک بادشاه تنهن تي هندن کي چوائي موڪليو ته اوهانجو مرشد گيدي ٿي ڀڄي ويو اوهان هاڻي مانت ڪري مسلمان دين قبول ڪريو. هندن لعل صاحب کي درياه جي ڪپ تي اچي پڪاريو ته هي لعل سائين! اسان جي سهائتا ڪر. هندن جي پڪارڻ تي لعل صاحب

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

ڪنڌي تي اچي پرگهٽ ٿيو. هندن دريا جي ڪنڌي تي هڪ عاليشان مندر اڏيل ڏنو. سڀ هندو ان استان ۾ وڃي لعل صاحب جو پوڄا ۽ اُستتي ڪرڻ لڳا. تنهن کانپوءِ لعل صاحب جل جو سروپ ڌاري مرک جي محلات ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. محلات ۾ ايترو ته پاڻي ازغيبي اچي پيدا جو لشڪر جا سپاهي، بادشاه ۽ قاضي پاڻي ۾ ٻڏڻ ۽ غوطا کائڻ لڳا. هنن سڀني کي اچي ڊپ لڳو ته هاڻي الائي ڇا ٿيندو. هو وڏي ڪوشش سان ٻاهر نڪتا. مرک بادشاه پاڻ پڇي وڃي لڪو ۽ حڪم ڪيائين ته اُڏيري لعل صاحب کي قيد ڪري مون وٽ وٺي اچو. شري امر لعل نٿي جي مسلمانن کي ڪڏهن جوتي جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي ڏيکاريو ته ڪڏهن هوا جي سروپ ۾ ته ڪڏهن جل جي روپ ۾ تنهن کانپوءِ لعل صاحب اگني ديوتا کي حڪم ڏنو ته جيڪي نٿي جا مسلمان آهن تنکي ساري ڀسم ڪر. نٿي جي مسلمانن جي جاين کي باه وڪوڙي ويئي. سڀ مسلمان ٻه جي جايون ڇڏي ٻاهر شهر کان لڪري آيا. سڀني مسلمانن جو ڏايو برو حال ٿيو. مرک بادشاه ۽ ٻيا مسلمان دريا جي ڪپ تي اچي لعل صاحب کان پنهنجا گناه بخشائڻ لڳا. بادشاه جي گهڻي پڇتاءُ ڪرڻ تي لعل صاحب دريا جي ڪپ تي پرگهٽ ٿي سڀني کي درشن ڏنو. مرک بادشاه ۽ ٻيا مسلمان لعل صاحب جي پيرن تي ڪري ڏوه بخشائڻ لڳا. مرک بادشاه کي لعل صاحب حڪم ڏنو ته تون سند

SINDH ARCHIVES · TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES

جي هندن کي مسلمان ڪرڻ جو خيال اصل لاهي ڇڏ.
اون هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙو ڪري سمجهه.
مرک بادشاهه آڻ مڃي هٿ ٻڌي ويهي ڪئي ته مان هاڻ
هندن سان مسلمانن وانگر هلت ڪندس ۽ ساڻن زور
ظلم نه ڪندس. شري اُڏيري لعل مرک بادشاهه جي پنهنجي
ٽپري هنکي موکل ڏني ۽ تنهن کانپوءِ مرک بادشاهه هندن
سان رحم جي هلت هلڻ لڳو ۽ هن ڪڏهن به هندن
جي ڌرم ۾ دست اندازي نه ڪئي. ڳالهه ٿا ڪن ته
نصرپور ۾ شري اُڏيرو لعل صاحب ٻارهان سال هندن کي
عجيب ليلائون ڏيکاريون ۽ هندن کي جل ۽ جوت جي
شيوا ڪرڻ جي وڌي سيکاري.

جڏهن لعل صاحب ١٢ ورهين جي ڄمار جا ٿيا، تڏهن
ويچار ڪيائون ته هندن لاءِ اهڙو استان سنڌ ۾ اڏائجي
جو هندن لاءِ سنڌ ۾ هڪ تيرٿ جي جاءِ ليکجڻ ۾ اچي.
اهو ويچار ڪري لعل صاحب ٺڪر کيئورام پنهنجي ڀاءُ
کي چيو ته اوهان نصرپور رهو اسين موٽي ٿا اچون. لعل
صاحب پنهنجو پاڻيهو کوڙڻ ساڻ ڪري نصرپور کان
ٻاهر نڪتا ۽ گهمندا ڦرندا ڏهه ميل نصرپور کان پري
هالن تعلقي ۾ جهيجن جي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اتي هڪ
ٻڍو مسلمان نالي ممڻ هندن کي پنهنجي ٻيڙي ۾ ڪم
ڪندو ڏسڻ ۾ آيو. لعل صاحب ممڻ کان پڇيو ته پيرا
مڙس! کوهه، لاڳو ٻيڙي وهڪندين. ممڻ به چوکرا ڏسي

چوڻ لڳو تہ ٻار ٿي، مون ٻيءَ سان چرچا ٿا ڪريو
اوهان وٽ پئسا ڪٿان آيا جو ڪوه ٿا خريد ڪريو.

لعل صاحب وراڻي ڏني تہ ٻريا مڙس! ڪوه خري
ڪرڻو آهي جيڪي پئسا گهرندين سي توکي ملندا
تون فقط ڪوه ڏيڻو ڪر تہ توکي پئسا اتي جو اتي ڏيون
تنهن ڪانپوءِ مومڻ جي ڏسندي لعل صاحب: نيزي سان
ڌرتي تي ٻہ ليڪا ڪڍيا ۽ زمين کي ٿورو کوٽيو تہ اڪيچا
سون ۽ جواهر اُن هنڌ ڏسڻ ۾ آيا. مومڻ لعل صاحب جي
اها ڪرامت ڏسي، سمجهڻ لڳو تہ هي ٻالڪ شاي
تصوپور وارو هندن جو ولي آهي. هنڪي ڪوه ضرور عا
خلق جي سک لاءِ گهربو. ڪوه اهڙي خير جي ڪم
اچي. تنهن ڪان وڌيڪ دنيا ۾ ٻيو ڪهڙو ثواب جو ڪ
ٿي سگهندو. ۽ ان بابت ٻهريائين زال سان صلاح ڪريان
تہ هنجو ڪهڙو رايو آهي. مومڻ لعل صاحب کي وراڻي
ڏني تہ اوهان ترسو مونکي پنهنجي زال سان صلاح ڪرڻي
آهي. ٿوري وقت ڪانپوءِ ٻئي زال مڙس تڏجي آيا. هنن
لعل صاحب کي چيو تہ اوهان ولي خدا جا آهيو
اوهانکي ڪوه عام خلق جي سک لاءِ گهرجي ٿو اهو
اوهانجي ملڪ آهي ۽ ان سان گڏ هي زمين ٽڪر ٻہ ڪٽو
اسانکي اولاد ڪونہ ٿيو آهي، دعا ڪري اسانکي اولا
جي بخشش ڪريو. جو اولاد اسانجو اوهانجي نهوابا
استان تي مجاور ٿي ڪم ڪري ۽ روٽي ٽڪر حاصل

كري. لعل صاحب ممڻ ۽ سندس زال کي ور ڏنو ته
توهان کي اولاد ٿيندو. جيڪڏهن اهو هن درٻار جي
خدمت ڪندو رهندو ته ان کي ٻڪ ڪا نه رهندي. ممڻ
کي ان ڏنل ور موجب اولاد ٿيو جو مجاور ٿي ان استان
جي خدمت ڪري ٿو.

لعل صاحب کي چانئو جي گهرج ٿي. لعل صاحب پنهنجو
لڪڻ ڪٺي زمين ۾ کوڙيو ته اهو ڦري وڏو ڪبر جو وڻ
ٿي پيو. ٻئي ڇٽان ڪبڙ جي چانئو ۾ ٿي ويٺا. جهيڄڻ جي
ڳوٺ جي ماڻهن جو ٻڌو ته لعل صاحب وٽن آيو آهي
سي ڏاڍا خوش ٿي لعل صاحب وٽ درشن ڪرڻ لاءِ
آيا. لعل صاحب ٿورو وقت جهيڄڻ ۾ رهي اتي وڏي
درٻار اڏرائي جنهن ۾ روز ستسنگ، پوڄن پاٺ، ميلا،
پنڌارا ٿيڻ لڳا.

لعل صاحب سنبت ١٠٢٠ ٻڌي سڌي چوڏس ڏينهن
ڪبڙ جي وڻ وٽ اچي ويٺا ته ڌرتي ڦاٽ مرادو ڦاٽ ڪاڏ،
۽ جل جي لهر ڏسڻ ۾ آئي. ۽ ڌري اُڏيرو لعل صاحب
گهوڙي سميت اُتي انتر ڌيان ٿي ويا. اهو اچرج ڇهڙو
ڏيک ڏسي هندو مسلمان تيرس ۾ پئجي ويا. نڪر پڳڙ
جنهن جاءِ تي لعل صاحب انتر ڌيان ٿيا هئا تنهن جاءِ تي
هڪ جهنڊو کوڙي ڇڏيو. تنهن ڪانپوءِ ان جاءِ تي هڪ
مندر ٺهرايو ويو. ممڻ واري ڪوه جي مرامت ڪئي ويئي.
ن ڪوه کي ٻالڻيو سڏجي ٿو. ٻالڻيي گوه ۾ جنهن سمان

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

ڪيو ويهڻ پائيون، ۽ گنگا ندي جو سنان ڪيو. ڳالهه ٿا
ڪن ته مرڪ بادشاهه گهڻا پئسا ان آستان جي اڏاوت ۾
خرچ ڪيا هئا.

سائين دليپترام صاحب صوفي فقير جو آستان

شهر حيدرآباد ۾ سپاهي ملاڻي گهٽي ۾ سائين دليپترام
صاحب صوفي جو پرسڪ آستان آهي. ان آستان کي بنيا
ٿئي انڪل ڏيڍ سؤ ورهيه ٿيندا. آستان جو بنيا ڪندڙ
ديوان دليپترام صوفي درويش هو. ان آستان جي گادي
نشين جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- ڀائي دليپترام صاحب
٢- سائين ڪيشورام صاحب
٣- سائين هريرام صاحب
٤- سائين آتمارام صاحب
٥- سائين اننڊرام صاحب
٦- سائين هاسارام صاحب

هن پوتر آستان تي مٿين سنتن جون چاڪڙيون ۽ تصويرون
رکيل آهن. هن پوتر آستان تي مٿين درويشن ايشور

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
OF SINDH

پرماتما جو پوڄڻ ڪيو آهي ۽ پنهنجي واٽي اُڇا ي آهي. هن آستان جو وايو منڊل اهڙو پوتر ۽ سانتيڪو آهي جو ڪجهه وقت ان آستان تي ويهڻ سان دل کي آرام ۽ راحت حاصل ٿئي ٿي. هن وقت ان دربار جو گاديسر سائين هاسارام صاحب هڪ نماڻو ۽ سچو ايشور ڀڳت آهي. هنجو دنيوي ڳالهين سان لاڳاپو ڪونه آهي. سڄو ڏينهن هو ايشور ڀرائڻ ۽ ست شاستر ويچارڻ ۾ مشغول ڪري ٿو. رات جو آرتي ۽ شبد ڪيرتن ۽ يوگ، وشست شاستر جي ڪٿا ان دربار ۾ ٿئي ٿي، ڪيترا شوقينو سک شيوڪ دربار جا آهن. جنجي ن جون مرادون هن استان جي اڳين درويشن پوريون ڪيون آهن. استان تي درويشن جي چڪرين ۽ تصويرون اڳيان نمڻ سان دل ۾ امنگ اُٿن ٿا. سال ۾ سال مٿين درويشن جون ورسيون ۽ ميلا لڳندا آهن جي فقيراڻي نموني ۾ ملهايا ويندا آهن.

سائين دلپترام صاحب جا مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجن ٿا.

سائين دلپترام صاحب صوفي اصل وينل سيوهڻ جا هئا. سندن جنم سنه ١٧٦٩ع ۾ ٿيو هو. ميرن جي صاحبي ۾ ڪاردار هئا. نوڪري جي ڏينهن ۾ هڪ دفعي سيوهڻ تعلقي ۾ گشت تي هئا، ته اُني ڪين سڌ ملي ته مهاتما ڀائي آسرداس صاحب بوبڪ ۾ آيا آهن. اها خبر ٻڌي سائين دلپترام ڀائي آسرداس صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ بوبڪن ۾ ويا. هنن واتان ٻه ٽي امولڪ وچن ٻڌائون

SINDH ARCHIVES
DIRECTORATE OF TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

تہ سندن دل تي اهڙو اثر ٿيو، جو هڪدم اوڏي مهل
لکپڙهہ جي رستي پنهنجي ڪوٺار هٿان مير صاحبن ڏانهن
نوڪريءَ جي استيعفا ڏياري موڪليائون.

ڀائي آسوداس صاحب اصل خيرپور جا ويٺل هئا ۽
پوءِ ميران پور تعلقي گوني ۾ لڏي وڃي ويٺا. هو جهرڪن
وارن صوفي فقير صاحب فضل الله صاحب جا مريد هئا.
سائين دليترام صاحب ڀائي آسوداس صاحب پنهنجي
ستگروءَ جي سانده ست سال صحبت ڪئي ۽ ان کان
اپديش ورتو ۽ انجي سچي دل سان شيوا ڪئي. سائين
دليترام صاحب کي سندن مائٽن ننڍي هوندي ئي مڱائي
ڇڏيو هو. آخر ستن سالن گذرڻ بعد سندن شادي ٿي.
کين هڪ نياڻي ۽ چار پٽ ڄاوا. سندن اولاد اڃان سيوهڻ
۾ رهي ٿو. سائين دليترام صاحب حشمت وارا اهڙا هئا،
جو ڪنهن کي بہ همت نہ ٿيندي هئي جو ڪڏهن ساڻن
اجائي سجائي گفتگو ڪري يا گستاخ ٿئي هو بدن جا
قداور هئا. اکيون وڏيون هين جي سدائين لعل رهنديون
هيون. هو سهڻي ۽ شاندار شڪل وارا هئا. اڪثر ڪٽ
تي ويهندا هئا ۽ پاسي کان تلوار رکي هوندي هين. هڙس
ٽوڪلي بہ اهڙا هوندا هئا، جو هر روز سج لٿي کاڻپوءِ
سيڏي پاڏي رکڻ جا ٿانءَ، ٻڪ ٻاڻيءَ جا مٽ دلا بہ
خالي ڪرائي ڇڏيندا هئا. چوندا هئا تہ سياڻي جا ٻاڳہ
سياڻي سان هو عابد ۽ زاهد فقير هئا. سائين جن ڪارداري

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES & ARCHIVES

ڇڏڻ ڪالپوءِ ڪو به ڏندو يا اوڪري ڪا نه ڪٿي. سمورو وقت ايشور ڀڳتي، پراڻايام ۽ يوگ ابياس ۾ گذاريندا هئا. هو صاحب حاذق حڪيم هو. نبض شناسي ته ڪو ڪائن سگهي. شعر گوئي به الاهي ذات هين. سندن ڪيترو عمدو ڪلام، پارسي، اُردو ۽ سنڌيءَ ۾ رچيل آهي. سندن واڻي ڇپائڻ جي سخت مدع تيل آهي.

سائين دليپترام صاحب ڪجهه وقت سيوهڻ ته ڪجهه وقت جهوڪ شريف ۽ ڪجهه وقت سانگهڙ ڀرسي ڪبير جي ڪوه تي سائين فضل الله شاه صوفيءَ جي صحبت ۾ رهندا هئا. پڇاڙيءَ جو حيدرآباد ۾ سپاهيملاڻي گهٽي ۾ اچي رهيا. سندن هينيان چار شش هئا:-

(١) سائين ڪيشورام صاحب (٢) ڀائي کيمچند صاحب ڪرپالاڻي (٣) ڀائي پوجنداس صاحب جتوئين وارو (٤) ڀائي گنگارام صاحب جهانگرن وارو. سائين دليپترام صاحب جو سائين ڪيشورام صاحب سپاهيملاڻي تي هٽ هو. هنڪي پنهنجي گادي ۽ گهر واري جاءِ ٽڪاڻي سميت ڏنائون. سنڌ جا مير صاحب سائين جنڪي گهڻي عزت ڏيندا هئا. ميرن ڪان ڪجهه به وٺڻ تي اچن ها ته گهڻوئي وٺي سگهن ها. پر سائين لاطمع ۽ بي پرواه هو. مير صاحبن کين جاگيرون آڇيون پر سائين جن وٺڻ کان انڪار ڪئي. سائين جن يوگ ابياس به ڪندا هئا. سندن شڪل سدائين ٻيٺي ڀهڪندي هئي. سندن شرير سدائين گرم هوندو هو ۽ سندن وات مان ڪوسي ٻاڦ پيئي نڪرندي هئي.

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

هو صاحب سدائين درد ۾ رهندا هئا. سندن اڳيان ٻئي ڪنهن کي ٻه درد جي ڪافين چوڻ جو حڪم نه هو. ته متان گهڻي درد وچان سندن دل ٽٽي نه پوي. سندن ڪلام سندن آستان تي رکيل آهي. سندن ڪلام ڏيکاري ٿو ته پاڻ صاحب شري ڪرشڻ ڀڳوان جي سچي پريم ۾ گهڻي قدر رتل هئا. سندن تخلص "دلپت" هو. سال ۱۸۴۶ع ۾ ۸۰ ورهين جي ڄمار ۾ ديولوڪ پڌاريا. شهر پنهنجي ڳوٺ سيوهڻ ۾ ڇڏيائون. سندن تصوير ۽ چاکڙيون ۽ گادي سپ هيملاڻي گهٽي ۾ سندن آستان تي رکيل آهن.

(۲) سائين ڪيشورام صاحب

سائين ڪيشورام صاحب وڏا ڪامل ۽ صوفي فقير ٿي گذريا آهن. هي صاحب سدائين پنهنجو سمورو وقت مٺهن مڙهيءَ ۾ پئي گذاريندا هئا. سندن پتا جو نالو ديوان هوتچند سپاهيملاڻي هو. سائين جڏهن ٻالڪ اوستا کان وڌي وڏا هوا سائين دلپترام صاحب جي صحبت ۾ گذارڻ لڳا. ڪين سندن پتا ميرن جي ڪورٽ تي تحصيلداري وٺي ڏني. جتي هي صاحب فقيرن کي سداورت ۽ اَن دان ڪرڻ لڳو. ماڻهن سندس شادي ڪرائي ته من دنيا جي پاسي لاڙو ٿئين، مگر شادي ڪرڻ کانپوءِ به سندس وڏائي واري ورتيءَ ۾ ڦيرو ڪونه آيو. ساڳي وڏائي وان ورتي هلندي آئي.

سائين ڪيشورام صاحب، سائين دلپترام صاحب جي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

ڏيو لوڪ پڌاريا کانپوءِ سندن گاديءَ تہ ويٺا. هو ڀائي دليپترام صاحب جي ساڳي صورت هئا. سائين جن فقيرن کي ڪپڙو ۽ اَن دان ڏيندا رهيا. درواري تي جيڪو ايندو هو، تنهنجي خدمت ڪندا هئا ۽ هن کي روٽي ڪارائي پاڻي پيار يندا هئا. سندن اڳيان سدائين حقو ٺهيو رکيو هوندو هو. هو سدائين ايشور پرائڻ رهندا هئا ۽ ڪڏهين بہ دنيوي ڳالهہ جو خيال نہ ڪندا هئا. شوبہ جي اهڙي ورتي هين جو ڳالهہ ڏا ڪن تہ. هڪ دفعي سندن حقي جي چلم اوچتو اچي سندن گادي تي پيئي، تان جو سڄي گادي سڙي ويئي تہ بہ ڀائي صاحب کي سڌ بہ نہ رهي، هو ان وقت ايشور جي ڀڄن ۾ ايتري قدر تہ مگن هئا جو مٿي ماڙيءَ تي شڪر ڀار تي رهندو هو، تنهن اچي باهہ وسائي. ڀائي صاحب رات جو هڪ ڪلاڪ ۽ ڏينهن جو بہ ڪلاڪ آرام ڪندا هئا ۽ ٻيو سمورو وقت ايشور جي ڀڄن ۾ سڦلو ڪندا هئا. سائين جن سال ١٨٨٩ع ۾ ٧٥ ورهين جي ڄمار ۾ ڏيو لوڪ پڌاريا. سندن ٻہ فرزند ڀائي هريرام صاحب ۽ ڀائي آتمارام صاحب هئا. سائين جن جي واڻي سندي ۽ گهڻي وچيل آهي.

(٣) سائين هريرام صاحب

سائين ڪيشورام صاحب کانپوءِ سندس وڏا فرزند گادي تي ويٺا. سائين هريرام صاحب جي نياز ۽ ليکن جي واڪاڻ ڪيتري ڪري ڪيتري ڪجي. شروعات

۾ نوڪري ڪندا هئا، پر پوءِ نوڪري ڇڏي پنهنجي پتا جي خدمت ڪرڻ لڳا. هو صاحب پنهنجي پتا جي ڏينهن ۾ ڀوڳ اڀياس ڪري رڇي راس ٿيا هئا. سائين هربرام صاحب مسڪينيءَ جي مورت ۽ عشق جي صورت هئا. سندن وائي وچيل آهي. سندن تخلص مسڪين هو. جوانيءَ ۾ شرير تياڳي ديو لوڪ پڌاريا.

(٤) سائين آتمارام صاحب

سائين هربرام صاحب ڪالپوءِ سندن ننڍو ڀاءُ سائين آتمارام صاحب گادي تي ويٺو. سائين آتمارام هڪ اماڻي مورت هو. هو صاحب ڀوڳ اڀياس ڪندا هئا. وڏن والگر دروازي تي جيڪو ايندو هو تنهن کي روٽي کارائي پڻي پيار پيندا هئا. روز رات جو ستسنگ لڳائي ۾ ڏيندو هو. سال ١٩١٤ع ۾ ديولوڪ پڌاريا.

(٥) سائين: انندرام صاحب

سائين آتمارام صاحب ڪالپوءِ سندن وڏو فرزند سائين انندرام صاحب گادي نشين ٿيا. هن صاحب جي ڏينهن ۾ دربار جي سڪي شيوڪي وڌي. سائين انندرام صاحب هڪ نماڻي مورت هئا. پنهنجن وڏن والگر گوشي نشين ٿي گذاريندا هئا. سال ١٩١٧ع ۾ جواني اوستا ۾ ديو لوڪ پڌاريا.

(٦) سائين هاسارام صاحب

سائين انندرام صاحب جي ديهه تياڳڻ ڪالپوءِ سندن

ننڍو ڀاءُ سائين هاسارام صاحب گادي تي ويٺا. هن صاحب وڏن واري ۾ اختيار ڪئي آهي. هن وقت اُن دربار جي گادي تي براجمان آهن.

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES CULTURE TOURISM DEPARTMENT GOVT OF SINDH

اداسين آشرم دربار صاحب هالاڻي

دربار صاحب هالاڻي سنڌ ديش ۾ اُداسي سادن جو ناهيل مشهور ۽ نامور آکاڙو، آشرم آهي. جنهن ۾ انهن سادن سنتن جا پشت به پشت چيلا وهندا آيا آهن. اُنهن سڀني مهنتن جو احوال ۽ سنڌس گرو نالي هن هيٺ ڏجي ٿي. هي احوال پڙهي پڙهندڙ انهن مهاتمائن جي آچرڻ ۽ اُپديش موجب هلي پنهنجو جنم سڦل ڪندا.

هالاڻي دربار صاحب جو پايو وجهندڙ سوامي سکديو صاحب هو. سوامي سکديو صاحب جو گرو بابو ساڌورام صاحب هو جو افغانستان جي غزاوي شهر ۾ رهندڙ هو. بابا ساڌورام جنکي ٻه چيلا هئا وڏو چيلو بابا پريتمداس ۽ ننڍو چيلو سوامي سکديو صاحب وڏو چيلو بابا پريتمداس گادي نشين هو. سوامي سکديو کي غزاوي مان مير الهيار خان جنهن جو سچو صدق ۽ ڀاونا سوامي جن ۾ هئي تنهن سوامي جنکي وينتي ڪري سنڌ ديش ۾ سال ١٧٨٧ برابر وڪرمي سنبت ١٨٤٤ وٺي آيا.

مير صاحب مير الهيار خان حيدرآباد کان ڏه ڪوه

ٻري هڪ ڳوٺ ٽنڊو الهيار جي ڀرسان ٻڌايو. مير الهيار خان هڪ ڪڇي ضلعي جي اندر پنهنجي رهڻ لاءِ جايون ٺهرايون ۽ سوامي سڪديو جن کي ضلعي جي پرسان هڪ وڏو هرمندر ٺهرائي ڏنو جنهن ۾ رهي سوامي جن گروائي ۽ ڌرمي پستڪن جو پرچار ڪرڻ لڳا.

ٽنڊي الهيار ۾ رهي هڪ وڏو ٽڪيو ڪيو ان ٽڪيي ۾ گهڻا آدمي سوامي جن جي درشن ڪرڻ ۽ ٽڪيي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيا ۽ انهن ٽڪيداري مان پرساد ورتو. انهن ايندڙ ماڻهن مان هيٺيان ٽي آدمي گهربار وساري سوامي جن جي شيوا ۾ رهيا ۽ سندن چيلا ٿيا.

(١) بابا سڪرامداس صاحب (٢) بابا سنت رتڻ صاحب

(٣) بابا سنت سرن صاحب.

ڪيترا سال ٽنڊي الهيار ۾ ستسنگ ڪري هڪ ڏينهن سوامي سڪديو صاحب جن کي اچي اهو خيال ٿيو ته جيڪر ديش ياترا ڪجي اهو خيال ڪري پنهنجي ٽنڊي چيلي ٽئين نمبر بابا سنت سرن کي ٽنڊي الهيار دربار صاحب ۾ گادي نشين ڪري پنهنجن ٻن چيلن هڪ بابا سڪرامداس ۽ بابا سنت رتڻ سان گڏجي ديش ياترا ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي طرف روانا ٿيا. حيدرآباد ۾ ڪو وقت رهي سوامي جن حيدرآباد نواسين کي ڌرم جو پرچار ڪيو. تنهن کانپوءِ سوامي جن اچي لڪيءَ وارن ٻهاڙن ۾ ڪو وقت رهيا ۽ پوءِ ٻهاڙن جو رڻ ڪندي سيوهڻ شهر ۾ پهتا. سيوهڻ

شهر ۾ سوامي جن هڪ دربار ٺهرائي ان ۾ رهي لوڪن
کي ڌرم جو پرچار ڪرڻ لڳا. ٿورا سال اتي رهي سوامي جن
هڪ چيلي کي سيوهڻ جي دربار ۾ گادي تي وهاري
پاڻ جهنگل جو رستو ورتو.

سوامي جن تڏهن ڪالپوءِ لوشهري ۾ پهتا. جتي پڻ
هڪ ڌرمي استان کين لوڪن ارپڻ ڪيو. سوامي جن
ان ۾ رهي ستسنگ ڪيو. ٿورو وقت اتي رهي وري
اڳتي رمڻ ڪرڻ جي ارادي سان ٻاهر نڪتا ۽ اچي
ڪنڌياري جي شهر ۾ پهتا. شهر جي ٻاهران هڪ ڀيانڪ
جهنگل ڏسي ايڪانت ۾ رهيا. پر ڀڳتيءَ جي پرتاپ
سان اتي به ڪيترا شردالو آيا جن کي سوامي جن سچو راهه
ٻڌايو ۽ اُپديش ڏنو. آخر ڪنڌياري ۾ ڇڏي ڪنڌياري
کان ٽن ڇئن ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ گهاٽو ۽ ڀيانڪ
جهنگل ڏسي اُن جهنگل ۾ ڪچيون ڪکن جون ڪٽيائون
ٺاهي ويهي پرماتما جو ڌيان ڪرڻ لڳا. مهراجن جي تپشيا
۽ يوگ ڀڳتي جو اهڙو ته اچي تيج پرڪاش ٿيو جو هالاڻي
ڀلاڻي ۽ ٻين ڀرواري جي ڳوٺن جا ماڻهو درشن ڪرڻ
۽ امرت روپي وچن ٻڌڻ لاءِ سوامي جن وٽ اچڻ لڳا.
سوامي جن تڏهن ڪالپوءِ ان هنڌ پڪو استان ٺهرايو.
سوامي جن تڏهن ڪالپوءِ پنهنجن ٻن چيلن هر هڪ (١) بابا
سڪرامداس صاحب (٢) بابا سنت رمڻ صاحب کي دربار
۾ رهائي پاڻ ڀلاڻي واري سنت سان گڏ جي ٽيرٿن ڏانهن
رمڻ ڪرڻ لاءِ نڪتا. سوامي جن جي غير حاضري ۾

سعدن ٻن چيلن بابا سکرامداس ۽ بابا سنت رڃڻ تمام چڱي
طرح پنهنجن پاڻ ۾ ڪتا ڪيرتن ڪيو جنهن ڪري اڳي
کان به وڌيڪ رنگ لڳي ويو. ڪيترا اناٿ ۽ غريب اچي
دربار ۾ رهڻ لڳا جنکي کاڌو ۽ ڪپڙو دربار صاحب
طرفان ملندو هو. سوامي تيرٿ ياترا ڪري ٽنڊي الهيار
واري دربار مان ٿيندا هالاڻي واري دربار صاحب ۾ آيا
جتي ڏٺائون ته سعدس پويان سعدس چيلن اڳي کان به
وڌيڪ چڱو رنگ لڳايو آهي. سوامي جن هاڻي خيال
ڪيو ته دربار صاحب جي ڪاروار جو بوجو هاڻي لاهي
بابا سکرامداس ۽ ٻنهي تي وجهي پاڻ فارغ ٿي جيڪر
وڌيڪ يوگ ابياس ۽ ايشور پنهنجن ڪجي. خيرپور رياست
جي والي مير سهراب خان جو پٽو ته سکديو صاحب جنکي
مير الهيار خان پاڻ سان گڏ وٺي غزلوي مان آيو سو ٻه
هڪ دفعو سوامي جن وٽ آيو ۽ ڪجهه زمين نظراني طور
سوامي جنکي ڏني ۽ معافي پروانو سوامي جنکي ڏنو ۽
ويٺي ڪيائين ته هن زمين جي پيدائش لنگر جي
خرچ آڻجي.

دربار صاحب جو ڪاروبار هاڻي قدر وڌي ويو.
سوامي جن پڪو ارادو ڪيو ته دربار جي ڪم هلائڻ جو
بار چيلن تي رکي هاڻ فارغ ٿي ايشور جو پنهنجن ڪرڻ
گهرجي. تنهن ڪري سال ١٨٢٧ برابر وڪرمي سنبت
١٨٨٤ ۾ سوامي جن دربار صاحب جو وڌيل ڪم ڏسي
ٻن گدين تي ٻن مهنتن جي وهارڻ جو خيال ڪيو. پنهنجي

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

سنگهاسن تي وڏي چيلي بابا سکرامداس کي وهاريائين
تنهنجي پرسان ٻيو آسڻ وڇارائي بابا شامداس صاحب
کي استاپن ڪيائين ۽ ٽيون آسڻ وڇارائي بابا سنت رتن
جنکي ورهاريائين. پوءِ ٻن ٻن مهنتن تي شبد ڪٿا ڪيرتن
جو ڪم رکيائون ۽ ٽئين مهنت تي لنگر، خزاني ۽ آئي
وئي جي سنڀال ڪرڻ جو ڪم رکيائون. پاڻ ٻه ڪوٺي
۾ فارغ ٿي ايشور جو ڀڄن ڪرڻ لڳا. سوامي جن تنهن
ڪاڀوءِ حڪم ڪيو ته چنڊ چنڊ تي عام ميڙ يعني ميلو
لڳڻ گهرجي جو سڀني شردالو سکن کي ان ڏينهن سڏيو
ڪري دربار صاحب ۾ اچڻ گهرجي. سوامي جن ان ڏينهن
تي پنهنجي يوگ ساڌنا واريءَ ڪوٺيءَ مان نڪري اچي
سيوڪن شردالن کي درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪندا هئا.
سوامي سکديو سک ساگر جڏهن دربار صاحب جو ڪاروبار
تن چيلن جي همت هيٺ چڱي طرح هلندو ڏٺو تڏهن
وري تيرٿ ياترا جي رٿ ڪرڻ جي ارادي سان سڀني
کان موڪلائي روانا ٿيا ۽ اچي ڪنڌياري پهتا. اُتي
پهچڻ سان وڪرمي سنبت ۱۸۸۵ برابر ۱۸۲۷ع ۾ ديولوڪ
پڌاريا. دربار صاحب هالاڻي جي سوامي جن جو ڪريا ڪرم
۽ اگني سنسڪار ڌام ڌوم سان ڪيو. سوامي جن جي
نمت ڀنڊارو ڪيو ويو. سوامي جن جي يادگار لاءِ سندن
هڪ سماڌ دربار صاحب اُتر طرف سماڌين جي جاءِ ۾
تيار ڪرائي وئي.

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPT. SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

سوامي سکديو جن جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ ٻه ساڳي ضلع دربار صاحب ۾ ڪٿا ڪيرتن ۽ نام جو پرچار ٿيندو رهيو. ٿوري عرصي اندر ٻيا ساڌو ٻه اچي دربار صاحب ۾ رهيا جدا جدا مکيه. نالا هيٺ ڏجن ٿا. (۱) ڀائي سدگتداس (۲) ڀائي ساڌورام (۳) ڀائي هري ساهه (۴) ڀائي هرمانند (۵) ڀائي گرشرڻ (۶) ڀائي هري شرڻ. انهن ساڌن کانسواءِ ٻيا ٻه ڪيترا غريب اتت جن کي دربار کانسواءِ ٻيو ڪو وسيلو ڪونه هو سي ٻڻ اچي رهيا. دربار جي طرفان سڀني کي کاڌو پيتو لٽو ڪپڙو ملندو هو. سڀ پنهنجي پنهنجي ڪوٺين ۾ ڀڄن ۽ ڪيرتن جو ابياس ڪندا رهندا هئا. دربار ۾ هاڻي ڏينهون ڏينهن رونق ۽ اظارو وڌندو ٿي ويو. مٿين ٦ ڄڻن مان نمبر ٦ ڀائي هري شرڻ تمام پڪيڪ ۽ شيوا ڪندڙ هو. ايتري قدر جو جڏهن وقت شيوا ۾ وهندو هو تڏهن وقت پنهنجي شرير جي سرتي ڀلجي ويندي هيس. تنهن ڪري مهنتن هن سنت جي شيوا ۽ ڀڳتي ڏسي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته جيڪر پاڻ ۾ چؤياري ڪجي يعني چوٿون مهنت به ان فقير بابي هري شرڻ کي ڪجي. اها صلاح پڪي ڪري هڪ شڀ ڏينهن چوٿون آسن وجهي بابا هري شرڻداس کي گادي نشين ڪيائون.

چئني مهنت پاڻ ۾ پريم ۽ محبت رکي دربار صاحب جو ڪاروبار هلائيندا رهيا. ڪجهه عرصي کانپوءِ بابا

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
TOURISM,
GOVT. OF SINDH

سوامي سکندپوري جن جي پر لوڪ پڌارڻ کانپوءِ به ساڳي ضلع دربار صاحب ۾ ڪٿا ڪيرتن ۽ نام جو پرچار ٿيندو رهيو. ٿوري عرصي اندر ٻيا ساڌو به اچي دربار صاحب ۾ رهيا جدا جدا مکيه ڏلا هيٺ ڏجن ٿا. (١) ڀائي سدگنداس (٢) ڀائي ساڌورام (٣) ڀائي هري ساهه (٤) ڀائي هرمانند (٥) ڀائي گرشرڻ (٦) ڀائي هري شرڻ. انهن ساڌن کانسواءِ ٻيا به ڪيترا غريب انت جنکي دربار کانسواءِ ٻيو ڪو وسيلو ڪونه هوس ٻڻ اچي رهيا. دربار جي طرفان سڀني کي کاڌو پيتو لٽو ڪپڙو ملندو هو. سڀ پنهنجي پنهنجي ڪوٺين ۾ ڀڄن ۽ ڪيرتن جو ابياس ڪندا رهندا هئا. دربار ۾ هاڻي ڏينهون ڏينهن رونق ۽ نظارو وڌندو ٿي ويو. مٿين ٦ ڄڻن مان نمبر ٦ ڀائي هري شرڻ تمام پڪيڪ ۽ شيوا ڪندڙ هو. ايتري قدر جو جنهن وقت شيوا ۾ وهندو هو تنهن وقت پنهنجي شرير جي سرتي ڀلجي ويندي هيس. تنهن ٿي مهنتن هن سمت جي شيوا ۽ ڀڄن ڏسي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته جيڪر پاڻ ۾ چونڊاري ڪجي يعني چوٿون مهنت بدران فقير بابي هري شرڻ کي ڪجي. اها صلاح پڪي ڪري هڪ شب ڏينهن چوٿون آسن وجهي بابا هري شرنداس کي گادي نشين ڪيائون.

چوٿين مهنت پاڻ ۾ پريم ۽ محبت رکي دربار صاحب جو ڪاروبار هلائيندا رهيا. ڪجهه عرصي کانپوءِ بابا

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

شامداس وچار ڪيو تہ جيڪر شرير وڃي تيرٿن تي ڇڏجي سو هڪ ڏينهن شام جي وقت پيرين پنڌ تيرٿن تي روانو ٿيو. واٽ تي لاڙڪاڻي ۾ اچي بابا لالارام جي دربار ۾ لٿا. بابا لالارام صاحب جن کان پڇيو تہ ڪيئن نڪري پيا آهيو. بابا جن فرمايو تہ تيرٿن تي شرير تياڳڻ جو وچار آهي. لالارام وينتي ڪئي تہ سوامي جي هتڙو تيرٿ ڪو ٻيو جو هري مندر ۾ اچي پهتا آهيو. ايترو ٻڌي سوامي شامداس صاحب جن هري مندر ۾ وڃي يوگ وديا جي ٻل سان پراڻايام ڪندي شرير تياڳيو. ڀائي لالارام اهڙو عجب کيل ڏسي سن ۾ پئجي ويو. تنهن ڪانپوءِ سنت جو ڪريا ڪرم وڏيءَ موجب ڪرائي دربار ۾ هڪ ڪت ۽ سماڌ صاحب بابا شامداس صاحب جي يادگيري لاءِ تيار ڪرائي. دربار صاحب هالاڻي طرفان سال بہ سال ڪا روڪ رقم سماڌيءَ جي سيوا ۾ ڀائي لالارام جي دربار وارن کي موڪليندي آهي. بابا شامداس صاحب جي آسڻ تي بابا ماڌوڪرم کي گادي نشين ڪيو ويو اهو واقعو سنبت ١٨٩٥ برابر ١٨٣٨ع ۾ ٿيو.

سال ١٨٣٩ع برابر وڪرمي سنبت ١٨٩٦ مير سهراب خان پنهنجي پٽ مير رستم خان کي خيرپور رياست جو والي مقرر ڪري وري ٻيو دفعو هالاڻي دربار صاحب جي قدم بوسي ڪرڻ لاءِ آيو ۽ اچي ڏنل زمين جي بخشش جو پروانو لکين سر لکي ڏنو.

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES

وڪرمي سنبت ١٩٠٠ برابر سال ١٨٤٣ع ۾ بابا سنت رڃن صاحب جن هن سنسار مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آسڻ تي سندس چيلي ٻـابا سنتداس جن کي گادي نشين ڪيائون. وڪرمي سنبت ١٩٠٥ برابر سال ١٨٤٨ع ۾ بابا سکرامداس صاحب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو سندس آسڻ تي سندس چيلي بابا سنتوکداس صاحب کي گادي نشين ڪيو ويو. وڪرمي سنبت ١٩١٠ برابر سال ١٨٥٣ع ۾، چوٿون مهنت بابا هري شرڻ ٻڻ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ سندس آسڻ تي سندس چيلي بابا گرشرڻ کي گادي نشين ڪيو ويو. ساڳي طرح هنن ڇهني مهنتن چڱو رنگ رچايو ۽ دربار جي ڪاروبار چڱي طرح سان هلڻ لڳي. چارئي مهنت پاڻ ۾ پريم ڀاؤ سان ملي جهلي پوڄن پاٺ ڪٿا ڪيرتن ۽ ڌرم پرچار ڪندا رهندا هئا.

مهراڄن جو اهو خيال ٿيو ته جيڪر ٻارهين ٻارهين مهني ڪو اهڙو هندو ڌرم شاستر جي آگيا پٺاندڙ پوتر ميلو لڳارائجي جنهن تي ٻري ٻري جا شردالو سک ۽ اچي ڪٿا ڪيرتن ۽ پوڄن ڪن ۽ دربار صاحب جو درشن جو لاڀ پرائين. آخر وڪرمي ١٩١٠ ۾ مهراڄن ويساکي جو ميلو لڳائڻ شروع ڪيو. اهو ويساکي جو ميلو هن وقت تمام زبردست ميلو لڳي ٿو. هزارن جي تعداد ۾ خلق ميلي ۾ ايندي آهي.

الهن ڏينهن ۾ ٻيا هيٺيان سنت دربار صاحب ۾ اچي رهيا.

(١) ڀائي گرمک سنگهه (٢) آتمارام جي (٣) ڀائي پريمداس جي (٤) کيولرام جي (٥) ڀائي رام راءِ.

سنبت ١٩١٠ برابر سال ١٨٥٨ع ۾ شريمان بابا سنتداس صاحب شرير ڇڏيو. سندس آسڻ تي بابا جن جي چيلي بابا ست بخش صاحب کي وهاريو ويو. دربار صاحب جو پرتاپ ۽ ڪاروبار سال به سال وڌندو رهيو. روز شام جو چارئي مهنت ڪيرتن ۽ ڀڄن تي وهندا هئا ۽ سادن گڏ ٻيا ساڌو گائن وديا، يوگ وديا، شاستر وديا جي ابياس ڪرڻ وارا وهندا هئا.

وڪرمي سنبت ١٩٢٢ برابر سال ١٨٦٥ع ۾ شريمان بابا مانڪرام چولو ڇڏيو جنهن سنگهاسن تي سندس چيلي بابا هرنانڪداس کي گادي نشين ڪيائون.

وڪرمي سنبت ١٩٢٢ برابر سال ١٨٦٧ع ۾ بابا سنتوکداس صاحب چولو ڇڏيو سندس آسڻ تي ڀ: سنگتداس صاحب کي گادي نشين ڪيو ويو.

وڪرمي سنبت ١٩٢٥ برابر ١٨٦٨ع ۾ بابا گرشرن جو ديهانت ٿيو ۽ سندس گادي تي بابا هرسهاءِ کي گادي نشين ڪيائون. تنهن عرصي ۾ هيٺيان ٻيا سنت دربار صاحب ۾ اچي رهڻ لڳا.

(١) ڀائي غريب داس جي (٢) پورنداس جي (٣) ڀائي منوهرداس جي (٤) ڀائي موتيرام صاحب جي (٥)

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ڀائي ڏنارڪو رام جي سورداس (٦) ڀائي سوڀندراءِ جي. سنبت ١٩٢٨ برابر ١٧٧٠ ۾ بابا هرنارائڻداس جن شرير تياڳيو. سندن آسڻ تي بابا جن جي چيلي بابا نارائڻداس صاحب کي گادي نشين ڪيائون.

وڪرمي سنبت ١٩٣٥ برابر ١٨٧٨ع ۾ بابا نارائڻداس شرير تياڳيو جنهن جي آسڻ تي بابا ڪشنداس صاحب کي وهاريائون. بابا ڪشنداس صاحب وڏو ڀڳت ۽ ديوتا سروپ سنت هو. سندس جيون چرتر هيٺ ڏجن ٿا.

بابا ڪشنداس صاحب هالاڻي شهر جو وينل هو. سندس پتا جو نالو سانولداس هو. سندن جنم جو نالو ڀائي رامون هو. سندس روزگار جو نمونو اهو هو ريشم خريد ڪري وڪڻندو هو. ڀائي رامون جڏهن وڏو ٿيو ۽ واپار وڻج ۾ چالاڪ ٿيو تڏهن هن جو گواڻي پڙهڻ ۽ ڪٿا ڪيرتن ستسنگ ڪرڻ ۾ پريم ٿيو.

شريمان بابا نارائڻداس جن جي شرير تياڳڻ ڪانپوءِ ٻين ٽن مهنتن ويچار ڪيو ته هن گاديءَ تي ڪنهن کي وهارجي، پر تنهن کان اڳ، ڪچو آسڻ وجهي ڀائي غريبداس کي وهاريائون جو هو برابر ٻارهن ڏينهن ڪچي آسڻ تي ويٺو. بابا نارائڻداس جي ٻارهي تي خيرپور ميرس جو مهنت بابا گربخش صاحب به هالاڻي آيا. بابا گربخش صاحب جو هالاڻي دربار صاحب ۽ ساڌن ۾ تمام گهڻي سڪ ۽ پريم هوندو هو، ايتري قدر جو جڏهن هالاڻي ۾ درشن ڪرڻ ايندو هو تڏهن دربار صاحب کان هڪ ميل پري سواريءَ

ٽان لهي پيرين پنڌ ڪري دربار صاحب ۾ ايندو هو.
بابا گرپت صاحب کي معلوم ٿيو ته بابا نارائڻداس جي
گادي تي ڪي آسڻ تي وهارڻ جي ڳالهه اڃان ويچار
هيٺ آهي. بابا گرپت صاحب کي خيال ۾ آيو ته هن
گاديءَ تي ڪو اهڙو سنت ويهارجي جو پنهنجي ڀڄن
جي پرتاپ سان دربار صاحب جو وڌيڪ نالو پرگهٽ
ڪري. اوچتو بابا گرپت صاحب جي نگاهه ڀائي رامون
تي پئجي ويئي جو ان وقت سنان ڪرڻ ۽ دلو ڀرڻ
واسطي کوهه تي آيو هو. ڀائي رامونءَ جي اکين جو رنگ
لعل ڏسي ۽ هنجي اکين ۾ تيج پراڪرم ڏسي بابا گرپت
صاحب کي اهو خيال ٿيو ته ڀائي رامون کي گادي تي
وهارجي. سچن عاشقن کي سڃاڻڻ جي اک سچي عاشق
کي ٿيندي آهي. بابا گرپت صاحب ڀائي رامون کي پاڻ
وٽ سڏ ڪري نالو نشان پڇي ٻانهن کان وٺي دربار صاحب
۾ آيا ۽ سڀني سادن سنتن ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ بيهي
وڏي آواز سان چيائون ”مڻن اپنا گرو لڌا.“ بس جڻ
پٿر تي ليڪو ڪري ويو. يڪراءِ ٺهراءُ بحال ٿي ويو
هن سنت جو نالو گرو گرنٿ صاحب مان ست سري بابا
ڪشنداس صاحب رکي گاديءَ تي براجمان ڪيائون ۽
پوءِ خوب ڀنڊارو هليو. ڪجهه ڏينهن رهي پوءِ سڀ سنت
مهنت پنهنجي پنهنجي استانن ڏانهن روانا ٿي ويا. بابا
ڪشنداس صاحب گادي تي ويهڻ کانپوءِ دربار صاحب
جي مهما گهڻي وڌائي. سوا پهر رات کان وٺي سوا پهر

ڏينهن تائين پڇڻ ۽ گرواڻي جو اڀياس ۽ پاٺ ڪندا هئا.
انهيءَ پهر پنهنجي آتم گيان ۾ مگن هوندا هئا. سوامي جن
پنهنجي ايامڪاري ۾ گهڻي قدرت جهڙيون ڪرامتون
ڏيکاريون. سوامي ڪشنداس صاحب جن جي وقت ۾
جيڪو به سوالي شرڌالو دربار ۾ ايندو هو سو خالي ڪونه
موٽندو هو. سڀ من جي مراد حاصل ڪري ويندا هئا.
ڪين پيو ۾ تمام دک رهندو پر تڏهن به دک کي وساري
پنهنجي پڇڻ ۽ نيم تي پورا هوندا هئا. ڪين دک سک
هڪ سمان نظر ايندو هو. ان وقت انڪل ڏيڍ سؤ کن
اناٿ، غريب ساڌو فقير دربار صاحب ۾ رهندا هئا.
جنکي وقت به وقت دربار صاحب مان رسوئي ڪپڙو
وغيره ملندو هو. بابا ڪشنداس قبر ۾ وڃي قبر
پڪي ٽت ۽ قبر جي ساڌن جو اڀچار ڪيو. مير علي مراد خان
والي خيرپور رياست جو بابا ڪشنداس ۾ وڏو صدق
هوندو هو. مير علي مراد خان هن جي ڪيهن به ڳالهه کي
اصل ڪڏهن به نه موٽايو.

وڪرمي سنبت ١٩٠٤ برابر ١٨٩٧ ۾ شريمان بابا
مهربخش صاحب جو هن فاني سنسار مان چالاڻو ٿيو. بابا
مهربخش صاحب هالاڻي دربار صاحب جو هڪ مکيه
گادي سر ٿي گذريو آهي. هن صاحب جو مختصر جيون
چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

بابا مهربخش صاحب تعلقي ڪنڊياري جي ڏيتن جي

ڳوٺ جا هئا. سندن پتا جو نالو تلوڪچند هو. سوامي جن
هڪ خاندان گهراڻي جي نسل مان هئا. جڏهن دربار ۾ آيا
تڏهن بلڪل سچي شرڌا ۽ پريم سان ساڌن سنتن ۽ دربار
صاحب جي شيوا ڪيائون. بابا جن دربار ۾ رهندڙن ساڌن
مان چار پنج بالڪ پاڻ سان وٺي وديا اڀياس ڪرڻ لاءِ
ڪاشيءَ ڏانهن ويا ڪيترا سال ڪاشيءَ ۾ رهي وديا جو
اڀياس ڪيائون. ڪاشيءَ مان موٽڻ بعد سندن وڏي
گروڀائي بابا گربخش صاحب جي شرير ڇڏڻ تي بابا
مهربخش صاحب کي گاديءَ تي براجمان ڪيائون. بابا
مهربخش صاحب وڏي پراڪرم تيج وارا هئا. ڪنهن کي
۽ بابا مهربخش جي اڳيان لاپرواهه ٿي ڳالهائڻ جي همت
ڪا نه ٿيندي هئي. دربار صاحب ۾ رهندڙن ساڌن سان
پريم جو ورتاءُ ڪندا هئا سيئي تي روب ۽ ضابطو پڻ
هوندو هو. بابا مهربخش صاحب پيري ۽ ميري ٻئي
ڪمائي. سوامي جن دربار صاحب جي نهرائڻ جو ڪم
پنهنجي همت ۾ ڪنيو. اهو دربار نهرائڻ جو ڪم پورا
ٽي سال هلندو رهيو. پورن چيٽ ١٩٤٩ برابر ٣ اپريل
١٨٩٢ ۾ دربار صاحب ٺهي تيار ٿي. دربار صاحب جو
نقشو گهڻو ڪري شري امرتسر جي دربار صاحب وانگر
ساڳيو آهي. سنڌ جي اندر اهڙي ٻي دربار ڪا ورلي
هوندي. گروگرنٿ صاحب جي براجمان ٿيڻ لاءِ سنگمرمر
جو تخت ٺهيل آهي. دربار صاحب جي مٿان هڪ سونو
ڪلس ٺهيل آهي جنهنجي سوڀيا ڪٿڻ ڪرڻ کان ٻاهر

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES

آهي. ساڌن سنتن جي ڀڄن ڪيرتن ڪرڻ ۾ ايڪالت
۾ وهڻ لاءِ ڪيترائي ڪمرا ٺهيل آهن جن ۾ ساڌ و سنت
رهندا آهن. شرڌالو ۽ سکن جي ڏنل دان مان سوا لک
روپيه ان دربار صاحب جي اڏاوت تي خرچ اچي ويو.
دربار صاحب جي اندر گهڻو ڪري ڀڳوان شري ڪرشن
مهراج جون گهڻيون تصويرون آهن. بابا مهربخش صاحب
ڪرشن ڀڳوان جو اُپاسڪ يعني ڀڳتي ڪندڙ هوندو هو.
هو صاحب روزانو گيتا جي ١٨ اڌيائن جو پاٺ ڪندو هو.
بابا مهربخش صاحب جن جي ايامڪاري ۾ دربار صاحب
جي زرعي زمين گهڻي وڌي. ڪيترائي جايون ۽ کوهه
دربار صاحب جي ملڪيت هيٺ آيا. بابا صاحب ڀيا
گهڻا اُپڪار جا ڪم ڪيا ۽ غريبن ۽ اناٿن جي سار سنڀال
لڌائون. سنبت ١٩٠٤ برابر ١٨٩٧ ۾ جوتي جوت سمايا.
بابا مهربخش صاحب سهري ڀيري هلائي. بابا مهربخش
صاحب جي چالاڻي ڪانپوءِ سندن گاديءَ تي سندس
چيلي بابا گرداس کي وهاريو ويو. بابا گرداس جن چڱا
شيشل ودوان هئا. گيان وديا ۽ حڪمت جي ڪم ۾
هوشيار ۽ چتر هوندا هئا. سنبت ١٩٦٠ برابر ١٩٠٣ ۾ بابا
ڪشنداس صاحب جن پرلوڪ پڌارا. سندن گاديءَ تي
ڀائي ڀڳترام کي وهاريو ويو سندس لالو ڦيرائي بابا
هريداس رکيو ويو. هن مهاتما جي رهڻي ڪهڻي اعليٰ
درجي جي هئي.

وڪرمي ١٩٦٢ برابر ١٩٠٠ع ۾ بابا ڏياانداس صاحب

٦ سال واڄ گاديءَ تي براجمان ٿي سچ کنڊ روانا ٿيا. بابا هريداس جن پڻ ١٠ سال گادي تي ويهي، وڪرمي سنبت ١٩٧٠ برابر ١٩١٨ع ۾ شرير تياڳيو. سنبت ١٩٧٠ کان وٺي دربار صاحب ۾ هڪ ٻي مهنت شريمان بابا سروپداس شڪ روپ براجمان ٿيا. اصل ۾ دربار صاحب ۾ چار گاديون هيون. گادي نمبر ٽين مهنت بابا سروپداس براجمان ٿيا. پر هاڻي هن ڪاڻپوءِ فقط هڪ گادي سر بابا سروپداس صاحب هالاڻي دربار جي گادي تي براجمان ٿي ڪاروبار هلائڻ لڳا.

بابا سروپداس جنهجو جنم ساڄن شاهه جي ڳوٺ جو آهي سعدن پتا جو نالو سيٺ گرمکداس هو. بابا سروپداس جي وڏائي جيتري ڪٿن ڪجي تيتري ٿوري آهي. هنجي ڳجهه جي خبر ڪنهن کي ڪا نه پوندي هئي. سبب جو ٻاهرين هلت چلت کي ڏسي ماڻهو لاڀ پرائي نه سگهندا هئا. سوامي جي ٻاهرين هلت بلڪل سادگيءَ جهڙي هئي. پر هو صاحب اندر ۾ لعل هئا. بابا صاحب ۾ فقيرن درويشن جهڙا گڻ هئا.

هالاڻي دربار جي مکيه ڪم هلائيندڙن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) ڀائي نارائڻداس (٢) ڀائي آتورام (٣) ڀائي سانجنداس (٤) ڀائي ماڌونداس (٥) ڀائي ٽلسيداس (٦) ڀائي پرمانند (٧) ڀائي پارورام (١٢) ڀائي گوبندرام.

بابا سروپداس صاحب حيدرآباد ۾ سنبت ١٩٩٩ برابر سال ١٩٤٢ ۾ ديولوڪ پڌاريا. سندن ڪريا ڪرم اڳين سنسڪار هالاڻي ۾ ڪيو ويو.

هالاڻي دربار جي گادي هن وقت بابا نارائڻداس وٽ آهي.

شري مسند صاحب دربار شڪارپور

شڪارپور ۾ شري مسند صاحب دربار نامور آهي. سنڌ ۾ مسند خاندان گهراڻي جو بنياد ڪيئن ۽ ڪڏهن پيو تنهنجو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

اڳاڻي زماني ۾ جڏهن مغل بادشاهن جو نواب سکر ٻکر ۾ رهندو هو تنهن زماني ۾ ڏهين پاتشاه گرو گوبند سنگهه صاحب جو هڪ صوبو گهمندو اچي ٻکر جي قلعي ۾ پهتو جتي گرن جي سکن بابت جانچ ڪندي هنکي معلوم ٿيو ته سنگتن جو هڪ پريمي صديقي شيواداري سک ڀائي هاساند اتي رهندو آهي ۽ ڀائي هاساند سان مليو. ڀائي هاساند هنجي دل وجان سان شيوا ٽهل ڪئي. جڏهن اهو صوبو سنگتن ڏانهن موٽي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو تڏهن ڀائي هاساند پنهنجي پٽ ڀائي ڏنراج کي گهڻيون پيئاٺون ۽ سنڌ ديش جون سوکڙيون ۽ سوغاتون سنگتن لاءِ ڏيئي ٻي سک سنگت سان گڏ سنگتن

ڏاڍهن روانو ڪيو. ڀائي ڏنراج ستگرن جي حضوري ۾
رهي سندن ۽ ماتا گوجري جي شيوا ٽهل ڪئي ۽ کين
نهايت خوش ڪيو. ستگرن ڀائي ڏنراج صاحب کي ڀڳوان
رنگ ۾ رنگي ۽ نماڻي سپاهي وارو ۽ سندس چمڪندڙ چهرو
ڏسي مٿس ٻرسن ٿي کين مهر ڪري پنهنجي در جو
هميشه لاءِ شيواداري ڪري رهايو. ڪجهه وقت گذرڻ
بعد سنڌ مان سک سنگت ستگرن جي درشن ڪرڻ لاءِ
آنندپور صاحب ۾ آئي ۽ ستگرن کي وينتي ڪيائون ته
سچا پاتشاه اسانجي سنڌ ديش ۾ زبردست ٽپاولي ۽ ويا
جي بيماري پيئي آهي جا ڪنهن به ڊاڪٽر يا حڪيم
جي هٿان دفع نٿي ٿئي ۽ موت بلڪل گهٽو ٿي رهيو
آهي. اوهان صاحب ڪرپا ڪري ان مرض کان سنڌواسين
کي ڇڏايو. ستگرن اهو عرض ٻڌي ڪرپا ڀريل نگاه
سان ساري سڀا ڏي نهاريو ۽ ڀائي ڏنراج صاحب کي
اڳيان سڏي مٿي تي مهر جو هٿ ڌري مک سان اهي
وچن فرمايا ته ڀائي ڏنا! تون ترشول هٿ ۾ کڻي بيل تي
سواري ڪري سنڌ ديش ۾ وڃ ۽ ستنام جي منتر جي
ٻهل ڏيئي بيماري دور ڪر. ستگورو توسان انگ سنگ
سهاءِ آهن جتي چوندين تتين ٿيندو. تو ماتا صاحب ۽
اسانجي شيوا ڪري ڏيڍو ٻرسن ڪيو آهي تنهن ڪري
توج ماتا صاحبن جي آگيا موجب ۽ پنهنجي خوشيءَ سان
سنڌ ديش ۽ قابل ۽ قنڌار جي سکي توکي بخشيش ڪريون

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES CULTURE TOURISM ... GOVT OF SINDH DEPARTMENT

ٿا. ستگرن پنهنجي پتا صاحب جي شرير جي دک نه پهچڻي
چادر ۽ پنهنجي شرير جا وستر ۽ گرو نانڪ صاحب جن
کان وٺي ڏهن ئي پاتشاهين جو فوٽو ۽ شري گرو گرنٿ
صاحب صحيح سان ڀائي ڌنراج کي بخشيش
ڪئي. جيڪو اڄ سک يا شردالو سڄڻ انهن امولڪ
بخشيشن جو درشن ڪري دک پهچڻيءَ چادر جي پهل
پيئندو تنهنجي من جون مرادون پوريون ٿينديون. تنهن
ڪانسواءِ ماتا صاحبن جي هٿ لکيل پروانو پنهنجي ڪمل
جهڙن هٿن سان تير جي صحيح ڀائي سکن جي خاطري
لاءِ ڀائي ڌنراج کي اهو حڪمنامون بخشيو. ڀائي ڌنراج
ستگرن کان آگيا وٺي ملتان شهر کان وٺي ننڍي نمڪر سودو
ستگرن جي حڪم موجب ستنام جو منتر جپائيندي ۽
گرو تيغ بهادر صاحب جي چادر جي پهل ڏيندا سنڌ
ديش جي ملتان آيل آهڻ، تپاوليءَ جو مرض مٽائيندو
روهڙي شهر ۾ اچي پهتو ۽ ڏيرو لڳايو. ڀائي ڌنراج
ڪيتريون ڪرامتون ڏيکاري سک سنگت جي درد
دفع ڪندي ڪار پيٽا ۽ سکن کان مليل سوکڙيون،
سوغاتون هٿيار، اٺ گهوڙا وٺي ستگرن کي موڪليندو
رهيو. ستگرو به پنهنجي گهربل شيءِ چيزن لاءِ تير جي
صحيح سان پنهنجا حڪمنامان صوبن هٿ موڪليندا
رهيا، تنهن کي عمل ۾ آڻي پوري ريت شيوا ڪندو رهيو.
گهڻي وقت کانپوءِ ستگرن جو حڪم ٿيو ته ڀائي ڌنراج
تون هن مرت لوڪ کي ڇڏي گرو لوڪ ۾ اچي اسان

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

وٽ واسو ڪرڻ. اهو حڪم ڀائي پنهنجي پوٽي ڀائي رانجهن مل صاحب کي ڪرتار جي حڪم موجب گادي گادي ڏيئي گرو لوڪ پڌاريو. ڏنراج صاحب جي ٽي هيٺين ريت گادي سر ويٺا آهن.

(۱) ڀائي ڏنراج صاحب (۲) ڀائي رانجهن مل صاحب (۳) ڀائي منشارام صاحب (۴) ڀائي لڇمن سنگهه صاحب (۵) ڀائي مولرام صاحب (٦) ڀائي ڪشنداس صاحب (۷) ڀائي گنگارام صاحب (۸) ڀائي سنتداس صاحب (۹) ڀائي سندرداس صاحب (۱۰) ڀائي امرداس صاحب (۱۱) ڀائي ارجنداس صاحب ورتمان گادي سر.

ايشور جي ڪا اهڙي اڇا ٿي جو گادي سر صاحبن ۾ هڪ گادي سر مايا کان ورڪت رهي فقط فقيري ڪمائي ۽ انجي پنيان گاديءَ تي ويهندڙ گادي سر نه فقط فقيري ڪمائي پر ان سان راڄائي ناتي ۽ ڌن دولت گهوڙا گاڏيون ۽ باغ وغيره رکي راڄائي به ڪمائي آهي. جيئن ڀائي ڏنراج صاحب فقيري ۽ راڄائي ڪمائي. راڄائي جهڙو سنڌ ۾ دٻدٻو ۽ حشمت چالت هوندي هئي. وري ڀائي رانجهن مل مايا کان اداس ٿي فقط فقيري ڪمائي، تنهن کانپوءِ ڀائي منشارام صاحب راڄائي ۽ فقيري ڪئي ته وري ڀائي لڇمن سنگهه فقط فقيري ڪئي. ڀائي مولرام صاحب راڄائي ۽ فقيري ڪمائي ته وري ڀائي ڪشنداس صاحب فقط فقيري ڪمائي. وري ڀائي گنگارام صاحب راڄائي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

۽ فقيري ڪمائي ته ڀائي سنتداس صاحب فقط فقيري ڪمائي. ڀائي سندرداس صاحب راڄائي ۽ فقيري ڪمائي ته ڀائي امرداس صاحب فقط فقيري ڪمائي ۽ ور تمام گادي سرو راڄائي ۽ فقيري ڪمائي رهيو آهي.

مٿين گادي سرن وقت به وقت ڪرامتون ڏيکاريون آهن ۽ پنهنجن پيارن سکن جا ڪارج ۽ منوڪامنائون پوريون ڪيون آهن. مٿيان سڀ گادي سرو رڌين سڌين جا مالڪ ٿيا آهن. گهڻن سکن ۽ شرڌالن کي پٽ ڏنا اٿن ۽ ڪيترن کي ڌن دولت ۽ ملڪيت بخشي اٿن ۽ بيمار سکن جا ڏک دور ڪيا اٿن. جڏهن ڀائي مولرام صاحب گادي اشين ٿيا تڏهن روهڙي واري دربار گرو پوٿن کي بخشيش ڪري پاڻ ڪجهه وقت خيرپور ميرس ۾ وڃي رهيا. يعني مير سهراب خان رياست والي کي گهڻيون ڪرامتون ڏيکاري پنهنجو سچو صديقي ڪيو. مير سهراب خان ڀائي مولرام صاحب کي هڪ جاءِ خيرپور ۾ اڏارائي ڏني. اها جاءِ پڻ ڀائي مولرام صاحب ٿورن سالن کانپوءِ گرو پوٿن کي بخشيش ڪري ڏني. تنهن کانپوءِ ڀائي مولرام صاحب شڪارپور اچي رهيا. سک سنگت ڀائي صاحبن کي جاءِ ٺهرائي ڏني. پر اها جاءِ به گرو پوٿن کي ڀائي مولرام صاحبن ٺهرائي ڏني. اها جاءِ مسند مولرام صاحب جي ٽالي واري گهٽي ۾ شڪارپور ۾ مشهور آهي. ڀائي مولرام صاحب ۾ وڏي شان مان سان رهي رات ڏينهن ستسنگ شبد ڪيرتن ۽ گرباڻي جو پرچار ۽ نام جو جاپ ڪرائيندا

SINDH ARCHIVES — ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT

رهيا. ساڌ سنگت لاءِ سدائين ڀنڊارو چالو هوندو هو. سک سنگت گهڻي تعداد ۾ اچي گرو گهر جي سڪي اختيار ڪري ۽ ڀائي صاحب جون انيڪ ڪرامتون ڏسي وڏي پريم ۽ شرڌا سان شيوا ٽهل ڪري ڀائي صاحب کي پرسن رکندا هئا. مسندن جي دربار صاحب شڪارپور واريءَ جون شاخائون سڄي سنڌ ۽ قلات، امرتسر، ملتان ۾ آهن. ڪل ٣٦٥ دربارون هن دربار سان لاڳو آهن. جن مان ڪي مکيہ هيٺ ڏجن ٿيون.

روهڙي، ملتان، متورا، امرتسر، سکر پراڻو، اروڙ، هنگورجا، راڻي پور، گنبٽ، سمي رياست، باهيڻ رياست، کنڀارو، ڀريا، ڀلاڻي، ڀاڳو ديرو، حيدرآباد، ڪراچي، غوثپور، ڪنڌڪوٽ، قابل، قنڌار، قلات، ڄريلو لاڙڪاڻي ضلع ۾، لاڙڪاڻو ۽ ٻوبڪ.

گرو گوبند سنگهہ صاحب جي مليل بخشش نامي موجب سک ڪرڻ جو حق فقط ڀائي ڌنراج صاحب جي گادي تي ويٺل گادي پسرن جي اختيار آهي ۽ مٿيون دربارون ۾ ڀائي ڌنراج صاحب جي گادي تي ويٺل گديسرن جي ملڪيت آهي. سکن ڪان ڪار پيشائون ۽ سفري ۽ ٻين بنديان اڳاڙڻ جو اهو ڪار پڻ سندن آهي. ڀائي ڌنراج صاحب جي گادي تي ويٺل گادي پسرن ڪانسواءِ ٻين مسندن کي توڙي همراماڻي روهڙي وارن مسندن کي ڪوبہ اختيار نہ آهي. پوڄ سنڌ پنچات سکر جي پنهنجي ميڙ

تاريخ ١٤ آگسٽ ١٩٣٩ ۾ يڪراءِ ٺهراءُ پاس ڪيو آهي
ڀائي ارجنداس مسند صاحب ٻار ٻوج ڀائي ڏنراج صاحب
جنهن جي گاديءَ تي ويٺل آهن. فقط ڪيس سڪي ڪرڻ جو
ٻورو حق ۽ اڌڪار آهي. گرو گوبند سنگھ صاحب جي
بخشيش اصل ٻوج ڀائي ڏنراج صاحب مسند تي ٽڪيل آهي
۽ نه ٻئي ڪنهن مسند تي. پروانا، وستر ۽ گرو گرنٿ
صاحب ڀائي ارجنداس صاحب وٽ موجود آهن.

امراپور دربار صاحب ٽنڊو آدم

شهر ٽنڊي آدم ۾ هڪ نالي واري دربار امراپور نالي
آهي. جنهن جهڙو ڏرمي تيرٿ استان سنڌ بلڪ هندستان
۾ ڪو ڪو هوندو. اهو استان خاص واري تي ٻڌل آهي.
هندو شاستر مرجادا موجب واري سيٺي ۾ ٻوتر آهي.
اُن امراپور دربار جو وايو منڊل شڌ سنتوکي آهي.
آس پاس جهنگل ۽ باغن جو سندر ۽ رمڻيڪ نظارو آهي.
ان استان سان لاڳو کوهن جو پاڻي صحت بخش آهي.
هن استان تي صبوح شام ستسنگ ۽ شبد ڪٿا ڪيرتن
جي موج لڳي پيئي آهي، جنهن هزارين پريمي لاڀ وٺن
ٿا. هن استان ۾ چاليهه پنجاه ورڪت ساڌو هميشه رهن
ٿا. جي ايڪانت استان ۾ رهي وديا ۽ آتم چنتن جا

سادن ڪن ٿا. هن استان تي انهيءَ ڀير هرهڪ ممش ماتر لاءِ ڀنڊارو کليل آهي. هر روز سون جي تعداد ۾ مهمان مسافر ۽ ياتري ۽ سادو هر طرح جو سک ماڻين ٿا. هن استان تي هڪ گئو شالا آهي. جنهن ۾ چاليهه پنجاهه ڳئن جي پالنا ٿئي ٿي جنجو کير سادن ۽ ياترين جي ڪتب اچي ٿو. هتي هڪ پرام پرڪاش هندي سنسڪرت پاٺ شالا جاري آهي جنهن ۾ هن وقت انڪل ٽيهه چاليهه وديارٿي هندي سنسڪرت وديا جو اڀياس ڪري رهيا آهن انهن وديارٿين کي پستڪ، پدو، روٽي وغيره استان مان ڏيڻ ۾ اچي ٿي. ان پاٺ شالا ۾ پڙهڻ لاءِ ڪنهن قسم جي في رکيل نه آهي. پاٺ شالا ۾ پاڙهڻ لاءِ هڪ پگهاردار ودوان پنڊت مقرر ٿيل آهي. هن استان جي اندر اها شڪتي رکيل آهي جو ڪيترا ياتري من جا دکايل ۽ سنسار جي دکن کان وياڪل ۽ بيزار ٿيل اچي ڪجهه وقت هن مڪان ۾ رهي چت کي شانتي حاصل ڪري آنند پائي وڃن ٿا. ڪيترا پڻ شهر جي روڳن وارا امراپور دربار ۾ رهڻ سان تندرستي حاصل ڪري وڃن ٿا. چاڪاڻ ته هن استان جو هوا پاڻي گهڻن هندن کان شد ۽ صحت بخش آهي. هن استان تي انيڪ اشاوانت شردالو ياتري من جون مرادون حاصل ڪري وڃن ٿا.

هن استان تي هر سال چيٽ واري مهني جي ١٢ تاريخ کان چار راتيون سداتن ڌارمڪ ميلو ڌام ڌوم سان

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES

لڳي ٿو. جنهن ۾ اڪيلا ستسنگ، ڀڄن ڀاءُ ۽ ڪيرتن ۽
وياکيان ۽ ڀنڊارو چالو رهي ٿو جنهن ۾ اٽڪل ويهه پنجويهه
هزار شرڌالو پريمي اچن ٿا. ميلي ۾ ڪيترا ودوان مهاتمائون
۽ پنڊت ڏورڙاهين ديشن کان سناتن ڌرم جي پرچار ڪرڻ
لاءِ اچن ٿا. ڪيترا لاهور گوئيا ۽ ڪٽڪ ۽ ڀڳت سال به
سال ميلي ۾ اچن ٿا. هي استان سنڌ ايڪڙن ۾ آهي ۽
شهر ٺٽي آدم کان ڏکڻ طرف ريلوي اسٽيشن جي
نزديڪ آهي. اهو استان ڀاريءَ جي دڙي تي اٽڪل
پندرهان ويهه فوٽ زمين کان مٿي بڻل آهي. ان استان
جي چوگرد اٽڪل چاليهه سنتن جي رهڻ جون پڪيون
ڪٺيائون اڏيل آهن. هن استان ۾ تنهن کانسواءِ گرهستي
ياترين جي لاءِ پنجويهه پڪيون ڪٺيائون ٺهيل آهن جن
۾ ايڪ گرهستي ياتري ڪٽنب سميت رهي سک ماڻي
وڃن ٿا. هن استان ۾ پاڻي جي سک لاءِ کوهه تي هڪ
موٽر رکيل آهي جنهن موٽر جي وسيلي مٿي هڪ ٽانڪي
ڀرجي ٿي جنهن مان نلن رستي سڄي استان جي گهرج
لاءِ پاڻي اچي ٿو. تنهن کانسواءِ هڪ باغ ان جو سوڙهان
ايڪڙ زمين ڀاڄين جي ڊرٻار سان لاڳو آهي. هن استان
جو ٻاهريون دروازو زمين کان ٻاهٺ فوٽ مٿي هڪ
عجيب نظاري وارو آهي ان جهڙو دروازو ٻئي ڪنهن
هنڌ ڇبو لڀندو. مٿيون ذڪر ڪيل سڀ جايون پريمي
شرڌالن اڏايون آهن. استان جي ٽلهي جي ايراضي
اٽڪل ڏيڍ لک فوٽن ۾ ٿيندي. استان ۾ سنتن جي

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT, SINDH ARCHIVES, GOVT. OF SINDH

سماڌي مٿان هڪ سندر ۽ عاليشان ۽ تمام اچو زمين کان اٽڪل ٻيانوي فوٽ اُچو وچتر امولي ۾ اڏيل آهي. ان جهڙو سندر سنڌ ۾ ڪوله نظر ايندو، پر هندستان ۾ ڪو ڇڏو ليندو.

هن استان جو ٻيو ڪندڙ نامور سنت نيڻون رام صاحب هو. جنهنجو جنم ڀومي استان شهر ڪنڌ و سنڌ هالن ۾ آهي. سندن ڏاڏو هرپڳت آسنداس هو. سندن جنم تاريخ ۴ مهني آڪاڙ سنبت ۱۹۴۴ ۾ ٿيو. سندن پتا ڀائي چيلارام اهو پڻ سنت شيوي ۽ هرپڳت هو. ٻالڪ اوستا کان وٺي سنت نيڻون رام ۾ ڌرمي سنسڪار هوا. ۱۶ ورهين جي ڄمار ۾ سنت نيڻون رام کي تيبر وئراڳ لڳو. ڀائي چيلارام وٽ ڪنڌ وءِ ۾ سنت ايندا ويندا هئا. انهن سنتن جي صحبت ۾ سنت نيڻون رام صاحب کي وئراڳ لڳو. وڏي هوندي سندس صحبت سنت آسورام سان ٿي جنهن صاحب ۾ سنت نيڻون رام جي گرو ڀاونا هوندي هئي ۽ ڪائنس نام جو اُپديش ورتو.

سنت نيڻون رام صاحب ساونڻ سنبت ۱۹۷۸ جي اُتر طرف ضلع سکر ۽ سرحد سنڌ جي ڪيترن شهرن ۾ وڃي نام جو پرچار ڪيو جتي ڪيترائي سندس شش ٿيا. تاريخ ۱۷ ڦڳڻ ۱۹۷۸ تي سنت نيڻون رام صاحب سنت ميگهو رام جي ميلي تي پيرائي ويا. ميلي تي ٽي ڏينهن رهي اتان ۲۰ تاريخ ٽنڊي آدم ۾ آيا ۽ گرمي جي وقت

ٻنهي آدم ۾ هڪ شوالي ۾ اچي لٿا. تنهن ڪانپور ۾ ڏينهن سوامي جن پائي مولچند جي گهر ۾ رهي. شام جو ٻاهر جهنگل ۾ هوا کائڻ لاءِ نڪتا ۽ شهر جي ڪُنڊ ۾ واري جي پٽن ڏي وڃي ويا. سوامي جن هڪ واري جي پٽ تي چڙهي ڏٺائون ته آس پاس خوش نظارو ڏسڻ آيو. هوا جي ٿڌي ۽ وڻندڙ هير ٿيڻ لڳي. اتي سوامي جن آسڻ ماري ۽ سمادي ۾ وهي رهيا. ڪلاڪ ڏيڍ ڪالپور جڏهن سج لٿو تڏهن ساڌن سنتن سوامي جنڪي ڇيو ته هاڻي سج لٿو آهي موٽون هلو. تنهن تي سوامي جن هنن کي وراڻي ڏني ته استان رمڻيڪ ۽ آنند وارو آهي. اسين ڪجهه وقت هتي جهنگل ۾ رهنداسين اوهان وڃي مولچند جي گهران لوٽيون ۽ ڪتارا ڪٺي اچو. آگيا موجب ساڌ سنگت پنهنجو سامان سڀ ڪٺي آيا. اتي ڪجهه وقت وڻن جي هيٺ رهي پوءِ مٽي واري جي پٽن تي ڪکائون ڪٽيائون ۽ جهوپڙيون اڏي اتي رهڻ لڳا. پٽ جي پرسان هيٺ هڪ کوه پاڻي لاءِ سڀني ساڌ سنگت کوٽيو. جنهنجو جل تمام سٺو ۽ سيتل نڪتو. پڇن پاڻ جي پرياءِ ڪري آس پاس جا ماڻهو سنتن وٽ اچڻ لڳا. روز مره ماڻهن جي ڀير لڳي پيئي هئي جا ڳالهه ڏسي شهر جا ٻاوا ۽ ٻانيڻ سهي نه سگهيا. ڇين اهو اچي حسد لڳو ته اسانجو روزگار بند ٿي نه وڃي. تنهن ڪري شهر ۾ گوڙ ڪيائون ۽ شهر جي ماڻهن کي چيائون ته جيڪو سنتن وٽ ويندو رهندو تنهن سان اسين هر طرح جا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏينداسون

پر خالق سندس نہ ٻڌو جيئن تہ تنهن وقت تنهن تي آفت باقي هنن کي خار لڳا. هنن ٻاون ۽ ٻانيڻن وٽي هلايو تہ هي ساڌ نہ آهن پر چور آهن. هنن شهر ٺٽي جي آدم جي شاهوڪارن کي پاڻ سان شامل ڪري نواب شاھ جي ڪليڪٽر کي درخواست ڪيائون تہ هي جوان ڏينهن جو ساڌن جو ويس ڌاري وڃن ٿا ۽ رات جو شهر کي ڪاٽ هڻن ٿا. هي سرڪار جي برخلاف قطعي تعلقاتي آهن. ٿوري عرصي ڪانپوءِ ساڌن کي اُتر طرف ڪنهن سوال تي وڃڻ ٿيو. ساڌن جي غير حاضري ۾ شهر جي ٻانيڻن ۽ سيٺين ڪليڪٽر کي درخواست ڪئي تہ ساڌن جي هٿ اچڻ ڪان وٽي سڄو شهر تنگ ٿي پيو آهي جنهن تي حڪم ٿيو تہ ساڌن کي اُتان اُٿاري ڇڏيو.

ڪليڪٽر جي حڪم موجب سنتن جون ڪٽيائون ۽ ڇنا ڊاهي ساري ڇڏيا، ٻاسڻ ۽ ٻرتڻ ٻہ ڪڍي ويا. پر ڀڳوان سدائين سنتن جي رکيا ڪندو آهي. پرماتما هڪ مهاٿهورءَ کي پريرڻا ڪئي جنهن سچي حقيقت ڪليڪٽر سان وڃي ڪئي ۽ هنڪي سر زمين تي وٽي آيو روبرو سڀئي حالتون ڏيکاريون ۽ ٻڌايون. ڪليڪٽر خوش ٿي سنتن کي ست ايڪڙ زمين جا معافي انعام طور بخشيش ڪري ويا. سنتن کي اها تڪليف ٻہ ٽي سال شهر وارن ڪئي پر آخر ڀڳوان سنتن جي پچ رکي. حاسدن جي سڀ ڪوشش برباد ٿي.

اعتڪار ليان اعد ڪا ڇپيت دي، نامديو مکھ لاٽيا رام راجي ·

اُن ڪالپوءِ سوامي جن ۽ سنت شش منڊلي گڏجي واريءَ جون ٽوڪريون مٿن تي کڻي سڌو سنڌوءَ ٽلهو ٺاهڻ لڳا ۽ رات ڏينهن واري ڍوئيندا رهيا. انهيءَ وقت سوامي جن ۽ ساڌ سنگت جي خوراڪ سواءِ ڏوڙن ۽ ٻيو ڪجهه به نه هو. لاچار انهن ٻير ٻاجهري جي ڍوڍي جو چوٿون ٽڪر هرهڪ کي ملندو هو. ڏيري ڏيري سنتن جي پڄڻ جو پرتاپ وڌندو ويو ۽ جهجهي انداز ۾ پريمي اچڻ لڳا. سنت صبوح ۽ شام جو ستسنگ جو ديپاڻ لڳائيندا هئا.

سنتن جي پريمي سک ڀائي مولچند ٽنڊي آدم واري سنتن جي رهڻ لاءِ شروعات ۾ واريءَ جي دڙي تي هڪ وڏو هال ٺهرايو جنهن هال ۾ سڀ سنت گڏجي رهڻ لڳا. خرچ اڏاوت جو سمورو ڀائي مولچند ڪيو. ان وقت سوامي جن سان سندن ڀاءُ سوامي گوالال ۽ سوامي سروآنند ۽ گرمکداس هئا. جنهن وقت سوامي جن پريمين جي سول تي اُتر طرف ويا تڏهن سوامي جن صحبت ۾ هزارين جون سوامي جن تي مست ٿي پيا جن مان هيٺيان سنگي گهر ٻار جو تياڳ ڪري اچي سوامي جنکي پنهنجو گرو مڃائي ساڻن گڏ ٽنڊي آدم ۾ اچي سندن چرنن ۾ رهڻ ۽ آستان جي سيوا ڪرڻ لڳا.

(١) بسنتورام (٢) پريمداس (٣) مرلي ڌر (٤) سنتداس (٥) ڀهڻجرام (٦) گڻيش آنند اهي سيٺڙي وينل ڳوٺ

ڪاهي تعلقو سکر. هيٺيان سنگي ڳوٺ ڇڪ تعلقي سکر جا سوامي جن سان گڏجي اچي رهڻ لڳا.

(١) پريتمداس (٢) شانتي پرڪاش (٣) اوڌوداس (٤) گيان پرڪاش (٥) پريداس (٦) ميگهن داس.

هيٺيان سنگي ڳوٺ عزمت تعلقو سکر. (١) ڪيما آنند (٢) گلا رام. کنڌ ڪوٽ مان ارجن ديو آيو. لاڙڪاڻي مان وچانترام. سکر مان ديالداس. ڪنب مان هيٺيان سنگي آيا. (١) آتمانند (٢) پرمانند (٣) جيون مڪت (٤) هنسراج. شاهه جي پٽ مان ڪوشنداس ۽ ايسرداس. (١) رام ڪرشن (٢) هري رام شڪارپور مان آيا. هالن مان ڪيشارام آيو. حيدرآباد مان گوپالداس ۽ کيولرام آيا. ميهڙ تعلقي هالن مان سيتلداس. شهدادپور مان هنسانند. ڪراچي مان نامديو. نورن مان (١) هري پرڪاش (٢) نرملداس. سلامت راءِ خانپور تعلقو شڪارپور مان. بدين تعلقي هالن جو ماڌوداس.

سوامي جن مٿين ششن کي نام جو اپديش ڏنو. سوامي جن ڪيترا پنهنجا شش ڪاشي ۽ هردوار ۾ سنسڪرت وديا پڙهڻ لاءِ موڪليا. تنهن کانپوءِ جلدي شريمتي وٽي ٻائي پيرڻ رامچند سيوهاڻي پنهنجي پتي جي يادگيري ۾ هال جي اڳيان وڏو شاهي دلان ٺهرايو. تنهن کانپوءِ ٻيري ٻيري سيٺي شهرن جي پريمين سنتن جي رهڻ لاءِ ڪٽياڻون ٺهرايون. حيدرآباد، ڪراچي ۽ سکر جي پريم پرڪاش منڊلين ڪٽياڻون ٺهرايون

سوامي جن ساليانو ڏارمڪ ميلو استان تي لڳائڻ جو ارادو ويچار سان ڪيو. هڪ ڏينهن سيٺين پريمين استان تي سوامي جن کي عرض ڪيائون ته ڪرپا ڪري اهڙو ڪو موقعو مقرر ڪريو، جنهن تي سڀ سنگي اچي پاڻ ۾ ملون. ستسنگ جو لاڀ وٺون. جنهن تي سوامي جن سمبت ١٩٨١ کان وٺي ١٦ چيٽ پهريون ميلو دربار جو استاپن ڪيو. سوامي جن سدائين سناتن هندو ڌرم جو پرچار ڪندا هئا. جو سنڌ ۾ ڪيترن ضلعن ۾ پوت ودیا ۾ قائل هئا، پرمن ۾ قائل هو پيرن ۽ فقيرن جي، توبتن تي ويندڙ هئا. سوامي جن ان ڳالهه کي روڪڻ لاءِ سچ ۽ نام جو هندن ۾ پرچار ڪيو. ڪيترا ڀيرا ڏاڍي سوامي جن کان پڇندا هئا ته توهانجو پنٿ ڪهڙو آهي. تنهن تي سوامي جن اهو ويچار ڪيو ته هر هڪ مت ۾ مذهبي جهڳڙا لڳا پيا آهن. اسانجو اهو مت هڪ آهي ته ڪنهن جي به جهڳڙي ۾ نه پئي سڀني سان پريم ۽ محبت رکون. انهي خيال کان سوامي جن جنهنجي منڊل جو نالو پريم پرڪاش منڊل رکيو. سوامي جن ڪنهن به ڀيک منڊل ڪندن نه ڪندا هئا ۽ سڀني سان ٻرابر پاڻ سان ورتندا هئا. جو هن وقت سوامي جي پوين جو اهو اصول آهي. گهڻا پليل ماڻهو سوامي جن کي صوفي مت وارا سمجهندا هئا. ڪيترا حق موجود سوامي جن اڳيان چوندا هئا جنهن تي سوامي جن ستنام ساکي سان پرنام ڪيو. سوامي جنجو سدائين اهو اُپديش سنگين کي هوندو هو ته هڪ پرماتما

جي ڀڳتي ڪئي. سنت رام اُچاريو ۽ سچائي سادگي جي هلت هلو. پاڻ به سوامي جن سچائي ۽ سادگي سان هليا. سدائين کاڌي جا وستر پهريندا هئا. ريشمي ڪپڙو ۽ سون چاندي ڪنهن نه آندائون. ململ ريشمي ڪپڙا ۽ زيور پهرڻ واري کي به هلائي ڇڏيندا هئا. اڄ ڏينهن تائين سوامي جنجي ڪنهن به شش تي ريشمي ڪپڙو يا سون چاندي پائڻ جي منع آهي.

سوامي جن پنهنجي استان ۽ واڙي جو نالو امراپور رکيو. امراپور اکر جي لفظي معنيٰ آهي امرپور. امرپور جا سنت، امر يعني قائم هجي. سوامي جنجو اهو چوڻ هوندو هو ته جيڪو به سچي ڀاونا رکي دربار جي شيوا ڪندو سو جنم مرڻ جو ڦيرو مٽائي امر ٿي ويندو.

سوامي جنجي سدائين اشڪام ورتي هوندي. سندن اکنڊ پهدارو آڪاس ورتي تي هلندو آهي. ڪنهن به شش شيوڪ تي پنڌيان وغيره رکيل نه آهي. انڪا استان ۾ رهڻ لاءِ جاءِ جڳهه جي مسواڙ آهي. سوامي جنجي دربار ۾ جيڪو جيڪا ڀاونا ۽ من مراد کڻي ايندو هو تنهنجون من جون مرادون پوريون ٿينديون هيون. سوامي جنجو هر ذات وارن سان پريم هوندو هو. سوامي جنکي هر ذات وارا گرو ڀاونا سان ڏسندا هئا. سوامي جن رڌين سڌين جا مالڪ هئا. سيني کي پنهنجي پنهنجي شرڌا ۽ ڀاونا موجب ڌن دولت ۽ پٽ وغيره ڏنائون. هيٺ ڪالي ماڻ به مثال ڏجن ٿا.

رستم جي ڳوٺ واري آوتراءَ کي پٽ سنتان نہ ٿيندو هو. سوامي جنجي آسيسا سان هن کي جوڙو پٽن جو ٿيو. اها ڳالهہ عام آشڪار آهي.

حڪيم راچورام پڻ واري کي پٽ سنتان جي بخشيش ڪيائون. سوامي جن ڳجهي طرح انيڪ ڪرامتون ڏيکاريون پر ظاهري طرح ڪرامت نہ ڏيکاريندا هئا چاڪاڻ تہ گياوان مهاتمائون ڪرامت نہ ڏيکاريندا آهن. سوامي جنجي منهن جي ڪرانتي ۽ حشمت اهڙي هوندي هئي جو ڪنهن کي بہ مجال نہ ٿيندي جو سوامي جنجي حاضري ۾ ٻ پ ۾ رهندا هئا. اهڙا انيڪ مثال آهن جن ۾ سوامي جنجي پڄن ۽ ستسنگ ۾ آيل اندازن ماڻهن جو تيار پنڌاري کان ڏهوڻون وڌيڪ هوندو هو پر سوامي جن فقط پنڌاري لئي نظر ڦيرائي ايندا يا ديگ جي مٿان پنهنجي چادر پڪ ڏيندا تہ رڌل پرساد ۾ اهڙي ٻرڪت پوندي هئي جو سڀني سنگت کائي ڇڏيندي هئي ۽ ٻاڻ ٻچي پوندو هو.

سوامي جنجي دل پنڌاري تي پئسي خرچ ڪرڻ لئي هوندي هئي. سدائين اُدارچت هوندا هئا. ڪڏهن بہ مايا ميڙڻ جو سپني ماتر بہ خيال نہ هوندو هون. سدائين پئسو لٽائيندا رهيا.

پرياڳ راج جي ڪنڀ جي ميلي تي پنهنجي ستسنگ لئي ۽ پرلمين سميت ويا. جتي اُن جو چيتر چالو ڪيائون.

آن آن جي چيٽر تي هزارن روپين جي تعداد ۾ سوامي جن خرچ ڪيو. ان ڪانسواءِ هر هڪ ڪنڀ جي ميلي تي وڏي سوامي جن وڏي آن جو چيٽر هلندا هئا.

سوامي جن آخرين دربار جي ميلي ۾ سنبت ١٩٩٨ کان اشارا ڏيندا آيا ته سين پنهنجو شرير جلدي ڇڏڻ وارا آهيون ۽ اهڙا اشارا وقت به ڏيندا هئا. اهو خيال ڪري سوامي جن پويون پيرو سڄي هندستان جو ٽڪرو ٽڪرو سير ڪيو جنهن ۾ پوئيو پرياڳ جي ڪنڀ جو ميلو به ڪيائون. سوامي جن سنبت ١٩٩٩ وارو ميلو نه ڪيو ان وقت اشارو ڏنائون ته اسانجي ديهه ڇڏڻ جو جلد ميلو ٿيڻ وارو آهي. تنهن ڪري ساليانى چيٽ جي ميلي جي ضرورت نه ڏيکاريائون پر باهرين طرح اها ڏيکاري ڏنائون ته ملڪ ۾ جنگ جو خوف آهي تنهن ڪري هن سال ميلو بند ڪريون. تنهن ڪانپوءِ جلدي سوامي جن کي رت جي دوري جي تڪليف ٿي پيئي ۽ تنهن هوندي به پريم جي وس ٿي ستسنگ ۽ پوڄا پاٺ ڪندا رهيا.

سوامي جن سمي جي ڪٺن حالت ڏسي پنهنجي اڳيان وڃڻ شرير تياڳڻ جو سنڪلپ ڪيو. اهو سال پرشوتم مهني وارو هو. پرشوتم جو سڄو مهنو سنگين جي پريتا سان سوامي جن حيدرآباد ۾ رهي ستسنگ ڪيو. ستسنگ ۾ ڪيترا دفعا شرير ڇڏڻ جا اشارا ڏيندا هئا. آخر سوامي جن تاريخ ٤ چيٽ ١٩٩٩ ۾ ٥٤ ورهين جي ڄمار ۾ حيدرآباد ۾ ديولوڪ پڌاريا.

آن آن جي ڇيتر تي هزارن روپين جي تعداد ۾ سوامي جن خرچ ڪيو. ان ڪانسواءِ هر هڪ ڪنڀ جي ميلي تي وڏي سوامي جن وڏي آن جو ڇيتر هلندا هئا.

سوامي جن آخرين دربار جي ميلي ۾ سنبت ١٩٩٨ کان اشارا ڏيندا آيا ته سين پنهنجو شرير جلدي ڇڏڻ وارا آهيون ۽ اهڙا اشارا وقت به ڏيندا هئا. اهو خيال ڪري سوامي جن ٻيون ڀيرو سڄي هندستان جو ٽڪرو ٽڪرو سير ڪيو جنهن ۾ ٻوٽيو پرياڳ جي ڪنڀ جو ميلو به ڪيائون. سوامي جن سنبت ١٩٩٩ وارو ميلو نه ڪيو ان وقت اشارو ڏنائون ته اسانجي ديهه ڇڏڻ جو جلد ميلو ٿيڻ وارو آهي. تنهن ڪري ساليانه چيٽ جي ميلي جي ضرورت نه ڏيکاريائون پر ٻاهرين طرح اها ڏيکاري ڏنائون ته ملڪ ۾ جنگ جو خوف آهي تنهن ڪري هن سال ميلو نٿا ڪريون. تنهن ڪانپوءِ جلدي سوامي جن کي رت جي دوري جي تڪليف ٿي پيئي ۽ تنهن هوندي به ٻين جي وس ٿي ستسنگ ۽ پوڄا پاٺ ڪندا رهيا.

سوامي جن سمي جي ڪٺن حالت ڏسي پنهنجي اڇا وجب شرير تياڳڻ جو سنڪلپ ڪيو. اهو سال پرشوتم مهني وارو هو. پرشوتم جو سڄو مهنو سنگين جي پريتا سان سوامي جن حيدرآباد ۾ رهي ستسنگ ڪيو. ستسنگ ۾ ڪيترا دفعا شرير ڇڏڻ جا اشارا ڏيندا هئا. آخر سوامي جن تاريخ ٤ چيٽ ١٩٩٩ ۾ ٥٤ ورهين جي ڄمار ۾ حيدرآباد ۾ ديولوڪ پڌاريا.

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

سوامي جنهي سماڌي امراپور دربار ۾ ٺهرائي ويئي.
ان سماڌ تي عاليشان ۽ وڏو مندر اڏجي رهيو آهي.
جنهن تي لکن جو خرچ اچي ويندو.

سوامي جن کانپوءِ گاديءَ تي سچي پريم پرڪاش جي راهه سان سوامي سروآنند گادي نشين ٿيا. سوامي سروآنند هڪ سنتوشي ۽ پڇن شيل ساڌو آهي. سندن رهڻي ڪهڻي سوامي ٽيئون رام جهڙي آهي. سندن اياڪاري ۾ امراپور دربار جو ڪاروبار ساڳي اڳئين نموني هلي ٿو. بلڪ ان کان بهوتيڪ آئي وئي مهمان ۽ سنگي لاءِ ڀنڊارو کليل رهي ٿو. ٽنڊي آدم رهواسين جو سوامي سروآنند ۾ پريم ۽ شرڌا گهڻي آهي. روزاني ستسنگ تي ٽي چار سؤ ماڻهو اچن ٿا.

هن وقت امراپور دربار ٽنڊي آدم واري هڪ رمڻيڪ ۽ نظاردار ۽ دل کي وڻندڙ تيرٿ استان آهي. جن ان استان جو درشن ڪيو هوندو ۽ ٻه ٽي راتيون اتي رهيا هوندا تن کي ان استان جي رهڻ جي آنند جو انڀو ٿيو هوندو.

امراپور دربار جي شيوا ۾ متي ذڪر ڪيل شيواڌارين ڪانسواءِ هيٺين پڻ ڪئي آهي. اهي شيواڌاري سنسار تياڳي امراپور دربار جي شيوا ۾ هن وقت لڳا رهن ٿا.

(١) سنت چندن رام (٢) ڀائي سلامتراءِ (٣) سنت ارجنداس (٤) سنت گنگارام (٥) لانڪرام (٦) ڏنارام (٧) نهچلداس (٨) پريتمداس (٩) واسديو (١٠) هري پرڪاش

(١١) سمت ماڌونداس (١٢) سوامي پرڪاش (١٣) مرلي ڌر (١٤) هيمنداس (١٥) جيون مڪت (١٦) چمنداس (١٧) چيتن (١٨) چيتن گوبند برهمچاري (١٩) برهم پرڪاش (٢٠) رامداس.

استان ڀائي مولچند گياني

شهر حيدرآباد سنڌ ۾ الهندي ڪڇيءَ ۾ ڀائي مولچند واري گهٽيءَ ۾ رومن ڪئٿلڪ چرچ جي ڀرسان ڀائي مولچند گيانيءَ جو استان هو. ڀائي مولچند صاحب حيدرآباد ۾ وڏوان ۽ سنت پرش ٿي گذريا آهن. سندن پيءُ جو نالو ديوان سکانند هو. هو حيدرآباديءَ عامل هو. ڀائي مولچند صاحب جو جنم سال ١٧٩٩ ۾ ٿيو. ننڍي هوندي سنڌ جي ميرن وٽ مهرز يعني مختيارڪار هوندو هو. هو پارسي ٻوليءَ ۾ هوشيار هو. ميرن جي زماني واري پوشاڪ وڏين ٻانهن وارو چولو ۽ جهولدار سٿڻ، صدري ۽ ٻگهي ڪيمخاب جي ٽوپي پائيندو هو. قد جو وچولو هوندو هو. سندس منهن ڀريل ۽ منهن جو رنگ ڪڻڪ رنگو هو. سندس اصل گهر واري جاء، جتي هاڻي فوجداري گهٽي آهي تتي هوندي هئي. اها گهٽي ڀائي مولچند جي فرزند ديوان صورت سنگهه جو پوليس فوجدار هوندو

تنهنجي نالي سان فوجداري گهڻي سنڌ ۾ آهي. ڀائي مولچند جي شادي ڀرڻ تعلقي نوشهري مان ٺهراماڻي گهراڻي مان ٿي هئي.

ميرن جي صاحبيءَ ڪانپوءِ ڀائي صاحب کي انگريز سرڪار وڏي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي، پر اها ڀائي صاحب قبول نه ڪئي. ميرن جي حڪومت ڪانپوءِ ڀائي صاحب دنيا کان ڪنارو ڪري گوشي نشين ٿي ايشور جو ڀڄن ۽ ساڌ سنگت ڪرڻ سان پنهنجو وقت سڦلو ڪرڻ لڳو.

ڪونڙيءَ واري ساڌ ڀڳت ڀڳوان ۽ ڀڳت ڪرشن ۽ هالاڻي وارن سنتن جي صحبت ڪيائين. ڪيترا مهنا هالاڻي وارن سنتن وٽ دربار ۾ وڃي رهندو هو. ڀائي صاحب تنهن کانپوءِ هڪ پرمهنس ساڌو جو حيدرآباد جي مساڻي واري باغ وٽ اچي لٿو هو تنهن وٽان سنسڪرت ودِيا پڙهي. هو سنسڪرت ودِيا ۾ بلڪل هوشيار ٿيو. سنڌ ۾ خاص حيدرآباد سنڌ ۾ سنسڪرت ودِيا جو بنياد ڀائي صاحب وڌو. پاڻ سنسڪرت ودِيا پڙهي حيدرآباد جي پشڪرڻان برهمڻ مهراج گرڌرداس ۽ مهراج هيمنداس کي سنسڪرت ودِيا پاڙهيائون. منشي آوترءِ ۽ منشي گدومل ۽ منشي چندراءِ سنسڪرت ودِيا وڏائن پڙهيا. ڀائي صاحب جا اليڪ شش هئا. شڪارپور جو مانو رسنت شڪرپارتي ۽ ٺٽي جام جو ڀائي آلورام

صاحب ۽ گسائين گهٽي وارو ڀائي رامچند، ڀائي صاحب جا مکيه شش هئا.

ديوان دليپترام صاحب صوفي فقير ڀائي صاحب وٽ ايندا هئا. ٻنهي صاحبن جي پاڻ ۾ ڳچ وقت تائين گيان گوشٽ هلندي هئي. ڀائي صاحب ڀائي گرپت صاحب جي صحبت ڪندا هئا.

حيدرآباد شهر جي الهندي ڪڇي ۾ ديول جي ڏکڻ طرف اڳي هڪ باغ هوندو هو. ان باغ ۾ ڀائي صاحب هڪ ڪٽيا ٺهرائي. جنهن کي دوارو ڪري سڏيندا هئا. ڀائي صاحب جا مٺيان ڏيکاريل سنگي منشي آوتراءِ ٻيا ويهه پنجويهه ڄڻا هر روز شام جو ۴ بجي کان ٦ بجي تائين سنسڪرت وديا پڙهڻ لاءِ ڀائي صاحب وٽ ان دواري ۾ ايندا هئا. ڀائي صاحب وٽ جيڪي غريب شاگرد سنسڪرت وديا پڙهڻ لاءِ ايندا هئا، تن کي روٽي، ڪپڙو ۽ پستڪ مفت ڀائي صاحب ڏيندا هئا. وڏن جي ميري چوندي ۽ پنهنجي ڪمائي سڀ دان پنج ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون. ڀائي صاحب هر روز ١٠ بجي صبوح جو پنهنجي دواري ۾ گرو گرنٿ صاحب جي ڪٿا ڪندا هئا. هڪ هڪ ٽڪ تي سڄو سڄو ڪلاڪ اُپديش ڏيندا هئا. اُلهندي ڪڇي ۾ اُن دواري واري جيڪا گهٽي آهي، تنهن کي ڀائي مولچند گيانيءَ واري گهٽي ڪري سڏجي ٿو. ڀائي صاحب ويدانت شاسترن جو چڱيءَ طرح

ايپاس ڪيو هو. ڀائي ويدانت شاسترن جي ڪٿا ڪندا هئا. هن ڪيترا ڪتاب ويدانت تي لکيا. جن مان تتو الت سڌان، ويدانت، مجموشاه هوا. اهي پستڪ بمبئي ۽ بنارس ۾ ڇپيا. جپ صاحب جي ٻه ٽيڪا لکي هوائون جا هٿ اکرين سندن پوين جي هٿ ۾ آهي. هاڻي گرومندر ڪراچي جي پستڪ آليہ ۾ ڏنل آهي. سندس دواري تي سڌائين ساڌو ۽ سنگي وينا ئي هوندا هئا. هڪڙا ساڌو ۽ سنگي پيا ايندا ويندا هئا. دواري ۾ سڄو وقت ڀڄن ڀاءُ ۽ ڪيرتن ۽ ستسنگ لڳو پيو هوندو هو. ڀائي صاحب سال ١٨٧٠ع برابر سمبت ١٨٢٧ ۾ ديولوڪ پڌاريا. سندن چمار ان وقت ستر ورهين جي هئي. ڀائي صاحبن جي سماڌ حيدرآباد شهر جي مساڻي ۾ آتر الهندي ڪنڊ تي آهي. سماڌ صاحب تي هڪ پٿر تي پارسي اکرن ۾ ڀائي صاحب جو نالو نشان ۽ پتو اُڪريل آهي.

ڀائي صاحب جو وڏو شش ڀائي رامچند صاحب هو، جو گسائين واري گهٽيءَ ۾ هو. ڀائي مولچند صاحب کي حيدرآباد جي پرسان قليلي تي هڪ وڏو باغ هوندو هو، جو ڀائي ڪشنچند رامچند آترچنداڻي سندن پوين کان خريد ڪيو.

ڀائي همت سنگهه جي دربار

ڀائي ڪالو سنگهه لباڻن سکن جو مهندار، پنجاب مان بندي بهادر کان لڙائي ۾ هار کائي سنڌ ۾ پهچي اچي شهر ٽنڊي ڄام ۾ هڪ ڪٽيا اڏرائي ويٺو. تنهن کانپوءِ آهستي آهستي ان هنڌ هڪ وڏي دربار تيار ٿي آهي. ان دربار جي گادي تي ويٺل سنتن جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- ڀائي ڪالو سنگهه

٢- ڀائي ڪسو سنگهه

٣- ڀائي همت سنگهه

٤- ڀائي ٺاڪر سنگهه

٥- ڀائي لعلو سنگهه

ان دربار سان لاڳو ٽنڊي ڄام اسٽيشن جي اتر طرف ڀائي همت سنگهه جي سماڌ آهي جتي هر سال ٢ آکاڙ کان ٽي ڏينهن وڏو ميلو لڳندو آهي. ڀائي همت سنگهه جو جيون چرتر مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو.

ڀائي همت سنگهه جا مائٽ ٽنڊي ڄام جا رهاڪو هئا. جن پنهنجي ٻالڪ کي ننڍي هوندي کان ٽنڊي ڄام جي دربار تي ويٺل گاديسر ڀائي ڪسو سنگهه کي ڏنو. ڀائي همت سنگهه هڪ سچ ۽ ڪامل سنت ٿي گذريو آهي. هو ٻال جتي ۽ لانگوٽ بند هو. سندس حالت ڏاڍي سادي هوندي هئي. شڪل جو سهڻو هوندو هو. هر ڀرڀات جو ٺيڪ ٽائيم سان ٤ بجي اٿي دربار جي شيوا ڪري ويهي

ايشور جو پڙهن ڪندو هو. دربار ۾ جيڪو سک يا ٻيو ڪو مهمان ايندو هو تنهن کي هٿن سان روٽي کارائي پاڻي پيئاريندو هو. هن سٽ پرش جو ٽندي چام جي پسگردائي ۾ قسم هلندو آهي. هڪڙي جيڪي سکڻ شيوڪن کان ملندو هو سو سڀ هو دان پڇ ڪري ڇڏيندو هو. هن دربار جي سکي شيوڪي گهڻي آهي. ساليانى ميلي وقت جهجها سک شيوڪ اچن ٿا ۽ ميلو ڌام ڌوم سان لڳي ٿو.

جيڪو بيمار ٿي سنت همت سنگهه وٽ ايندو هو تنهن کي خاڪ چپٽي ڏيندو هو جا بدن تي لڳائڻ سان بيمار جا ڏک دور ٿي ويندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سندس دربار جي اڳيان هڪ جٽ جنهنجو اٺ ڪاري واءِ لڳڻ سبب مري ويو هو تنهن وڏي رڙ. اٺ تي دربار جو سک چڙهي آيو هو. اٺ جو دربار جي در وٽ پيو هو تنهن ڪري دربار جو دروازو روڪيل هو. ڀائي صاحب ڪيس چيو ته اُٿار اٺ کي. جٽ وراڻي ڏني ته سائين اٺ مري ويو آهي. تنهن تي ڀائي صاحب اٺ کي لت هڻي جٽ کي وري چيو ته اُٿار اٺ کي. ڀائي صاحب جي لت لڳڻ سان اٺ اٿي کڙو ٿيو ۽ هلڻ لڳو.

ڀائي صاحب سال ۱۹۱۱ع تي پرلوڪ پڌاريا. ان وقت سندس ڄمار ستر ورهيه هئي. سندس چيلو ڀائي ٺاڪر سنگهه گادي تي ويٺو جو پڻ ايشور جو پيارو ۽ مهاتما ساڌو هو.

هنجو به سنتي چالاڪو ٿيو. دربار جي جاءِ چڱي ٺهيل آهي. ٺٽي جام جي سيٺين شاهوڪارن جو ان دربار ۾ گهڻو صدق ۽ نشچو آهي.

CULTURE, TOURISM & ANTIQUITIES SINDH ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

ڀائي جڳترام صاحب مسند جو ٽڪاڻو

شهر حيدرآباد ۾ جهوڙي ملاڪي گهٽيءَ ۾ ڀائي جڳترام صاحب مسند جي دربار آهي. ان دربار جي گهڻي سکي شيوڪي آهي. دربار جو گادي نشين هاڻي ڀائي ڀڳواندداس صاحب مسند آهي. ان دربار جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- ڀائي شاهداس
٢- ڀائي پوڪرداس
٣- ڀائي ڪنولرام
٤- ڀائي جڳترام
٥- ڀائي ڀڳوانداس

مسند شري گرو رامداس صاحب جن کان وٺي گرو جن جي دربار جا ڪاڳري هئا. دربار جي سموري ڪاروبار سندن هٿ وس هوندي هئي. ڀائي ڏنراجمل ۽ ڀائي مهيرام بن مسندن کي شري گرو گوبند سنگهه صاحب پنهنجي آسيسا سان سنڌ ديش ۾ سکي ڌرم جي پرچار لاءِ موڪليو هو. ڀائي مهرام مسند روهڙيءَ ۽ حيدرآباد

۾ دربار ڪولي ۽ ڀائي ڏاراج مل مسند شڪارپور سنڌ ۾
دربار برپا ڪئي. ڀائي جڳترام صاحب ڀائي ميرام مسند
جي آئس مان هو.

ڀائي جڳترام مسند جو مختصر جيون چرتر ڏجي ٿو.
ڀائي جڳترام صاحب جو پتا ڀائي ڪنولرام مسند گرو جو
پيارو ۽ ڪامل ڀڳت هو. هن پنهنجي فرزند ڀائي جڳترام
کي سنسڪرت وديا ۽ ٻيا ڀاشا جا گرنٿ پڙهايا. حيدرآباد
۾ جيڪي ساڌو سنت ايندا هئا تن جي صحبت ڀائي جڳترام
ڪندو هو ۽ انهن کان ڪجهه پرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ڀائي جڳترام صبوح جو پنهنجي استان جهوڙيملاڻي
گهٽي ۾ ڪٿا ڪندو هو. ڪٿا ٻڌڻ اٽڪل ستر اسي
ماڻهو ايندا هئا. سندس ڪٿا ۾ ڏاڍو رس هوندو هو.
ڀائي صاحب هڪ نماڻي مورت هو. هن ڪڏهن به اجايو
ڏيکاءُ يا دنيا نه ڪيو. ڪٿا ڪانپوءِ اڌ ڪلاڪ شبد
ڪيرتن ڪندو هو. گائن وديا ۾ هوشيار هو سندس ڳائڻ
۾ مٺاج هوندو هو. ستار چڱي طرح وڄائي ڄاڻندو هو
ڀائي صاحب دان ڪري چڱي طرح هٿ ٺارايا. ڪيترا
دفعا پنهنجا اوڀيل ڪپڙا لاهي سنتن ۽ فقيرن کي دان
ڪندو هو. ڀائي صاحب پاڻ وٽ پئسو ميڙي گڏ ڪري
نه رکيو. جيڪي ايندو هوس سو سڀ خرچي دان ڪري
ڇڏيندو هو. ڏاڍو اُدار چت هوندو هو.

ڀائي جڳترام ساري عمر سنتن جي سيوا ۽ ايشور جي
ڀڄن ۾ سڦلي ڪئي. مهاڇن غريبن کي دان ڏيڻ هٿن

کي خوش ڪيائين. سندس رهڻي ۽ ڪهڻي سادي هئي. ڀائي جڳترام صاحب آڪٽومبر ١٩١٤ع ۾ روهڙي ۾ ديولوڪ پڌاريا.

سندس پويان سندس پٽ ڀائي ڀڳوانداس جو نماڻي موروث آهي گادي تي ويٺو. ڀائي ڀڳوانداس صاحب ۾ پنهنجي سرڳواسي پتا جهڙا لڇڻ آهن. ڪيترا ڪامورا ۽ سيٺيون سندس سک شيوڪ آهن. سال به سال آسو واري مهني ۾ هي صاحب پنهنجي سرڳواسي پتا، ڀائي جڳترام صاحب جي ورسي به ڏيهن ڌام ڌوم سان ملهائي. ورسيءَ تي پنجن ڀاڱن ڪيرتن چڱو ٿئي ٿو. هن صاحب جي ڏيهن ۾ دربار جي سکي شيوڪي چڱي وڌي آهي.

ڀڳت ڀڳوان جو استان

ڪوٽڙي جي شهر ۾ ڀڳت ڀڳوان جو استان مشهور آهي. ڀڳت ڀڳوان سنڌ جو هاڪارو سنت ٿي گذريو آهي. گهڻا ماڻهو ان استان تي ايندا آهن. اندر هڪ باغ آهي ۽ کوه کوٺيل آهي.

شجرو

١- ڀڳت ڀڳوان صاحب
٢- ڀائي راهچند صاحب

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES

٣- ڀائي ڪرشن صاحب

٤- ڀائي ڪوڙورام صاحب

ڀڳت ڀڳوان ڪوٽڙي وارو سنڌ جو ھاڪارو سنت ٿي گذريو آھي. سندس پتا ميوارام ھڪ وڏو سيٺ ھو جنھن کي گھڻا ڪارخانا لاڙ طرف ھئا. ٻڍاپڻ ۾ ھنکي ھڪ پٽ ڀڳوانداس نالي ڄائو. پتا جي چالاڻي کانپوءِ ڀڳوانداس پنھنجي پتا جو ڪم ڪي سال سنڀاليو. ھو اَنا ۽ ڪپڙي جو خوب دان غريبن ۽ احتياج وارن کي ڪرڻ لڳو. گماشتن کي اچي ڏپ لڳو ته سيٺ اسانکي ڪڍائيندو. ھو تاميل ڪيو ويو ڀائيواري ۾ گھڻو نفع لڳو. تنھن کانپوءِ ڀڳت ڀڳوان ڪارخانا سميٽي اچي پنھنجي گرو سنت ھرسر جي شرن ورتي. گرو کان اُپديش وٺي ھو حيدرآباد شھر ۾ اچي رھيو ۽ ايشور جو ڀڄن ڪيو. ڪن سالن بعد ڪوٽڙي جي شھر ۾ ھڪ مٿاھين ھنڌ تي ڪٽيا ٺھرائي اتي اچي ايشور جو ڀڄن ڪيو. سندس گھڻا سک ۽ شيوڪ ٿيا جن ان جاءِ تي ھڪ وڏي دربار ٺھرائي، جتي ونس ھزارين ماڻھو اچڻ لڳا. ڀڳت ڀڳوان پاڻ ٻه ڀڄن ڪندو ھو ۽ لوڪن کان ٻه ڀڄن ڪرائيندو ھو. جيڪو ڪپڙو، اَن ۽ ڏن وٽس ايندو ھو سو ٻروقت دان ڪري ڇڏيندو ھو. رات جو دلاءُ مٽ پاڻي جا ٻه خالي ڪري ڇڏيندو ھو. چوندو ھو ته سڀاڻي جا پاڻ سڀاڻي سان ايشور اڄ رزق ڏاو ھو سڀاڻي ٻه ڏيندو.

ڏاڍا ٿا ڪن ته. هڪ دفعي ونس هڪ سنتن جي منڊلي اچي لٿي. ان وقت ونس اَن ڪڻ نه هو. ڀڳت چا ڪيو ته ديڳڙو ڌوئي ڪٺي چلهه تي ٺلهو چاڙهيو. ايشور جي ڪرپا سان ان ديڳ ۾ اَن اچي پرگهٽ ٿيو. ڀوڄن تيار ٿيو جو سنت کائي خوش ٿيا. ڀڳت ڀڳوان ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس وڏو پٽ رام گاديءَ تي ويٺو. جنهن سنتي چالاڙو ڪيو. تنهن کانپوءِ هن جو ننڍو ڀاءُ ڀائي ڪرشن گاديءَ تي ويٺو. ڀائي ڪرشن وڏو ودوان ۽ گياني هو. هن جا سنسڪرت ۾ پستڪ پڙهيل هئا. هو پنهنجي چيلي بابا ڪونورام کي گادي تي وهاري پرلوڪ پڌاريو. هاڻي هن دربار جي گادي تي ويٺل آهي.

جتوئي وارن سائن جي دربار

جتوئين جو ڳوٺ تعلقي موري ضلع نواب شاهه ۾ آهي. جتوئين جا ساڌ ساري سنڌ ۾ پرسڌ ۽ نامور آهن. ان استان تي ٤٠ يا ٥٠ سڌو رهن ٿا. ان استان جو باني وچڻدز ڀائي ڀوڄن داس صاحب هو. ڀائي ڀوڄنداس ان استان جو بنياد اٽڪل هڪ سؤ سال ٿيندو ته جتوئين جي ڳوٺ ۾ وڌو. ان استان جا مقرر ڪيل ڀنڊيان نه آهن ۽ اڪا سکي شيوڪي آهي. هو آڪاسي ورت تي پلجن

ڏنا. الائي ڪٿان اُن جا اڀار ۽ ڪپڙن جا ٿان ۽ ٻيو سامان اچي ڏنو.

شجرو

١- ڀائي ڀوڄن داس صاحب

٢- ڀائي جيرامداس صاحب

٣- ڀائي نارائڻ داس صاحب

٤- ڀائي ويٺلداس صاحب

ڀائي ڀوڄنداس جو هيٺ مختصر جيون چرتر ڏجي ٿو.

ڀائي ڀوڄنداس جتوئين جي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍو دوڪاندار هو. ڀائي ڀوڄنداس جي صحبت صوفي فقير سائين دلپترام صاحب سيوهڻ واري سان ٿي. سائين دلپترام صاحب سندس گرو هئا. گرن جي آگيا وٺي ڀائي ڀوڄنداس پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ استان کوليو جتي گرو گرنٿ صاحب براجمان ڪيائين. سڄي ساهتي پرڳڻي ۾ ڀائي ڀوڄنداس جو ناماچار سندس ايشور ڀڳتي سبب پکڙجي ويو. ڀائي ڀوڄنداس قد جا ڊگها ۽ شاندار ۽ حشمت وارا هئا. هو راجوٽي جا فيصلا ٻن ڌرين جي وچ ۾ ڪري انهن جا تڪرار نبيريندا هئا. ڪراچي جا اُن جا واپاري ۽ ٻيا سيٺيون ساهتي وارا پنهنجي ڀائيواري حساب صفا ڪرڻ وقت ڀائي صاحب ڏانهن نفعي مان ڪجهه حصو ڌرماؤ طور ڏياري موڪليندا هئا. هڪ دفعي دريا شاه جتوئين جو ڳوٺ پاڻ ۾ ٿي هو. ڳوٺ جي ماڻهن ڀائي

صاحب کان اها صلاح پڇي ته سائين لڏيون ٻيا اڃان وڃڻا هجون. ڀائي ڀوڄنداس صاحب انهن کي وراڻي ڏني ته سڀ وڃڻا هجو، ڳوٺ مان لڏڻ جي ضرورت نه آهي. درياهه شاهه اول اسان وٽ ايندو. ٿيو به ائين جو درياهه شاهه صاحب اول سنڌس دربار جي ٿر کي اچي لڳو ۽ ٿر کي ڇهي پوئتي ويو ۽ وري ڳوٺ نه پاتائين. ڳالهه ٿا ڪن ته ڀائي صاحب جڏهن ديولوڪ پڌاريا، تڏهن ڪيس چوڏول ۾ رکي شمشان ڀومي لاءِ تياري ڪئي ويئي. تنهن ڪاڻپوءِ ديو سان نت ۽ نت جا پنڇي ڀائي صاحب جو پڌي ڏورڙندا آيا. پنڇين جو اڏار ٿيو ته ڀائي صاحب اڳيان پتاشا رکي درشن ڪجي. ٿوري وقت ۾ ڀائي صاحب چوڏول کان ٻاهر هٿ ڪڍي پتاشا وٺي وري هٿ پيري ڇڏيا. سيوڪن پنڇي اها حالت ڏسي ڀائي ڀوڄنداس صاحب جي واهه واهه ڪرڻ لڳا.

ڀائي ڀوڄنداس صاحب جي سماڌ ڳوٺ جي وچهو سنڌن باغ ۾ رکي آهي. سنڌس سماڌ صاحب تي شو ڏينهن وڏو ميلو لڳندو آهي. ڀائي ڀوڄنداس صاحب وڏا سڌ ۽ ڀوڳي ٿي گذريا آهن. جتوئين وارن سادن جي دربار جون شاخون ڏيپارچن، ٿاروشاهه ۽ ٻين ۾ آهن. جتوئي واري دربار سان لاڳو هڪ باغ آهي. جنهن سادن ڀڳوجن هٿن سان ٻاجيون ۽ ميوو پوکيندا آهن.

ان استان جو ساڌ ڀائي هربخش رام چڱو پڇميڪ ساڌ ٿي گذريو آهي.

ڀائي ڀوڄمداس ڪاڻپوءِ سنڌس پٽ ڀائي ڄيرامداس گاديءَ تي ويٺو. ڀائي ڄيرامداس پنهنجي پتا وانگر ڀڳت، ايشور جو پيارو ڀڳت هو. هو سال ١٩٠٠ع ۾ ديولوڪ پڌاريو. سندس فرزند ڀائي نارائڻداس صاحب گاديءَ تي ويٺو ڀائي نارائڻداس صاحب بہ پورن سنت هو. هن صاحب شادي ڪا نہ ڪئي. ڪڏهن ڪنهن تي ڪو نہ ڏمريا، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار پنجن ئي کي جيتي ڇڏيو هئائون. هو بلڪل سادي سياءَ جو پورڻ هو، دنيا جي وهنوار ۾ ٻو پنهنجي ڪان الڳ رهندو هو. ڀائي صاحب هٿ جا بلڪل ڇوٽ هئا. هو رڏين سڏين جا مالڪ هئا. جيڪي ملندو هو سو سڀ ڀنڊارا ڪري خرچي ڪائي ڇڏيندا هئا. غريب، شاهوڪار کي هڪ اظر سان ڏسندا هئا. ڀائي صاحب وٽ اَن، ڪپڙي ۽ پئسي جي ڪوت اصل ڪا نہ هئي. گهرج وقت پنهنجي گدي مٿي ڪٿي پئسا ڪڍندا هئا. غريبن کي دان ڪري خوب همٿ ڏياريائين. ڀائي صاحب چوندو هو تہ سادُ سنت وٽ پئسو ڪنو تيل هوندو آ. ان پئسي ۾ سندس ممت رهندو. سڄو وقت هري ڀڄن ۾ ڪٽا ڪيرتن ساڌ سنگت ۾ گذاريندا هئا. ڀائي صاحب سال ١٩٢٦ ۾ ٥٠ ورهين جي ڄمار جا ديولوڪ پڌاريا. سندس پويان سندس ڀائٽيو ڀائي ويلنداس گادي تي ويٺو.

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES

آستان ٽلهي وارن سادن جو

سنڌ ۾ ٽلهي وارا ساڌ پرسڌ آهن. هر ڪنهن سنڌ واسي انهن جو نالو ٻڌو آهي.

تعلقي خيرپور ناٿن شاه ۾ سيتا روڊ کان ٦ ميل ٻري هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. جنهنجو نالو تلسي ٽلهو آهي. ان آستان ۾ سدائين پڄڻ ۽ ستسنگ ٿئي ٿو. دربار ۾ هڪ وديا آشرم آهي جيئن ساڌو ۽ گرهستي ڌرمي شاستر پڙهن ٿا. سڌن ساڌن جي رهڻ لاءِ انيڪ ڪٺيائون آهن. روز لنگر ۾ رات ڏينهن اٽڪل هڪ سؤ آدمي رسوئي وٺن ٿا. آستان کي ڪي مقرر ڪيل ٻنيان ڪونه آهن. مڪان جي آڪاسي ورتي آهي. ڪن پريمي سکن کي ٽڪرا زمين جا دربار کي بخشيش ڪري ڏنا آهن. سکر ۽ شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جا رهاڪو هن دربار جا شردالو سک آهن. اٽڪل پنجاهه ساڌو سنت ان آستان تي رهن ٿا. اهو آستان سنڌ جو هڪ تيرٿ آستان آهي ان آستان جو هڪ مکيه گاديسر سنت ٻائي ڪندنداس تي گذريو آهي. جنهن ٤٠ سال گادي تي رهي دربار جي سيوا ڪئي هئي. ان آستان جو پايو وجهندڙ سوامي مودي داس هو جو ١٣٥ سال ٿيا ته پنجاب کان سنڌ ۾ آيو هو هن صاحب ان آستان کي ايڪانت آستان ڄاڻي اتي رهي ايشور جو پڄڻ ڪيو. ان آستان جي سنڀال لاءِ پشت ٻہ پشت هڪ سنت گادي تي وهي ٿو. سوامي

ڪندنداس صاحب جا ٻيون چوٽو هيٺ ڏجن ٿا. ٻائي
ڪندنداس جا مائٽ خيرپور ناٿن شاهه جي هڪ ڳوٺ
مهدي شاهه ۾ رهندا هئا. سندس مائٽن ٻالڪ کي ٺلهي
وارن سادن کي ارپڻ ڪيو. سندس گرو ٻائي ونيرام
صاحب هو. ٻائي ڪندنداس ١١ ورهين جي ڄمار ۾
گادي نشين ٿيا. ٻائي ڪندنداس ورڪت ٻگياسو ساڌ
هو. هن شادي نہ ڪئي. ٻائي ڪندنداس گرن جي واٽي
اُچاري، رام نام جو سمرن ۽ ستسنگ ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت
سڦلو ڪيو. سڄو ڏينهن دربار ۾ هري جو ڪيرتن ۽
ست شاسترن جو پڙهڻ ۽ ويچارڻ ۾ ساڌ گذارين ٿا.
آتم پراڻ، يوگ وشسٽ، ڀڳوت مالها ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ
جي پڙهڻ ۽ ويچار ۾ دربار جا ست وقت سڦلو ڪن ٿا.
انڪل ويهہ کن وديارٿي ساڌ ان مڪان تي رهن ٿا جنکي
ڌرمي شاستر پاڙهيا وڃن ٿا ۽ جنکي روٽي ۽ ڪپڙو
ملي ٿو. سوامي ڪندنداس صاحب ان مڪان جو نالو ۽
پرتاپ پنهنجي شيش رهڻي سان ساري سنڌ ۾ پرسڌ
ڪيو. سوامي جن نت نيم سان ٤ بجي رات جو اٿي سج
اُڀرڻ تائين ايشور جي نام سمرڻ ۽ ڌيان ۾ سڦلو ڪندا
هئا. تنهن کانپوءِ دربار جي شيوا ڪندا هئا. گئو شالا،
کوهہ ۽ باغ جي نگهباني پاڻ ڪندا هئا. سڀئي ٻارهين
بجي مهل سناڻ ڪري ڏيڍ ڪلاڪ شري د ڀاڳوت گيتا
۽ گرو گرنٿ صاحب مان ڪٿا ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ
ٽڪري کائي آرام ڪندا هئا. وري شام جو آتم

پراڻ، گيتا ۽ يوگ وشسٽ جي ڪٿا ڪندا هئا. انهي طرح سارو ڏينهن ايشور جي ڀڄن ڪرڻ ستسنگ ڪرڻ ۽ مڪان جي شيوا ۾ سڦلو ڪندا هئا. ڀائي ڪندنداس وڏا حشمت وارا هئا. ڀائي صاحب ساڌن ۾ ساڌ ۽ پنڊتن ۾ پنڊت ۽ ڪامورن ۾ ڪامورا هئا. وٽن وڏا وڏا ڪامورا سندن درشن ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. هو اُدارچت هئا. ڪڏهن به گهرجائو کي ڪڏهن هٿين خالي نه موٽايائون. اَن، اٽو ۽ ڪپڙو جنهن لاءِ سوال ٿيندو هو، سو ان گهرجائو کي ڏيندا هئا. ڀائي صاحب پاڻ به ڌرم پاسي خوب پئسو لٽيو. ڀائي صاحب جو پورن وشواس ايشور ۾ هو. ڪيترا اهڙا موقعا اچي بڻيا جو دربار مان اَن ۽ ڪپڙو اصل ٿڙ ڪانه ويو. ڪوٺاري ڀائي صاحبن جي ڌيان تي اها ڳالهه آڻيندو هو. ڀائي صاحب ڪوٺاري کي فقط اها وراڻي ڏيندا هئا ته ڀلا رکو گورو صاحبن تي. الکي اسانجو اوتو آهي. بزخود پاڻهي ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ دربار ۾ اَن جون ڳوڻيون ۽ ڪپڙي جا ٿان اچي نڪرندا هئا. ڀائي صاحبن کي ٻه ڪوه هئا جتان ڀاڄيون دربار لاءِ روزمره اينديون هيون. ڀائي سنت الدر استان جو جس ۽ لاچار وڌايو. هزارين ماڻهو دربار جا سک شيوڪ ٿيا. ڀائي صاحب کي هڪ گئو شالا هئي جتي ويهه کن گئو هونديون هيون. هر هڪ سال چيٽي چنڊ تي ڀائي صاحب هڪ ساڌارڻ ميلو لڳائيندو هو. ميلي ۾ ڀڄن ۽ ستسنگ ٿيندو هو. ڀائي جن ٥٣ ورهين جي ڄمار ۾ پرلوڪ پڌاريا.

ٽڪي وسڻ رام صاحب جي دربار

ٽڪي وسڻ رام صاحب جي دربار روهڙي آسائو ترن آهي. درياهه شاهه جون ڇولون دربار جي ٻٽرن جي پٽ سان ٽڪون لڳيون. ان ترڪي آسائو ان کري سڏين ٿا جو ڪيترا ياتري آسائون آسون ۽ اميدون ٻڌي اچي هتي اچي درياهه شاهه ۾ اکو ۽ ڀورانو گهمرين ٿا. ٽڪي وسڻ رام صاحب جي دربار سنڌ ۾ مشهور ۽ هاڪاري آهي. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو اچي استان تي اچي متو نوائين ٿا. ان استان تي سال ۾ سال هڪ هفتو ڏياري کان ڏهه ڏينهن اڳ تاريخ ١٨ اسو هڪ شاهي ميلو ڏام ڏوه سان لڳندو آهي. ڏياري کان هڪ ڏينهن اڳ ميلي جو پورو پوندو آهي. ان ميلي ۾ سڄي سنڌ جون ڀڳتيون ڀڳت وڃي ڀهندا آهن. ڏهه ڏينهن شاهي ڀنڊارو لڳندو آهي. ان دربار ۾ ٽڪي وسڻ رام ۽ ٽڪي ٻارو شاهه جون سماڌيون آهن. اهي ٻئي سماڌيون ساڳي هنڌ آهن. انهن سماڌين مٿان هڪ وڏو قبو اڏيل آهي. دربار ۾ صبوح ۽ سانجهي ٻئي وقت ڪٿا ڪيرتن ٿيندو آهي. ڏهين ڄڻي رات تائين دربار ۾ موج لڳي پيئي هوندي آهي. ڀنڊارو چالو آهي جتان هرڪو ياتري لنگري وٺي ٿو، جيڪو اچي سو ڪانه وڃي.

ان دربار جو پايو وجهندڙ سنڌ جو هاڪارو سنت ٽڪي وسڻ رام صاحب هو، سندس گرو سائين ٻارو شاهه هو،

سائين ٻاروشاهه روهڙي شهر ۾ هڪ نامور صوفي فقير ٿي گذريو آهي. ڀائي ٻاروشاهه اوائل ۾ پوليس صوبيدار هو، جنهن ڪري تي نوڪري جو استيفعا ڏيئي سچي ايشور جي نوڪري ڪرڻ لڳو. اُن وقت ٻاروشاهه جي عمر ٽيهه ورهيه هئي. نوڪري تان فارغ ٿي هن صاحب دريا آستاني تي جو ڀائي وسڻ صاحب جي دربار جي نزديڪ آهي سو اچي وسايو ۽ ڀڳوان جو ڀڄن ڪرڻ لڳو. سائين ٻاروشاهه جي ڪيتري واڻي رچيل آهي. هن صاحب کي شعر جوڙڻ جي ڏات هئي. سائين ٻاروشاهه مستانن ۽ اوڌوتن وانگر هن دکي ۽ ناسوت سنسار کي ترڪ ڪري روهڙي جي ٽڪرين ۽ سڃن جاين تي اڪيلو گذارڻ لڳو. هو ڪامل ۽ فقيرن جي صحبت ڪرڻ لڳو. سائين ٻاروشاهه روهڙي نامور صوفي فقير بيدل جي صحبت ڪئي. بيدل فقير سائين ٻاروشاهه کي پنهنجو شش ڪيو. سائين ٻاروشاهه ويهه سال سادهه روهڙي جي ٽڪرين ۽ ايڪانت استانن ۾ گذاري ايشور جي ڀڳتي ڪئي ۽ نٿهن؛ ڪانپوءِ حياتي جو پويان پندرهان سال هن صاحب پنهنجي اباڻي جاءِ ۾ مٿي ماڙي تي ايڪانت ۾ رهي ايشور جو ڀڄن ڪيو. ڀائي وسڻرام صاحب سائين ٻاروشاهه جو مکيه شش هو. ڀائي وسڻرام صاحب تي سائين ٻاروشاهه جو خاص راضپو هو.

ڀائي وسڻرام صاحب؛ جگياسو ڀڳتن جي آکه مان

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

هو. سندس پتا ڀڳت گيانچند هو. اصل خيرپور ۾ رهندا
هئا پر پوءِ روهڙي ۾ اچي رهيا. وسڻ رام صاحب جو
جنم مالڪ ۱۹۰۴ سنبت ۾ ٿيو. ڀائي وسڻ رام اڀياسي
ڀڳت جن هو. فقط پنهنجي ئي استان تي ساري عمر
ايڪانت ۾ ويهي ايشور جو نالو جپيائين ۽ اڀياس ڪيائين.
سندس دربار ۾ سدائين پنڌارو لڳو پيو هوندو هو. هي
سنت سيئي آيلن کي پنهنجي هٿن سان روٽي وٺي
کارائيندو هو ۽ پاڻي پيئاريندو هو. هٿن سان ڪم ڪار
سدائين پيو ڪندو هو. استان کي جڏهن مرامت جي
گهرج ٿيندي هئي ته اها پاڻ هٿن سان ڪندو هو. ڀائي
وسڻ رام رڏين سڏين جو مالڪ هو. هڪ ڀيري هڪڙو
سک بي قاعدي هڪ گهوڙي ڀنگ جي بنا ليسن دربار لاءِ
ڪٺي ٿي آيو. هو وات تي پڪڙجي پيو هن سرڪار ۾
چيو ته هيءَ گهوڙي مان ڀائي وسڻ رام صاحب جي دربار
لاءِ ڪٺي ٿي وڃان. جڏهن ڀائي وسڻ رام کان ان بابت پڇيا
تي تڏهن هن زباني ڏني ته مون هن سک کي ڀنگ آڻڻ
لاءِ ڪونه چيو هو مگر هنکي انڪري جي ڀاڄي آڻڻ لاءِ
چيو هو. ڪٺي ڏسن ته گهوڙي ۾ ڀنگ ڪانه هئي پر انڪرن
جي ڀاڄي هئي.

هڪ رات جو جاڳرڻ ڪري ڀائي وسڻ رام پنهنجن
سکن ۽ سنگين سان پڇاڙين ويٺي ڳايا تيئن اوچتو هڪ مائي
جو ڇوڪرو ڇهن سٺن ورهين جو دربار جي دريءَ مان

ڪري وڃي درياهه ۾ پيو جو درياهه شاهه دربار جي پٺ سان لاڳو وهيو ٿي. ڪنهن به ان ڳالهه جي سڌ نه رهي. صبوح جو سويل مائي جڏهن پنهنجو ٻالڪ نه ڏٺو تڏهن ٻار لاءِ ورلاپ ڪرڻ لڳي. مائي ڀائي صاحب کي منٿ ڪئي ته سائين ڪيئن به ڪري مونکي پنهنجو ڇوڪرو درياهه مان ڪڍي ڏيو. ڪيترا ماڻهو ان حادثي سبب درياهه جي ڪپ تي ڪٺا ٿيا. ڪنهن وقت اهو ڇوڪرو جيئرو جاڳندو اچي سيڙهي جي اڳيان بيٺو. ماڻهن ٻالڪ کان پڇيو ته تون ڪٿي هئين، هن وراڻي ڏني ته مان درياهه شاهه ۾ اوچتو ڪري پيس، اتي مونکي ڀائي صاحب ڏسڻ ۾ آيو جنهن مونکي ٻانهن وٺي ڪپ سان اچي لڳايو. ڀائي وسڻرام صاحب سنبت ١٩٥١ ۾ ديولوڪ پڌاريا. هن وقت گاديءَ تي ڀائي وسڻرام صاحب جا پويان ويٺل آهن. دربار ۾ سدائين ڪٿا ڪيرتن ٿئي ٿو ۽ سدائين ڀنڊارو چالو آهي.

ڀائي وسڻرام جي دربار روهڙي ۾ درياهه جي ڪنڌي تي اهڙي عمدي اڏيل آهي جتي ٻاڻ کان ٻاڻيهي آنند پيو اچي ۽ ايشور جي يادگيري پيئي ٿئي. درياهه شاهه موج ۾ اچي دربار جون ڀتيون پيو چمي. اهو نظارو نهايت نزاڪت ڀريو آهي. اهڙي عمدي ۽ پوتر استان تي ويهي ڪو وقت ايشور جو ڀڄن ڪرڻ گهرجي.

ڪلياڻ مندر

شهر حيدرآباد ۾ گدواڻي گهٽي جي ڀرسان هڪ استان ڪلياڻ مندر نالي پرسد آهي. ان استان ۾ روز شام جو ڪٿا ڪيرتن لڳي ٿو، جتي روز مره سنت ستو سنگي گڏ ٿي گرو گرنٿ صاحب جي ڪٿا ٻڌن ۽ شبد ڪيرتن ڪن ٿا. اهو استان سوامي سنت ڪلاچند صاحب جي سکن سوامي ڪلاچند صاحب جي نالي ڪلياڻ مندر ٺهرايو آهي. ان استان ۾ سال بسال سوامي ڪلاچند صاحب جي ورسي ٻه ڏينهن ملهائي ويندي آهي. استان جا سنڀاليندڙ ٽرسٽي مقرر ٿيل آهن. استان جو خرچ پڪو سوامي ڪلاچند صاحب جا سنگي ماهيانو چندو گڏ ڪري ڪن ٿا. غريب گهرجائو پيڙن ۽ ٻين کي سهائتا ملي ٿي. سنت مهاتما اچي ان استان تي رهن ٿا. سوامي ڪلاچند صاحب جو مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

سوامي ڪلاچند صاحب صوفي پنٿ جا هئا. سندن گرو ڀائي ڪيشورام صاحب صوفي فقير هئا. ڀائي ڪلاچند صاحب حيدرآباد جي عاملن مان گدواڻي گهٽي جا هئا. سندس پتا ديوان رامچند گدواڻي هو. سندس جنم ٦ اپريل ١٨٧٦ ۾ ٿيو. هڪ دفعي هڪ ساڌو ڀائي صاحب جي ماءُ کي ٻڌايو هو ته سندس پٽ هڪ نالي وارو سنت ٿيندو. ڀائي صاحب اڃان ١٤ ورهين جي ڄمار ۾ هئا سندن دل ۾ ويراڳ آيو. ڀائي صاحب سري ڪرشن

ڀڳوان جي تصوير اڳيان بيهي نچندا هئا ۽ راڳ ڳائيندا.
هئا سنڌس گرو ڪامل فقير هئا. جنهنجي سنگ ۾ هو
رنگجي ويو. ڀائي صاحب شادي ڪرڻ جو خيال ڇڏيو
ڪري ايڪانت استان تي وڃي ايشور جو ڀڄن ڪندا
هئا. ۽ ٻه ڏينهن سانده روئي ٻه ٽي ڪائيندا هئا. اهو وقت
سوامي جن جي ٽيهر وٺڻ جو هو. ڀائي صاحب ڏينهن
جو ڪوٺي ۾ دروازو بند ڪري ايشور جي ڀڄن ۾ مگهو
رهندا هئا ۽ رات جو جهنگ پٽ ۾ ايڪانت استان ۾
گهمندا هئا ۽ اتي ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا، وٺڻ ڪاپوءِ
ابياس جو رستو ڀائي صاحب کي هٿن هٿ آيو. ڪ
دفعي ڀائي صاحب سپاهيملاڻي گهٽيءَ مان اچي لانگهائو
ٿيا ان وقت ڀائي ڪيشورام صاحب جي نظر اوچتو ڀائي
صاحب تي پيئي. ڀائي ڪيشورام صاحب ڀائي ڪلاچند
سان ڏاڍي پريم سان ڳالهايو ۽ ائين جاتو ته هي وڏو
سنت ٿيندو. ڀائي ڪلاچند صاحب، ڀائي ڪيشورام
صاحب جو فرزند ڀائي هريرام صاحب ٻئي گڏجي ايشور
جو ڀڄن ڪندا هئا ۽ ست شاستر ويچاريندا هئا. سنڌس
گرو ڪيس يوگ ابياس جو رستو ٻڌايو. سوامي جن جي
گهٽيءَ واڻي رچيل آهي. سنڌس تخلص ڪلياڻ هو.
سوامي جن وٽ ڪيترا سانڌ و سنت ايندا هئا. سوامي
سنت چت آنند صاحب جنجو ڀائي صاحب سان گهڻو رستو
هوندو هو. سانس گڏجي تيرٿ ياترا تي هڪ دفعي
ويل هئا. ڀائي صاحب سال ١٨٩٠ع ڌائين وڃڻ ورتي ۾

رهيا. ماڻهن کي درشن ڏيڻ لاءِ ڪجهه وقت صبوح جو ۽ ڪجهه وقت شام جو پنهنجي ڪٽيا جو دروازو کليل رکندا هئا. ٿوري وقت گذرڻ کانپوءِ رات جو سندن استان تي ڪٿا ٿيندي هئي. هاڻي پڻ ٿورو ٿورو سنگين سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪٿا سنگي ڪندا هئا ۽ پاڻ مانت ڪيو ويٺا ٻڌندا هئا. ڀائي صاحب گرنٿ صاحب ۽ ٻين ويدانت شاسترن جو ابياس ڪرڻ لڳا. ڪيترا سال نورتي مارگ ۾ رهي، ڀائي صاحب هاڻي پرورتي مارگ ۾ داخل ٿيا. ڀائي ڪلاچند صاحب گهڻو پر اُپڪار جا ڪم ڪيا. ڏيتي ليتي جي رسم حيدرآبادي عاملن مان گهٽائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪيائون. ڀائي ڪلاچند صاحب جي بندي ڪيترا سال عملي پر اُها آخر ٽٽي پيئي. ڀائي ڪلاچند صاحب ڀورين پليگ ۾ حيدرآباد ۾ بيڪار ماڻهن ۽ ٻين غريب ۽ احتياج وارن جي چڱي پر گهور لڌي. سنگين سان گڏجي هو ڪنهن گهٽي ۾ چڪر هڻڻ ويندا هئا ۽ مسڪينن جي شيوا ڪندا هئا. پليگ جي اسپتال ۾ وڃي بيمارن کي آٿت ڏيندا هئا ۽ هنن کي شبد ڳائي سکي ڪندا هئا. غريب ڪٽنب جنکي پئسي جي تنگي هوندي هئي تنکي ڳجهه ڳوهه ۾ پئسي جي سهائتا ڪندا هئا. جنهن کي ڪا به تنگي ٿيندي هئي سو هو ڀائي صاحب وٽان پنهنجي گهرج پوري ڪري ويندو هو. ڪيترن گهر جائو گهرن جون ڪديانون ڀائي صاحب جي

مدد سان پورا ٿيون. سندن ڏيا ۾ ڪلا اهڙي هئي جو هڪ اڪيلي چوڻ سان ماڻهن جي دلين تي اثر پوندو هو. هڪڙي پاسي هزارين روپيه ملندا هئا ته ٻئي پاسي هزار روپيه پراپڪار جي ڪمن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. ڀائي صاحب حيدرآباد جي ماڻهن ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ پريم جي ڀڳتيءَ جو ٻج ڇٽيو. ڪيترا ڇوڪرا ڀائي صاحب جي صحبت ۾ سڌري پيا. ڀائي صاحب ڇنڇر رات ۽ آچر صبوح جو پنهنجي استان تي جاڳرتو ڪري ڀڄن ڀاءُ ڪندا هئا. غريب بيمار ماڻهن جي سنڀال لهڻ ويندا هئا. جتي جتي ڀائي صاحب ويندا هئا تتي ڀڄن ڀاءُ ڪندا هئا. سوين زالون ۽ مرد اچي اُن جاءِ تي ڪٺا ٿيندا هئا. ڀائي صاحب پنهنجي مڌر واڻي سان بيمار کي خوش ڪندا هئا. ڪيترا سنگي صاحب ڀائي صاحب کي پنهنجي جاءِ تي ستسنگ ڪرڻ لاءِ گهرائيندا هئا.

ڀائي صاحب چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ ١١ مئي ١٩١١ پنجين جي شام جو گردي جي سور جي بيماري ۾ پرلوڪ پڌاريا.

سوامي ٽرمداس صاحب جي دربار

لاڙڪاڻي شهر جي ٻاهران هڪ ٽلاءُ جي نزديڪ سوامي ٽرمداس جي دربار آهي. ان استان جو پايو وجهندڙ

سوامي ٽيڪمداس صاحب آهي. ڀائي ٽيڪمداس هڪ اڪيلو سنت آهي. سوامي ٽيڪمداس هن وقت پيرسن آهي. گهڻو وقت حيدرآباد ۾ گذاريندا. ڏي گهڻي سيال سنڌ سندس چيلا ٿين ٿا. سوامي ٽيڪمداس جو هڪ چيلو ڀائي اتمرام آهي جنهن کي سوامي جن پٽ ڪري پاليو آهي جو پڻ سوامي جن جي پتا وانگر ٽهل شيوا ڪري ٿو.

ڀائي ٽيڪمداس صاحب تعلقي ڦنبو جي ڳوٺ مٽين جا ويٺل آهن. سندس پتا کي مٽين جي ڳوٺ ۾ هڪ هٽ آهي. هٽ تي ڀائي صاحب ننڍي هوندي وڻج واپار ڪندو هو. جلدي سادن سنتن جي صحبت ڪري سان هنگي وئراڳ اچي ويو. هو ڀائي وسڻ رام صوفي فقير جي استان تي وڃڻ لڳا. ڀائي صاحب جا گرو ڀائي ايسر رام صاحب هئا، جو ڀائي وسڻ رام جو چيلو هو. ڀائي ٽيڪمداس جو ڪيترو ڪلام ننڍي هوندي کان رچيل هو، وڏيڪ ڪلام رچڻ، ڀائي صاحب، ڀائي وسڻ رام جي منع ڪرڻ تي بند ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن سندن ماتا ڀائي وسڻ رام کي چيو ته اوهان ٽيڪمونءَ کي شادي ڪرڻ لاءِ هدايت ڪريو. ڀائي وسڻ رام صاحب ڀائي ٽيڪمداس کي پاڻ وٽ گهرائي شادي ڪرڻ لاءِ چيو. ڀائي ٽيڪمداس ورائي ڏني ته مون کي شادي ڪري دنيا جي ڦندن ۾ ڦاٿو نه آهي، ان هن حالت ۾ ڏاڍو خوش آهيان. ڀائي ٽيڪمداس صاحب کي جڏهن ويراڳ لڳو تڏهن ڪيترا سال پنهنجي

ڳوٺ مٺين کان ٻه ميل ٻري جهنگ ۾ اڪيلا وڃي
ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا.

مٺين جي ڳوٺ ۾ دربار ٺهرائي ان ۾ گرو گرنٿ صاحب
رکي ويٺا. ان دربار ۾ هو ست شاستر جو ويچار ۽
ستسنگ ڪندا هئا. ان ڳالهه کي ٣٠ سال ٿيندا ته سندن
اچڻ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. جڏهن لاڙڪاڻي شهر جي ٻاهران
هڪ تلاءُ تي آيا، تڏهن سندن چيلي ڀائي ڀيڪارام سوامي
جنکي چيو ته هي استان سٺو آهي ان ڪري هت دربار ٺاهڻ
گهرجي. ٻين سنگتين جي به اها مرضي ٿي. تڏهن تي
سوامي جن ان هنڌ تلاءُ جي ڀرسان ڌڪ لڳي جاءِ ٺهرائي
اتي رهڻ لڳا. پر هاڻي ان هنڌ وڏو مڪان ٺهي ويو
آهي. دربار ۾ هڪ پڪو کوه آهي. هن وقت سوامي
جنجي اوستا ٧٠ ورهين جي آهي. سوامي جن
پنهنجن سنگتين کي اهو اُپديش ڏين ٿا ته دم کي قدم
رکو يعني سواسن جي رستي اوم يا ٻئي ڪنهن گرمنتر
جو جاپ ڪريو. ڀائي صاحب هڪ بي پرواهه سنت آهي.
ڪڏهن ڪنهن به دنيوي پدارٿ جي اڇا نٿا رکن. پاڻ
سمورو وقت ايشور جي ڀڄن ۽ سماڌي ۾ سڦلو ڪن ٿا.
صبوح جو ٣ بجي اُٿي سماڌي ۾ وهن ٿا پوءِ مڪان تي
جيڪي به ساڌو يا گرهستي سٽل هوندا تنکي اُڌري اُلهن
سميت ڪلاڪ ڏيڍ سب ايشور پراٿڻ تي رهندا. ان کانپوءِ
سڪمني ۽ آسادي وار پڙهندا. ست شاستر ۽ ايشور جي نام
۽ گرن جي واڻي جو ڪدن سان شروع ڪرڻ تي گهڻو

خيال ڏين ٿا. ٨ بجي صبوح جو گهمڻ نڪرندا آهن.
ڏهين بجي سنان ڪري سماڌي ۾ ويهندا آهن. ١١ بجي
نڪري ڪائي آرامي ٿيندا آهن. رات جو شبد ڪيرتن
ٿيندو ۽ ستسنگ شاستر پڙهيو آهي سو ويهي ٻڌندا آهن.
سندن پوشاڪ سادي آهي. سوسيءَ جي پتلون، ٻگهو
ڪوٽ، مٿي تي ڏال ۽ گيرو رتو بوڇڻ، اها آهي سندن
پوشاڪ، جا ساڳي گذريل پنجٽيهن سالن کان رکندي اچي.

شري اڏيري لعل صاحب جو استان

شهر نصرپور تعلقي ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾
شري اڏيري لعل صاحب جو هڪ وڏو عاليشان استان
آهي. نصرپور جي شهر ۾ اٽڪل سايا ٽي سؤ ورهيه ٿيا
ته شري اڏيري لعل صاحب هندن کي مسلمان بادشاه
جي ظلمن کان بچائڻ لاءِ اوتار ڌارڻ ڪيو هو. ان وقت
نصرپور درياه شاه جي ڪپ تي هڪ وڏو شهر هوندو
هو. جنهن ڳوٺ ۾ شري اڏيري لعل صاحب جنم ورتو
تنهن ڳوٺ ۾ لعل صاحب جو استان هجڻ ضروري آهي.
اهو پوتر استان تيرٿ مثل آهي. هر هڪ چنڊ تي سوين
مرد ۽ استريون حيدرآباد ۽ ٻين شهرن مان نصرپور ۾ وڃي
ان استان جي ياترا ڪن ٿيون. ڪيترن جو نيم هو هڪ

چنڊ ٿي ان آستان تي وڃڻ جو آهي. اُنهن کي ان نيم پالڻ جو ڦل حاصل ٿيو آهي. جو لعل صاحب سندن من جون مرادون پوريون ڪري ٿو. چنڊ چنڊ تي ياتري لعل صاحب جا ڀهراڻا ڪڍن ٿا ۽ موج ۾ اچي لعل صاحب جا پنجڙا ڳائين ٿا. آستان سڄو سنگمرمر پٿر جو ٺهيل آهي. منجهس اکنڊ جوت لعل صاحب جي جلي ٿي. ياترين لاءِ آستان سان لاڳو جايون آهن جن ۾ ياتري سولائي سان رهي سگهن ٿا. اهو آستان لعل صاحب جي ٺڪر صاحبن جي حوالي آهي. ان آستان تي اچڻ وڃڻ جي سهوليت آهي حيدرآباد مان صبوح جو ميرپورخاص واري گاڏي ۾ چڙهي ٽاجپور نصرپور اسٽيشن تي لهي لاڙي ۾ چڙهي نصرپور سولائي ٿان وڃي اسگهجي ٿو ۽ ساڳي ڏينهن سانجهن جو موٽي اچي ٿو. ان تيرٿ ياترا ڪرڻ جو وڏو مهاتم ۽ پنج آهي.

سوائي صاحب جي مڙهي

سوائي صاحب جي مڙهي هڪ وڏي درٻار شهر هنگورج تعلقو گمبٽ رياست خيرپور ۾ آهي. ان آستان تي رڌين سڌين وارا فقير ۽ ساڌ ٿي گذريا آهن. پڻ آشاالاحت ۾ ان مڙهي جو هڪ ساڌو ٿي گذريو آهي. باني

آشانات جو گرو ٻائو ڪيدارناٿ هو. هن جو جنم ٻيڙو جي
ڳوٺ ٽعلقي روهڙي ۾ ٿيو هو. سندس پتا پٽ هو،
جنهن ٻالڪ کي ننڍي هوندي کان وٺي سوائي صاحب
جي مڙهي جي حوالي ڪري ڇڏيو. ٻائي صاحب ننڍي
هوندي کان وٺي دربار جي سيوا هٿن سان چڱي طرح
سان ڪئي آهي. ٻائي صاحب دربار جي جاءِ وري
نئين سر ٺهرائي آهي. ٻائو صاحب ايشور جو سچو ڀڳت
هو ٻائي صاحب جو پورڻ وشواس سوائي صاحب ۾ هو.
ٻائي صاحب موج ۾ اچي جڏهن پنهنجي شيوڪن کي
آسيسا ڪندو هو ته انکي رنگي ڇڏيندو هو. ڪيترن
شيوڪن کي جنکي اولاد ڪونه ٿيندو هو تنکي ٻائي
صاحب پٽ ڏنا. هو صاحب بلڪل ادارچت هوندو هو.
دربار جي سموري آمدني لنگر تي ۽ غريبن کي کاڌڻ
۽ ڪپڙي لئي دان ڪرڻ تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو.
هو حشمت وارو سنت هر پنچائتين جا نبيرا ۽ ٻين ڌرين
جي تڪرار جا فيصلا ٻائي صاحب ڪيا. سڀ ڌريون ٻائي
صاحب جي ڪيل فيصلي کي قبول ڪنديون هيون.
ٻائو صاحب پورڻ يوگي هو. سندس کٽي ۽ رهڻي
عجيب هئي. هزارين لکين سندس سک ٿيا. ٻائي صاحب
کي ڳائڻ وديا جو گهڻو شوق هو. هر روز شام جو ونس
ٻائڻ ٿيندو هو. جنتي مسافري تي وڃي لهندو هو تتي
ميلو لڳي ويندو هو. اتي ڀنڊارو چالو ٿي ويندو هو

جتان هر ڪو ڪاٺي ويندو هو. پاڻي صاحب شري ٽياڳڻ ڪان
پوءِ ڏيهن اڳي سيٺ سکن شيوڪن کي گهرائي اُهن کي
پدايائون ها ٺي سنڌس گادي تي پاڻو ڀڳوانداس وينل آهي.

ٽڪاڻو ڀڳت لعلو جو

شهر حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ ٻراهڻن جي چونڪ ۾ لعلو ڀڳت جو نامور ٽڪاڻو آهي، جتي هر روز صبح ۽ شام لعلو ڀڳت جا سنگي گڏجي ڪٿا ڪيرتن ۽ شبد باڻي ڪندا آهن. اڄ لعلو ڀڳت کي ۵۲ سال گذري ٿيا آهن ته به لعلو ڀڳت جو ٽڪاڻو هليو اچي. ان ٽڪاڻي ۾ ڀڳت لعلو جي مڙهي رکيل آهي جنهن سيڪو آيو ويو پاڻي ڀي وڃي ٿو. ڀڳت لعلو جي سماڌ سنڌس سکن شيوڪن مساڻن ۾ ٺهرائي آهي. ڀڳت لعلو جهڙا لڪل ۽ سچا سنت هن زماني ۾ ڪي ڇڏا لڀندا. هو شهر حيدرآباد ۾ نامور، سچو ۽ لڪل سنت ٿي گذريو آهي. لعلو ڀڳت جو پتا ٺلڻ هو، جو شري اُڏيري لعل صاحب سچو پوڄاري هو. ڀڳت لعلو ماڌو ڪري ٽ رمائو پنهن تي گذران ڪونه ڪندو هو، پر ٻارن جو پوڙهيو ڪري ٻارن جي ڪمائي مان گذران ڪندو هو. عمر جو سترو، آسي ورهين جو ٿي ويو ته به هن پار مهر جو ڏندو نه ڇڏيو، وڏي اوستا ۾

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

نماز، چؤ اڳ تي پٺيون لهندو هو. سندس شوق ۽ سڪ
شيوڪ گهڻا جن ڀڳت صاحب کي چيو ته ڀڳت سائين
اوهان هاڻي مانت ڪري ويهو، اسين پاڻهي پيا خرچ
جي پورائي ڪنداسين. پر ڀڳت لعلو کي پنهنجي جان
جي ڪمائي تي گذران ڪرڻ ۽ شڌ آهار ورتائڻ پسند آيو.
ڀڳت لعلو گرهست آشرم ۾ هي، سچ جي ڪمائي ڪري
ايشور جو ڀڄن ڪندو هو. ڀڳت لعلو جو شري اڏيري
لعل صاحب ۾ اهڙو صدق هو جو ڳالهه ٿا ڪن ته شري
اڏيرو لعل صاحب ڀڳت لعلو سان ڳالهيون ڪندو هو.
ڀڳت لعلو ڪڏهن به پنهنجي سڌيءَ ۾ ڀڳتيءَ جي ڏيکاري
نه ڏني پر ديوي لوڪن وانگر دنيا ۾ ورتندو هو. رات
جو ۴ بجي اٿڻ جو نيم هوس. شرير جي ضروري حاج
لاهڻ کانپوءِ سنان پاڻي ڪري اوني ڪٿو ويڙهي منهن
لڪائي ويهي ايشور جو ڀڄن ڪندو هو. سندس گهر
سکن جي پاڙي ۾ هوندو هو. پر هو رهندو پنهنجي مٽي
ذڪر ڪيل ٽڪاڻي ۾ هو صبوح جو ساڍي ۵ بجي قليلي
تي وڃي، درياه ۾ اکو پائي درياه جي ڪپ تي سوا پهر
سج اڀري تائين ويهي ايشور جو ڀڄن ڪندو هو. قليلي
تان موٽي ٽڪاڻي ۾ اچي ٽڪري کائي سکو پي ۱۰ بجي
مهل ڪم تي چڙهندو هو. شام جو ديري سان ڪم تان موٽندو
هو. ٽڪاڻي ۾ اچي سنگين سان گڏجي ڪٿا ڪيرتن
ڪندو هو. ڀڳت لعلو ۽ ڀڳت ڪيٺارام جي پاڻ ۾ پريت
هوندي هئي، ٻئي هڪ ٻئي وٽ ٽڪاڻي ۾ ايندا هئا.

ڀڳت ڪنئيارام ٻڻ ھٽن سان ڀوڙھيو ڪري گذران ڪندو ھو. شھر جي مکي ھٿوالد ۽ ڀائي چيلارام ڪيالچند جو ڀڳت لعلو ۾ گھڻو صدق ۽ شرڌا ھوندي ھئي. ڀڳت لعلو جي ھيءَ ڳالھ مشھور آھي ته سندس اڳي چادر ڌوئي ڏيگ مٿان رکبي ھئي ته اُن ڏيگ مان سوين ھزارين ماڻھن جي کائڻ کاڌوءَ اُن ڏيگ مان اُن نه کٽبو ھو. غريب جي ھڪ ٻي ڏيگ مان ڀورائي ٿي ويندي ھئي. پڇاڙي جو جڏھن ڏيگ تان چادر لاھبي ھئي تڏھن ڏسبو ھو ته ڏيگ ۾ اڃان ڏھن پندرھن ماڻھن جو ڀوڄن بچيو پيو ھوندو ھو. شرير ڇڏڻ وقت پنھنجي سنگتين کان موڪلايائون. ۹ بجي رات جو ڪٿو تاڻي سمھي پيا ۽ شرير ڇڏيائون. ھزارين ماڻھو سندس چوڏول سان مساڻن ڏانھن ھليا. واٽ تي ڀڳتين وڏي شبد ڳايا. ٿپي ٿپي تي سکو ۽ ميسا ماڻھن ۾ ورھايا ويا.

ڀائي ڪمياداس صاحب جو ٽڪاڻو

شھر حيدرآباد ۾ ڪمياڻي ٽنڊي ۾ ھڪ دربار ڀائي ڪمياداس صاحب جي نالي مشھور آھي. اھا دربار مانجھندن جي دربار جي ھڪ شاخ آھي. اھا دربار ڀائي ڪمياداس صاحب پنھنجي وڏن ڀائي گوبندداس صاحب جي آگيا سان اڏي. اڳي فقط ھڪ صفو اڏيل ھوندو ھو ۽ ٻيو

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES

ميدان ۾ ميدان لڳو پيو هوندو هو. چاليھ ورهيہ سالدہ
ڀائي کميداس صاحب ان دربار جي سنڀال ڪئي. سنڌس
پڳڙي جي پڙپاءِ ڪري اهو ٺڪاڻو هاڻوڪي اوج کي
رسيو آهي. دربار ۾ گروگرنٿ صاحب جو هڪ عاليشان
۽ اوچو سندر اڏيل آهي ۽ دربار سان لاڳو ڪيترين
ڪوٺيائون ساڌن سنتن جي رهڻ لاءِ آهن. دربار سان لاڳو
هڪ عاليشان ۽ وڏو مڪان ڌومڻ واھ تي گوبند رام جي
نالي سان پرسد آهي. گوبند رام ۾ ڀائي گوبنداس صاحب
جون چاکڙيون ۽ ڀائي صاحب جي تصوير رکيل آهي.

ڀائي کميداس صاحب جي ٺڪاڻي ۾ رات ڏينهن
ڪٿا ڪيرتن ۽ پڙهڻ پاٺ لڳندو آهي. روز لت ڌم سان
صبوح ۽ شام جو ستسنگ ٿئي ٿو جتي ڪيترا ماڻهو اچن
ٿا. ڀائو کياداس صاحب پورن پڳت ٿي گذريو آهي.
اڄ سنڌس سوين هزارين شردالو سک شيوڪ آهن، جنجو
نشچو ڀائي صاحب ۾ آهي. ڀائي صاحب جي ڪرپا سنڌس
انيڪ شردالو سکن تي ٿي جنهن ڪرپا سبب هو اڄ جي
پيا آهن. ڀائي صاحب جي رهڻي ۽ ڪهڻي اهڙي واري
هوندي هئي. هو وڏا سياڻا هئا. پنهنجن سکن شيوڪن
کي سدائين هري نام جي سمرڻ ۽ نت نيم سان جپ صاحب
جي پاٺ ڪرڻ جو اپديش ڪندا هئا. هر روز شام جو
سڪولن جا شاگرد ويهن ڀجوين جي انداز ۾ رالد تان
موني دربار صاحب ۾ رهراس صاحب پڙهڻ ۽ گروگرنٿ

ANTIQUITIES & ARCHIVES

صاحب جي ٻهرڪرڻ ۽ ڀڄن ڳائڻ ۽ صاحب سلاهڻ ۾ پنهنجو وقت سڦلو ڪن ٿا. ڀائي صاحب ڪيترن نوجوانن کي سڌاريو، اهي اڄ وڏي اوچ کي رسيل آهن.

ڀائو ڪمياداس صاحب پاڻ وٽ پئسو جمع ڪري نه رکندا هئا. جيڪو پئسو ايندو هو سو دربار صاحب جي مرمت ۽ گرو گرنت صاحب جي شيوا جي سامان خريد ڪرڻ ۽ ساڌن سنتن جي پرساد ڪرڻ ۽ پيدارن تي ڪري خرچيندا هئا. جيڪا ساڌن جي ٽولي يا ڪو مهاتما ٻاهران حيدرآباد ۾ پڌاريو ته انهن او س پرساد ڪندا هئا. ان مهاتما سان گڏ سک شيوڪ ۽ ٻيا حيدرآباد نواسي به تي سؤ پيداري ۾ پرساد. اڇي ونندا هئا. ڀائي صاحب اَن دان خوب ڪيو. جيڪو به فقير فقرو دربار ۾ ايندو هو تنهن کي اَن ۽ ڪپڙي جو دان ڪندا هئا. نت پيدارن ڪرڻ جي وسيلي اَن جو خوب دان ڪيائون. ڀائي صاحب دربار جي جاءِ کي وڌائڻ تي گهڻو پئسا خرچيا. اڄ ڪلهه حيدرآباد شهر ۾ ان ٽڪاڻي جهڙو ۽ جهڙو ٽڪاڻو ڪو ورلي هوندو.

ڀائي صاحب جا انيڪ شرڌالو سک شيوڪ آهن جيڪي ڀائي صاحب ۾ اٿي شرڌا آهي ۽ جن کي پنهنجي شرڌا ۽ ڀاونا جا ڦل مليا آهن ۽ جي ڀائي صاحب جي ڪرپا سان اڃ جي پيا آهن.

ڀائي ڪمياداس ۲ ويساک سنبت ۱۹۸۳ برابر ۰ مئي ۱۹۲۶ چولو

ڇڏيو. هر هڪ سال ٢ ويساک تي سندس درٻار ۾ سندس
ورسي ڏام ڌوم سان ملهائي وڃي ٿي.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

هنس نرواڻ آشرم

هنس نرواڻ آشرم ٻراڻ جي ڪئمپ تي ٽنڊي جان محمد اسٽيشن کان اتر طرف هڪ ميل پنڌ تي آهي. ٽنڊي جان محمد تعلقي ڏگهڙي ضلع ٿرپارڪر ۾ آهي. چيٽ جي ١ کان ١٠ تائين هر سال ان آشرم ۾ وڏو ميلو لڳي ٿو، جنهن ۾ سنڌ ٿر، ڪڇ، مارواڙ ۽ گجرات مان ساڌو سنت ۽ گرهستي اچن ٿا. ميلي ۾ ڀڄن پاٺ ۽ ڪيرتن ٿئي ٿو ۽ ڀنڊارو آئي وئي لاءِ چالو رهي ٿو. ان آشرم جو باني وجهندڙ سوامي هنس نرواڻ آهي. سوامي هنس نرواڻ هنس نرواڻ سمپرداءِ جو باني وڏو آهي. اها سمپردا هنس نرواڻ، سنڌ، ٿر، پنجاب، پورب، گجرات ۽ مارواڙ ۾ ڦهليل آهي. ان پيڙهه جا ساڌو گرهستي هڪ ٻئي ۾ گڏجڻ ۽ موڪلائڻ وقت جئي هنس نرواڻ چوندا آهن. ان آشرم ۾ ڏهه کن ورڪت ساڌو رهن ٿا، جن جو نرواهه ايشور اڌين آهي. سوامي هنس نرواڻ جا جيون چرتر هيٺ ڏجن ٿا.

شجرو

١- سوامي مهجيرام صاحب

٢- سوامي ڀاڻ صاحب

٣- سوامي هنس صاحب

سوامي منجهيرام صاحب ان آشرم ۾ هڪ وڏو يوگي سنت مهاتما ٿي گذريو آهي. انجو چيلو سوامي ڀاڻ صاحب هو جنهن سنبت ١٩٧٢ ۾ شرير تياڳيو. سوامي ڀاڻ صاحب جو چيلو سوامي هنس صاحب آهي جو صاحب هاڻي گادي نشين آهي.

سوامي جن جون سماڌيون ان آشرم ۾ آهن جن تي سال به سال ميلو لڳي ٿو. سوامي هنس داس جو پتا پڳمت ڀائي چيتارام هو. هو شري مالي براهمڻ سونارو هو. اصل مارواڙي سونارا هئا جي ڪيترن سالن کان سنڌ ۾ اچي رهيا آهن. سوامي هنس داس جو جنم سنبت ١٩٤٧ ٿيو آهي. سوامي جن ٻه سال وڏن جي سونارڪي ڪرت ڪئي. پر پوءِ دنيا کي ناسوانت ۽ دک روپي ڄاڻي ويراڳ ورتي ڌارڻ ڪري اچي پنهنجن وڏن سوامي منجهيرام ۽ سوامي موتيرام جي سماڌين تي ايشور ڀڄن ڪرڻ لڳو. سوامي هنس داس بال جتي آهي. هن صاحب جو انيو لکيل آهي. ڪيترا پستڪ هندي ٻولي ۾ هنجا لکيل آهن. انهن پستڪن پڙهڻ سان پڙهندڙن کي گهڻو آنند پراپت ٿئي ٿو. سوامي جنڪي هندو جاتيءَ جي الٽيءَ واڌاري جو اولو رهي ٿو. سنڌس واٽي انيوي آهي. سنڌس پستڪ شبد ساگر ۾ هسيه ڀريل شبد چيل آهن.

سوامي جن پڪا سناتني هندو آهن. سندس سمپردا
همس نرواڻ سناتني اصولن تي ٻڌل آهي. سوامي جن
پنهنجي آشرم تي روز ويدانتي پستڪن جي ڪٿا ڪن
۽ پاڻ ڪيرتن ڪن ٿا. سوامي جن جا گهڻا چيلا ۽ شش
آهن. سندس گرو سوامي پاڻ داس صاحب سنبت ١٩٧٠
۾ شرير تياڳيو. تڏهن پاڻ گادي تي ويٺا. سندس شردالو
سک سوامي جنکي همس نرواڻ ڪري سڏين ٿا.

سوامي جن جا گهڻا چيلا آهن جنکي سوامي جن گڏري،
ٽنگرٻار، رڇر، جرڌپور، راڌنپور، گجرات ڏانهن اپديش
ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي جي چيلا انهن هنڌن تي ننڍا آشرم
کولي ايشور جو اپديش لوڪن کي ڪن ٿا ۽ نام جپڻ ۽
جپائڻ ٿا. سوامي جن کي ٻه ٻيا آشرم هڪ ڪڏري ۽ ٻيو
ٽنڊي الهيار ۾ سندس شردالو سکن ٺهرائي ڏنا آهن.
سوامي جن ۾ پورڻ صدق ۽ شردا سندس ششن ۽ چيلن
جي آهي. سوامي جنجو سڀاءُ نرمل آهي. گهڻو سک ۽
پريم منجهن آهي. هو سادا سودا ۽ سک وارا ساڌو سنت
آهن. سندس سنگ مان گهڻوئي پرائي سگهجي ٿو.
سوامي جنجو ويشنو ڌرم آهي. هو پنهنجن سکن کي يوگ
۽ گيان جو اپديش ڏين ٿا.

ٺڪر سائين هرجسراءِ صاحب جو آستان

شهر حيدرآباد ۾ ٽائون مل جي ويڙهيءَ ۾ هڪ لعل صاحب جو آستان آهي جو ٺڪر سائين هرجسراءِ صاحب جي نالي سان پرسڌ آهي. ان آستان ۾ لعل صاحب جي اکنڊ جوت جڳي ٿي ۽ لعل صاحب جي اِن اکنڊ جوت جي سيوا ٽهل چڱيءَ ريت ڪرڻ ۾ اچي ٿي. سنڌ جي سنتن مان ٺڪر سائين هرجسراءِ صاحب هڪ ناميارو سنت ٿي گذريو آهي. ٺڪر صاحب هڪ يوگي، گياناون ۽ سچو ڀڳت هو. سندس مختصر جيون چرتر ڏجي ٿو. سندس جنم سنبت ١٩١٩ ڌاري حيدرآباد ۾ ٽائون مل جي ويڙهيءَ ۾ ٿيو. سندس پتا ٺڪر پرسرام صاحب هو. ڳالهه ٿا ڪن ته سائين پرسرام صاحب وڏو ڪرامت جو ڌڻي ۽ سڌ پرش هوندو هو. جيڪو به سوالي وٽس ايندو هو ته هُن جي حاجا پوري ڪرڻ لاءِ لعل صاحب کي وينتي ڪندا هئا ۽ ان سوالي جو سوال لعل صاحب اگهائيندو هو.

ٺڪر سائين پرسرام صاحب کي ڪو پٽ ڪونه ٿيو. سندس عمر مٿان اچي ٦٧ ورهين جي ٿي ۽ سندس ڌرم پتني سائين پرسرام کي سدائين پيئي چوندي هئي ته اوهين لعل صاحب کي وينتي ڪري ان سکن شيو ڪن جا ڪارج پورا ڪريو ٿا، باقي پنهنجي ڪاڻ پٽ ملڻ

SINDH ARCHIVES · CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT · GOVT. OF SINDH

لاءِ لعل صاحب اڳيان ٻوارَ ڏنا اُتنا ڪريو. ٻر سائين پنهنجي لاءِ لعل صاحب کي آراڌنا نه ڪئي. هو سدائين لعل صاحب جي رضا تي راضي رهندا آيا. آخر پنهنجي ڌرمپتني کي پُرسن ڪرڻ لاءِ ٺڪر صاحب پٽ سنتان جي ڪامنا رکي شري اُڏيري لعل صاحب تي اچي ٽڪيا ۽ پنهنجي ڌرمپتني سميت ٻه چاليها سانده اچي رکيا. ٽن مهين گذرڻ بعد شري اُڏيري لعل صاحب جي دربار مان آڪاس واڻي ٿي ته توکي پٽ ٿيڻو ڪونه هو، پر تون اسانجو پورو شيوڪ آهين ۽ تون پٽ جي ڪامنا رکي هتي آيو آهين، تنهن ڪري هڪ رشي، جو گنگا ندي جي ڪناري تي هن وقت تپشيا ويٺو ڪري، جنهن کي باقي ۴ سال جڳت ۾ رهي پوءِ مڪت ٿيڻو آهي سو اهو چولو ڇڏي باقي ۴۰ سال تنهنجي گهر ۾ اچي جنم وٺي ٿو. اها آڪاس واڻي ٻڌي ٻئي ڄڻا خوش ٿي موٽي حيدرآباد گهر آيا. ههن کي پورن ڏهن مهين ڪاپوءِ پٽ ڄائو. ٻالڪ جو نالو ٺڪر سائين هرجسراءِ رکيو ويو. پيار جي ڪري هنجا مائٽ هنکي ڪنڌي ڏنو ٻه سڏيندا هئا.

جڏهن سائين هرجسراءِ صاحب ۷ ورهين جا ٿيا تڏهن سندس پتا سائين پرسرام صاحب هي ديهه ڇڏي. ان وقت سائين هرجسراءِ صاحب ديوان گدومل صاحب وٽ سنسڪرت وديا جو ابياس ڪندا هئا. ديوان گدومل وٽان ڏه سال سنسڪرت وديا پڙهيا. ۱۸ ورهين جي

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

جهان ۾ سنڌس شادي ٿي. ٺڪر صاحب پنهنجو گهڻو وقت ايشور ڀڳتي ۽ يوگ ابياس ۾ ايڪانت استان تي وڃي گذاريندا هئا. ساڌو چار پنج مهنا اڏيري لعل صاحب تي وڃي لعل صاحب جي ويجهو رهندا هئا ۽ ايڪانت جو آنند وٺندا هئا. ٻاقي ماني گرهست ۾ رهندا هئا، باقي رات ڏينهن پرماتما جو ڀڄن ۽ يوگ ڪمائڻ ۾ مشغول رهندا هئا. سنڌس ٻالو ڀڄن جي پرتاپ سبب ڏينهون ڏينهن لوڪن ۾ پرسڌ ٿيندو ويو. اهڙي سنگي ۽ سيوڪ سنڌس شش ٿيا، جنهن آئي سرڌا ۽ پريم سائين ۾ هوندو هو. هو سدائين سائين ٽائين تان بلهار پيا ويندا هئا. ٺڪر صاحب جي روزمره جي ورتڻ هي هئي جو هر روز ۴ بجي صبوح جو ڦليلي تي اکو پانڌ ويندا ويندا هئا. اکو پاڻي ڦليلي جي ڪپ تي ۷ بجي صبوح ٽائين يوگ سماڌي ۾ رهندا هئا. موٽي تان صاحب تي جوتي سروپ جي سيوا پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ سنڌهند ٽائين ٻڪي سڪ سيوڪ وٽن ايندا هئا، تنکي اپديش ڏيندا هئا، ودبا پڙهائيندا هئا. موٽي کائي آرام ڪري ڀائي کيمچند ڪرپلاڻي وٽ وڃي ستسنگ ڪندا هئا. ڀائي کيمچند ڪرپلاڻي حيدرآباد ۾ وڏو مهاتما ٿي گذريو آهي. شام جو وري ڦليلي تي پنهنجن سيوڪن سان گڏجي وڃي اکو پانڌيندا هئا، لعل صاحب جا پيرا ڳائيندا هئا. ايڪانت ۾ رهڻ لاءِ

هڪ جاءِ الهندي ڪڇي ۾ ٺهرائي اتي وڃي گوشي نشين ٿي رهندا هئا.

سائين هرجسراءِ صاحب جا انيڪ سک شيوڪ آيا، جن جا من گهريا مطلب هو پورا ڪندو هو. سندس سک شيوڪ سندن تن من ۽ ڌن سان سندس شيوا ڪندا هئا. سائين هرجسراءِ صاحب جا انيڪ احسان ۽ مهربانيون پنهنجن پيارن سنگين تي ٿيون هيون، جي سنگي اهي مهربانيون مڃي سائين تان ٻلهار پيا وڃن. سائين ٣٩ ورهين جي ڄمار ۾ شرير ڇڏيو. سائين ٩ بجي رات جو تاريخ ٢٥ جيٺ ١٩٥٨ جي شرير ڇڏي وئڪنٺ ڌام پڌاريا. ٺڪر صاحب جو فرزند ٺڪر چمن لعل صاحب ٿيو. ٺڪر چمن لعل صاحب سنسڪرت وديا ۾ هوشيار هو. هو صاحب لعل صاحب جو پورن ڀڳت هو. هاڻي ٺڪر چمن لعل به گذاري ويو آهي. سندس اولاد ٺڪر صاحب ۾ اکنڊ جوتي جي شيوا ڪري ٿو. سندس اولاد پنهنجن پوڄارين کي چنبو ۽ ڏات ڏيئي پلؤ پائي آسيسا ڪري ٿو. اهڙي پوتر آستان تي وڃي جوت جي درشن ڪرڻ جو وڏو مهاتم آهي ۽ ان مان هن جڳ کي وڏو لاڀ پراپت ٿئي ۽ من گهريا مطلب حاصل ٿين ٿا. ٺڪر هرجسراءِ صاحب جي گهڻي واڻي رچيل آهي ۽ سندس گهڻا لعل صاحب جا پنجرا چيل آهن.

سوامي شنڪر آنند ڀارتي جو استان

سوامي شنڪر آنند ڀارتي جو استان شڪارپور شهر جي ڏکڻ طرف سنڌ واهه جي نزديڪ آهي. سوامي جن اوائل ۾ ان هنڌ ڪچو مندر اڏايو هو؛ ان ۾ پنهنجي ستگرن جي سماڌ استاپن ڪئي هئي. ان استان ۾ سوامي جن ايڪانت ۾ سارو ڏينهن گذاريندا هئا. پڪو مندر سال ١٨٧٧ع تيار ٿيو. ان استان ۾ هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي جي ريت سوامي شنڪر آنند ڀارتي پاڻ مقرر ڪئي هئي.

سوامي شنڪر آنند ڀارتي جو جنم ڳوٺ مٺاڻن تعلقي هالن ۾ تاريخ ٨ اَسو سنبت ١٨٦٩ وسپت ڏينهن ٿيو. سندس پتا جو نالو ڀائي ميگهراج هو. سوامي جنجي پتا جو وچن پنهنجي گرو گسائين شيوا ڀارتي سان ٿيل هو ته ٻالڪ پيدا ٿيڻ سان اهو سندس حوالي ڪيو ويندو. گسائين شيوا ڀارتي ٻالڪ جي ڇٺيءَ ڪانپوءِ ٻالڪ کي سنياس جو ڀيک ڏنو. ان وقت گسائين شيوا ڀارتي جي ڳوٺ مٺيارين ۾ هوندي هئي. سوامي جنجي جنم جو نالو نارائڻداس هو ڀيک جو نالو شنڪر ڀارتي هو. سوامي جن ستن ورهين جي ڄمار ۾ سنسڪرت وديا گوسائين گوبند گر کان پڙهيا. سندس انيڙ نيڻي هوندي کان ڪليل هو. جڏهن ٨ ورهين جي ڄمار جا هئا، تڏهن ويراڳ ورتو. ڏاري مٺيارڻون ڇڏي اڏيري لعل ڏي آيا. ڪو وقت اڏيري لعل صاحب

تي رهي ايشور جو ڀڄن ڪرڻ لڳا. سوامي جنجو اڏو
اُپديش هوندو هو تہ هن جيؤ کي سدائين ايشور جو دس
۽ گڻانواد ڳائڻ گهرجي. سدائين پريما ڀڳتي ۽ هري سان
سچي پريم رکڻ بابت ڀڄن سنگين کي اُپديش ڏيندا
هئا. اُڏيري لعل صاحب تان ننڍي آدم ۾ هڪ صوفي
فقير بهاول خان جو سنگ ڪيائين جنهن سان گڏ جي هڪ
سال جهوڪ شريف جي ميلي تي ويا. تنهن کانپوءِ
حيدرآباد ۾ ڀائي مولچند گياني جي صحبت ڪيائين؛
ڀڳت ڀڳوان ڪوڙي واري سنت ڀڳت ڀڳوان کان هري نام
جپڻ جپڻ جو اُپديش ورتي پريا سنت مهما ان مهاتما جي
شيوا ٽهل ۽ ستسنگ ڪيائين. تنهن کانپوءِ ١٤ ورهين جي
ڄمار ۾ مالڇهدن ۾ گرو ڏر لعل جگياسو ساڌوءَ وٽ وڃي
سنسڪرت وديا پڙهيائين، ڪاشي ۾ وڃي سنسڪرت
وديا ۽ ويدانت شاستر پڙهيائين. تنهن کانپوءِ هالاڻي ڀيلاڻي
جي ساڌن وٽ اچي رهيا. هالاڻي ۾ غزني واري مهاتما
اُديت آنند ڀارتي کي پنهنجو گرو ڪري اُن کان نام جو
اُپديش ورتائون. گرو اديتا آنند سوامي جنجو گسائين ڀيک
بدلائي سنياس ڌارڻ ڪرايو. سوامي جن سمورو وقت
تيرٿ ياترا ۾ رڌل ڪندا رهيا. آخر سوامي جن کي
شڪارپور نواسي ڀائي ڏنا سنگهه ۽ ڀائي اُڌيڪچند شڪارپور
۾ ٺاڻ وٽ گهرايو. شڪارپور ۾ رهي سوامي جن ڪيترا
ڪيرتن ۽ ستسنگ ڪيو. ان وقت سوامي جن ٤٠ ورهين

جا هئا. نعني هوندي کان وٺي سوامي شانت سڀاءَ وارا هئا. سندس موهيندڙ مورت ويراڳ ۽ پريم ۾ پرپور هوندي هئي. سندس التڪرڻ شڪ ۽ نرمل هو. هو سدائين وشين کان پري هئا. سدائين ايڪانت استان ۾ گذارڻ پسند ڪندا هئا. استري ذات جي پاڇي کان به ٻچندا هئا. انهن پهر فقط هڪ دفعو کچڙي کائيندا هئا. شڪارپور ۽ ٻڙهياسين جا ڪيترا سيٺيون سوامي جن جا سک ۽ شيوڪ ٿيا.

سوامي جنجو آتي پريم ڀائي گوبند داس صاحب مالڇهندڻ واري ۾ هوندو هو. ڀائي صاحب ڏيي پريم ۽ شرڌا سان گڏ گڏ تي سوامي جن سان گڏيا هئا. سوامي جنکي سندس سک شيوڪ پڇهڻ ڳولن ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ سوال ڪري وٺي ويندا هئا. سوامي جنجي ڪٿا ڪرڻ ۾ ڏاڍو رس هوندو هو. هرڪو دل لائي سوامي جنجي ڪٿا ٻڌندو هو. سندس درشن ڪرڻ سان چت ۾ شانتي ۽ ويراڳ اُتپن ٿيندو هو. ڪٿا شري گروگرنٿ صاحب يا شري مدڀاڳوت پراڻ جي ڪندا هئا.

سوامي ٻداسنگهه نرمل آشرم

شهر حيدرآباد ۾ الهندي ڪنڊ ۾ ٽڪي ٻهر جي چاڙهي هيٺان اسٽيشن رستي تي هڪ عاليشان مڪان نرمل آشرم

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ٺهيل آهي. اهو آشرم سنت ٻڍاسنگهه صاحب ناليِ سڏجي ٿو. سنت ٻڍاسنگهه، نرملا پنٿ جا هئا تنهن ڪري ان آشرم کي نرمل آشرم ڪري سڏجي ٿو.

سنت ٻڍاسنگهه صاحب هاڻي شريرُ ڇڏي ويا آهن. ان آشرم جي سنڀال حيدرآباد سنڌ جي ٽرسٽين جي حوالي آهي. سوامي جنهن جو هڪ ٻيو چيلو نرملا پنٿ جو ان آشرم ۾ ڪٿا ڪيرتن ۽ گروگرنٿ صاحب جي ٽهل، سيوا لاءِ رهي ٿو. هر سال سپٽمبر واري مهيني ۾ ان آشرم ۾ سوامي ٻڍاسنگهه صاحب جنهن جي ورسي ملهائي وڃي ٿي. سوامي ٻڍاسنگهه صاحب هردوار رشي ڪيش جا هئا. سنڌ ۾ سال ۾ ٻه ٽي مهينا ستسنگ ڪرڻ ۽ پنهنجن شردالو سکن سيوڪن کي گڏ ڪرڻ ايندا هئا.

سوامي جن هڪ پورڻ سنت آهي. هو رڌين سڌين جا مالڪ هئا. سنڌ ۾ ڪيترن کي اولاد، ڌن، جائون ۽ ملڪيتون سندن آسيسا سان مليل آهن. سوامي جن مختصر جيون چرتر ڏجي ٿو. سوامي ٻڍاسنگهه جو جنم سيالڪوٽ پنجاب جي ڳوٺ هلوال ۾ سنبت ١٩١٨ برابر ١٨٦٠ع ۾ ٿيو. سوامي جنهن کي سندس ماتا پتا پنهنجن ورهين کان وٺي سنتن جي حوالي ڪري سنت ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو موهه ممتا ٿن مان ڪڍي ڇڏيائون. سوامي جنهن جو چهرو ۽ شڪل بابي ٻڍي صاحب جي چهري جهڙي هئي. ان سبب ڪري سنتن جي آگيا موجب

سندس نالو ٻياسنگهه رکيو ويو. سندس گرو ٻابا ڏومسنگهه صاحب هو. هو نرملا پنٿ وارو سنت هو. سوامي جن ويهه سال پنهنجي گرو جي شيوا ڪئي. سوامي جن ٢ بجي رات جو اٿي سنان ڪري ايشور جي ڌيان ۽ سمرڻ ۾ ويهندا هئا. اها سندن ورتي پڇاڙي تائين هلندي آئي اونهاري توڙي سياري ۾ ٢ بجي رات جو اٿي سنان ڪري امت نيم تي ويهندا هئا.

سوامي ٻياسنگهه صاحب کي گرو گرنٿ صاحب جو تمام سٺي طرح اڀياس هو. هو گرو گرنٿ صاحب جي ڪٿا ڪندا هئا. سندس ڪٿا ۾ گهڻو رس ۽ آنند هوندو هو. سوامي جن سنبت ١٦٤٠ برابر سال ١٨٨٤ ڌاري امرناٿ ياترا لاءِ ڪشمير ڏانهن ويا جتي پهاڙن ۾ ٻه چار سال رهي سنت پرشن جا درشن ڪيائين. تنهن کانپوءِ سوامي ٻياسنگهه صاحب ٧ سال ڪاشي ۾ رهي سنسڪرت وديا جو اڀياس ڪيو. سوامي جن دوارڪا تيرٿ ياترا تان موٽي سنبت ١٩٧٢ برابر ١٨٩٦ع ۾ ڪراچي آيا. ڪراچي مان موٽي ديوان ڏيارام گدومل جي سنت آشرم حيدرآباد ۾ کي ڏيهن اچي رهيا. ان وقت سوامي ڪلاچند صاحب سوامي ٻياسنگهه صاحب وٽ پنهنجن سنگين سان گڏجي ويندو هو. سال ١٩٠٤ ۾ ٻيو دفعو سوامي ٻياسنگهه صاحب ديوان ڏيارام جي قلعي واري سنت آشرم ۾ اچي رهيا. نرملا پنچائتي اکاڙي جو شري مهنت سوامي ٻياسنگهه کي سال رهي ڪم ڪيو. سال ١٩١١ ۾ سوامي جن

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

شڪارپور ۾ پڌاريا. ان وقت سوامي ڪلاچند صاحب جوتي جوت سمايا هئا. سوامي ڪلاچند صاحب جي سنگين صلاح ڪري سوامي جدکي سوامي ڪلاچند صاحب جي مندر ۾ رهي ستسنگ ڪرڻ لاءِ شڪارپور مان وڃي ڪري وٺي آيا. سوامي جدجي صلاح سان ٻائي ڪلاچند صاحب جي سنگين مندر جي عمارت نئين سر ٺڪي ٺهرائي. سوامي جن ٽيهن ڪانپوءِ سال ٻه سال حيدرآباد ۾ ڪي مهنا رهي ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪندا هئا. سوامي ٻڌاسنگهه صاحب جا ايڪ شرڌالو سک، حيدرآباد ڪراچي ۽ شڪارپور ۾ آهن. جن تي سوامي جن جون ايڪ مهربانيون ٿيل آهن جي اهي مهربانيون ياد ڪيو سوامي جن کان ٻلهار وڃن ٿا. سوامي جدجي حياتي ۾ سندس شرڌالو سکن سوامي جن لاءِ ارمل آشرم واري جاءِ ٺهرائي. سوامي جن سال ١٩٤٠ ڌاري رشي ڪيش پنهنجي استان تي ديولوڪ پڌاريا.

ديوان صورت سنگهه جو ٽلهو

شهر حيدرآباد سنڌ جي ڦليلي پاسي ڊوبڻ واهه تي هڪ ديوان صورت سنگهه جو ٽلهو هڪ لاهور ڏرمي استان آهي. اهو استان ديوان صورت سنگهه سنڌ جي لاهور

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES

ڪوي ۽ سمت جي الي سان واسطو رکي ٿو. ان هنڌ اڳ هڪ رامداس صراف جو باغ هو. رامداس اهو باغ ديوان صاحب کي ارپڻ ڪيو. جنهن ۾ ديوان صاحب هڪ ڪٽيا ٺهرائي. جتي ديوان صاحب پنهنجن سنگين سميت ڀڄن پاٺ ۽ ڪٿا ڪندا هئا. ان ڪٽيا کي ديوان ڪوڙلسنگهه جو ٽڪاڻو سڏجي ٿو ۽ ان استان تي ديوان ڪوڙلسنگهه ۽ سندس چيلي گيان سروپ جون سماڌيون آهي. هتي سال به سال ديوان ڪوڙلسنگهه جي ورسي ڌام ڌوم سان سندس سنگي ۽ شش ملهائيندا آهن. هتي هر روز شام جو ٦ بجي کان ٩ بجي تائين ديوان ڪوڙلسنگهه جا سنگي گڏبا آهن. ستسنگ ۽ ڀڄن پاٺ ٿيندو آهي.

ديوان ڪوڙلسنگهه جو جيون چرتر مختصر ريت ذڪر ڪجي ٿو. ديوان ڪوڙلسنگهه جو رچيل پستڪ سورت بهار هند سنڌ ۾ مشهور آهي. ديوان صاحب جو جنم شهر حيدرآباد ۾ سنه ١٨٣٠ع ۾ ٿيو. ديوان ڪوڙلسنگهه خدابادي عامل ۽ چندرامائي اڃهه جو هو. سندس وڏا سرڪاري اوڪرين ۾ هئا. پورب جنم جي سنسڪارن سبب ديوان صاحب کي اوچتو ايشور پريم لڳو ۽ هو سچي ايشوري پريم جي رنگ ۾ رنگجي ويو. ديوان صاحب ايشور جي پريم ۾ مست ٿي اردو ۽ پارسي ۽ سنڌي ٻولي ۾ غزل ۽ ڪافيون ۽ شبد رچيا آهن. ڳالهه ٿا ڪن ته جنهن کي سچو ايشوري پريم لڳل هوندو آهي سو ان پريم ۾ مست ٿي جهڙي زبان مان اچاريندو ويندو آهي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

سو ڀاڻ مرادو پوري ڪونہ پئيندو ويندو آهي. اها حالت هئي ديوان صورتسنگهہ صاحب جي. ديوان صورتسنگهہ چوتار تي ڳائيندا هئا. سندن مٺ ڳائڻ وديا ۾ ڪو جهلو ليندو.

ديوان صاحب ڳائڻ وديا ۾ بلڪل قابل ۽ هوشيار هئا. ڏاڍو مٺو ۽ سهڻو ۽ سريلو آواز هوندو هون. بازار مان يا گهٽيءَ مان هلندي ڪنهن بہ واٽهڙو سوال ڪين تہ سائين ڪافي يا غزل ٻڌايو تہ جهٽ اتيئي ٻهي چوتار تي ڳائيندا هئا. اوڏي مهل ماڻهن جا انبوهہ اچي سندن ڳائڻ ٻڌڻ لاءِ ڪٺا ٿيندا هئا. سندس ڳانو ٻڌڻ لاءِ سوين ماڻهو پياسي هوندا هئا. ديوان صاحب شري ڪرشن ڀڳوان جا پورڻ ۽ اُپہ ڀڳت هئا. سندس ڪلام ۽ واڻي ڏيکاري ٿي تہ سندن دل اندر ايشوري پريم جي باهہ ٻري پئي هئي. هو سچا عاشق هئا. سندس واڻي سري ڪرشڻ ڀڳوان جي گڻانواد سان ڀرپور آهي. سندس رچيل واڻي بلڪل گهڻي ٿئي، پر اها ڪنهن بہ سنڀالي ۽ ڇاپي ڪري نہ رکي. ڀاڻ ڀين جي چٺڪين تي غزل يا ڪافي چئي لکي ڇڏيندا هئا يا ڪڏهن فقط اها رچي ڳائي ڇڏيندا هئا.

جڏهن جڏهن موج ۾ ايندا هئا تڏهن تڏهن چوتار کڻي سر آلاپي ٻنا ڪنهن ڪوشش جي بلڪل سهڻي ۽ پوري پنگل تي ٻيتل ڪافي يا غزل اچاريندا ويندا هئا ۽ اها سر سان ساڳي وقت ڳائيندا ويندا هئا. سندس شرير ڇڏڻ

ڪانپوءِ ليڪواچ مختيارڪار ٻين جي چنڪين وارو لکيل
ڪلام گڏ ڪري ڇپايو جنهن کي صورت بهار سنڌي ٿو.

ديوان صاحب جا ايڪ سنگي هوندا هئا جي سدائين
سندس اڳيان وڄنا ٿي هوندا هئا. ديوان صاحب جي هاڪ
هند سنڌ ۾ ڦهليل هئي. پنجاب ۽ ٻين شهرن جا سنت
مهاتمائون ۽ گوئيا وٽن سندن درشن ڪرڻ لاءِ سندن گانو
ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. ديوان صاحب گرو ٻوڻن کي ايڪ پئسا
۽ ڪپڙا دان ڪيا. خوب دان ڪيائون. جيڪڏهن روڪڙو
پئسو هٿ ۾ ڪو نه هوندو هون ته گهر جا زيور ۽ ٻيو
سامان وڪڻي به سنتن مهاتمائن ۽ گرو ٻوڻن جون گهرجون
پوريون ڪندا هئا. ديوان صاحب جو پيارو مِتر ديوان
بهارسنگهه گدواڻي هوندو ٿوه ٻڌي جو ٻاڻ ۾ ليلا مجنوءَ ۽
هير رانجهو جهڙو سنيهه هوندو هو. ديوان صاحب جيڪي
به شبد ۽ ڪافيون رچيون آهن تن ۾ صورت بهار جو ڀوڳ
وڌو آهي. سندس تخلص صورت بهار هو.

ديوان صورتسنگهه جو چيلو گيان سروپ هوندو هو.
ديوان صورتسنگهه سال ١٨٧٧ع ديولوڪ پڌاريو. سندس
شريرُ ڇڏڻ وقت گهر مان ڪجهه به روڪڙو پئسو ڪو نه
نڪتو. سندس چالاڪي جو ٻڌي سوين هزارين ماڻهو اچي
ڪٺا ٿيا. ديوان صورتسنگهه سچو فقير هو. سندس سماڌ
اڳيان جيڪو به سوال ڪو سالي ڪٽي وڃي ٿو تنهنجي
اها من جي ڪامنا پوري ٿئي ٿي.

ڀائي گولا سنگھ جو اڪال ٻنگو

ڀائي گولا سنگھ جو اڪال ٻنگو شهر حيدرآباد ۾ سکن جي پاڙي ۾ آهي. ان دربار جو ٻرپا ڪندڙ ڀائي گولا سنگھ، بندي سک هوندو هو. ڀائي گولا سنگھ حيدرآباد ۾ هڪ هاڪارو سنت ٿي گذريو آهي. سندس پتا ڀائي سنتو سنگھ ۽ سندس سؤٽ ڀائي پرمو سنگھ وڏا سيٺيون ساهوڪار هئا. جنهن ڪوٺيون سکر، گدو بندر ۽ حيدرآباد ۾ هيون. کين ڏٺي جو ڏاوڻ پدارٿ سڀ ڪي هوندو هو. سندس جنم سال ۱۸۳۴ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. ڀائي گولا سنگھ ٿورو وقت پنهنجي سؤٽ ڀائي پرمو سنگھ جي ڪوٺيءَ تي رهيو، پر جلدي سندس چت دنيا جي پدارٿن کان کٽو ٿي پيو. پوءِ دنيا کان ڪنارو ڪري سمورو وقت ڪٿا ڪيرتن ۽ ستسنگ ۾ صرف ڪرڻ لڳو. سال ۱۸۶۶ع ۾ پنهنجي گھر جي ڀرسان حيدرآباد ۾ سکن جي پاڙي ۾ هڪ اڪال ٻنگو ٺهرائي ان استان تي گرو گرنٿ صاحب براجمان ڪيو. ان اڪال ٻنگي جو ڪاروبار تمام سٺي اصول ۾ هلي ٿو. صبوح ۽ شام ان ۾ ڪٿا ڪيرتن ۽ ستسنگ ٿئي ٿو. ڀائي گولا سنگھ جو گرو گرنٿ صاحب ۾ ڏاڍو صدق هوندو هو. هو گرو گرنٿ صاحب کي ساکيات گروءَ جي ديهه ڄاڻي، گرنٿ صاحب اڳيان سکن شيوڪن جي ارداس ڪندو هو. جيڪو ٻ پڇي سک ونس ڪا داوي ڪامنا جي اڇا رکي ايندو

هو، تنهن کي چوندو هو ته شري گروگرنٿ صاحب اڳيان
مٿو ٽيڪي ٻڌجي من جي ڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ
سوال ڪجي، ته گرو تنهنجي اها من جي ڪامنا پوري
ڪندو. ڀائي گولا سنگهه حيدرآباد جي ڪيترن عاملن ۽
ڀائيبندن تي احسان ڪيا، جي احسان ياد ڪري هو
ڀائي صاحب تان ٻهار وڃن ٿا. ڀائي صاحب جي ارداس
گروگرنٿ صاحب وٽ قبول پوندي هئي. روز لڳ ڀڳ
سان ٣ بجي پرڀات جو اٿي اڪال ٻونگي ۾ اچي گرنٿ
صاحب جي شيوا ٽهل ڪندو هو ۽ ٻاڻي پڙهندو هو.
شام جو ٤ کان ٨ بجي تائين اڪال ٻونگي ۾ ڪٿا ڪيرتن
ٻڌندو هو. صبوح ۽ شام جي ڪٿا ڪانپوءِ سنگلاٽي ساڌ
ڀائي ٺڪر ڪشنداس، اوڏ اداس ڪيرتن ڪندا هئا. سال
١٩٠٣ع ۾ ٦٩ ورهين جي ڄمر ۾ ديولوڪ پڌاريا. لڳ ڀڳ
سان مٿين استان تي ڪٿا ڪيرتن ٿئي ٿو.

رام نگر ڀڳت هرداسرام جو استان

ڳڌو ٻنڌر ۾ ڀڳت هرداسرام جو استان مشهور آهي.
ان استان تي چيٽ جي رام نومي تي ۽ ٻڌي ۾ گرپرب
تي ٻه وڏا ميلا لڳن ٿا. جتي صبوح ۽ رات غريبن لاءِ
ڀنڊارو کليل رهي ٿو. ميلي ۾ ڀڳتيون ۽ سنگتيون وڃنديون

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES

آهن. ڀڳت هرداسرام صاحب رام جا پيارا ۽ لاڇا سچا
ڀڳت ٿي گذريا آهن. اهڙن سنت پرشن جي استانن جي
درشن ڪرڻ، گهڻا مان هن جهڙ ڪي آنند اچي ٿو.
ڀڳت هرداسرام جو استان سنڌو ندي درياه جي ڪپ
تي ايڪانت واري جاءِ تي آهي. استان سان لاڳو پڻ هڪ
نديو باغ آهي. ان استان تي سنت هرداسرام ويهي ڀڄن
ڪري ويا آهن. هزارين سک شيوڪ ان دربار جا آهن.
سائين هرداسرام شرير تياڳي ويا آهن هاڻي سندس پٽ
گادي تي ويٺل آهن.

ڀڳت هرداسرام صاحب جي گهڻي انيوي واڻي رچيل
جا جيڪڏهن ڪٺي ڪجي ته وڏو شاهي گرنٿ ٿي پوي.

ڀائي هرداسرام صاحب جنجا جيون چرتر ڏجن ٿا.
ڀڳت هرداسرام صاحب جگياسو ڀڳت هئا. سندن ڏاڏو
ڀڳت تيرٿداس پورن برهم نيشٺي ۽ برهم شروتري يوگي
جن هئا. ڀڳت هرداسرام ڪاشي ۾ سنسڪرت ۽ جوتش
ودیا پڙهيا هئا. سندن هڪ ٻي دربار گهوڙا باري ۾
آهي. ان دربار جي سکي شيوڪ ۽ زمين آهي. ڀائي
هرداسرام ڪاشيءَ مان موٽي گدو بندر رهي جوتش ودیا
۽ طبابت جو ڀلو ماڻهن کي ڏيکاريو. ڀڳت صاحب جوتش
ودیا ۾ تمام هوشيار هئا. سندن جهڙو ڪو ورلو هوندو.
ڀڳت هرداسرام ڪي سال ڪراچي ۽ ٺٽي ۾ جوتش ودیا
جو پرچار ڪيو.

پيگٽ صاحب ڪيترا سال ساندهه گدوبندر ۾ رهي
هري جو پڄن ڪيو. هو هڪ وڏڀاڳ وان مورتي هو.
پيگٽ پنهنجو گدوبندر استان ڇڏي حيدرآباد جي سيٺين
وٽ ڪڏهن ڪونه ويو. ٢٧ سال ٿيا ته گدوبندر واري-
جاءِ ڇڏي ڪيڏانهن نه ويو. سندس واڻي انڀوي آهي.
جنهن جي پڙهڻ سان گهڻو آنند اچي ٿو. پيگٽ صاحب
ايشور رنگ ۾ رتل هئا. ڪڏهن به دک سک، هاڃي لاڀ
جي ڪا پرواهه نه ڪندا هئا. سدائين بي پرواهه ۽ خوش
طبع رهندا هئا. ڪين غريب ۽ شاهوڪار ٻنهي هڪ نظر
هئا. هو پورڻ برهم گياني سادو هئا. پيگٽ صاحب کي
ڪيترن سيٺين منٿ ڪئي ته سندن جاءِ تي هلو پر پيگٽ
ڪنهن جي نه ٻڌي. سدائين پنهنجي استان تي اڏول
رهيا. پيگٽ صاحب سدائين بي پرواهه رهيا. هو رڌي سڌي
جا مالڪ هئا. سندن شش سندن پرتا گهڻا ڏنا آهن.
هو دلين جي وارتا ڄاڻندڙ هئا. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو
ڪا به ڪامنا دل ۾ رکي ويندو هو ته انهي کي ان ڳالهه
جي وراڻي اڻ سڌيءَ طرح ڏيئي ڇڏيندا هئا. ايڏي
وڏي شڪتي هوندي پيگٽ صاحب اڊمبر نه رکي ويٺا.
هڪ پراڻي تڏي تي ويهندا هئا ۽ سڪن شيوڪن کي
اُپديش ڏيندا هئا. سادو ڪائيندا هئا، سادي سندن
هلت چلت هئي.

پيگٽ صاحب ١ بجي رات جو امد مان اُٿندا هئا.
١ بجي کان ٤ بجي تائين برهم آنند ۾ اولين رهندا هئا.

پوءِ سانئي پنجين صبوح جو ڪٿا ڪندا هئا. ڪٿا پوري
ڪري سنڌي ٦ بجي جهنگل ڏانهن پنڌ ڪرڻ جي
ارادي سان ويندا هئا. سانئي ٨ بجي گهمي ڦري اچي
پوءِ آکرلي شبد ۽ شلوڪ لکندا هئا. پوءِ رسوئي
کائي يارهين بجي سمهي پوندا هئا. شام جو روز ونن
ستسنگ لڳندو هو. اها حالت ٢٠٧ سال هلي. ڀڳت صاحب
زالن کي پاڻ وٽ اچڻ اصل ڪونه ڏيندا هئا. ڀائي صاحب
سال ١٩٣٦ع پرلوڪ پڌاريا.

هر سال رام نومي ۽ شري ڪرشن جنم اشٽمي تي ان
استان تي وڏو ميلو لڳندو آهي. ان کان سواءِ هر سال
تاريخ ١٩ جيٺ تي سوامي هرداسرام صاحب جي ورسي
ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي آهي.

ڀائي هربرام جي دربار ڀريا

شهر ڀريا تعلقي نوشهرو فيروز ۾ ڀائي هربرام صاحب
جي دربار پرسڌ آهي. ان دربار جو بنياد وجهندڙ جو گاديسر
ڀائو هربرام صاحب آهي. ڀائي هربرام صاحب جو گرو ڀائو
ڪرپارام صاحب هوندو هو. ڀائي ڪرپارام صاحب هڪ
دفعي جڏهن خيرپور رياست ۾ گشت تي هو تڏهن هن
ڀائي ڏنورام جي زمين تي منزل ڪئي. ڀائي ڏنورام جيئن ٽڪ

گرهست آشرم ۾ هوندو هو ۽ ڪيرت ڪار ۽ ڀڄن آباد ڪرائيندو هو ته ڀي هو پورڻ ڀڳت هوندو هو. ڀائو هريرام ڀائي ٽوورام صاحب جو فرزند هو. جڏهن ڀائي صاحب ڪرپارام جي نظر ڀائي هريرام تي پيئي تڏهن هن صاحب ڀائي ٽووارام کان سندس ٻالڪ جي ٻانهن گهري ورتي ۽ ڀائي ٽوورام کي چيائين ته هي ٻالڪ اسانکي دربار جي ٽهل سيوا لاءِ گهرجي ته توهان خوشيءَ سان هي ٻالڪ اسانکي ارپڻ ڪري ڏيو. ان وقت ڀائي هريرام جي اوستا ١٠-١٢ سال هئي.

ڀائي ڪرپارام صاحب ڀائي هريرام کي وٺي پرين ۾ دربار ۾ آندو جتي هو پوڄاري ۽ دربار جي سيوا ٽهل دل وجان سان ڪرڻ لڳو. ڀائو ڪرپارام صاحب ڀائي هريرام مان سندس دربار جي ٽهل سيوا سبب بلڪل گهڻو خوش هوندو هو. ڀائو هريرام سڄو ڏينهن دربار جي ڳائڻ جي سيوا، دربار جي پوڄاري جي رنڌڻ پچائڻ ۽ دربار جي صفائي ۽ گرو گرنٿ صاحب جي سيوا ٽهل ۾ مشغول ڪندو هو. سندس شرير ننڍي هوندي کان وٺي سخت ٻازن جي پوڙ هئي ڪرڻ تي عريل هوندو هو. ڀائو صاحب لانگوٽ بند بال برهمچاري ٿي رهيا آهن.

ڀائي ڪرپارام صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ ڀرين جي دربار جي گادي تي ويٺا. ڀائي صاحب جي آجوڪا ساڌائين ستنتر رهي آهي. پنهنجي زرعي زمين تعلقي اوشهڙي فيروز واري جا انگل هن وقت چار سؤ

اِڪرُ آهي. تنهن تي ٻن باغن هڪ نارو شاه واري ۽ ٻئي
پرين باغ جي پيداش مان دربار جي شيوا ٿهل ۽ پنهنجن
چيلن ۽ سکن شيوڪن جو خرچ ڪن ٿا. پرين جي دربار
جو ڪوبه بنديان پرين جي پڳڙيات ۽ دربار جي ڪنهن
ٻه سک شيوڪ تي مقرر ٿيلَ آهي. ٻائي صاحب پنهنجي
ٻارن جي پوڙهپ سان پرين جي شهر نزديڪ هڪ عاليشان
۽ وڏو باغ رکايو آهي. ساڳي طرح نارو شاه جي پرسان
ٽولڪي واه جي ڪپ تي هڪ وڏو باغ اٿن. ان باغ
۾ ٻائي صاحب پنهنجي لاءِ، سکن شيوڪن جي رهڻ لاءِ
پڪيون جايون ٺهرايون آهن. سال جو ڪو ڀاڱو ٻائو
هرپرام صاحب ان باغ ۾ گذاري ٿو. ٻائي صاحب کي
چوپائي مال ۽ گهوڙن سان دل آهي. انڪل سؤ کن ڳايون
مينهون سندس زمين ۽ باغن ۾ رهن ٿيون جن مان کين
کير ڏڌ ۽ مکڻ دربار جي آدمين ۽ سکن شيوڪن لاءِ
چڱي انداز ۾ روزمره ملي ٿو. ڀاڄيون باغن مان اچن.
ڪڻڪ ۽ جوائر زمين تان اچي. مطلب ته سڀڪي گهر
۾ پيدا ٿئي، جنهن مان هو فقيراڻو گذران ڪن ٿا.
ٻائو صاحب اڳئين زماني جي سادن سنتن وانگر آهي جن
لاءِ پڌبو آهي ته بصر ۽ جوئر ۽ سائي ڀاڄي ۽ هٿن جي
ڪمائي ڪري گذران ڪندا هئا.

ٻائي صاحب جي رهڻي ۽ ڪهڻي اُتم ۽ عجيب آهي.
هو وڏين سڌين جا مالڪ آهن سندن وچن سڌي پرسد

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT

آهي. پر هو ڏيکاري اصل ڪا نه ٿا ڏين. سدائين سکمڻي صاحب جو ۽ گرو واڻي جو پاٺ ڪن ٿا. رات جو تمام ٿورو وقت سمهن ٿا. باقي وقت رات جو جاڳي ايشور جو سمرڻ ڪن ٿا. سدائين ايشور جي پريما ڀڳتي ۾ ڀرپور رهن ٿا. سڄي سنڌ ۾ خاص ڪري ساهتيءَ ۾ سنڌس شردالو سک گهڻا آهن جن مان گهڻا جوان ۽ پيرمرد ڪامورا ۽ شاگرد آهن. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ نوابشاه ۾ ڀائي صاحب جا گهڻا پريمي سک آهن جن تي ڀائي صاحب جي گهڻي ڪرپا آهي. ڀائو صاحب اڄاڻي ڏيکا ڏيکي، ڏيک ۽ وڏائي مان اصل ڪونه ڄاڻن. سادو ڪانئين ۽ سدو پهرين ۽ سادي سنڌن هلت چلت آهي. ڪنهن جي پرواهه نه ڪن ٿا. جيڪي سچ هجي سو جهٽ هر ڪنهن کي منهن تي چئي ڏين. سنڌن هلت بلڪل سنئين سڌي آهي. ڀائو صاحب سدائين پنهنجي پرين واري دربار يا ٺاروشاه واري باغ واري استان تي دربار جي ڪمن ڪارين ۾ رڌل رهن ٿا. استري جاتي کي دربار ۾ اچڻ کان سخت منع آهي. پنهنجي ۽ دربار جي چيلن لاءِ جواني جي وقت ۾ روني پاڻ هٿن سان پچائيندا هئا. سدائين هٿن سان ڪم ڪرڻ ۾ مشغول رهن ٿا. مطلب ته هرڪو جهڙو ڪم ڪرڻ ته ڪانئن سکي. سنڌن اوسٽا هن وقت اٽڪل ستر ورهيه ٿيندي. ته به اڃان سگهارا ۽ طاقت وارا بيٺا آهن. بدن جا قداور، اکين وڏين وارا، بت ۾ ڀريل ۽ ڀڃين گهاٽين وارا آهن سنڌن شڪل

حياتي ۾ ڀرپور ڀڄڻ پاڻ سبب سدائين پڄي پهچي. پيدائش
جي ڪا به انساني اهڙي منجهن نه آئي آهي ڪو به ساڻن
شريعت جي طاقت ۾ مٿ پٽي نه سگهندو. ديوان ڪوڙومل
پريان جو آئي پريم ڀائي هربرام صاحب سان گهڻو هوندو
هو. ڀائي هربرام صاحب جا هن زماني سان سنمت سنڌ
۾ ڪي چيلا ليکدا(؟). ڀائي صاحب جا چيلا هن وقت پريان
واري دربار ۾ پنج ڇهه آهن. وڏو چيلو ڀائي شيوارام
آهي. پريان واري دربار ۾ صبوح ٥ بجي کان وٺي ١١ بجي
تائين شام جو ٥ بجي کان وٺي ١٠ بجي تائين ڪيرتن ۽
ڪٿا ٿئي ٿي. دربار ۾ سدائين ٻاهرين شهرن مان سک
سيوڪ ۽ سنگي اچي ان ٿي ڏينهن رهن ٿا جن جي رهڻ
۽ ماني ٽڪي جو دربار ۾ بندوبست ٿيل آهي.

ڀائي هربرام جي ڪرامتن جو ٿورو ذڪر ڪجي.
گهڻن شردالو سکن کي فيض رسايا اٿن ۽ انهن جون من
جون مرادون پوريون ڪيون اٿن. پاڻ فرمائيندا آهن ته
ڇا انسان ۾ ڪي ڪوتاهي هر ڪنهن کي پنهنجي پاولا(؟)
جا پاڙا ملن ٿا. سندن سچو ۽ ڀلو هلندڙ آهي ڪيترن
کي گروواڻي مان شبد پڙهي سچو وٺي ۽ ڀلو پڙهي
ڏين ٿا. پڙهندڙن کي اهڙي اثر ساڌو جو پريان ۾ وڃي
درشن ۽ سنگت ڪري لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

سنت ڀڳت رام صاحب جي دربار
جوهي ۾

جوهي شهر ۾ سنت ڀڳت رام صاحب جي دربار نامور آهي. سوامي ڀڳترام وڏا وِدوان ۽ سڌ پرش ٿي گذريا آهن. سڄو ڏينهن ويدانت شاسترن جي وچارڻ ۽ ابياس ڪرڻ ۾ سڦلو ڪندا هئا. سمورو وقت ايشور پرائڻ ۾ رهندا هئا. دنيا جي ڌنڌن ۾ ڪنهن به قسم جي ورتي نه ٻوڙائيندا هئا. سنت ڀڳترام اٽڪل چار سال ٿيا ته ديولوڪ پڌاريا آهن هن وقت سندس چيلو گادي تي ويٺل آهي. سنت ڀڳترام جو تمام مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

سنت ڀڳترام جوهي جي شهر جو رهاڪو هو. سندس وڏا جوهيءَ جي شهر ۾ دوڪاندار هئا. هن ساڌ جي ننڍي هوندي کان وٺي ساڌ ٻڌي ۽ ايشور جي ڀڄن ۾ پريت هوندي هئي. ننڍي هوندي کان وٺي جوهي جي دربار باني آيارام ٻچاڻي واري ۾ وڃي ساڌ سنگت ۾ ويهندا هئا. سندس مائٽ کيس دربار ۾ وڃڻ کان روڪيندا هئا. سندس شادي ڪيل هئي. سندس صدق پنهنجي گرو مهراج آيارام ۾ پورن هوندو هو. ڀڳترام جي شادي ڪيل هئي. سندس گروءَ کيس آگيا ڪئي ته جڏهن اولاد ٿئي، تڏهن دنيا جو تياڳ ڪري فقيري

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES & ARCHIVES ... CULTURE ... DEPARTMENT

اختيار ڪيو. جڏهن ڪيس هڪ ڌيءُ ۽ پٽ ڄائو تڏهن دنيا تياڳ ڪري فقيري اچي اختيار ڪيائون. جڏهن سنڌس سڪيلڌي پٽ جو چالاڻو ٿيو. تڏهن ڪنهن شوڪ ڪرڻ جي ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهي شانت ۽ صبر ۾ رهيا. سنڌن گرو آيارام جي پرلوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ گادي تي ويٺا.

سنت ڀڳت ايشور جا پوري ڀڳت هئا. هو برهم گياني ۽ ودوان هوندا هئا. ڪيترا ڪامورا موڪلن جي ڏينهن جوهيءَ وڃي مهراڄن جي صحبت ڪندا هئا ۽ ساڻس گڏ ويدانت شاستر پڙهندا ۽ ويچاريندا هئا. سوامي جن سال به سال گرمي جي موسوم ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وڃي ۴ مهنا گذاريندا هئا. جتي سڄو ڏينهن ايشور ڀڄن ۾ ويدانت شاسترن جي ويچارڻ ۾ مشغول ڪندا هئا. شام جو هر روز رامائڻ جي ڪٿا ڪندا هئا. سنڌن ورتي سدائين ونراڳ واري هوندي هئي. سوڀل صبوح جو ۳ بجي اٿي ضروري ڪريا ڪرم ڪري، ايشور جا ڀڄن ۽ گرواڻي مٺي ۽ سريلي سر ۾ ڳائيندا هئا. ڀڳاڙيءَ تائين شرير ۾ طاقت وارا ۽ بلوان هوندا هئا. شرير جي سڀ ڪريا ڪرم پنهنجن هٿن سان ڪندا. دربار ۾ ڪوه ۽ گئوشالا ۽ گرو گرانٿ صاحب جو مندر آهي. سوامي ڀڳترام صاحب چوهتر ورهين جي ڄمار ۾ اٽڪل ۴ سال ٿيا ته ديولوڪ پڌاريو. سنڌس چيلو ماستر جڳومل جنهن سنڌس حيالي

۾ دل وچان سان سندس سيوا ڪئي هئي سو هن وقت دربار جي گادي تي ويٺل آهن.

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT CULTURE TOURISM GOVT. OF SINDH

ڀائي سترامداس صاحب ابجي وارو

ابجي تعلقي نوشهري وارا ساڌ ناماور آهن. ڀائي سترامداس صاحب ابجي وارا هڪ پورڻ ڀڳت ٿي گذريا آهن. ابجي جو ڳوٺ شهر نوشهري فيروز کان اٺ ميل پري منياڻي جي ويجهو آهي. ڀائي سترامداس صاحب صوفي فقيرن جا گڏ ڀاءُ هئا. سندن مرشد مير جان الله شاه صاحب روهڙي وارا صوفي فقير هئا. سندن پتا جڳياسو ساڌو هوندو هو.

ڀائي سترامداس سڀني سنگين کي اهو اپديش ڏيندو هو ته ايشور پرماتما سڀني ۾ رمي رهيو آهي ۽ سڀني کي ايشور جو روپ ڄاڻي ڪنهن سان ڌوهه نه ڪجي ۽ نه ڪنهن سان ظلم ڪجي. سڀ ڪنهن ۾ هري پرماتما کي ڏسجي. ايشور هر هنڌ حاضر آهي. ڀهرائين پاڻ کي پس پوءِ گروءَ کي پس ۽ تنهن کانپوءِ ايشور پرماتما کي سڃاڻ. ڀائي سترامداس جا انيڪ سک ۽ سنگي ٿيا آهن. جن مان ڪي حيات آهن. ڀائي صاحب جو اهو اپديش سنگين کي هوندو ته پرات ڏينهن ٿوري ننڊ ڪري نعب

SINDH ARCHIVES ANTIQUITIES &

کي جيئن ايشور پرماتما جي نام جو سمرڻ ڪريو. هو ڀڳتن سکن کي رام نام جي جپڻ ڪرڻ جو اپديش ڏيندا هئا. ڀائي جن سند نرش هئا. پاڻ سڀني واسطي جاءِ ايشور جو پوڄن ڪندا هئا. سندن انيڪ ڪرامتون ڏيکاريل آهن.

ڀائي سترامداس صاحب جا گهڻائي سک هئا، تن مان ڪجهه ديوان وزيرمل جج، ماستر نرملداس ۽ چوئٿرمل وڪيل حيدرآبادي عامل هئا.

ڀائي صاحب سال ۱۹۰۲ع ۾ ۵٦ ورهين جي اوستا ۾ هي چولو ڇڏيو. سندس گاديءَ تي سندس ڀائٽيو ڀائي ميارام گاديءَ تي ويٺو.

ڀڳت سترامداس جي سماڌ

ڳوٺ رهڙڪي تعلقو اُٻاوڙو ضلع سکر ۾ ڀڳت سترامداس جي سماڌ آهي. ڳوٺ رهڙڪي، روهڙي کان پريان ڏهرڪي اسٽيشن کان ۵ ڪوهه پري آهي. ڀڳت سترامداس نامور ڀڳت ڪنورام جو گرو هو. هو ڀڳت وڄيندو هو. سندس هاڪ ۽ ناموس ساري سنڌ ۾ هوندي هئي. سندس ڀڳت مان ٻڌندڙن کي گهڻو رس ۽ آنند ايندو هو. ڀڳتن وڄڻ مان جيڪي ملندو هوس، سو غريبن،

آنڊن ۽ معبدن کي سهائتا طور ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ غريبن
جي ڌيئڙين جي شادي ڪرائڻ تي خرچ ڪندو هو. ان
مان هڪ ٽڪو وڏي به پنهنجي ڪتب نه آڻيندو هو. سندس
گهڻا شش هئا، جن مان ڀائي ڪنورام سندس جو نامور ڀڳت
مکيه شش هوندو هوس. ڀڳت سترامداس کي ٽڪاڻون
ڪونه هوندو هو. هڪ اوطاق هوندي هيس، جتي
واندڪائي جي وقت گائڻ وديا جو اڀياس ڪندو هو.
ٻوٽ رهڙڪي ۾ پنهنجن ڀائرن سان اناج ۽ گيهه جو واپار
ڪندو هو ۽ زرعي زمين جا مقاطع ڪٽيندو هو.

ڀڳت صاحب وڏي حشمت وارو ۽ قداور هوندو هو.
ڀڳت وجهڻ وقت ڳاڙهي پڳ پائيندو هو. سندس آواز
اهڙو بلند هوندو هو جو سکر ۾ ڀڳت ڪندو هو ته روهڙي ۽
۾ سندس ڳائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پيو ايندو هو. سندس
ڀڳت ٻڌڻ لاءِ سوين هزارين ماڻهو ايندا هئا.

ڀڳت سترامداس صوفي مت جو فقير هوندو هو.
سندس صحبت صوفي فقيرن سان هوندي هئي. ڀڳت
صاحب جو گرن جي واڻي ۾ گهڻو صدق هوندو هو ۽
گرواڻي ياد هوندي هيس. هنجو گرو سندس پتا هو.
وٽن گهڻا ماڻهو درشن ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، جي سڀيئي
سندس ڀنڊاري تان روٽي کائيندا هئا. ڀڳت صاحب
مهمانواز ۽ يار ويس ۾ هڪڙو هوندو هو گهڻن ڪامورن سان
سندس صحبت هوندي هئي، جي وٽس گهڻو ايندا

ويندا هئا. ڀڳت صاحب وڏين سڌين جا مالڪ هئا.
ڪائن جيڪڏهن ڪو سوالي پئسن جي مدد لاءِ ايندو ته
هيڪي پنهنجي گديءَ جو پلاند مٿي ڪڍي ڇوڙيندا هئا ته
هن روپين جي ڍڳيءَ مان پنهنجي گهرج وارا پئسا ڪڍي
وڃ. هو ٻهاڙي وقت تائين ڀڳت وجهندو آيو. ڀڳت
صاحب پنجاهه ورهين جي اوسٽا ۾ سال ١٩١٧ ۾ ديولوڪ
پڌاريا. رهڙڪي ڳوٺ ۾ سندس سماڌ آهي جنهن تي
هڪ پڪي جاءِ اڏيل آهي. سماڌ تي سال ۾ ميلو
لڳندو آهي. سماڌ صاحب تي روز شبد پاٺ ٿيندو
آهي. سماڌ تي سدائين مهمان اچن ٿا جي ڀنڊاري مان
پرساد وٺن ٿا.

ڀڳت سترامداس جي گادي تي سندس شش سنت
جو نامور ڪوي ۽ ڀڳت صاحب ڪنوررام ويٺو. ڀڳت
ڪنوررام ڳوٺ جروار تعلقي ميرپور ماٿيلي ضلعي سکر
جو ويٺل هو. ڏهن ورهين جي ڄمار ۾ مائٽن جي موڪل
وٺي اچي پنهنجي گرو ڀڳت سترامداس وٽ رهيو. جتي
ڳائڻ وديا سکي هوشيار ٿيو. ڀڳت ڪنوررام پنهنجي
گروءَ جي سيوا دل وجان سان ڪئي جنهن جي آسيسا
سان ڀڳت صاحب ڳائڻ وديا ۾ بلڪل هوشيار ٿيو. هو
پنهنجي گروءَ سان گڏ ڀڳت وجهندو هو. سندس ناموس
۽ هاڪ ساري سنڌ ۾ اڪٽي. هن زماني ۾ ڀڳت ڪنوررام
سيٺ ڀڳتين وجهندڙن جو سرومڻي ليکيو ويو ٿي. جڏهن

ڀڳتيءَ وجھڻ جو ڪم نہ ھوندو ھوس. تڏھن ٻروارن ۾ گيھہ اناج جو واپار ڪندو ھو ۽ ان مان روزگار ڪندو ھو. ڪڏھن پنھنجي گروءَ جي سماڌ وھڙڪي تي رھي آئي ويل مھمانن جي شيوا ڪندو ھو ۽ شبد ڪيرتن ڪندو ھو.

ڀڳت سترامداس پنھنجي گروءَ جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ ڀائي ڪنور رام صاحب ٻار ٻچا وٺي لاڏي وڃي پنھنجي گروءَ جي سماڌين تي رھيو. ڀائي ڪنور رام صاحب جي ڀڳت ۾ بلڪل گھڻو رس ۽ آنند ھوندو ھو، جنھن جي انھن کي سڌ ھوندي، جن ڪيس ڳائيندو ۽ نچندو ڏٺو ھوندو. گھڻو ڪري رات جو ڀڳت وجھندو ھو. ھو شڪل جو سھڻو ھوندو ھو. ننڍي ھوندي شرير ۾ پتلو ۽ قد جو پورو پنو ھوندو ھو. سندس آواز بلڪل سنو، سنھو ۽ سريلو ھوندو ھو. ڀڳت وجھڻ وقت پيلي رنگ جي پڳ ۽ بافتي جو گھاگھرو پائيندو ھو ۽ پيرن ۾ ڇير ٻڌندو ھو. ڀڳت وجھڻ وقت اڪثر گرن جي واڻي ڳائيندو ھو. ھو سدائين ايشور ڀڳتي ۽ گيان ۾ رنگيو پيو ھوندو ھو. ھو ڪنھن کي پنھنجي ڏيکاري ڪا نہ ڏيندو ھو. سدائين لڪل رھندو ھو. نمرتا ۽ غريبي ڀاءُ نہ ڪري ڪانئس سگھي. ساري سنڌ ديش بلڪ پنجاب ۾ ھن صاحب جي ھيتري قدر ناموس ھوندي ھئي تہ بہ ھن ڪڏھن ان ڳالھہ جو اڀمان نہ ڪيو.

ڀائي ڪئورام صاحب پنهنجي گرو ڀائي ستوا.داس
وانگر پنهنجي روزگار لاءِ پورهيو ڪندو هو ۽ جيڪي
پگهار مان ملندو هوس سو سڀ غريبن ۽ احتياج وارن کي
ٻروقت هرهڪ پگهه مان مليل وراهي ڏيندو هو. ڪيترا
سوالي وٽس سدائين رهندا هئا. ڀائي صاحب ڌرم موجودا
۽ ايشور جو پورو هو. هو وڏو سياڻو ۽ گهڻو سياءُ وارو
هوندو هو. ڀائي صاحب اڳيان ڪو به سوالي اچي پنهنجي
لاءِ عرض ڪندو هو ته هنکي گهرج سارو سهائتا ڪندو
هو. ڪو به سوالي هن صاحب کان نه موٽايو. هڪ وڏي
خوبي جا ڀائي صاحب ۾ هئي سا هئي انجام تي پورو
رهڻ. ڪنهن سان انجام ڪيائين ته فلاڻي ڏينهن فلاڻي
وقت پگهت وجهڻ ايندس ته اهو انجام اوس پاريندو هو.

ڀائي صاحب ٻن ڌرين جي وچ ۾ تڪرارن جا راجوڻي
فيصلا به ڪندو هو. اڪثر ڪري ٻئي ڌريون سندس
فيصلو ٻڌي قبول ڪري خوش ٿي ويندا هيون.
ڀائي صاحب سدائين ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهندو
هو. هڪ دفعي ڪيس ڦرڙين ڏاڍو هلاڪ ڪيو. تنهن
هوندي به جن سان پگهتين وجهڻ جو انجام ڪيو هوائين
سي ڪهڙي به دستور وڌائين. روهڙيءَ جي سنگتين
پڇيس ته سائين! ڇا ٿيو اٿو تنهن تي وراڻي ڏنائين ته
ايشور جي مهر ٿي آهي.

ڀائي صاحب وڏو پگهت رڌڻ سڌڻ جو ماهر هو.
هڪ دفعي شڪارپور جي شهر ۾ پگهت وڃي وڌائين ته

ANTIQUITIES & ARCHIVES

اُن وقت هڪ مائي جنهنجو ڇوڪرو ٻن ٽن سالن جو
ڪلاڪ اڌ ڪلاڪ اڳي مري ويو هو تنهن پنهنجي مئل
ٻالڪ کي اڇي چادر ۾ ويڙهي آڻي ڀڳت صاحب کي
ڀري سڀا ۾ جڏهن هن صاحب ڀڳت ويٺي وڏي آڻي
عرض ڪيو ته او ڀڳت صاحب! منهنجي ٻالڪ کي اولي
ڏي. ڀڳت صاحب خوشي سان مائي کان سندس ٻالڪ
وٺي هنکي اولي ڏني. اولي ڏيئي جڏهن بس ڪئي
تڏهن هنکي ان ڳالهه جو راز معلوم ٿيو ته ٻالڪ حيات نه
آهي. اها حالت ڏسي ڀائي ڪنور رام صاحب ايشور اڳيان
پرارٿنا ڪئي ته سائين لوڪ ڇا چوندو ته ڀائي صاحب
ٻالڪ کي اولي ڏني ته ٻالڪ مري ويو. تون اسانجي
پت رک. ايشور جو پنهنجن ڀڳتن جي سدائين ٻڌي ٿو
تنهن ڀڳت صاحب جي اها پڪار ٻڌي ۽ ڇوڪر کي
وري حياتي بخشي. ٿوري وقت ڪانپوءِ ڀائي صاحب جا
نٽي ٻالڪ جي منهن ۾ نهاري ته ان اٻاسي ڏني تنهن
تي ڀائي صاحب مائي کي ڀري ڀڳت ۾ ٻالڪ موٽائي چيو
ته مائي! هي پنهنجو ٻالڪ امانت ڏال موٽي وٺ. ماتا
پنهنجي ٻالڪ کي زنده ڏسي خوشي وچان اکين ۾ لڙڪ
وهائي ڀڳت صاحب جي چرڻن تي ڪري پيئي ۽ ڀيٽل
ماڻهن اڳيان اهو راز ظاهر ڪيائين ان کانپوءِ اها ڳالهه چوگرد
پکڙجي ويئي ۽ بلڪ اخبارن ۾ به ظاهر ٿي. ٻئي دفعي
جي ڳالهه ته جڏهن ڀائي صاحب ڀڳت ۾ بيٺو هو ته الي
هڪ زميندار جو لابينا هو تنهن رڙ ڪري چيو ته او ڀائو

ANTIQUITIES & ARCHIVES
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ڪنور رام صاحب! هيڏاهن اچ ته مان توکي ڏسان. ٻڍي
جو اهو سڏ ٻڌي. ڀائي ڪنور رام ان ٻڍي وٽ ويو ۽
چيائينس ته حاضر سائين آيو آهيان، جاچي ڏسيم. تڏهن
تي ٻڍي ڀائي صاحب کي چيو ته سائين مان نابينا آهيان
مهرباني ڪري پنهنجا پوتر هٿ منهنجي اکين کي لايو
ته مان سڀو ٿي اوهانجي سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت
اکين سان ڏسان. ڀائي صاحب ان ٻڍي نابينا جي اکين
کي پنهنجو پوتر هٿ ڦيريو ته جهٽ اهو ٻڍو نابينا خوشي
۾ اچي چوڻ لڳو ته سائين! اوهانجي وڏي مهرباني.
اوهانجي ڪرپا سان مونکي اکين جي جوت وري نصيب
ٿي آهي. سون روپين خرچڻ سان ڪوبه فائدو ڪونه
پهتم پر اوهان ڀڳتن ڪرپا ڪري هٿڙو ڦيريو ته جهٽ
سڀو ٺيڪ ٿيو آهيان. اهڙي قسم جون ڪرامتون ڀائي صاحبن
جون انيڪ لوڪ ڳائين ٿا. ڀائي صاحب موج ۾ اچي ڀڳت
۾ ٻيهي ايشور جا گڻاواد ڳائيندو هو. تڏهن منهن جي
ڪرانت ۽ چهرو سون وانگر پيو چمڪندو هو. جهڙو
جهڙو استان ۽ موقعو ڏسندو تهڙي نموني جا شبد ۽
ڪافيون ڳائيندو هو. جن سڀني سندس صحبت ڪئي
هوندي تنکي سڌ آهي ته ڀائي صاحب گيان ۽ ڀڳتيءَ جا ڀنڊار
هئا. پر سدائين غريبي ڀاءُ ڌاري اڪل رهندو هو. ڪڏهن
پاڻ نه جاڻائيندو هو. ڪڏهن به پنهنجو سک يا شش نه
ڪيائين. هو صاحب چوندو هو ته مان پاڻ شش آهيان،

سو ٻين کي وري شش ڪين ڪندس. جهڙي قسم جو ماڻهو گڏ ٻو هوس تنهن سان اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ ڪانئس حال احوال وٺندو هو. ڀائي صاحب کي ڪو ورلي لکي سگهندو ته ڀڳت صاحب ايشور ڀڳتي جي ڪهڙي منزل تي رسيل آهي. ڀڳت صاحب وڏو مهمانواز هوندو هو. سندس ڀنڊارو ۽ مهمانوازي جر وارن ۽ رهڙڪي ۾ هلندي هئي. آڄو ويو مزمان نڪري اوس وٽانئس کائي ويندو هو.

هتي دک سان ظاهر ڪرڻون ٿو پوي ته اٽڪل پنج سال ٿيندا ته ڀائي صاحب آسو سنبت ١٩٩٩ ۾ ماڇهندن مان ڀائي گوبندداس صاحب جي ميلي تي ڀڳت وجهي دادو کن ٿيندو رهڙڪي ڏانهن ڀائي وسڻرام جي ورسيءَ تي ريلوي گاڏي ۾ چڙهي پنهنجن سنگين سان ٻي ويو ٽڻن رک جي اسٽيشن تي ڪن ظالم مسلمانن بدا ڪنهن اپراڌ يا دشمني جي ڀائي صاحب تي بندوقون ڇوڙيون. بندوقن لڳڻ سبب ڀائي صاحب ريلوي جي گاڏي جي تختي تان هيٺ ڪري پيا ۽ اُنهيءَ پران تياڳيائون. اهو حادثو ڏسي سيٺي هاهاڪار ۽ رڙيون ڏانهون ڪيون ۽ ڀڳت صاحب جا خولي پڇي ويا. ڀائي صاحب جي لاش کي رهڙڪي ڪطائي آيا. جن ئي اها حالت ڏٺي تن تي زار زار رنو. ڀائي صاحب پنهنجي پٺيان لنڊڙا پار ۽ پنهنجي ڌرمپتني ڇڏي ويا. ڀائي صاحب جي شوڪ ۾ سنڌ

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

جي شعرن گهڻيون ڪافيون وچيون آهن جي هر هنڌ ڳايون وڃن ٿيون ۽ ڪنهن شهر ۾ شوڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ ميٽنگون گڏ ٿيون ۽ همدردي ۽ شوڪ جا ٺهراءَ بحال ڪيا ويا.

ڀائي ڪنور رام صاحب جهڙو ڀڳت سنڌ هٿان وڃائي ويٺي جنهن جهڙو سچو ايشور جو پيارو سنڌ ڪي وري الائي ڪڏهن نصيب ٿيندو.

ڀائي ولائتراءِ جي سماڌ

شهر قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڀائي ولائتراءِ صاحب جي سماڌ ٺهيل آهي. ڏياري جي پرب تي سماڌ صاحب تي سال ۾ سال ٽي ڏينهن وڏو ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ خلق گهڻي انداز ۾ ايندي آهي. ميلي ۾ ڀائي ولائتراءِ جا سڀ شش اچي ڪٺا ٿيندا آهن. ميلي وقت ڀڳت به وهندي آهي. قنبر جهڙي ڏياري ساري سنڌ ۾ ڪانه ٿئي ٿي.

ڀائي ولائتراءِ صاحب اصل هالن پراڻن جا ويٺل هئا. سنڌس وڏا عامل ڪٽري هئا. ڀائي ولائتراءِ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رونيو کاتي ۾ تپيداري جي نوڪري ڪندو هو. هو صاحب صوفي مت جو هو. تپيداري ۾ ڪيس هڪ برهمڻ جي صحبت ٿي جنهن هنکي آپديش ڏنو جو

SINDH ARCHIVES

ڪمائي وڃي وڃي لعل ٿيو. ڀائي صاحب جي سنگ ۾ وري ٻيا ڪيترا ڪامورا رنگيا. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڀائي صاحب جا سوين جي انداز ۾ شش آهن. ڀائي صاحب قداور ۽ بدن ۾ پتلا هوندا هئا. سندس پوشاڪ سادي هوندي هئي. مٿي تي پٽڪو ٻڌندا هئا، سٿڻ سوڙهن پاچن واري پائيندا ۽ بوڇڻ ڪلهندا هئا. ڀائي صاحب سدائين اوم شبد جو جاپ سواسن جي رستي ڪندا هئا ۽ پنهنجن ششن کي ٻڻ سواسن جي رستي اوم جي جاپ ڪرڻ جو اُپديش ڏيندا هئا. سندس گهڻا شش اوم جو جاپ جپي نهال ٿي ويا آهن. نوڪريءَ ڪاپوءِ ڀائي صاحب پنهنجي گوٺ هالن پراڻن ۾ رهندا هئا. سال ۾ هڪ دفعو رهڙي، جهوڪ، شريف ۽ سيوهڻ جي صوفين سان گڏجڻ ويندا هئا. ديارام ٽپيدار سيوهڻ وارو جو سندس شش آهي سو هڪ دفعي بيمار ٿي پيو ڀائي صاحب اُنکي ڏسڻ لاءِ سيوهڻ آيو، پنهنجي حياتي جا باقي سال ديارام ٽپيدار کي ڏيئي پاڻ شرير ڇڏڻ جو ارادو ظاهر ڪيائون، تنهن ڪاپوءِ قمبر اچي ڀائي جيوتسنگ جي گهر ۾ رات رهي هڪکي ٻڌايائون ته اڄ اڌ رات جو اسين شرير تياڳيندا سون. اڌ رات جو زمين تي ليپو پارائي اُن تي اوم جو جاپ جپيندي شرير ڇڏيائون.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ڀائي واڌورام صاحب جي دربار
ٽنڊي الهيار ۾

شهر ٽنڊي الهيار ۾ ڀائي واڌورام صاحب هڪ جڳياسو ساڌو ڪمائي وارو ٿي گذريو آهي. سندس پتا ڀائي ديارام صاحب هڪ ستپرش ٿي گذريو آهي. ڀائي واڌورام صاحب پنهنجو سمورو وقت ٽڪاڻي ۾ رهي ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا. ڀائي صاحب ڪڏهن دربار کان ٻاهر شهر ٽنڊي الهيار جي بازار ۾ ڪونه ايندا. اندر اندر گوشي نشين ٿي ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا. دربار ۾ جيڪو مهمان يا سک ايندو هو تنهن کي پنهنجن هٿن سان ٽڪري کارائي ڀاڻي پيار ڏيندا هئا. پيو سمورو وقت ايشور پرائڻ رهندا هئا. ڀائي صاحب وٽ اڪيڪ ساڌو مهاتما اچي رهندا هئا. هو صاحب انهن جي دل و جان سان شيوا ڪندو هو. ڀائي صاحب جهڙا ئي اچو ۽ سنتوشي ساڌو ڪي ورلا ليندا.

ڀائي صاحب سدائين ايشور جي اڇا تي راضي رهندا هئا. ڪيتريون ئي مشڪلات درپيش ايندي هين ته صبر ۾ گذاريندا هئا. سندن چهرو سدائين سرهو هوندو هو. شهر ٽنڊي الهيار جي ماڻهن جي ڀائي صاحب ۾ چڱي ڀاونا ۽ صدق هوندو هو.

ڀائي صاحب سال ١٩٢٨ ۾ ڏيولوڪ پڌاريا. گادي

تي سندس پٽ ڀائي جيوترام ويٺو. ڀائي جيوترام جي تندرستي خراب ٿي پيئي ۽ هن پتا جي چالاڻي کانپوءِ ڏهه ٻارهان سال پوءِ شريو ڇڏيو. هاڻي ان دربار جي گادي تي ڀائي نارائڻداس وشنداس سندس سوٽ ويٺل آهي. جو ساڌو چڱو شيتل آهي.

راجا ويرو جو آستان

تعلقي ماتلي ۾ ماتلي شهر کان ١٢ ميل مفاصلي تي مشهور راجا ويرو جو آستان آهي. جنهن کي مسلمان شيخ پير ڪٿي جو آستان سڏين ٿا، سنڌ جي هندن جو پورو اعتقاد راجا ويرو ۾ آهي. راجا ويرو جي سماڌ ۾ هڪ وڏي پڪي عاليشان عمارت آهي جنهن جي چوگرد هڪ وڏو قلعو اڏيل آهي. مهمانن جي رهڻ لاءِ سماڌ سان لاڳو جايون آهن. اهو مندر فقط هندن جي حوالي ۽ سندن سنڀال هيٺ آهي. پر مسلمانن کي اندر قبي جي اچي زيارت ڪرڻ کان منع نه ٿيل آهي. ان آستان جي اڏاوت تي هندن جا لکين روپيه خرچ اچي ويو هوندو.

آستان جي سنڀال حيدرآباد جا هندو وقت به وقت ڪن ٿا. پهرين ٻاٻو ان آستان جي سنڀال ڪرڻ وارو ٻاٻو هوتچند هوندو هو. تنهن کانپوءِ (١) ٻاٻو سنگترام (٢)

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES

ٻاٻو ھولچند ان آستان جا سنڀاليندڙ ھئا ۽ پنھنجي طرفان مقرر ٿيل ھوندا ھئا. ھن وقت ان آستان جي سنڀال ٻاٻو گاگو ولد ڀائي روچيرام ڪري ٿو. مھمانن جي ٽهل شيوا ڪرڻ لاءِ ڪاردار ھڪ ٽهليو مقرر ٿيل آھي. جنھن کي ٻاڙو ٻه سڏيندا آھن.

ھر ھڪ سال سومر تي راجا وير تي وڏو شاهي ميلو لڳي ٿو. حيدرآباد ۽ ٻين طرفن جا شردالو ھر ھڪ سال سومر تي ميلي تي اچي ويندڙ آھن. ميلي ۾ اٽڪل ٥٠٠ سؤ ماڻھو اچن ٿا. اھڙي شردالن جا ڪارج راجا وير پورا ڪري ٿو. ڪيترا بيمار ان آستان تي ڇاھما گذاري خوش چڱا ڀلا ٿي موٽي وڃن ٿا. ھر ڪنھن جون مرادون راجا وير پوريون ڪري ٿو. ھر ڪنھن کي پنھنجي ڀاونا موجب ڦل پراپت ٿين ٿا. راجا وير جنھن کي راجا وڪرماجيت سڏين ٿا سو ٻه ھزار سال اڳي اُجين نگري جو راجا ھو. ھو ڌرمشت ۽ وڏو پرتاپي راجا ٿي گذريو آھي. ھن جي پنيان ھندن جو وڪرم سنبت جو ھن وقت ٢٠٠٣ آھي سو ھلي ٿو. راجا وڪرماجيت سنڌ ۾ ان ھنڌ ڪيئن آيو ۽ مٿي ذڪر ڪيل سنڌس نالي سماڌ اتي ڪيئن اڏجڻ ۾ آئي تنھنجي پوري ۽ ڇڙي طرح حقيقت نه ٿي ملي سگھي. ٻر سنڌ جي ھندن جي شردا ۽ ڀيٽو ان آستان ۾ جهجهو آھي. گھڻن کي ھتي جا پرتا لڳل آھن جنھن ڪري ھن جي شردا ۽ سڪ راجا وير ۾ قائم آھي ۽ وڌندي رھي ٿي.

ساڌو واسواڻيءَ جو ميران ستسنگ

شهر حيدرآباد جي هيرآباد ڪوارٽر ۾ ساڌو واسواڻي جو سکي ميران ستسنگ صبوح ۽ شام جو روز مره ٿيندو آهي. اهو ستسنگ سنڌ جي نامور سنت ساڌو واسواڻي جو جاري ڪيل آهي. ستسنگ ۾ روز چاليهه پنجاهه ماتائون ۽ ڀينرون ۽ چاليهه پنجاهه ماڻهو اچن ٿا.

ساڌو واسواڻي ان ستسنگ جو بنياد حيدرآباد ۾ سال ١٩٢٤ع ڌاري وڌو. ستسنگ شبد ڪيرتن ڳائڻ سان شروع ٿئي ٿو. تنهن کانپوءِ ساڌو واسواڻي شري مد ڀڳوت گيتا ۽ سنتن جي جيون چرتر تي وياکيان ڏيندو آهي. اهو ستسنگ حال سکي ميران سڪول جي جاءِ ۾ ٿئي ٿو. هاڻي ساڌو واسواڻي هيرآباد ۾ نئين جاءِ سکي ميران سڪول جوڙي ٺهرايون آهن. جتي ستسنگ لاءِ ڌار هڪ وڏو هال مقرر ڪيل آهي ۽ پڻ هڪ گيتا هال ٺهرايو وڃي ٿو. ساڌو واسواڻي صاحب جي ان ستسنگ ۾ اڪثر ڪري جوان وڃن ٿا.

حيدرآباد جي جوانن جي ان ستسنگ ۾ وڃڻ سان منورتي ۾ ڦيرو آيو آهي. هنن ۾ اخلاقي ۽ روحاني واڌارو آيو آهي. ستسنگ ساڌو واسواڻي جي ٺاهيل شري مد ڀڳوت گيتا سنڌي ڪوتا جو پاٺ ڪيو وڃي ٿو ۽ ساڌو جن جا ٺاهيل شبد ڳايا وڃن ٿا. ساڌو واسواڻي جي ميران ستسنگ جا ٻيا مکيه ڪم ڪندڙ مسٽر جشنمل ڀهلاجراءِ واسواڻي،

مسٽر گنگارام ۽ ڊاڪٽر راچند موڙجاڻي آهن. ان سٽسنگ
مان لاڀُ هيرآباد ۾ سکي ميران ڏرمائو اسپتال آهي جنهن
جو فائدو انيڪ ڀائر ۽ ڀينرون وٺي رهيون آهن. سادو
واسواڻي صاحب جا مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجن ٿا.

سادو واسواڻي جو جنم نومبر ١٨٨٠ ڌاري ٿيو. سادو
واسواڻي صاحب حيدرآباد جا وينل آهن سندن اباڻو گهر
ڪنياڻي ٽنڊي چوڪ ۾ واسواڻي گهٽي ۾ آهي. سادو
واسواڻي ننڍي هوندي پڙهڻ ۾ بلڪل هوشيار هوندو
هو. هو سدائين سڪول ۽ ڪاليج ۾ پهرين ڪلاس ۾
پهريون نمبر ايندو هو. سندس ايم.اي امتحان فرسٽ
ڪلاس ۾ پاس ڪيل آهي. سادو واسواڻي جواني ۾ گهڻين
ڪاليجن جو پروفيسر ۽ آخر پرنسيپال هزار ڏيڍ پگهار لي
ٿي رهيو آهي. سادو واسواڻي جو ننڍي هوندي کان
وٺي ڌرم پاسي مورتي هوندي هئي. هو صاحب
روحاني ۽ اخلاقي خيالن وارو سدائين ٿي رهيو. سندس
پوشاڪ سادي ۽ سندس طعام ۽ رهڻ سادي هوندي
هئي. سندس شادي ڪيل نه آهي. سدائين پنهنجي
ماتا کي پيو چوندو هو ته امان! مون ٿي آسيسا ڪر ته
مان سچو سادو ٿيان. ماتا جي اها ٿي مرضي هوندي هئي
ته سندس پٽ شادي ڪري گهر ٿاهي. وڏن وڏن گهرن
جون مائٽيون آيس پئي پر سادو واسواڻي اصل نه اڪر
واري وينو ته مان شادي نه ڪندس مان سنسار جي جار

۾ نه ڦاسندس، مان ايشور جو سچو ڀڳت ٿي ساڌو ٿيندس.
اِهو ساڌو واسواڻيءَ جو حياتيءَ جو مقصد، آخر ماڻس
هن کان انجام ورتو ته جيسين مان حيات آهيان تيسين
ڪاليج جي پروفيسري ۽ پرنسپالي ڇڏي فقير نه ٿيندين
منهنجي گڏ رهي وڃ ڪانپوره جڏهن لوڪي ڪپي ٿئين ڪيج. ماتا
سان اهو انجام ڪيائين ۽ ان انجام موجب ماتا جي حياتي
تائين اوڪري ڪندو رهيو. ساڌو واسواڻي جي شاگرد
۽ پروفيسر جي حياتي هڪ آدرش حياتي هوندي هئي.
ساڌو واسواڻي پنهنجي ساري حياتي نيم موجب سڦلي
ڪئي آهي. سمورو وقت وديا پڙهڻ ۽ ايشور جي ڌيان
ڪرڻ ۾ سڦلو ڪندو هو. سندس شاگردن کي ساڌو
واسواڻي لاءِ گهڻي عزت هوندي هئي. ساڌو واسواڻي
جڏهن ڪراچي ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر هوندو
هو تڏهن هر روز شام جو پنهنجي جءِ تي خاص چونڊيل
شاگردن جو ڌرمي ڪلاس وٺندو هو ۽ اتي ڌرمي وشين
تي انهن کي اپديش ڏيندو هو. دنيا جي ڌرمن
جي جيڪا ڪانفرنس جرمني برلن ۾ ٿي تنهن ڪانفرنس
۾ ساڌو واسواڻي هندستان جو هڪ چونڊيل عيوضي
ڪري موڪليو ويو. ساڌو واسواڻي ان ڌرمن جي ڪانفرنس
۾ وڃي ان ۾ چڱو ڀاڱو ورتو ۽ تقريرون ڪيون. ساڌو
واسواڻي دنيا جو هڪ وڏو ودوان ۽ فلاسوف ليکيو وڃي
ٿو. دنيا جا سڀ ودوان ۽ فلاسوفن کي ساڌو واسواڻي

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

جي واقفيت آهي. انهن ڪري ساڌو واسواڻي لاءِ وڏو قدر آهي.

ساڌو واسواڻي جا هندستان جا وڏا ليڊر ۽ ودوان پنڊت مدن موهن مالويه، ۽ سر رابندرناٿ ٽئگور ۽ سر راڌا ڪرشن ۽ ٻيا دوست هئا ۽ آهن. ساڌو واسواڻي پنهنجي وڏي ڀاءُ مسٽر پهلاجراءِ ليلارام واسواڻي، ڪراچي ميونسپالٽي جي اسڪولن جي سپروائيزر کي گهڻي عزت ڏيندو هو. ٻنهي ڀائرن جو هڪ ٻئي ۾ گهاٽو پريم جو سنبنڌ هوندو هو. ساڌو واسواڻي کي جيڪي پروفيسري ۽ پرنسپالي مان ماهيانو اجورو ملندو هو تنهن مان پنهنجو ضروري خرچ ڪري ٻيو ڌن پاسي دان پنج ڪري ڇڏيندو هو.

ساڌو واسواڻي هڪ هوشيار ۽ فصيح زبان وارو وياکياڻ ڏيندڙ آهي. سندس وياکياڻ ٻڌندڙن کي چڱو رس اچي ٿو. دنيا ۽ هندستان جا وڏا ودوان سندس تقريرن جي ساراهه ڪن ٿا. انگريزي ٻولي تي سندس چڱو ضابطو آهي. اڪثر ڪري انگريزيءَ ۾ پنهنجا وياکياڻ ڏيندو آهي.

سنڌ جي وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد سکر ۽ روهڙي، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور جي مکيه ماڻهن ساڌو واسواڻي کي سندس عزت ۾ شهر جي ماڻهن جون ميٽنگون گڏ ڪري ائڊريسون ڏنيون آهن. حيدرآباد ۽ ڪراچي جي عام نمائش جو ساڌو واسواڻي هڪ ڀيڻو آهي ۽ سڀ

عامل ساڌو واسواڻي کي اياڻت جي فخر جو باعث سمجهن
ٿا ۽ سال ١٩٢٢ ۾ ساڌو واسواڻي جڏهن لاهور جي ديالسنگهه
ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تي هو تڏهن سندس ماتا
جو حيدرآباد ۾ چالاڻو ٿيو. تار پهچڻ تي ساڌو جن حيدرآباد
پهتو ۽ اچي پنهنجي ماتا جو مرتڪ ڪريا ڪرم ڪيائين
پاڙهي گذرڻ کانپوءِ پنهنجي عهدي تان استيفعا لکي
موڪليائين ماتا سان ڪيل انجام موجب سندس حياتي
تائين نوڪري ۾ رهيو ۽ ماتا جي گذري وڃڻ کانپوءِ
سنسار جا سڀ بندن ٽوڙي سمورو وقت ايشور جي پڇڻ
ڪرڻ ۾ سڦلي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. اُن وقت ساڌو
واسواڻي جي ٤٨ ورهين جي اوستا هئي. ساڌو واسواڻي
تنهن کانپوءِ ڪجهه وقت ڪراچي ۾ تنهن کانپوءِ حيدرآباد
۾ رهي وياکيان جي وسيلي حيدرآباد نواسين کي ڌرم
بابت اُپديش ڏيندو هو. تنهن کانپوءِ سال ١٩٣٠ ۾ ساڌو
واسواڻي هيرآباد ۾ سکي ميران سڪول برپا ڪيو ۽ اُن
۾ صبوح ۽ شام جي ستسنگ جو پربند ڪيو. تنهن کانپوءِ
ڪراچي ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن تي هڪ جاءِ ٺهرائي اُن
۾ پڻ گيتا ڪلاس جو آرنڀ ڪيو ۽ صبوح ۽ شام جو
ستسنگ ڪندو رهيو.

ساڌو واسواڻي هڪ ڪرم يوگي آهي جو ايا آسڪتي
جي ڦل جي اڇا ڪاڻسواءِ نشڪام شيوا دنيا جي لوڪن
جي ڀلي ... اخبارن ۽ ڌرمي پستڪن لکڻ ۽ وياکان

SINDH ARCHIVES

ڏيڻ جو بوڙهيو رات ڏينهن ڪري ٿو. ساڌو واسواڻي ڇوڪرين جي وديا ۾ ڦيرو آندو آهي. سرڪاري سڪولن ۾ جنهن قسم جي وديا ڇوڪرين کي ڏيڻ ۾ اچي ٿي سا پسند نه آهي. ساڌو جن بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪيل اسڪيم موجب پنهنجي ميران سڪول ۾ وديا ڏني ٿو. سندس سڪول ۾ هندي جو پرچار ڪرڻ ۾ اچي ٿو.

ساڌو واسواڻيءَ جي ميران سڪول جي اهڙين جاءِ هاڻي تيار ٿي آهي جتي اٽڪل پنج سؤ ڇوڪرين کي وديا ملي سگهندي. ساڌو واسواڻي جو نالو يورپ ۽ امريڪا جي ودوانن ۾ مشهور آهي. ساڌو واسواڻي ايشور ڀڳت آهي. سندس ڪيتري قدر ڪوتا رچيل آهي. اها ڪوتا پاڻ مراد ۽ سندس زبان مان بنا ڪنهن ڪوشش جي اُچاري وڃي ٿي. سندس اخلاص نوري اماڻي آهي. شاسترن ۾ لکيل آهي ته جيڪي ايشور جا پورن ڀڳت آهن ۽ جنهن تار ايشور سان لڳل آهي سي جڏهن موج ۾ اچي ايشور جا گڻانواد ڳائين ٿا تڏهن سندن واڻي پوري ڪوتا ۾ پاڻ مراد بنا ڪوشش جي نڪرندي ٿي پوري پوري سندن زبان مان اُچاري وڃي ٿي. ساڳي حالت سنڌ جي صوفي فقيرن جي چوڻ ۾ اچي ٿي ۽ ساڳي حالت ساڌو واسواڻي جي آهي. ساڌو واسواڻي آڌي رات جو يڪتارو کڻي جڏهن ايشور جا گڻانواد ڳائي ٿو تڏهن سندس زبان مان پاڻ مراد ڪوتا نڪرندي وڃي ٿي.

ساڌو واسواڻي سارو ڏينهن ڌرمي ڳالهين بابت لکڻ ۽ پڙهڻ تي سڦلو ڪري ٿو. سندس ڪيترا ڪتاب انگريزي ۽ سنڌي ۾ لکيل آهن. هنجي صحبت ڪري ايڪ ڀائرن ۽ ڀينرن اخلاقي ۽ روحاني ترقي ڪئي آهي ۽ سندن حياتي ايشور ڀرائڻ تي آهي. ساڌو واسواڻي جي هن وقت ٦٧ سالن جي اوستا آهي. شال ايشور کيس وڏي آورجا بخشي. ساڌو واسواڻي هن وقت سنڌ اندر نشڪام شيوا ڪري رهيو آهي جنهن مان سنڌواسين جو ڪلياڻ ٿيڻو آهي.

ڪنيا ڀڳت جو ٽڪاڻو

شهر حيدرآباد ۾ مکي گهٽيءَ جي منهن تي مشهور ٽڪاڻو سنت ڪنيا ڀڳت جو آهي. اهو ٽڪاڻو سندن جو ٻه ٽڪاڻن سڀ ٻو آهي جو ان ٽڪاڻي جا سڀ سنت سڌ پرش رڌين وارا ٿي گذريا آهن. ان دربار ۾ سيني ديوتائن شو، لڇمي نارائڻ، ديوي ڀواني ماتا، هنومان ۽ لعل صاحب جا مندر آهن.

شجرو

١. ڀڳت ڪنهيارام
٢. ڀڳت ساهن داس

٣- ڀڳت ڏيوجي رام
٤- ڀڳت ڪيرتراءِ

ڀڳت ڪنئيارام صاحب حيدرآباد نواسي هئا. پاڻ گرهست آشرم ۾ نه رهيا. هر روز راڌڪي ڪرت منٽيءَ جو پوڄ ڪيو ڪري رات جو دربار ۾ رهي ستسنگ ڪندا ۽ ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا ۽ ٺڪاڻي جي سنڀال ڪندا هئا. پاڻ سنسڪرت ۽ گرمکي پڙهيل هوندا هئا ۽ ڪٿا پاڻ ڪندا هئا. ڀڳت ڪنئيارام جون گهڻيون ڪرامتون ٻڌايل آهن. ڳالهه ٿا ڪن ته ڪنهن ماڻهو شڪارپور نواسي جنهن کي حيدرآباد ۾ ڀنگ جو ٺيڪو سرڪار مان مليل هو تنهن کي سڌ ڏني ته ڀڳت ڪنئيارام جي ٺڪاڻي ۾ ٻه گهوٽيون بنا اجازت ڀنگ جون آيل آهن. دولترام آبڪاري انسپيڪٽر کي چاڙهي دربار تي آيو. انسپيڪٽر کي جاچ ۾ معلوم ٿيو ته دربار ۾ ڀنگ جون ته ٻه گهوٽيون ڪونه رکيل هيون پر ٻه گهوٽيون سڪل ميٿيءَ جون سنتن جي ڀاڄيءَ لاءِ گهرايل رکيل هيون. اها ڳالهه ڏسي ٺيڪيدار ڀڳت ڪنئيارام کان معافي ورتي ۽ هر هڪ مهيني لاءِ دربار کي ڏهه سير ڀنگ ڏيڻ جو انجام ڪري هر هڪ مهيني ڏهه سير ڀنگ دربار کي ڏيندو رهيو. ڀڳت ڪنئيارام بابت ڳالهه ٿا ڪن ته جڏهن ڀڳت صاحب پلوءَ پاڻي ديگ تي وجهي ديگ تي پنهنجي گيرو رتي چادر سان ديگ ڍڪي ڀڳي سنگت کي چاڙهون ڀري کارائيندو هو ته ديگ ۾ اهڙي ته

ٻرڪت پوندي هئي جو ان ديڳ مان سوين ماڻهو کائي اٿندا هئا پر ديڳ ۾ طعام اڃان بچيو پيو هوندو هو. ڀڳت ڪنيارام جا انيڪ شرڌالو سک شيوڪ هئا. جيڪو سندس دربار ۾ من جي جيڪا به مراد کڻي ايندو هو تنهن جي اها مراد پوري ٿيندي هئي. ڪو به سوالي خالي نه ويو گهڻن کي پٽ ۽ ڪن کي ڌن دولت، جايون ۽ زمينون سندس آسيسا سان مليون. سندس ڀنڊارو سدائين آيل ويلن لاءِ کليل هوندو هو. ٻاجهڙي جو ڍوڍو، مٽر جي دال ۽ ساڻي ڀاڄي ۽ تاهري ڪنيا ڀڳت جي ڀنڊاري جي اڄ ڏينهن تائين مشهور آهي. هر هڪ ڪتي جي ٻارس تي سال به سال سندس سنگي سندس ورسي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن جتي ساڳيو پوڄن ٻاجهڙي جو ڍوڍو، مٽر جي دال ۽ تاهري ۽ ساڻي ڀاڄي جو ڀنڊارو ٿيندو آهي.

ڀڳت ڪنيارام اٽڪل هڪ سؤ ورهيه ٿيا ته ٻيانوي ورهين جي ڄمار ۾ شرير ڇڏيو. اڄ ڏينهن تائين ڀڳت ڪنيا جي ڀڳتي ۽ نام جي پرتاپ سبب دربار جو نالو مشهور آهي. دربار ۾ سندس چاڪريون وڪيل آهن جنهن اڳيان سوين شرڌالو مٿو ٽيڪين ٿا. هر روز صبوح جو جوتي سروپ جي پوڄن اکنڊ جوتين جي آرتي ٿيندي آهي. ۽ شام جو ڪٿا ڪيرتن هڪ براهمڻ ڪندو آهي. شري مد ڀاڳوت پراڻ ۽ رامائڻ جي ڪٿا مهراج ڪندو آهي. اٽڪل ۵۰ يا ۶۰ سنگي روزمره ايندا آهن. هر هڪ

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

مهني جي چنڊ چوڏس ۽ ٽارون رات ١٢ بجي تائين جوڳ ٿيندو آهي جتي سنگت گڏجي شري لعل صاحب جا پنجڙا ۽ ٻيا شبد ڳائيندا آهن. ڪئين ڀڳت ڌا سڪ شيوڪ حيدرآباد، هٽڙي، سيڪات، هالا، مٽيارين ۽ گدو بندر ۾ آهن. حيدرآباد جي لاڙي پنچايت جنهن جا گهر اٽڪل ٻه هزار حيدرآباد ۾ رهن ٿا. تن سڀني جي مرڻ ۽ صدق ڪنيارام ڀڳت جي ٽڪاڻي ۾ آهي. تنهن ڪري ان ٽڪاڻي کي لاڙائي پنچايت جو ٽڪاڻو سڏبو آهي. سڄي شهر جا ماڻهون جٿيان ۽ مرڻ ڪنيا ڀڳت جي ٽڪاڻي ۾ ڪرائيندا آهن.

ڀڳت ڪنيارام جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس چيلو ڀڳت شامنداس گادي تي ويٺو. هو صاحب ٻه روز پنهنجي گرن وانگر راضڪي ڪرت ڪري ٻاڙن جي ڪمائي ڪري رات جو اچي دربار جي سنڀال ڪندو هو. ڀڳت سامنداس کانپوءِ سندس چيلو ڀڳت ڏيوجي رام ۽ تنهن کانپوءِ ڀڳت ڪيرتراءِ گادي تي ويٺا. ڀڳت ڪيرتراءِ شري سنبت ١٩٨٦ ۾ چڏيو. جنهن کي اڄ سترهان سال ٿيندا. اڄ اها دربار مکي تاراچند ڪندنداس لاڙائي پنچايت جو مکي سنڀالي ٿو. دربار جي شيوا ٽهل ڪرڻ لاءِ ڀائي اوڌرمل ڏاڏومل مقرر ڪيل آهي جو ڀڳت ٻنا اجوري وٺڻ جي دربار جي شيوا دل وجان سان ڪري ٿو. آئي وئي مهمان جي وسوئي کاڌي جو بار ٻه مٿئين

ٽڪر ڪٻيل پاڻي اوڀر مل ڀاڳ ٽي ڪنيون آهي. سوين سوالي اچي ڪلهه ان دربار تي اچن ٿا ۽ سڀني کي ڀڳتجي ڀاونا جا پاڙا ملن ٿا. دربار جي ٽهل سيوا ڀائي اوڌو رام، ڪري رهيو آهي جنهن تي ڀڳت ڪنيارام جي آسيسا آهي ھو ڀاڳ سڀڻ جو روزگار ڪري ٿو ۽ دربار ۾ رهي دربار جي ٽهل سيوا ڪري. دربار جي ڀڳتن جي چاڪرين اڳيان نمڻ جو وڏو مهاتم آهي جيڪو ڀڳت ڪنيارام ۾ صدق ۽ يقين رکي سندس دربار ۾ وڃي سندس چاڪرين اڳيان متو ٽيڪيندو تنهنجي من جا مطلب ڀڳت صاحب اوس پورا ڪندو.

مهنت ڪانپت صاحب جو ٽڪاڻو

شهر حيدرآباد شاهي بازار ۾ مهنت ڪانپت صاحب جو نامور ٽڪاڻو آهي. حيدرآباد ۾ چئن مهنتن جا استان آهن. (١) شري مهنت ڪرپارام (٢) مهنت ڪانپت (٣) مهنت گورديال (٤) مهنت ڏياڻداس. انهن چئن مهنتن مان هڪ مهنت ٻائو ڪرپارام صاحب هو مهنت ڪرپارام صاحب جا وڏا ٻاٻي شري چند صاحب جو اولاد هئا.

(١) ٻابو شري چند صاحب (٢) ٻابو لکميچند (٣)

بابو ڌرمچند (۴) بابو مانڪچند (۵) بابو اُڌمچند (۶)
بابو سڄان چند (۷) بابو مالڪچند (۸) بابو ڌن پت (۹) بابو
سنت پت (۱۰) بابو ڪان پت (۱۱) بابو وسن پت (۱۲)
بابو غريب داس (۱۳) بابو گوديال (۱۴) بابو شامداس
(۱۵) بابو مراڙ داس (۱۶) بابو مدن داس (۱۷) بابو ڪيشوداس
(۱۸) بابو ايسرداس (۱۹) بابو سرنداس (۲۰) بابو منوهرداس.

هن وقت ان دربار جو مهنت باٻو منوهرداس آهي. انگل ۾ سؤ ورهيه ٿيا ته باٻو سنت پت سنڌ ۾ پڌاريو. اها دربار اُداسين پنت جي آهي. دربار جا سڀ مهنت سناتن هندو ڌرم جي پالنا ڪندا آيا آهن ۽ سناتن ڌرم جو اُپديش ۽ پرچار سکن شيوڪن ۾ ڪندا آيا آهن. حيدرآباد جا ڪل مکي پنچ خدابادي پائيمند ۽ عامل برادريون ان دربار جا سک شيوڪ آهن. خدابادي پائيمندن کي ان دربار جي مهنتن جي شيوا ٽهل ڪرڻ سان آسيسا ٿي آهي جنهن آسيسا سان انهن سنڌ ورق ۾ ڪوٺيون ۽ ڪارخانا برپا ڪيا آهن. اهو باٻي مدن داس جو ٽڪاڻون حيدرآباد شهر ۾ وڏي ۾ وڏو ٽڪاڻون آهي. ان ٽڪاڻي ۾ گروگرنت صاحب جي مندر وارو صفحو هڪ وڏو عاليشان هال آهي جنهن ۾ سؤن جي تعداد ۾ سنگي ويهي سگهن ٿا. ان دربار جا مهنت وڏي ڪرامت ۽ وچن سڌي وارا ٿي گذريا آهن. ڪيترا سک دربار جي شيوا ٽهل ڪرڻ سان سکي ٿيا آهن. وديا ويجها آهن. دربار جي عاليشان عمارت مهنت مدن داس ٺهرائي.

دربار جو باغ مهنت ڪيشوداس خريد ڪيو هو. دربار ۾ سون ۽ چانديءَ جو اسباب مهنت ايسرداس گڏ ڪيو ۽ دربار سان لاڳو جايون ڀائي ايسرداس ۽ ڀائي سرلداس خريد ڪيون. ان دربار کي زور ڀائي ايسرداس صاحب وڌايو. ڀائو ايسرداس جڏهن ان دربار جا گدي نشين هئا تڏهن حيدرآباد جا اڪثر سڀ سنڌ ورڪ واپاري سون هزارن جي قيمت وارا صاحبن لاءِ ريشمي رومال ۽ سون چاندي جا ڇٽ ۽ چَور دربار صاحب کي دان ڪيا. ڀائي ايسرداس صاحب روزمره شام جو ڪٿا پاٺ ڪندو هو. ڀائو ايسرداس حشمت ۽ هلندي وارو مهنت ٿي گذريو آهي.

هن وقت دربار صاحب روز ۴ بجي صبوح کان وٺي رات جو ۱۱ بجي تائين کليل رهي ٿي. دربار ۾ صبوح جو ۴ بجي کان وٺي هڪ بجي سوڌو ۽ وري شام جو ۶ بجي کان ۹ بجي سوڌو دربار ۾ ڪٿا ۽ ڪيرتن ۽ ستسنگ جاري آهي. دربار ۾ هڪ بجي مهل عام لنگر لڳي ٿو جتي ڪيترا ساڌو سنت ۽ اَتٿي پوڄن وٺن ٿا. ان دربار ۾ ڪوبہ مهاتما ودوان پنڊت سنت، منڊليون ۽ آکاڙا جماعتون، ساڌو سنت هفتو ٻہ هفتا رهي سگهہ ماڻي سگهي ٿو. سدائين دربار ۾ هڪ يا ٻيو سنت مهاتما ٻاهر جو ٽڪيل رهي ٿو. ٻاهر وارن سنتن ۽ ساڌن جي رهڻ ۽ پوڄن وٺڻ لاءِ ان دربار ۾ هر طرح جي سهوليت آهي.

هاڻوڪو گاديءَ تي مهنت منوهرداس اُدارچت آهي. هو صاحب دربار جي آمدني سڀ دربار لاءِ خرچ ڪري ٿو ۽ آئي ويئي جي سنڀال ۽ خاطري چڱي ڪري ٿو. ان دربار مان عام ماڻهو سک وٺي رهيا آهن.

شري مهنت ڀائي ڪرپارام صاحب جو ٽڪاڻو

شهر حيدرآباد ۾ چند پوراماڻي گهٽي ۾ مهنت ڀائي ڪرپارام صاحب جو ٽڪاڻو مشهور آهي. ان دربار جا مهنت وڏي ڪرامت وارا سنت پرش ٿي گذريا آهن. ان دربار جو وڏو ڀائو رام ڪرشن هو. ان دربار جي ڀائي کي شري مهنت جو خطاب مليل آهي. اها دربار اُداسين پنٿ ۾ شري چند صاحب جاري ڪيل پنٿ جي آهي.

شجرو دربار جو

١- ڀائو رام ڪرشن صاحب

٢- ڀائو ڪرپارام صاحب

٣- ڀائو ديارام صاحب

٤- ڀائو ميارام صاحب

٥- ڀائو هرنارائڻ صاحب

٦- ڀائو ڀيارورام صاحب

٧- ڀائو وسنديرام صاحب

٨- ڀائو ماڌورام صاحب

٩- ڀائو آتمارام صاحب

١٠- ڀائو هري رام صاحب

ڀائو رام ڪرشن صاحب اصل خداباد تعلقي سيوهڻ واري دربار ۾ رهندو هو. اها دربار اڃان تائين ڳوٺ خداباد ۾ آهي. ڀائو رام ڪرشن صاحب خداباد شهر ڇڏڻ کانپوءِ خداباد مان -لڏي گڏوبندر پير جي وڻ هيٺان هڪ ننڍي ڪاٺ جي آڏائي اچي ڪجهه وقت رهيو. اهو پير جو وڻ اڃان تائين ساڳو سبز گڏوبندر ۾ مٺين سنت جي ڪاٽي ۾ بيٺل آهي. ٿورن سالن کانپوءِ سنت رام ڪرشن چند پراماٽي گهٽي واري دربار ۾ اچي ويٺو. ڀائو ڪرپارام صاحب پنجاب ديس کان ڏوٽي جڳائي سنڌ ديس ۾ اچي ڀائي رام ڪرشن صاحب جنجو چيلو ٿيو. ڀائي رام ڪرشن صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ ڀائو ڪرپارام صاحب گادي نشين ٿيو. ڀائي ڪرپارام صاحب جي ڏوٽي سدائين دکيل رهندي هئي. عام طرح ڀائو ڪرپارام ڏوٽي وارو ڪري سڏبو هو. ڀائو ڪرپارام صاحب رڌ ٻن سڌين جا مالڪ ۽ ڪرامت جا ڏٽي هئا. ڪيترن سکن شيوڪن کي ظاهري پرتا ڪري ڏيکاريائين. ڀائو ڪرپارام صاحب هڪ توڪلي ۽ ايشور تي آڌار رکڻ وارو

سندس هو. جيڪو نقدي پئسو، اَن وغيره هڪ ڏينهن
جو هوندو هو سو سڀ غريبن ۽ اناٿن کي کارائي ڇڏيندو
هو. پٺي ڏينهن لاءِ جمع ڪري نه رکندو هو. چوندو
هو ته سڀاڻي جو مالڪ پاڻيهي نئون روز سڀاڻي ڏيندو.
جيڪڏهن ماڻهو چوندا هئس ته سائين ۽ اسانکي پنهنجو
سک ڪريو ته وراڻي ڏيندو هو ته آءٌ پاڻ نه تريو آهيان
سو سکن کي ڪيئن تاري سگهندس. ماڻهن چيس ته
سائين اوهانکي حيدرآباد شهر جي ماڻهن جو پنڌيان پڌي
مقرر ڪري ته ڏيون وراڻي ڏيندو هو ته پنڌن ۾ ڪير
پوندو. ڀائو ڪرپارام صاحب جيڪڏهن ان وقت سک
ڪري ها ته حيدرآباد شهر جا سڀ ماڻهو سندس دوار
جا سک ٿين ها ۽ دربار جي ٽهل شيوا ڪن ها.

سنڌ جي مير حاڪمن جو ڀائي ڪرپارام صاحب تي
اعتقاد ۽ صدق هوندو هو. هڪ دفعي جي ڳالھ آهي
ته مير صاحب سخت بيمار ٿي پيو هو ڪيترن علاجن
ڪرڻ سان ڪين ڇٽو. ان وقت هڪ رات جو هنکي هڪ
درويش نظر آيو. صبوح جو گهڻي ڳولا ڪانپوءِ ڀائي ڪرپارام
صاحب ڏنائين ۽ ڄاتائين ته راتوڪو درويش اهوئي آهي.
ڳالھ ٿي ڪن ته هڪ دفعي ميرن جي وزير ديوان جهوٽيمل
تي مير صاحب ڪنهن ڳالھ سبب ڪاوڙ ڪئي. ديوان
جهوٽومل ڀائي ڪرپارام صاحب جي اچي شرن ورتي.
ڀائي ڪرپارام صاحب جهوٽيمل کي ڏسي هنکي چيو ته
ها جهوٽا! ڪا مشڪلات پيئي اٿئي. پر هاڻي جهوٽا

وچ ڪڍهنجي رهجي ايندي. هو جو ويو مير صاحبن جي دربار ۾. ته مير صاحبن مٿس ڪاوڙ ڪرڻ بدران ڪيس تمام اڇي قيمخاب جو ڪوٽ انعام ڏنو. ديوان جهوڙيمل اهو قيمخاب جو ڪوٽ آڻي ڀائي ڪرپارام صاحب کي ڏنو. ڀائي ڪرپارام صاحب اهو قيمخاب جو ڪوٽ ڦاڙي ڳرن مٿان رومال ٺاهي ورتو.

ڀائو ڪرپارام صاحب ڌوڻي صاحب واري جاءِ ۾ گهڻو ڪري گذاريندا هئا جو چوندا هئا ته خبر نه آهي ته ڪيڏي مهل به موت جو سڏ ٿئي. ڀائي ڪرپارام صاحب جا ڪيترا تجربا ماڻهن ڏٺا آهن. ڀائي ڪرپارام صاحب جي ڌوڻي ۾ جيڪو ماڻهو ويساهه رکي ٿو انجي سڀ مشڪلات دفع ٿئي ٿي. اها ڌوڻي اڄان درٻار ۾ قائم آهي. ڀائو ڪرپارام صاحب ڪڏهن به ٻئي جاءِ ۾ نه رهندو هو. سدائين ڌوڻي صاحب جي اڳيان ڪکن واري جهوپڙي ۾ رهندو هو ڀائي ڪرپارام صاحب جا ٽي چيلا هئا. (١) ڀائو ديارام (٢) چيلو ڀائو پيارورام (٣) چيلو ڀائو هرنارائڻ. ڀائي صاحب جو وڏو چيلو ڀائو ديارام ڀائي ڪرپارام صاحب جي چولي ڇڏڻ کان اڳيئي ديولوڪ پڌاريو هو. ڀائي ديارام جو چيلو ڀائو ميارام هو. جڏهن ڀائي ڪرپارام صاحب چولو ڇڏيو تڏهن ڀائي ميارام کي حيدرآباد جي سيٺين فقيرن گادي تي وهڻ لاءِ چيو پر ان سنت وراڻي ڏني ته هي گادي ڳري آهي مونکان هلائي نه ٿيندي مان گدوبندر واري استان تي وڃي ٿو

رهان. ته هن ڪانپوءِ گادي ڀائي پيارئيرام صاحب کي ملي. ڀائو ميارام ۱۲۵ سال حيات هو. هو هڪ يوگي پرش هو.

ڀائو پيارئيرام هري جو پيارو ڀڳت ۽ رڌين سڌين جو مالڪ هو. ڀائي پيارئيرام صاحب جي ڏينهن ۾ دربار جا گهڻا صديقي سک ٿيا ۽ هن صاحب فقيري ۾ چڱو نالو ڪڍيو. سندس نالي سان چند ٻراماڻي گهڻي سڄڻ جڻ ۾ ايندي آهي. ڀائو هر ناراڻ ڪلا وارو سنت هو. اڄ هڪ ڪنگڻ دربار ۾ رکيل آهي. جو ڪنهن زال کي ويم وقت تڪليف ٿيندي آهي ته ان وقت ان زال کي اهو ڪنگڻ ڌوئي پيارٻو آهي ته اهڙي تڪليف لهي ويندي آهي.

ڀائي پيارئيرام ڪانپوءِ سندس چيلو ڀائو وسٽيرام گادي نشين ٿيو. ڀائو وسٽيرام صاحب سڌ پرش ٿي گذريو آهي. دربار جي گهڻن سکن ٿي هن آسيسا ڪئي ۽ جي ڀائي صاحب جي آسيسا سان وڌيا ويجها. ڀائي وسٽيرام صاحب پنهنجن گرن جو ڀنڊارو ڌام ڌوم سان ڪيو. ڀنڊاري تي ڀائي ۱۵-۲۰ هزار روپيه خرچ ڪيا. حيدرآباد شهر ۾ ان وقت سخت ڪالرا جي بيماري اچي پيئي. هڪ فقير چيو ته جيڪڏهن ڪو سڌ پرش هاڻي شهر ڇڏ ڏيندو ته شهر تان هيءَ آپدا ٽرندي. اها ڳالهه ٻڌي ڀائي وسٽيرام حيدرآباد واسين جي ڀلي ڪاڻ پاڻ شهر تياڳڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. تنهن ڪانپوءِ ٻورن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڀائي

وستيرام صاحب وبا جي بيماري سبب شري ۾ تيا ڇيو. ڀائي وستيرام صاحب کانپوءِ سندس چيلو ڀائو ماڌوداس گادي تي ويٺو. ڀائو ماڌوداس صاحب پڻ چڱي مورت هوندو هو. هو صاحب هر روز شام جو ٽڪاڻي ۾ ڪٿا ڪندو هو. ڪٿا تي ٦٠ کن ماڻهو ايندا هئا. ڀائو ماڌوداس صاحب جواني ۾ ديولوڪ پڌاريا. سندس چيلو ڀائو آتمارام صاحب پڻ گادي تي وهڻ کانپوءِ ستنشي چولو ڇڏيو. هاڻي هن وقت ان گادي تي شري مهنت ڀائو هريرام صاحب چڱي رهت وارو ساڌو آهي. هو صاحب دربار جي چڱي طرح شيوا ٽهل ۽ سنڀال ڪري ٿو. هن صاحب جي آيامڪاريءَ ۾ دربار ۽ دربار سان لاڳو جايون نيون ٺهيون آهن.

ڀائي نارائڻ داس جي دربار
پيرجي ڳوٺ ۾

شهر پير جي ڳوٺ ۾ ڀائي نارائڻ داس جي نامور دربار آهي. اها دربار جڳياسو پڳتن جي آهي جنهن جا سشيل ۽ پرسڌ جڳياسو پڳمس تي گذريا آهن.

شجرو

١- ڀائي ڏاڏون رام

ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES

٢- ڀائي واسورام
٣- ڀائي کيمارام
٤- ڀائي نارائڻ داس
٥- ڀائي ارجن داس

هنگورجن رياست خيرپور جو سيٺ سنڌومل هوندو هو. هن کي چار پٽ هئا. سندس پٽ ڀائي ٽائون کي ويڳ لڳو ۽ هن ١١ ورهين جي ڄمار ۾ سنسار کي ناسوت ۽ دک روپي ڄاڻي سنسار جو تياڳ ڪري گهر ٻار ڇڏي راڻيپور جي سوامي ٻالارام صاحب جن وٽ رهي سندس سيوا ڪئي. ڀائي ٽائونمل ٥٠ ورهين جي اوستا ڌائين سوامي ٻالارام صاحب جي دربار ۾ رهي دربار جي شيوا ۾ ڪئي ۽ ايشور جي ڀڳتي ڪئي. هو رات جو ڪوه تي ويهي ايشور جو ڀڄن ڪندو هو. هڪ دفعي سوامي ٻالارام صاحب ڀائي ٽائونرام کان سندس من جي ورتي بابت احوال ورتو. تنهن تي ڀائي ٽائونرام ورڻي ڏني ته ڀيو سڀ نيڪ آهي پر ڪڏهن من جي ڪام چيشٽا ٿئي ٿي. تنهن تي سوامي ٻالارام راڻيپور جي سيٺ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن کي چيائين تون اسان کي سدائين پٽ سنتان لاءِ عرض ڪندو رهيو آهين. هاڻي توکي پٽ ڄمندو شرط هن سان تون پنهنجي نياڻي جو سنگ ڀائي ٽائونرام کي ڏيندين. ان سيٺ سوامي ٻالارام جي ڳالهه قبول ڪري پنهنجي نياڻي ڀائي ٽائونرام کي ٥٠ ورهين

جي ڄمار ۾ پرڻائي ۽ سنت جي وچن موجب هنکي سال
اندر پٽ ڄائو. تنهن ڪانپوءِ سوامي ٻالارام ننڍي مستي
۾ هڪ دربار ڀائي ٽائون رام کي کولي ڏني جتي رهي
ڀائي ٽائون ايشور جو ڀڄن ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ لڳو. هنکي
ٻي ايا ٽيون ۽ هڪ پٽ ڄائو جنهنجو نالو ڀائي واسورام
هو. جڏهن هو ٩ ورهين جي ڄمار جو ٿيو تڏهن سندس
پتا ٽائون رام شرير تياڳيو ۽ هو صاحب گادي تي ويٺو.
ڀائي کيمارام ۽ پتا وانگر دربار ۾ رهي ايشور جو ڀڄن
ڪيو ۽ سدائين ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪندو رهيو.
هنکي ٻه پٽ ٿيا. (١) ڀائي کيمارام (٢) ڀائي خوشيرام.
سنبت ١٩٦٠ ۾ پير صاحب پاڳاري پڳ ڏني ڀائي واسورام
جو لاچار ٻڌي هن صاحب کي پنهنجي ڳوٺ پير جي
ڳوٺ ۾ دربار ٺهرائي ڏني. پتا ڀائي واسورام جي ديهه
ڇڏڻ ڪانپوءِ سندس پٽ ڀائي کيمارام پير جي ڳوٺ واري
دربار جي گاديءَ تي ويٺو. ڀائي کيمارام ٻه ساڳي وڏن
جي رهت هلي ايشور جو ڀڄن ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪندو
رهيو. هنکي ٦ پٽ هئا. (١) سوامي سيتلداس (٢)
سوامي نارائڻداس (٣) ڀائي گوبندرام (٤) ڀائي ايسرداس
(٥) ڀائي ڪشنداس (٦) ڀائي داموردداس. پتا ڀائي
کيمارام صاحب جي چالاڻي ڪانپوءِ سندس وڏو پٽ ڀائي
سيتلداس ڳوٺ ننڍي مستي واري دربار جي گادي تي
ويٺا ۽ سوامي نارائڻداس سنسڪرت جو ودوان هوندو

هو سندس ڪٿا ۾ سنگين کي گهٽ ورس ايندو هو. ڀائي نارائڻداس سڄي اڀري دربار ۾ شري مد ڀاڳوت ۽ گيتا ۽ گرنٿ صاحب جي ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو ۽ رات جو ٻوان جي ڪٿا ڪندو هو.

اونهاري وارا چار مهنا هر هڪ سال ڪراچي ۾ برنس گارڊن ۾ ڪٿا ڪندا هئا. ڪٿا وقت اٽڪل هزار ٻه ڏهان سؤ سنگي ايندا هئا. سوامي نارائڻداس ١١ سال ٻيا ڪراچي ۾ سال ٻه سال ڪٿا ڪئي. ڀائي واسوارام صاحب ٻاهر ڳالهه ڪا ڪن ته ٻيهر جي ڳوٺ ۾ ڀائي جي ماتا ۽ استري هڪ ئي رات ٻيهر جي ڳوٺ ۾ گذر ڪري ويون. ڀائي خوشالداس ٻنهي ڄڻين جا لاش چڙي نديءَ مٿي ۾ ڀائي واسوارام صاحب وٽ اچي هٿڪي عرض ڪيائين ته انهن کي مهرباني ڪري: وڌيڪ حياتي بخشيو. ڀائي واسورام صاحب ڀائي خوشالداس کي چيو ته ٻن مان هڪڙي وري حيات ٿي سگهي ٿي وٺيهي ته ماتا جي حياتي وٺ يا وٺيهي ته پنهنجي استري جي حياتي وٺ. ڀائي خوشالداس پنهنجي ماتا جي حياتي وڌائي ورتي. هو ڳوٺ ۾ ٿي آيو ۽ اچي ڏٺائين ته سندس ماتا وري حيات ٿي ويٺي هئي.

هڪ دفعي ڀائي واسورام صاحب پنهنجي پوٽي ڀائي نارائڻداس کي ساڻ ڪري ٻيهر جي ڳوٺ مان نديءَ مٿي ڏاڍو وچي رهيو هو. وات تي ماڻهن ڀائي واسورام کي

ٻڌايو ته هڪ زميندار جو ڇوڪرو ڇتو ڪتو آهي تنهن ڪري ان کان پاسو ڪري ٻيو رستو وٺي وڃون. ڀائي واسوورام ۽ ڀائي نارائڻداس ساڳيو رستو وٺي هلندا رهيا. رستي تي اهو ڪتو ڊوڙي ڀائي واسوورام وٽ آيو پر جڏهن ڀائي واسوورام جي نزديڪ آيو تڏهن اهو ڪتو پڇ لٽڪائي ٻيهي رهيو. ماڻهن کي اها حالت ڏسي ڏاڍو اچرج لڳو. ڀائي صاحب کان ان ڳالهه جي ڄڻهارت پڇائون ڀائي صاحب وراڻي ڏني اسانکي ڪتي ۾ به هري جو روپ ڏسڻ ۾ آيو. جتي ڪٿي ڀڳوان سدائين قائم آهي.

ڀائي ٽانورام کي جي ٽي نياڻيون هيون تن مان هڪ شريمتي رامي ٻائي ميران ٻائي واهگرو وڏي ڀڳتڻ ٿي گذري آهي. ٻائي شادي نه ڪئي سمورو وقت ايشور جي ڀڄن ۾ سڦلو ڪندي هئي. رامي ٻائي کي ننهي کان جي ست پوندي هئي. هن جون گهڻون ڪرامتون ڏيکاريل آهن. ڀائي نارائڻداس جي ايامڪاري ۾ ٻير جي ڳوٺ جو ناماچار وڌيو. ڀائي نارائڻداس جا سنگي ٻير جي ڳوٺ، ڪراچي، شڪارپور، سکر، مديجي، رتي ديري ۽ ٺٽي ديري ۾ گهڻا آهن. جنجو صدق ۽ شردا دربار ۾ جهجهي آهي. مکي جشنمل سکر واري کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. ڀائي نارائڻداس هڪ منتر مکي جشنمل کي ٻڌايو جنهنجي جپڻ سان هنکي ٻه پٽ ٿيا. ڀائي ليلارام راڌاڪرشن ڪراچي واري ڀائي نارائڻداس کي تيرٿن تي

وڃڻ وقت عرض ڪيو ته سوامي! اوهان ٽيرٿن تان موٽي ساڳي دستور موجب ڪراچي ۾ اچي ۴ مهنا ڪٿا ڪيرتن ۽ ستسنگ ڪجو. ڀائي نارائڻداس هنڪي وراڻي ڏني ته اسان ڪراچي جون پنڇون وساري آيا آهيون. ڀائي نارائڻداس تيرٿ ياترا تي شرير تياڳيو. شرير ڇڏڻ کان ٽي ڏينهن اڳي سنگين کي ڄاڻ ڪيو ته هاڻي اسين شرير ڇڏيندا سون. ڀائي نارائڻداس کي ٻه پٽ هڪ ڀائي ارجڻداس (۲) ڀائي مائوداس آهن. ڀائي ارجڻداس پتا جي گادي تي وينو. ڀائي ارجڻداس سنسڪرت جو ودوان آهي. پتا پڻ ڀائي نارائڻداس جهڙو رس سندس ڪٿا ۾ لوڪن کي اچي ٿو. ڀائي ڪيمان جو وڏو پٽ ڀائي سيتلداس ٽنڊي مستي واري دربار جي گاديءَ تي براجمان آهن. ڀائي ايسرداس ڏيڍ سال ٿيو ته نواب شاه ۾ دربار موني بازار ۾ کولي آهي. ڀائي ايسرداس صاحب سنسڪرت جو ودوان آهي. سندس ڪٿا مان سنگين کي چڱو آنند اچي ٿو. ڀائي ايسرداس صبوح ۽ شام دربار ۾ ڪٿا ڪيرتن ڪن ٿا.

ڀڳت ٽڪيارام جو استان ٽنڊو قيصر

ٽنڊي قيصر تعلقي حيدرآباد ۾ صوفين جو هڪ نامور استان آهي. اهو استان ڀڳت ٽڪيارام صاحب جي نالي

سان ٻوسڌ آهي. ان استان تي هر هڪ مهني جي سنڌي
١٧ تاريخ رات جو جاڳرتو ٿيندو آهي جتي سک، شيوڪ
رات جو گڏجي ايشور جا گڻانواد ۽ ڪافيون ۽ گيت
ڳائيندا آهن. ڀڳت ٽڪيارام ۽ ٻين سنتن جون سماڌيون
آهن. سماڌين تي سال ۾ سال ڦڳڻ واري مهني ۾ ميلو
لڳندو آهي.

شجرو

١- ڀڳت ٽڪيارام
٢- ڀڳت منگھن رام
٣- ڀڳت شيوارام
٤- ڀڳت ڀڳرومل

ڀڳت ٽڪيارام صاحب جن جا هيٺ مختصر جيون چرتر ڏجن ٿا.

ڀڳت ٽڪيارام جا وڏا اصل مارواڙ ديس جا هئا، اهي ڏڪار سبب سنڌ ۾ آيا هئا، هتن کي نواب قيصرخان ڀيهڻجن هوبلين جي ٻريان ميدان ۾ جھوپڙيون رهڻ لاءِ اڏائي ڏنيون هيون. ڀڳت ٽڪيارام صاحب جو پتا ڀڳت ڏيرو هو. ڏيرو ڀڳت کي پتر سنتان ڪونه ٿيندو هو، پوءِ ڏيرو ڀڳت کي خليفي سائين ميان يوسف شاهه جھوڪ ڍٽين جي دعا سان پٽ ٿيو. وڏي جو نالو ٽڪيارام رکيو ويو. ڏيرو ڀڳت صوفي مت جو هو. هن جو پڪو

لشڪو شاه قلندر ميران پور واري ۾ هو. هو هر ڪنهن سنڌي
مهني جي سترهين تاريخ جهوڪ شريف ويندو هو.
جڏهن ڏيرو ڀڳت جهور پيو ڏهو تڏهن هنکي حڪم ڏيو
ته ساڌ ڏيرو! تون هاڻي اڳتي سترهين پاڻ وٽ ڪندو
ڪر. اسين تو وٽ سترهين رات هميشه گپت روپ ۾
ايندا سون ۽ هتي جهوڪ شريف ۾ ٻئي ڏينهن اچي
ايندا سون. اڄ ڏينهن تائين ڀڳت ٽڪيارام جو اولاد سترهين
پنهنجي استان تي ڪندو آهي. ڀڳت ڏيرو ڪاپوءِ سندس
پٽ ڀڳت ٽڪيارام گادي تي ويٺا.

ڀڳت ٽڪيارام صاحب ننڍي هوندي کان وٺي ايشور
جي پريم ۾ رتل هوندو هو. هو ننڍي هوندي کان وٺي
جهنگ ۾ راتيون گذاري يوگ ابياس ۽ ايشور جو ڀڄن
ڪندو هو. ڀڳت ٽڪيارام صاحب روزمره رات
جو جهنگل ۾ وڃي اتي ايڪانت ۾ وڃي ايشور جو
ڀڄن ڪندو هو. روزمره جي اها هير ٿي وئي. ڀڳت
ٽڪيارام جا شرڌالو سک حيدرآباد ۽ ٻين هنڌ گهڻا ٿيا.
ڀڳت صاحب حيدرآباد ۾ ڀائي ڪيشورام صاحب، صوفي
ڀائي ڪرپارام صاحب، لالگي صاحب ۽ مسند ڀائي
ڪشنداس صاحب جي صحبت ڪندا هئا. ڀڳت ٽڪيارام
جي دواري تي رات ڏينهن سک شيوڪ ايندا ويندا پيا
هئا. رات ڏينهن شبد ڪيرتن جي لولي لڳي پيئي
هوندي هئي. ڀڳت صاحب ايشور جو شبد وڏي آواز

مان موج ۾ اچي ڳائيندا هئا ۽ ان وقت سندس منهن سورج وانگر پيو چمڪندو هو.

ڀڳت ٽڪيارام جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس پٽ ڀڳت منگهنداس گادي تي ويٺو. هو صاحب پڻ پنهنجي پتا جهڙو ايشور جو پريمي ڀڳت هو. جڏهن ڀڳت منگهنداس پنهنجي پتا جو ڀنڊارو ڪيو تڏهن ڀنڊاري تي ايتري خلق اچي ڪٺي ٿي جو گڏ ڪيل سيڌو سامان جو ٽن ويلن جو هو تنهن مان ڪجهه هڪ ٽي ويلي ۾ کپي ويو ۽ باقي ٿورو وڃي بچيو. رات جو ڀڳت منگهنداس کي سپني ۾ ڀڳت ٽڪيارام درشن ڏيئي چيو ته ٻچا تون منجهي نه پئو. اسانجي گيرو رتي چادر ڏيئي ديڳ مٿان رکي ديڳ مان ڪڍيون پر ته سڀ پورن ٿي ايندي. ان ديڳ ۾ اهڙي برڪت پيئي جو ساري سنگت ڪائي هوش تي آئي ۽ اڃان به ديڳ ۾ پاسي کان اَن بچيو پيو هو. مطلب ته ڀڳت سدائين قائم آهن هو پنهنجا ڪارج پاڻ ڪن ٿا. ڀڳت ٽڪيارام جي سماڌ سندن دواري کان ٿورو پنڌ پري هڪ زميندار جي زمين ۾ آهي. ڀڳت منگهنداس ڳائڻ وديا ۾ هوشيار هو. هو صاحب به پتا وانگر موج ۾ اچي ڀڄن ڳائيندو هو.

سنت ٽاهريو سنگهه جو استان
ڪندڙا ۾

شهر ڪندڙا تعلقي روهڙي ضلع سکر ۾ سنت ٽاهرئي سنگهه جو استان آهي. اهو استان ڀائي ٽاهرئي سنگهه ٺهرايو هو. ڀائي ٽاهريو سنگهه هڪ نامور سنت ٿي گذريو آهي. ڀائي ٽاهرئي سنگهه جو جنم ڳوٺ ڪندڙا ۾ ٿيو هو. هن جي مائٽن کي ڳوٺ ۾ هڪ ريزڪي وکر جو هڪ دوڪان هوندو هو. ننڍي هوندي کان وٺي سندس ورتي ويراڳوان هوندي هئي. پيءُ جا پئسا غريبن ۽ اناٿن کي ورهائي ڏيڻ لڳو. جڏهن سندس پيءُ ڏٺو ته پٽ سندس چيو نٿو مڃي ۽ ڌن لٽائڻ کان باز نٿو اچي تڏهن هن کي استري سميت گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. ڀائي ٽاهرئي سنگهه ڪندڙا جي پرسان بيگاڻي جي ڳوٺ ۾ سيٺي جو دوڪان کوليو. پڳون پنهنجن ڀڳتن جي سدائين سهائتا ڪندو آهي. دوڪان مان ڀائي صاحب کي چڱي پراپتي پئي ٿيندي هئي. ڀائي صاحب بيگاڻي واري دوڪان تي رهي ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ لڳو. ڏينهن جو ڪرت ڪار ڪندو هو ۽ رات جو اٿي جهنگل ۾ وڃي لڪي ايشور جو ڀڄن ڪندو هو. جيڪي ڪمائيندو هو سو سڀ غريبن ۽ اناٿن کي کارائي ڇڏيندو هو. پنهنجا ڪپڙا ۽ پنهنجي استري جا زيور به وڪڻي لنگر جاري رکيائين.

سنڌس استري هڪڙي ڪنگال ڏسي ڪيس ڇڏي وئي پيڪي گهر رهي. ڀائي صاحب جڏهن ٣٠ ورهين جي ڄمار جو ٿيو تڏهن هڪڙي تيبر وئراڳ جاڳيو. هنجي اکين مان سدائين ايشوري پريم جو جل وهندو هو. هو خوشيءَ وچان موج ۾ اچي گروگرنٿ صاحب جو پاٺ ڪندو هو. تڏهن ڪانپور ۾ ڀائي صاحب بيگاماجي جو دوڪان ڇڏي ڪندڙن ۾ ڀائي گرداس جي ٽڪاڻي ۾ اچي رهيو. اتي ڀائي صاحب ساڌن سنتن جي شيوا به ڪندو هو ۽ ايشور جو ڀڄن به ڪندو هو. سندس استري به ڀائي گرداس رام جي موڪل وٺي سندس ٽڪاڻي ۾ پتي سان گڏ ساڌن سنتن جي شيوا ڪندي هئي. ٿورن سالن ڪانپور ۾ ڀائي گرداس پنهنجن سنگين جي چوڻ تي لڳي ڀائي ڏاهر ٿي سنگ کي سندس ڌرمپتني سميت ٽڪاڻي مان ڪڍي ڇڏيو. پوءِ ڇڙا تڏهن ڪانپور شهر جي مسافرخاني ۾ اچي رهيا. ڳوٺ جي ماڻهن ڀائي صاحب کي مسافرخاني ۾ اڪيلو نه ڇڏيو. وٽس اَن، لٽڙ بسترا ۽ ڪپڙا ڪٺي آيا. مسافرخاني ۾ ستسنگ ٿيڻ لڳو. مسافرخاني ۾ گروگرنٿ صاحب کي براجمان ڪري سڀ گروگرنٿ صاحب اڳيان روزمره ڀڄن ڪندا هئا. ڪنڊڙا جي مکي پوڄيهل ڀائي صاحب کي مسافرخاني جي پرسان هڪ ڌرمسالا ٺهرائي ڏني. اها ڳالهه سنبت ١٩٣٢ ۾ ٿي. ڀائي صاحب ڌرمسالا ۾ رهي ايشور جو ڀڄن ۽ ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ لڳا. ڀائي صاحب رات جو هڪ بجي مهل ڀڄن

ڪرڻ لاءِ ٻاهر جهنگل ۾ ويندا هئا. هڪ دفعي جهنگل ۾ پوڄا ڪندي اهڙو لين ٿي ويو جو هنکي شرير جي سڌ نه رهي. اُن وقت ڀائي صاحب کي شري گرو دسمين پاتشاه گرو گوبند سنگهه جو درشن ٿيو. گرو جن ڀائي صاحب کي فرمايو ته اوهانکي اڳتي جهنگل ۾ اچي پوڄا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. اوهين پنهنجي ڌرمسالا ۾ رهي پوڄا ڪريو.

سنبت ١٩٣٩ ۾ ڀائي صاحب جي وڏي نياڻي جو وهانو ٿيو. ڀائي صاحب نياڻي جي وهانو جو ڪنهن به قسم جو بندوبست نه ڪيو ۽ سڀ لاهي ايشور تي رکيو. جڏهن فقط ١٠ ڏينهن وهانو ۾ اچي رها ته ڏهن ڀڳت وچل ديالو ڀڳوان پنهنجي ڀڳت جي پَتِ رکڻ لاءِ اهڙو کيل رچيو جو دور دور ديسن ۽ شهرن جي ماڻهن کي پريرنا ڪياتين ته ڀائي صاحب جي نياڻي جو وهانو ٿيڻ وارو آهي اوهان ڪپڙا گهڻا، اناج ۽ نقد کڻي ڀائي صاحب اڳيان وڃي رکو. ايشور جي پريرنا سان سڀ سامگري تيار ٿي ويئي ۽ ڪيترا سنگي وهانو ۾ مدد ۽ سيوا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا. گهوٽ پڻ هڪ وڏو شاهوڪار سيٺ هو. گهوٽيتن جي جڃ انڪل هڪ هزار ڪن هئي. انهن سڀني جي مرحبا ۽ وساڻي سنگت ڏاڍي پريم ۽ سڪ سان ڪئي. اُن پاڻي جو لنگر پريا اٺ ڏينهن لڳو پيو هو. ڌن آهي ايشور جا ڀڳت جنجو سچو وشواس ۽ صدق پنهنجي پياري ايشور ۾ آهي.

ڀائي ٺاڪر ڀوڄسنگهه سدائين ايشور ڀڄن ۾ مست رهندو هو. جيڪو وٽس ايندو هو تنهن کي ايشور جي ڀڄن ۽ گروواڻي پڙهڻ جو اپديش ڏيندو هو. ڀائي ٺاڪر ڀوڄسنگهه جي اپديش ۾ وڏو اثر هوندو هو. هندا وچن ٻڌي هڪدم ٻڌندڙن جو من ڀڄي پوندو هو. ڀائي صاحب شهر ڇڏڻ کان چار ڏينهن اڳي ٻنهي سنگين کي ٻڌايو هو ته اسانجي تياري آهي، اسين هاڻي شهر ڇڏيندا سون. ڀائي صاحب تاريخ ١٤ مانگهه ١٩٨٣ برابر ٢٦ جنوري ١٩٢٧ع ٻڌر ڏينهن رات جو ٩ بجي هري جو نام جپيندي شهر ڇڏيو.

ڀائي ٺاڪر ڀوڄسنگهه ايشور جو پيارو ڀڳت ۽ برهم گياني ۽ سچو يوگي سنت ٿي گذريو. سندس استان ٽنڊڻ جو وڏو مهاتم آهي.

مسند ڀائي جڳترام صاحب جو استان

شهر حيدرآباد ۾ جهونڊ ٻملاڻي گهٽي ۾ مسندن جي دربار آهي. مسندن جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- ڀائي شامداس

٢- ڀائي پوڪرداس مسند

٣- ڀائي ڪيولرام صاحب

٤- ڀائي جڳترام صاحب

۵- ڀائي ڀڳوانداس صاحب

مسند ڀائي ڪيولرام صاحب جا وڏا اصل روهڙي ۾ رهندا هئا. ڀائي ڪيولرام صاحب حيدرآباد ۾ اچي دربار استاپن ڪئي. ڀائي ڪيولرام مسند گروءَ جو پيارو ۽ ڪامل ڀڳت ٿيو. ڀائي ڪيولرام روز صبوح جو دربار ۾ ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو. ڀائي جڳترام جو جنم حيدرآباد جي شهر ۾ سنبت ۱۹۲۳ برابر ۱۸۶۷ع ٿيو. ڀائي جڳترام اڃان ڇهن ڏينهن جو هو، سندس ماتا چالاڻو ڪيو. ڀائي صاحب جڏهن ٦ درجا انگريزي پڙهي پاس ڪيا تڏهن سندن پتا ڀائي ڪيولرام چالاڻو ڪيو. ڀائي صاحب انگريزي پڙهڻ ڇڏي سنسڪرت وديا پڙهڻ وينو ۽ گرو دربار جي شيوا ڪرڻ لڳو.

ڀائي جڳترام صاحب ايشور پرماتما جي ڀڳتي ۽ غريبن ۽ محتاجن جي شيوا ڪرڻ ۾ مشغولي ڪئي. سندس رهڻي ۽ ڪهڻي سادي هوندي هئي. ڏينن ۽ دکين لاءِ ڪيس دل ۾ درد هوندو هو. ڪيترا ڪاورا ۽ ٻيا اڻٿي ۽ بيمار ڀائي صاحبن وٽ سندس آسيسا پڻ ايندا هئا. ڀائي صاحب هڪڙن کي گرو گرنٿ صاحب مان شبد لکي رکيا ڏاهي ڏيندو هو. سندس آسيسا سان ۽ سندس رکيا پائڻ سان سوالين جي من جون مرادون پوريون ٿينديون هيون.

ڀائي صاحب ساري عمر سنتن مهاتمائن جي سنگت ڪرڻ سان مشغولي ڪئي. سنتن جي صحبت ۽ شيوا جو

رنگ مٿس چڙهيو. ڀائي صاحب ڪيترا سال ساندهہ پنهنجي دربار ۾ صبوح جو ۹ کان ۱۰ تائين گروگرنٿ صاحب ۽ سورج پرڪاش جي ڪٿا ڪئي. سندس ڪٿا ۾ ڏاڍو رس ستسنگين کي ايندو هو. سڄي دربار سنگين سان ڪٿا وقت ڀرجي ويندي هئي. ڀائي صاحب هڪ لماڻي مورت هو. ڪڏهن بہ دميءَ ۽ ڏيکاءُ نہ ڪيائين. ڪٿا ڪانپوءِ اٺ ڪلاڪ شبد ڪيرتن پاٺ ڪندا هئا. ڳائڻ ۾ هوشيار هوندو هو. سندس آواز تمام سنو ۽ سريلو هوندو هو ڀائي صاحب جوتش وديا ۾ پڻ هوشيار هوندا هئا. ڀائي صاحب دياوان بہ هڪڙو ئي هوندو هو. اليڪ دفعا پنهنجا اوڍيل وستر غريب سوالين کي لاهي دان ڪندا هئا. ڀائي صاحب پاڻ وٽ پئسو جمع ڪري نہ رکيو. سڀ پئسا غريبن ۽ گهرجائو ماڻهن کي دان ڪري ڇڏيندو هو. ڏاڍو اُدارچت هوندو هو. سندن جي پنيان جام پئسا خرچ ڪيائين.

ڀائي صاحب کي اڳيئي جاڻ پيا تہ هاڻ ديولوڪ هلڻ لاءِ تياري ڪجي. شرير ڇڏڻ کان ٽي ڏينهن اڳي هو پنهنجي ڪٽنب سميت روهڙيءَ ڏانهن روانا ٿيا. ڀائي صاحب آڪٽوبر ۱۹۱۴ تي سيٺي کان موڪلائي هيٺ زمين تي پلٿي ماري رام نام جو نالو جپيندي ديهہ تياڳي. ڀائي صاحب شرير ڇڏڻ وقت چڱا ڀلا هئا. ڀائي صاحب جي اها حالت ڏسي سيٺي کي عجب لڳو.

هن وقت ڀائي جڳترام جو فرزند ڀائي ڀڳوانداس صاحب مسند گادي تي ويٺل آهي. هو صاحب هڪ نماڻي صورت آهي. ڀائي ڀڳوانداس صاحب ۾ سڀني مهاتمائن جهڙا گڻ آهن. ڪيترا ڪامورا ۽ ڀائيبند سيوڪ شش آهن. هر هڪ سال ٽي ڏينهن ڀائي صاحب ٽاهري واري مهني ۾ پنهنجي پتا ڀائي جڳترام صاحب جي ورسي دربار ۾ ڌام ڌوم سان ملهائيندو آهي.

مهراج بسنترام صاحب جو استان

شهر حيدرآباد ۾ اڪثر گهٽي ۾ راڌي شيام جو هڪ مندر آهي. ان مندر جو پايو وجهندڙ مهراج بسنترام صاحب هو. مهراج بسنترام صاحب سنت جو ناميور ڀڳت ۽ ڪوي ٿي گذريو آهي. هر هڪ سال ڦڳڻ واري مهني ۾ سندس شش مهراجن جو جنم ڏڻ ٽي ڏينهن ساندهه ڌام ڌوم سان ان استان تي ملهائيندا آهن. هر روز صبوح ۽ شام وان استان تي ڪٿا ڪيرتن ۽ هري نام جي ڌني ٿيندي آهي. ان استان تي راڌي شيام جون ٻه مورتيون رکيل آهن. جنهجي وڏي موجب روز ره صبوح، شام شيوا آرتي ٿيندي آهي.

ان استان تي ٻرهم نيشٺي ٻرهم شروتري مهراج

بسنترام شرما ايشور جو ڀڄن ڪيو آهي. هن وقت ان استان تي مهراج بسنترام جو شش شام سنيهي وشڌ آنند رهي ٿو.

مهراج بسنترام ڪرشڻ راماڻڻ پستڪ هندي ڪوتا ۾ رچيو آهي. ان پستڪ ۾ راماڻڻ جي طرز موجب دوهرن ۽ ڇندن ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان جي ٻال ليلا جو ورنن ڪيل آهي. مهراج بسنترام صاحب جي ٻي انيڪ واڻي رچيل آهي جا سنڌي ۽ هندي ٻولي ۾ ڇپايل آهي. ان استان سان لاڳو شهر حيدرآباد ۾ قليلي جي ڪپ تي آغا جي ٻنڊي جي نزديڪ هڪ ڪٽيا مهراج بسنترام صاحب جي آهي جنهن ڪٽيا ۾ مهراج بسنترام صاحب ايڪانت استان جو آنند وٺي ايشور جو ڀڄن ڪندا هئا. مهراج بسنترام صاحب جو مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

مهراج بسنترام صاحب سارسوت براهمڻ ڪل جا ويٺل اَڄڻ شاه جي ڳوٺ تعلقي هالن جا هئا. سندس پتا جو نالو مهراج لکي رام هو. سندس جنم ڦڳڻ جي شڪل ايڪادسي سنبت ١٩٢٩ ڌاري ٿيو هو. مهراج بسنترام جڏهن ڪشور اوستا جا ٿيا تڏهن سنسڪرت وديا پڙهڻ لاءِ حيدرآباد شهر ۾ اچي رهيا. سندس شب وهاو سنبت ١٩٥٠ ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هڪ ڏينهن شري ڀڳت مالا پڙهندي مهراج جنکي هن انت ۽ دک روپي سنسار کان ڪٽائي ۽ وئراڳ اتپن ٿيو. مهراج جن اهو پڪو پڻ ڪيو ته، مان هاڻي ڀڳتن وانگر ايشور جي ڀڳتي ڪري

موکش پد حاصل ڪندس. اهو شڀ سنڪلپ دل ۾
ڌاري ڪري مهراج بسنترام صاحب پنهنجن پائرن کي چيو
ته اوهان پڙهنتي ۽ ورت جو ڪم سنڀاليو مان هاڻي
دنيا جي ڌنڌن کان فارغ ٿي ايڪانت استان تي رهي
فقط ايشور جو نام جپيندس ۽ سندس ڀڳتي ڪندس.
سندس پائر ڪيس انهن ڪرڻ کان روڪيو پر مهراج جن
هنن کي ڪين ٻڌو. ان وقت سندس حالت تيبر ونراڳ
واري هئي:

مهراج جن ننهن ڪانپور قليلي جي ڪناري تي ڪاري
ڦردي وٽ هڪ ننهيل ننڪيل ڪئيا ۾ هر رات جو ٢-٣
ٻجي اچي ايڪانت ۾ رهي ايشور جو پوڄن ڪندا هئا.
سڄو ڏينهن ان ڪنيا ۾ رهي رات جو موٽي گهر ايندا
هئا. شرير نرواه واسطي پنهنجي ڌرمپتني کي چئي
ڇڏيائون ته هر ڪنهن کي روزي رسائڻ وارو ايشور آهي.
ايشور جي پريتان سان آجيوڪا پيئي ٿيندي. مهراج جو
پورو يقين ايشور ۾ هو ته هو ڪين بکيو نه ڇڏيندو.

مهراج بسنترام صاحب جو پرم پريتم مهراج اشارام
صاحب هو. مهراج نشارام صاحب هڪ سشيل براهمڻ هو.
ٻنهي مهاتمائن گڏ جي مٿين ذڪر ڪيل ڪنيا ۾ ايشور
جو پوڄن ڪيو. سندن پريم پاڻ ۾ بيحد هوندو هو. ڪيترا
شبد سندن گڏ جا چيل آهن جن ۾ انڌا بسنت جو پوڳ
پيل آهي.

مهراج بسنترام يوگ ابياس ڪري پرمانند پاتو. اُتش ڪرڻ شڌ ڪرڻ ۽ من کي هٿ وس ڪرڻ لاءِ ڏکيون ڏکيون ڪشٽائون سٺيون هئائين. يوگ سادنا جي سمي ۾ سادو ۽ سوکم ڪاڌو کائي ايشور جي ڀڄن ۾ مگهن رهندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ فقط هڪ پيرو پرشاد وٺندو هو. سندس شردالو ۽ پريمي سنگي وٽن ان ڪٽيا ۾ ايندا هئا. ان ڪٽيا ۾ صبوح ۽ شام ڪٿا ڪيرتن ۽ ڀڄن پاٺ ٿيندو هو. هو پنهنجو اپديش مکيه ڀڳوت ڀڳتي جي وشيه تي ڏيندو هو. سندس ڪٿا ڪرڻ مان سنگين کي گهڻو آنند پراپت ٿيندو هو. سندس سنگ ۾ اليڪ ماڻهن ماس ۽ مدرا کائڻ ڇڏي ڏنو. مهراج جن اُدارچت جا هئا ته ڌن ڪٺي ڪرڻ تي اچن ها ته ڪيترو ئي ڌن ڪٺو ڪري سگهن ها. پر سندن دل ڌن ڪٺي ڪرڻ سان نه لڳي. خوب دان ڪپڙي، اَن ۽ ڌن جو ڪيائون. شري مد ڀاڳوت پارائڻ جو رواج شهر حيدرآباد ۾ گهڻي قدر وڌايائون. ڪيس جڏهن پٽ ڄاوو تڏهن گرهست آشرم ڇڏي وانپرست اختيار ڪيائين. سندس ڳائڻ تي ڏاڍو شوق هوندو هو. جهڙو هوس پريم، تهڙي همس گلي جي مڌرتا. پياري شيام سندر من موهيندڙ جا گڻاواد ڳائيندي پريم جا لڙڪ سندس اکين مان نڪرندا هئا. مهراج سناتن ڌرم جا سنڌ ۾ ٿنڀا هئا. حيدرآباد، سکر، شڪارپور ۽ ٻين ڪيترن ننڍن وڏن شهرن ۾ سناتن ڌرم ۽ ڀڳوت ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيائين.

مهراجن تنهن ڪالپوءِ پنهنجي ڪٽيا ڦليليءَ جي ڪپ

تي آغا جي ٽنڊي وٽ ڪياڻون. مهراج جنهجو سنتن مهاتمائن سان ڏاڍو پريم هوندو هو. ڪيئن ايشور روپ ڄاڻي سندن شيوا ٽهل ڪندو هو. وٽس ڪٿيا ٿي ڪيترا سادو مهاتمائون ايندا هئا ۽ وچن ولاس جو گهڻو آنند ايندو هو. پاڻ به سمت پرشن ۽ مهاتمائن وٽ سندن صحبت ڪرڻ لاءِ به ايئن پري ويندا هئا. مهراج بسنتورام صاحب شري ڪرشڻ ڀڳوان جا پيارا ڀرم پريمي ڀڳت هئا. راڌا ڪرشن جي ڪٿائون ۽ ليلائن جي ڳائڻ مان ڪيس گهڻو آنند ايندو هو. سڀني ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان ڪيس آگيا ڪئي ته پريم جاڳڻ پستڪ آڪار ۾ ڳاءِ ۽ ان جو نالو شري ڪرشڻائڻ رک. مهراج جنهن شري ڪرشڻائڻ وچڻ ۾ ٽي ورهيه سمت مهنا لڳا. ڏهاڙي رات جو ۱۰ کان ۱۲ بجي تائين شري ڪرشڻائڻ لکڻ جو ڪم ڪندو هو. مهراج جن چيت سنبت ۱۹۷۴ تي چيت جي سهائي تيرس تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

هٿوڱي جي سادن جو استان

شهر هٿوڱو تعلقي کپري ضلع ٿرپارڪر ۾ ميرپور خاص کان ۴۲ ميل ۽ شادي پلي کان ۳۲ ميل پري گرهستي سادن جي رهڻ جو مشهور استان آهي. اهو جهونو شهر

سنڌ ۽ جيسلمير رياست جي اصل حد تي وارن جي ڀٽين تي اڏيل آهي. اوائل ساڌ ان اسٿان جو پاڀو پرسڌ ٿو هوندو هوندو هو. هندو جنم ۾ هٿونگي جي شهر ۾ ٿيو هو. سندس مائٽ هٿونگي جي شهر ۾ زميداري ۽ ڌنڌو ڪندا هئا. پاڻ ساڌ سڀ گرهستي آهن. هن ساڌن جا ٥-٦ گهر ان شهر ۾ آهن جن سڀني کي هٿونگي جا ساڌ سڏجي ٿو.

ساڌ پرسڌ لي مل انيڪ سوالين جا ڪم ڪيا. جيڪو بيمار وٽس ايندو هو سو وٽس ٻه ٽي ڏينهن سندس آسيسا سان چڱو ڀلو تندرست ٿي پنهنجي گهر موٽي ويندو هو. ساڌ پرسڌ لومل وڏي ڪرامت ۽ سڌي وارو سنت ٿي گذريو آهي. ماڻلي کان ٻه ٽي ميل گياندل ڪوسي جي گوٺ ۾ سندس ٻيو استان آهي جنهن کي ڀڳت پرسڌ لي مل جو ٽڪاڻو سڏجي ٿو. اٽڪل ستر سال ٿيا ته شريو ڇڏيائون. سندس سماڌ هٿونگي ۾ آهي جنهن تي وڏو قبو اڏيل آهي. هولي تي ساڌ پرسوڌلي جي سماڌ تي چار ڏينهن وڏو ميلو لڳندو آهي. جتي اٽڪل پنج ڇهه هزار ماڻهو زالون ۽ مرد ايندا آهن. ميلي تي هڪ شاهي لنگر لڳندو آهي. جتي سڄي شهر جا سڀ ماڻهو ۽ ميلي تي آيل رسوئي ونندا آهن. ميلي لئي ڪل ست ويلا رسوئي ٿيندي آهي. سڀگي هر هڪ ويلو اڳيئي ورهي ڪٽيل آهي يعني هر هڪ ويلي جي رسوئي جو خرچ

ساڌ ٻرسوڏني جا شردالو سنگي ميلي کان اڳيئي پاڻ تي هموار ڪندا آهن. اهڙي طرح سٽن تي ويلن جي رسوئي سنگي ڪندا آهن ۽ ساڌ ۽ ٻيا سنگي اُن ويلي ڏنڊ ۾ سنگي سان همراهي ڪندا آهن. ميلي تي ٻين ٻين شهرن جا ساڌ اچي ڪٺا ٿيندا آهن ۽ شبد پاٺي ڪندا آهن. هولي جا چار ڏينهن وڏو آنند لڳو پيو هوندو آهي. ساڌ ٻرسڏني مل جي سماڌ اڳيان سوين سوالي متو ٽيڪين ٿا ۽ اُهي جون ڪامنائون ۽ سوال پورا ٿين ٿا. هر ڪنهن کي پنهنجي ڀاونا جا ڀاڙا ملن ٿا.

ساڌ ٻرسڏني مل بابت ڳالهه ٿا ڪن هڪ ڏينهن چڱو ڀلو وينو هو ته چوڻ لڳو ته اسين هاڻي شرير ڇڏيون ٿا ۽ انهن چٽي چادر تاڻي سمهي پيا ۽ هڪ ڪن ۾ شرير ڇڏيائون. هن وقت ساڌ ٻرسوڏني جي استان جي گادي تي سندس پانچون پائي هاساڻند وينل آهي. پائي هاساڻند امرتا ۽ سنتوشي ساڌ آهي. هن وقت سندس اوستا سٺ ورهين جي ٿيندي. گذران پنهنجي زمينداري ۽ ڏنڊي تي ڪن. استان تي وڏي عاليشان عمارت ٺهرائڻ لاءِ سنگين سائين هاساڻند کي صلاح ڏني ته سائين اوهان فقط ميلي وقت سنگين اڳيان ان ڳالهه جو ذڪر ڪريو ته لک روپيه چڙهي ويندا. پر پائي هاساڻند وراڻي ڏني ته ان بابت سنگين کان گهر نه ڪنداسين. پاڻهي جيڪي اچا ۽ شردا هجي سو ان ڪم ۾ ڦوري ڏي. انڪل

ٽي سال ٿيندا ته قبي جي لاڳو ان آستان تي هڪ نئين
عاليشان عمارت تيار ٿي ويئي آهي جا اٽڪل پندرهان
هزار روپيه ڪاٽي ويئي آهي. هتوانگي جا ساڌ سڀ نماڻي
رهت ۽ هلت چلت وارا آهن. هُن کي ڪنهن به قسم
جو لوڀ ۽ لالچ نه آهي. پنهنجو ڌنڌو ڪري ان مان
روزگار ڪن ٿا ۽ ايشور جو ڀڄن ڪن ٿا.

مهراج ڏيوڏنارام صاحب جو آستان دادو

دادو شهر ۾ مهراج ڏيوڏنارام صاحب جو مشهور آستان
آهي. مهراج ڏيوڏنارام سارسوت براهمڻ دادو جي ڀرسان
هڪ ننڍي ڳوٺ جو رهندڙ هو جتان لڏي هن صاحب
دادو ۾ اٽڪل هڪ سؤ ورهيه ٿيا ته اچي اهو آستان برپا
ڪيو. مهراج ڏيوڏنارام سنسڪرت جو ودوان هوندو
هو. حيدرآباد ۽ ٻين ڪيترن شهرن جا براهمڻ وٽائنس
سنسڪرت وديا پڙهيا. دادو جي شهر ۽ دادو ضلع جي
شاهوڪار سيٺين ۽ هندو زميندارن پنهنجي ملڪيت
زمينون ۽ جايون ڌرم ارپڻ ڪري مهراجن کي دان ڪيون
اڄ اهو آستان ۽ اُن سان لاڳو جايون اٽڪل پنڌرهن لکن

روپين جون ٿيندڙيون. مهراج ڏيوڏنارام ٻال برهمچاري هوندا هئا.

مهراج ڏيوڏنارام صاحب جو اهو نيم هوندو هو جو ٣ بجي صبوح جو اٿي شهر جي ڪوڙا ڪرم ڪري سنڌيا، گائتري، هون ۽ يگيه ڪندو هو. شام جو ٣ بجي مهل فقط هڪ ڏهو سڄي رات ۾ ساڳو ٿڪ يوڄن کڻي ۽ دال ۽ ساڳي ڀاڄي جي ڪندو هو. سندس استان تي سدائين عام لنگر چالو رهندو هو جتي ڪيترا اتيٿي ساڌو سنت ۽ گرهستي روز روٽي اچي کائيندا هئا. هند سنڌ جا ودوان ۽ پنڊت مهاتمائون ۽ ساڌو ونس اچي مهمان ٿي ٽڪندا هئا جنهن جي خاطري سان شيوا ٽهل مهراج ڏيوڏنارام ڪندا هئا. مهراج ڏيوڏنارام ايشور جو پورڻ ڀڳت ۽ ڪمائي وارو مهاتما هو. سندس جس ۽ ناماچار سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پکڙيل هوندو هو. ڪراچي وارا پوڄواڻي سيٺيون مهراجن جا ڀڳمان هوندا هئا ۽ انهن جي مهراجن ۾ اٿي شرڌا هوندي هئي. مهراج جوتش وديا ۾ بلڪل هوشيار هوندا هئا. جن جهڙو سنسڪرت جو ودوان پنڊت ۽ جوتش وديا جو ڄاڻو ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪو ڪو هوندو. اٽڪل ٢٧ سال ٿيندا ته مهراجن ڀوڳ آسن لڳائي دسمبر ڊوار ۾ پران چاڙهي شرير تياڳيو. سندس شرير ڇڏڻ کانپوءِ سندس شش ساڌو ڀڳترام گادي تي ويٺو. ساڌو ڀڳترام صاحب دادو شهر جو سيٺين جي آڪه مان هو. ۾ هن سنسار کي دک روپ ۽ ناسوان

جاڳي ويراڳوان ٿي دنيا کي تياڳي اچي مهراج ڏيوڏنارام
صاحب جي شرڻ ورتي. مهراج ڏيوڏنارام هنکي سنسڪرت؟
وديا پڙهي هوشيار ڪيو. سنت ڀڳتورام صاحب جهڙو
سنسڪرت ودوان سنڌ جي هندن پائيمدن ۾ ڇڏو ليندو هو.
مهراج دوارڪا پرساد روچيرام، مهراج لوڪرام ۽ وشنو شرما
ولد مهراج لڇمارام ۽ دادو جا سڀ براهمڻ سنسڪرت
وديا ساڌو ڀڳتورام صاحب وٽان پڙهيا آهن. ساڌو ڀڳتورام
صاحب ڪٽر سناتني هوندو هو. هو سدائين سناتن ڌرم
جي مول متن موجب پنهنجي ورتڻ ڪندو هو. چارئي
ڌام هن صاحب پيري پيادا پيٽيا. اهڙي طرح تيرٿ ياترا
ڪنهن ورلي ساڌو يا براهمڻ ڪئي هوندي. سنڌ ۾
ورتڻ ۽ هلت چلت ۾ هڪ دفعو ڏينهن ۾ ڀوڄن وٺڻ
وارو رستو ساڳيو سنڌ ۾ گرو مهراج ڏيوڏنارام وارو هوندو
هوندو هو. ساڌو ڀڳتورام پنهنجي گرو جي ڳالهي دادو ۾
هڪ هندي پاٺشالا برپا ڪئي جنهنجو نالو مهراج ڏيوڏنارام
سناتن ڌرم وديالي رکيائين.

ساڌو ڀڳتورام صاحب سدائين گائتري منتر منتر نام
جو جاپ روز مره ادم سان ڪندو هو. هو صاحب نيم
سان ويدن جو پاٺ ڪندو هو. کيٽي، دال ۽ ساڳي ڀاڄي
اهو هو سنڌ ۾ روز مره جو ڀوڄن جو پڻ هڪ دفعو وٺندو
هو. ساڌو ڀڳتورام انڪل پنج ڇهه مهنا ٿيندا ته ديولوڪ
پڌاريا آهن. پنهنجي استان ۽ استان سان لاڳو جاين جي

سنياس لاءِ پنج ٽرسٽي مقرر ڪري ويا آهن جن مان هڪ ٽرسٽي مهراج وشنو شرما اسانجو شهرواسي براهمڻ آهي هن سنسار مان مهراج ڏيوڏارام ۽ ساڌو پيتمبرام پنهنجي حياتي هندو ڌرم بلي ۽ پراپڪار جي ڪمن ڪندي سڦلي ڪري ويا آهن. مٿي اسين ٻه مٿيون ٻن صاحبن والڪر آهن جي پيروي ڪري پنهنجي حياتي سڦلي ڪريون. مهراج ڏيوڏارام صاحب جي استان تي عام لنگر هندن لاءِ جاري آهي ۽ استان ۾ ٻن ٽن ڏهن لاءِ رهڻ جو پڻ بندوبست ٺيل آهي.

گوسوامي برهمانند صاحب جو آشرم

شهر حيدرآباد ۾ گوسوامي برهمانند صاحب جو آشرم آهي. اهو استان سنياسين جو آهي. سنڌ ۾ هيٺيون مکيه سمپردائين جا استان آهن (١) سنياسي (٢) بيراڳي (٣) اداسين (٤) جگياسو (٥) لعل صاحب جا پوڄارو وغيره سنياسي پورن هندو سناتني آهن. سنڌ ۾ وڏو جڳت گرو شري شنڪر آچاريه آهي. ان سنياسين جي استان تي پنج ديون جي پوڄا ۽ مکيه ديوي شڪتي، شو ڀڳوان ۽ گڻپتي جي پوڄا ٿئي ٿي. اها ريت آد سنان کان وٺي سناسين جي استان تي هلندي آئي آهي. سنڌ

اندر سنياسين جا وڏا شادي اصل ڪونه ڪندا هئا پر
چئن پنجين پيڙهين کان وٺي ملڪ ۽ زماني جون ڦريل
حالتون تنگ ڏسي هنن ۾ شادي ڪرڻ جو رواج پيو
آهي. گوسوامي برهمانند جي آشرم ۾ ديوي ماتا جي
استاپنا ۽ پوڄا آهي. هرهڪ سال ۾ ٻه دفعا چيٽ ۽ آسو
۾ نئوراترا ڌام ڌوم سان شاستر وڌي موجب ملهايا ويندا
آهن. ان استان ۾ ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي سنگيت وديا
باقاعدي سيکاري ويندي هئي ۽ پڻ هندو ڌرم شاستر پاڙهيا
وڃن ٿا. ٻالڪن جي چرتر سڌارڻ تي خاص ڌيان ڏنو
وڃي ٿو. سڀني ورڻن جا لوڪ هن آشرم ۾ گائن وديا
جو لاڀ وٺن ٿا. اهو آشرم صبوح ۽ شام کليل رهي ٿو.
تنهن کانسواءِ هفتي ۾ هڪ دفعو آرتوار ڏينهن عام جنتا
۾ گائن وديا جي پرچار لاءِ راڳ جي سڀا ٿيندي آهي. ان
موقعي تي مڪني گڏجي ۽ ڪلاڪار ٻاهر کان ايندا آهن
تنهجو لاڀ به عام جنتا کي ڏنو ويندو آهي سال به سال
ساونڻ مهني جي وڏي ٿڌڙي تي گوسوامي چيتن گر
صاحب جي ساليانو ورسي ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي
آهي. ورسي ۾ باقاعدي سنگيت ۽ ڀڄن ٿيندا آهن.
صبوح کان وٺي رات تائين ميلو لڳندو آهي. جنهن ۾
وڏا ساڌ سنت ۽ ڪلاڪار ۽ گائن وديا جا پريمين ڀاڱو
وٺندا آهن.

سنڌ ۾ گوسوامي جنجا وڏا لکپت کان آئي ڏبي محمد خان

۾ آيا جتي سنڌ ۾ پراڻو آستان ٽنڊي محمد خان ۾ قائم آهي. اهو آستان گوسائين بلديوگر جي مڙهي جي نالي سان مشهور آهي. ان مڙهي جا اڌڪاري هن وقت گوسوامي برهمانند آهن. ان آستان ۾ آڇيءَ پال جي سماڌ آهي. ان سماڌ جون عجيب ۽ غريب ڳالهيون بزرگ ڪن ٿا. ڪيترا بيمار ۽ بيا سوالي ان آستان تي شرڌا سان اچي پرساد ڪرائي الجي پيوتي کٽي پنهنجون آسائون ۽ مدو ڪامنائون پوريون ڪن ٿا. ان سماڌ اڳيان شرڌا سان نمرتا سان هر ڪنهن کي پنهنجا پاپن جا پاڙا ملن ٿا.

حيدرآباد واري آستان جي پر نالي هيٺ ڏجي ٿي. ان آستان جا گادي پتي سڌ پرش ٿيا آهن. گادي ودي هن گهراڻي ۾ مهنت گوسوامي گهنشام گر صاحب جي آيا ڪاري ڪان آئي. ان گادي ودي جو وارث گوسوامي چيتن گر ۽ گوسوامي برهمانند ڪيو.

شجرو

١- گوسوامي هيرا گر صاحب
٢- گوسوامي ڪيم گر صاحب
٣- گوسوامي گهنشام گر صاحب
٤- گوسوامي چيتن گر صاحب
٥- گوسوامي برهمانند صاحب

گوسوامي هيراگر صاحب آتم رهڻي وارا هوندا هئا ۽ سدائين گوشي نشين رهندا هئا. گوسوامي هيراگر ڪرامت

جا صاحب هوندا هئا. سنڌ ڪيترا پرتا سنڌس شرڌا ۽
سکن شيوڪن ڏنا. سنڌ جي حاڪمن مير صاحبن وٽ
گوسوامي هيراگر صاحب جي وڏي هلندي هئي. مير
صاحب گوسوامي کي وڏي عزت سان ڏسندا هئا.
گوسوامي هيراگر جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس چيلو
گوسوامي کيمگر صاحب گادي تي ويٺا. گوسوامي کيمگر
گهڻن ماڻهن جا تڪرار امين ٿي فيصل ڪيا. گوسوامي
کيمگر جو چيلو ڪلياڻگر مهاوڌوان ۽ تياڳي هوندو هو.
ان زماني ۾ سناسين جا جيڪي ڪٽ ڪرم ٿيندا هئا سي
سڀ گوسوامي ڪلياڻگر ڪرائيندو هو. تياڳ، وڙتي وارا
هئڻ سبب پنهنجي گرن جي استان تي ڪنهن به قسم
جو حق نه چڪيائين. گوسوامي کيمگر وڏا پراڪرمي ۽
۽ بلوان مهاپرش هوندا هئا. گوسوامي کيمگر صاحب زماني
ديد هوندا هئا. انهن ڏٺو ته هي وقت ڪٺن آهي.
سنڌ چيلا لاتي اينري تتڪشا ۽ تپسيا ڪري پنهنجن
اندرين تي ضابطو نه رکي سگهندا ۽ جيئن ته سنڌ سکي
شيوڪي سنڌ ۾ گهٽي هئي. تنهن ڪري هنن واجب
ڄاتو ته پڪتيءَ مارگ سان گڏ گرهست آشرم ۾ داخل ٿيڻ
ضروري آهي. ان وقت سنڌ جا استان ڌاري مهنت
شادي ڪرڻ کان نه ڊڄندا هئا تن لاءِ گوسوامي جن گرهست
آشرم ۾ داخل ٿيڻ جو رستو کوليو. پاڻ وڏي عمر ۾ شادي
ڪيائون ڪين ٽي فرزند ٿيا جن مان گوسوامي گهنشامگر
صاحب گادي نشين ٿيا. پاڻ گوسوامي کيمگر صاحب سڀ

ورهين کان مٿي اوسٿا جا ٽي ديولوڪ پڌاريا. شرير ڇڏڻ کان اڳ، اطلاع ڏيئي سيٺ کان موڪلائي شرير ڇڏيائون.

گوسوامي گهنشام گر وڏا ودوان ۽ چمتڪاري سادو ٿي گذريا آهن. عام طرح کين بادشاهه فقير ڪري سڏيندا هئا. هيري ۽ ٻين پٿرن ڪمايائون کين سدائين سواري لاءِ پالڪيون ۽ قيمتي گهوڙيون ۽ اُٺ هوندا هئا. وڏي حشمت ۽ دٻدٻي وارا هوندا هئا. پاڻ گائن ودّيا جو اڀياس ڪيائون. ڪيترين اڙيون ڪوتائون رچيون اٿن جن ۾ ماڻهن کي اهو اپديش ڪيو اٿن ته ڪوڙ ۽ پاکنڊ ڇڏي ستيه جي پالنا ڪريو. سندن درٻار ۾ وڏا وڏا ڪلڪ ۽ گائن ودّيا ۾ ماهر اچي حاضري ڀري چوڪي ڪندا هئا. سدائين اُڇي پوشاڪ پهريندا هئا. شڪل جا سهڻا، قداور ۽ سندن ڇاتي ٻاهر نڪتل هوندي هئي. دل جا درياهه ٻه هڪڙائي هئا. ڪڏهن به سوالي کي هٿين خالي نه ڇڏيندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ هوشيار گوئي وٽن اچي پنهنجي گائن ودّيا جي هوشياري ڏيکاري کين خوش ڪيو. انکي انعام ڏيڻ ضروري هو. گوسوامي جن وٽ ان وقت روڪڙ پيسو موجود نه هو. گوسوامي جن هيڏانهن هوڏانهن نهاري پنهنجو قيمتي سڄي ڪمخاب جو چوغو جنهنجي قيمت ان زماني ۾ ٻه سؤ روپيه هئي سو لاهي ڪڍي هنکي انعام طور ڏنائون اهو گوئيو ڪمخاب جو چوغو وٺي خوش ٿي آسيسا ڪندو

رهندو رهيو. سال ۱۹۰۳ع ۾ گوسوامي گهنشام گو ديولوڪ پڌاريا. سندن ٻيو نمبر فرزند گوسوامي چيتن گو گادي نشين ٿيا. گوسوامي چيتن گو جو مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

گوسوامي چيتن گو جو ٻالڪ اوستا کان وٺي وديا پڙهڻ ۽ ڪلا ڏانهن لاڙو هوندو هو. گرهست آشرم کان نفرت هئڻ سبب ويهن ورهين جي ڄمار ۾ فقيري اختيار ڪري بنارس ڏانهن وديا جو وڌيڪ اڀياس ڪيائون. ڪيترا سال ڪاشيءَ ۾ رهي وديا جو اڀياس ڪيائون تنهن کانپوءِ ساري هندستان جو رٽن ڪيائون. الور جي راجا جي شردا گوسوامي جن ۾ ٿي. گوسوامي جن الور ۾ رهي سنگيت وديا جو چڱو اڀياس ڪيو. تنهن کانپوءِ حيدرآباد ۾ موٽي اچي پهتا. مهنا کن رهي وري ڪاشي بنارس وديا جي اڀياس ڪرڻ ۽ تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ ويا. ان دفعي هن پاڻ سان سنڌ جو مشهور پنڊت مهراج شنڪرداس آشارام جهنجهي عمر ان وقت ۱۷ ورهيه هئي تنهن کي پاڻ سان گڏ بنارس وديا پڙهڻ لاءِ وٺي ويا. مهراج شنڪرداس جو گوسوامي جن ۾ گهڻو پريم هوندو هو. گوسوامي جن اٺيهن ورهين جي اوستا ۾ پتا جي آگيا جو پالڻ ڪري وهانو ڪيو. ستن سالن ۾ کين ٻه فرزند ڄاوا. ان عرصي گڏرڻ کانپوءِ سندن ڌرمپتني چالاڻو ڪيو. سال ۱۹۱۲ ۾ تيرٿن تي ايشور جي اڇا سان سوامي

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

جنهنجي پيٽرن ۾ ازلي جي بيماري ٿي پيئي، جنهن ڪري سوامي جنهنجي اکين جي جوت غائب ٿي وئي. گوسوامي جن اهو ايشور ۔و ڀاڻون سڀ منو ڪري ڀوڳيو. ان هوندي ۾ سکن شيوڪن جا رواجي طرح ڪارج ڪندا رهيا. ان وقت سندس وڏي فرزند گوسوامي برهمانند جي اوستا فقط پنج سال هئي. گوسوامي جن ان وقت پنهنجن ٻن فرزندن جي گائن ودیا حاصل ڪرڻ تي گھڻو ڌيان ڏنو. گوسوامي جن ۾ سيٺ گنگارام ٽلوڪچند سند ورق مرچنٽ جي گھڻي شردا هوندي هئي جنهنجي گھڻي قدر منت ڪرڻ تي گوسوامي جن ۹ سال سندس جاءِ تي تلسي ڪرت رامائڻ، شري مد ڀاڳوت پراڻ، ديوي ڀاڳوت پراڻ ۽ شو پراڻ ۽ ٻين اليڪ شاسترن جي ڪٿا ڪياءون. ڪٿا ۾ زال ذات کي اچڻ جي منع هوندي هئي. روزانو ڪٿا ٻڌڻ لاءِ اٽڪل اٺ نو سؤ سنگي ايندا هئا.

گوسوامي جن نوراتن ۾ پنهنجي استان ۾ نوڏينهن ديوي ڀاڳوت پراڻ جي ڪٿا ڪندا هئا. گوسوامي جن روزاني نت نيم تي پورا هوندا هئا. صبوح جو ٽين بجي اٿي ڪريا ڪرم لاهي نت نيم سان مالها کڻي ايشور جو نام جپيندا هئا. جڏهن واندا ٿيندا هئا تڏهن ماٺ ڪري ڪول وهندا هئا. سدائين مالها کڻي وينا هري جو نام جپيندا هئا. گوسوامي جن وڏا ودوان هوندا هئا. حيدرآباد ۽ سنڌ جا ساڌ سنت ۽ بزرگ گوسوامي جن کي وڏي عزت

ڏيندا هئا. وٽانئن ڪيترا غريب براهمڻ ۽ ٻيا گائن وديا
سکي پنهنجو روزگار وچي حاصل ڪيو. گوسوامي جن
وٽان ڪيترا ماڻهو رامائڻ شاستر پڙهيا. ڪيترا ماڻهو
وٽانئن پنهنجن دنيوي تڪليفن جي دور ڪرڻ لاءِ صلاح
مصلحت وٺڻ لاءِ ايندا هئا. ڪين سوامي جن بلڪل پوري
۽ ٺيڪ لاڀدائڪ صلاح ڏيندا هئا. ڪيترن جا فيصلا امين
ٿي ڪيائون. گوسوامي برهمانند جنجو هندستان ۾ هن
وقت گائن وديا ۾ ايترو نالو ڪيو آهي سو سڀ سندن
پتا گوسوامي چيتن گر صاحب جي ڪرپا ۽ ڪوشش جو
نتيجو آهي. گوسوامي جن ديش ڀڳت هوندا هئا. ديش
ڀارت لاءِ سندس هڏ ڪرڪندو هو.

سال ١٩٣٥ ۾ گوسوامي جنڪي سال ١٩٣٥ ۾ پنيءَ ۾
ٻلهاري نڪري پيئي. جنهن سبب ديولوڪ پڌاريا. پويان
ٽي ڏينهن سندن اڳيان شري مد ڀاڳوت گيتا ۽ رامائڻ جو
اکنڊ پاٺ ڪيو ويو. پڇاڙي تائين سجاڳ هئا. آخرين دم
تائين اوم شبد جي ڌني اچاريندا رهيا ۽ اوم جو شبد
اچاريندي شرير تياڳيائون. سندن ڪريا ڪرم ڌام ڌوم
سان ڪيو ويو. گوسوامي برهمانند صاحب ننڍي وهين
جي اوستا ۾ پنهنجي پتا جي ديولوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ
گادي تي ويٺا. سوامي برهمانند اوائل ۾ ٻوهر چوڪ آشرم
حيدرآباد ۾ سکيا ورتي. سنسڪرت وديا پڙهيا، تنهن
ڪانپوءِ سڪولي وديا ستين درجي انگريزي تائين ورتائون
هندو سڪولي وديا سان گڏ پنهنجي پتا وٽ ڌرمي

شاسترن ۽ سنگيت وديا جي ترقي ڪئي. گوسوامي
جون آئينده جون آسون اميدون گوسوامي برهمانند هوندا
هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته اسانجي جوت اساهجي فرزند
سوامي برهمانند ۾ ڏسندا. گوسوامي برهمانند ننڍي هوندي
کان وٺي ڳائڻ وديا ۾ هوشيار هو. سال ١٩٢٥ ۾ هندستان
جو نامور گوئيو وشنو ڏگمبر حيدرآباد ۾ پڌاريو ۽ هن صاحب
سوامي برهمانند جو ڳائڻ ٻڌي کين پروفيسري جو لقب
عطا ڪيو.

سال ١٩٢٦ع گوسوامي برهمانند شري ناد برهم وديالي،
پنهنجي آشرم ۾ برپا ڪيو ۽ سنگيت وديا تي پستڪ
لکڻ ۽ ڇپائڻ شروع ڪيا. ان سنگيت وديالي ۾ سنگيت
وديا سکڻ جو موقعو سنڌ جي سڀني ذات جي ٻالڪن
۽ ٻالڪين کي پراپت ٿيو آهي. ان وديالي ۾ باقاعدي
سنگيت وديا هر ڪنهن قسم جي سازن وڄائڻ ۽ ڳائڻ
جي وديا ڏني وڃي ٿي. ڪيترن ماڻهن ان وديالي مان
ڳائڻ وديا حاصل ڪري سنڌ جي ڌار ڌار شهرن ۾ پنهنجي
روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ سنگيت وديا پاڙهڻ لاءِ سڪول
کوليا آهن.

سال ١٩٢٨ کان گوسوامي برهمانند سال به سال سنگيت
سميلن هندستان جي ڌار ڌار شهرن ۾ سنگيت ڪانفرنس
۾ نيئبن اچڻ تي شامل ٿيندا آيا آهن. گوسوامي انهن
سنگيت ڪانفرنس ۾ پنهنجي ڳائڻ وديا جي قابليت ۽

هوشياري ڏيکاري ساک پئي کٽي آهي ۽ وڏا وڏا انعام سونا ميڊل کٽيا پئي آهن.

گوسائين پرمانند گائڻ وديا سبب سنڌ لاءِ هڪ فخر جو باعث آهن جو سنڌ پرانت جو نالو گائڻ وديا ۾ گوسوامي پرمانند ساري هندستان ۾ ڪڍيو آهي. سنڌ ديش ۾ گوسوامي پرمانند گائڻ وديا جو چڱو پرچار ڪري رهيا آهن. سنڌ جي ڌار ڌار شهرن ۾ سندن گهڻا شش رهن ٿا جي پڻ پنهنجي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ گائڻ وديا جي سکيا سندن ترڪيب موجب بالڪن ۽ بالڪين کي ڏين ٿا. گوسوامي پرمانند پاڻ پنهنجو امولڪ وقت ڏيئي وديالیه جي وديارٿين کي سکيا ڏين ٿا.

بابا ديوانا صاحب جي دربار

شهر حيدرآباد ۾ بابا ديوانا صاحب جي دربار ملڪاڻي گهٽي جي ڇيڙي ۾ پرسڌ آهي. اهو جهونو استان اٽڪل ٽن سؤ ورهين جو آهي. ان استان ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان آهن تنهن کانسواءِ هيٺيان مندر به آهن. (١) لڇمي نارائڻ جو مندر (٢) شري راڌا ڪرشن جو مندر (٣) شري رامچند جو مندر (۴) ديوي ڀڳوتي (٥) لعل صاحب جو مندر (٥) بابا شري چندر اداسين جو مندر

ان آستان تي بابا پريمداس جي گٺ رکيل آهي. جنهن گٺ اڳيان سوين هزارين شردالو سڪ مٿو ٽيڪي پنهنجون منو ڪامنائون پوريون ڪن ٿا. ان آستان جي گادي نشين مهنتن جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- بابا ديوانا صاحب

٢- بابا پريمداس صاحب

٣- بابا نهالچنداس صاحب

٤- بابا جيرمداس صاحب

٥- بابا جمناداس صاحب

٦- بابا هري داس صاحب

اٽڪل ٽي سؤ ورهيه ٿيندا ته پنجاب ديش مان هيٺيان چار مهاتمائون رٺن ڪندا سنڌ ۾ پهتا.

(١) بابا ڀڳوانداس صاحب (٢) بابا ديوانا صاحب (٣) ڀائي ڪرنامل (٤) بابا نماڻا صاحب. بابا ڀڳوانداس صاحب ننڍي نگر ڏانهن رخ رکي روانو ٿيو. جتي هڪ وڏو آستان سندس نالي جاري آهي. ان آستان کي بابي لڇمڻداس صاحب جو آستان به سڏيندا آهن. بابي ديوالي صاحب حيدرآباد اچي پنهنجي دربار جو پايو وڌو. ڀائي ڪرنمل هالن پراڻن ۾ رهي پيو جتي اڄ ڏينهن تائين سندس چاڪرن جي شيوا ٿيندي آهي. بابي نماڻي صاحب شاهپور چاڪر ۾ دربار آستان ڪئي.

بابا ڀڳوانداس گدو بندر وٽ درياه شاه مان جهنڊو

ڪٽي ٻاهر اڪتا. اُن وقت اُتي ويٺل ماڻهن کي اهو واقعو
ڏسي گهڻو عجب لڳو. تڏهن ڪانپوءِ بابا ديوانا صاحب
جڏهن ڪلهي تي ڪٽي حيدرآباد جي شهر ۾ قلعي کان
وٺي سر بزار ڏي ٿي هليا. وچ بازار ۾ هڪ کير واري ٽٽي ۾
ٻيل گرم کير ويٺي ٺاريو. کير واري جو نالو ڀائي وسندمل
هو. کير واري کي چيائون ته مونکي کير پيار يندين. کير
واري وسندمل جا ڪي ڀاڳ کليل هئا تڏهن هٿ ٻڌي
نمرتا سان بابا ديواني صاحب کي چيو ته حاضر سائين هي
کير جي ٽٽي اوهانجي آهي. ٽٽي ۾ کير اڌ مڻ ٽيهه سير
هو. بابا ديواني صاحب پنهنجو ڪپڙ ڪٽي گرم گرم کير سان
ڀري پيئڻ لڳو تان جو آهستي آهستي ڪري سڄي
ٽٽي پي ويو. فقير صاحب ڀائي کان پڇو ته تنهنجو نالو
ڇا آهي. ڀائي وراڻي ڏني ته سائين وسندو. تنهن تي
فقير خوش ٿي انکي آسيسا ڪئي ته چلو ڀائي تون
سدائين وسندو ويجهندو رهندين. اڄ تائين ان وسندمل
ڏوڏي جا پٽ سندوري مرچنٽ سيٺيون شاهوڪار
آهن. انهي آڪهه مان هڪ سيٺ پنجومل آهي. تنهن
ڪانپوءِ بابا ديواني صاحب جڏهن هند تي هاڙوڪي دربار
آهي تتي ڏوڙي دڪائي، جهڏو زمين ۾ کوڙي ويهي
ايشور جو پوڄن ڪرڻ لڳا. ان وقت اتي جهنگ ئي جهنگ
لڳو پيو هوندو هو.

بابي ديواني صاحب کي حيدرآباد واسين تنهن ڪانپوءِ
هڪ سادي دربار ٺهرائي ڏني. بابا ديوانا صاحب پنهنجي

چيلي کي پٺيان درٻار جي سنڀال لاءِ ڇڏي پاڻ گدو بندر ۾ رچ درياهه شاهه اندر وڃي ويهندا هئا. هڪ ڏينهن سندس چيلي ٻابي پرمداس ٻابا ديوالي صاحب سان ڳالهه ڪئي ته سائين مان هن استان تي ڪونه رهندس، هن استان تي جن ڀوت رهن ٿا. ٻابو ديوالو صاحب اها رات استان تي رهي پيو. رات جو هن کي جن ڀوت ڏسڻ ۾ آيا. ٻابي صاحب جن کي چيو ته جو ترڪ هئا سو مڪي مديني چلي جائو ۽ اوتر جو هندو هئا سو گنگا جي چلي جائو. فقير صاحب جو اهو حڪم ٻڌي سڀ جن ڀوت اهو استان ڇڏي ويندا رهيا.

ٿورن سالن گذرڻ بعد ٻابي ديوالي صاحب پنهنجو جهنڊو ۽ چاکڙيون پنهنجي چيلي پرمداس کي ڏنا ۽ هن کي هدايت ڪئي ته هنن جي پوڄا ڪندو رهي ۽ پاڻ درياهه شاهه ۾ ٽٻي ڏئي غائب ٿي ويا.

ٻابا پرمداس هڪ وڏي ڪمت تي ويهي پراڻايام ڪندا هئا ۽ سماڌي ۾ ويندا هئا. هو صاحب وڏا يوگي هئا. ٻابا پرمداس وڏي ڪرامت جو صاحب هو. هڪ سک درٻار جو هڪ دفعي درٻار ۾ آيو. ٻابي صاحب هن کي چيو ته اسانکي درٻار جي سيوا لاءِ چيلو گهرجي. تون اسانکي پنهنجي اولاد مان هڪ ٻالڪ ڏي. اهو سک پيرومرد هو هن کي ٻه پٽ هئا. ٻابي پرمداس هن کي چيو ته هن کانپوءِ جيڪو ٻالڪ ٿئي سو درٻار کي ڏج. ان

سڪ کي پٽ جي بدران هڪ ڌيءَ ڄائي جا ڪڍي هڻ
آڻي بابي صاحب اڳيان رکي. بابي پرمداس ان سڪ کي
چيو تہ هي ٻالڪ ڌيءَ نہ آهي پر پٽ آهي. اهو ٻالڪ
فقير جي ڪرامت سان ڌيءَ مان پٽ ٿي پيو جنهن جو
نالو ٽهلداس رکيائون جو پوءِ دربار جي گاديءَ تي ويٺو.
هڪ دفعي پاڻ اوچتو ڪوٽڙي وڃي نڪتا. ان وقت
ڪوٽڙي شهر ۾ وبا جي بيماري زور هئي. روز ڪيترا
ماڻهو وبا ۾ پورا ٿي ويا. هڪ سيٺ جو جوان پٽ وبا ۾
گذر ڪري ويو هو. فقير صاحب جي ڪن تي ان جوان
جي مائٽن جو روڄ ۽ پڪو ڪن تي پيو. فقير پڇيو
تہ ڇا آهي. ٻڌايائون تہ سائين هن شاهوڪار سيٺ جو
جوان پٽ چلي رهيو آهي. فقير سائين بابي پرمداس
کي اهو حال ٻڌي ان شاهوڪار تي ڪهل آئي. بابي
صاحب هڪڙي چيو تہ هڪ سؤ روپيہ ڪڍي اچي اسانجي
جهولي ۾ وجهہ تہ تنهنجو ٻالڪ وري جيئاري ڏيون.
ان شاهوڪار فقير ۾ نشچو رکي هڪ سؤ روپيہ آڻي هنجي
جهولي ۾ وڌا. بابي صاحب ان مئل جوان کي وري
جيئاريو. اهڙي طرح ٻين ٻن ٽن جي مائٽن پنهنجي مئلن
کي وري جيئارڻ لاءِ منٿ ڪئي. فقير صاحب انهن تي
بہ ڪرپا ڪري انهن کي جيئاريو. بابا پرمداس وڏي
اهڙا ڏيالو سڀاءَ جا هئا جو دربار جي پيڪياڻي ساڻن حال
اوريو تہ سندس ڌيءَ جو وهانو ٿيڻو آهي. ان بابت

هنکي پئسن جي گهرج آهي. بابي صاحب اهي هزار روپيه ان پنگيٽي کي ڏيئي ڇڏيا ته وڃي پنهنجي ڌيءُ جي وهانو ۾ ڪتب لاءِ. بابي پريمداس سکي شيوڪي کا نه ڪئي. جو ڪي سک ٿيڻ لاءِ چاهندا ڪندا هئا تنکي چوندا هئا ته وڃي مسندن جا سک ٿيو. بابو پريمداس سدائين جنهن واٽ جي مڙهيل کمت تي وهندا هئا. تنهن جي اڄ ڏينهن تائين دربار ۾ پوڄا ٿئي ٿي. جيڪا ڪامنا شڌ ڀاونا سان رکي ماڻهو ان کمت اڳيان مٿو ٽيڪين ٿا سا انهن جي پوري ٿئي ٿي. روزمره ان کمت تي گل چاڙهيا آهن ۽ واس ڌوپ ڪيو آهي.

بابي پريمداس جي ديولوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس چيلو بابو نهچلداس گادي تي ويٺو. بابو نهچلداس ڪمائي وارو ساڌنيڪي سپاهه وارو سنت هوندو هو. گوسائين گهڻي واري ديوان سجان سنگهه کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. ان اولاد ملڻ لاءِ نهچلداس صاحب منت ڪئي. بابي صاحب هنجي ڌرمپتني کي دربار ۾ بيٺل پپر مان ٻه ڪچا پپر ڇني ڏنا جي مائي شرڌا رکي کاڌا. مائي کي ٻه پٽ ٿيا جنجو اولاد گهڻو ٿيو.

بابي نهچلداس کانپوءِ سندس چيلو بابو جيرامداس گدي تي ويٺو. بابو جيرامداس وچن سڌيءَ وارو ۽ سنت ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر جهانگي رام گدومل آڏواڻي کي پٽ ڪونه ٿيندو هو انکي پٽ ڏنائون. بابو جيرامداس

پاڻ وٽ پئسو جمع ڪري ڪونه رکندا هئا جيڪي جمع
ٿيندو هو سو ساڌو سنتن جي لنگر تي خرچ ڪري
ڇڏيندا هئا. ڀائي ٺهلرام جي ڏيئه کي اولاد ڪونه
ٿيندو هو. ان هڪ دفعي بابي صاحب جي رسوئي
پنهنجي گهر منائي. بابي صاحب کي سنڌي دارون ڀائي
ٺهلرام پيارئو. ڀائي ٺهلرام بابي صاحب کي عرض ڪيو ته
سندس ڏيئه کي وهانءُ ڪئي گهڻا سال گذري ويا آهن
پر هنکي اولاد ڪونه ٿو ٿئي. اها ڇوڪري ڪرپالاڻين
۾ پرنيل هوندي هئي. تنهن ڪري هنکي دارون پيٽ
کان منع هوندي هئي. بابي هنکي پنهنجي دارو واري
خالي ڪٽوري مان ڦرا ڪڍي هنکي پيٽ لاءِ ڏيئي
چيو ته جيترا ڦرا دارون جا پهنديئه تيترا توکي پٽ ٿيندا
مائي شرڌا رکي سٺ ڦرا ان ڪٽوري مان پيتا ۽ هنکي
سٺ پٽ ٿيا. بابي جيرامداس ڀائي ڏاندومل ٻولچند کي
حڪم ڏنو ته توکي ڪمائي ۾ برڪت پوندي تون
هڪڙو ٿي خرچ ڪري دربار جي عمارت لئين سر پکي
ٺهراءِ. ڀائي ڏاندومل سٺ ڪري بابي جيرامداس جي
حڪم موجب دربار جي عمارت ٺهرائي ۽ سڀ خرچ
پکي سر پاڻ ڪيو. ڀائي ڏاندومل کي هڪ سال اندر ئي
هنجي ڪمائي ۾ وڏي برڪت پيئي. هن جيڪي عمارت
تي خرچ ڪيو هو تنهن کان ڏهوڻا پئسا وڌيڪ ڪمائي تي.
بابي جيرامداس جي شرير ڇڏڻ کانپوءِ سندس چيلو
بابو جمنداس گادي تي ويٺو. بابو جمنداس وچن صدي

وارا سنت هوندا هئا. جيڪو جهڙي مراد پائي وٽن ايندو هو تنهنجي مراد پوري ٿيندي هئي. گهڻن جا ڪارج ڪيائون. هڪ دفعي دربار جو سک ٽيڃومل پساري وٽن اچي حال ڪيو ته ڪمائي گهٽ آهي اهڙي ڪا آسيسا ڪريو جو ڪمائي ۾ برڪت پوي. پڇڻ فرمايائون ته توهان جيڪي ڪمائي ٿيهن مان ڪجهه دربار کي دان ڪندو ره ته جلدي تنهنجي ڪمائي ۾ برڪت پوندي. ٽيڃومل پساري ان ڳالهه تي صدق رکي عمل ڪيو ۽ هو جلدي شاهوڪار ٿي پيو. بابي صاحب گهڻن سکن جا ڪارج پورا ڪيا.

سنبت ١٨٨٥ ۾ ساوڻ جي چنڊ تي بابي جمناداس ديولوڪ پڌاريا. شرير ڇڏڻ کان اٺ ڏينهن اڳ پڻ پاڻون ته هاڻي اسين شرير تياڳيندا سون. ان وقت برسات چڱي پيئي. سال به سال بابي جمناداس جي ورسي ساوڻ جي چنڊ تي ملهائبي آهي ۽ هرهڪ ورسي تي برسات پوندي آهي. شرير ڇڏڻ وقت سندن عمر ٤٠ ورهيه مس هئي. بابي جمناداس جي شرير ڇڏڻ کانپوءِ سندن چيلو بابو هريداس گادي تي ١٨ سالن کان ويٺا آهن. هريداس پنهنجي وڏن جي پيروي ڪري رهيا آهن. هر روز صبوح جو دربار ۾ آسا جي وار ۽ ڪٿا ڪيرتن ٿئي ٿو. عام لنگر لڳي ٿو جتي هرڪو مهمان رسوئي اچي وٺي سگهي ٿو. دربار جي ڪاروبار تمام سٺي نموني هلي رهي آهي.

بابا جولارام صاحب جي دربار

شهر حيدرآباد ۾ ڏونهي واري گهٽي ۾ بابا جولارام صاحب گرو پوٽي جي پرسڌ دربار آهي. بابا جولارام صاحب بيدي ڪل جا هئا. گرو نانڪ صاحب جي ڇهين پيڙهي جا هئا. اصل پنجاب نانڪاڻي صاحب جا وينل هئا. بابا گرپت صاحب سنڌ ۾ سڳا سؤٽ هئا.

سال ١٨٤٠ع ڌاري جڏهن سنڌ جو حاڪم مير نصير خان هوندو هو تڏهن ٽي سنت نالي هرهڪ (١) بابا جولارام صاحب (٢) بابا ورکنڊي صاحب (٣) بابا نانگو صاحب پنجاب کان سنڌ ۾ آيا. بابا ورکنڊي سکر ۾ دريا شاه جي وچ ٻيٽ تي پنهنجو استان ٺاهي وينا جنهن کي هاڻي ساڌ ٻيلو ڪوٺجي ٿو. بابا نانگو شهر حيدرآباد ۾ قليلي تي مساڻن جي پرسان دربار ٺهرائي اچي وينا. شهر حيدرآباد جا سڀ چنڊڻي عامل بابا نانگي صاحب جا سک آهن. بابا نانگو سنڌ پرش ٿي گذريو آهي جنهنجي هاڪ گهڻي آهي.

بابا جولارام صاحب وڏي ڪرامت جا صاحب هئا. سنڌ ۾ چمتڪار ڏسي سنڌ جو حاڪم مير نصير خان بابا جوالارام صاحب کي متو ٽيڪيندو هو. هر روز صبوح جو مير نصير خان قلعي ۾ پنهنجي محلات واري ماڙي تي ويهندا هئا ۽ بابا جولارام صاحب پنهنجي ماڙي تي ويهندا

هئا. هر روز مير نصير خان پنهنجي ماڙي تان بابي صاحب جو درشن ڪري مٿو نوائيندو هو. جيسين مير نصير خان بابي جولارام صاحب جو درشن نه ڪندو هو تيسين پنهنجي دربار جي ڪاروبار نه هلائيندو هو. ديوان جهوڙيمل ميرن جي وزير پنهنجي گهوڙن ٻڌڻ جي لائق واري زمين بابي جولارام کي دربار ٺهرائڻ ۽ وهڻ لاءِ سندس شيوا ۾ ارپڻ ڪئي.

بابو جولارام صاحب بال جتي برهمچاري لانگوٽ بند هئا. اٺئي پهر هري جو نام مک سان اچاريندا هئا. دربار جي شيوا پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. ميرن وارو مارو هٿ ۾ کڻي دربار جي فرش ۽ پٿرن کي پنهنجن هٿن سان گاري سان مرامت ڪندا هئا. بابو جولارام صاحب بي پرواهه سنت هوندا هئا. سڪي شيوڪي ڪا نه ڪيائون. ڪنهن کي ٻنديان مقرر ڪو نه ڪيائون. جيڪي سک ٿيڻ لاءِ وٽن ايندا هئا تن کي بابي گرپت صاحب ڏانهن سک ٿيڻ لاءِ موڪليندا هئا. لاچار ۾ چار گهر صديقي سکن جا پنهنجا سک ڪيائون.

بابا جولارام صاحب پوري رهت وارا هوندا هئا. بابي جولارام صاحب جي پوين جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

١- بابا جولارام صاحب

٢- بابا گنگارام صاحب

٣- بابا مهرسنگه صاحب

٤- بابا ديواني چند صاحب

هن وقت ان دربار جي گادي تي بابا ديواني چند ويٺل آهن.

ٻاٻا کيمرداس صاحب جي دربار

شهر حيدرآباد ۾ دولهي واري گهٽي جي منهن تي ٻاٻي کيمداس جي دربار پرسد آهي. ان دربار کي ٻاٻي گرداسرام صاحب جي دربار به سڏين ٿا. اصل ان دربار جا وڏا پنجاب کان اچي ان هنڌ تي چمڙو کوري دولهي دڪائي اچي ويٺا هئا. دربار لاڳو بازار جي منهن تي دولهي جنهن دولهي جو پراڪرم لوڪن ۾ پرسد آهي. ان دربار ۾ هيٺيان گادي سر تي ويا آهن.

١- ٻاٻو کيمرداس صاحب

٢- ٻاٻو رامسرن صاحب

٣- ٻاٻو هريداس صاحب

٤- ٻاٻو گرداسرام صاحب

٥- ٻاٻو منوهرداس صاحب

٦- ٻاٻو ٻالڪداس

ان دربار جو ٻاٻو گرداس چڱو مشهور ۽ ڪٽي ساڌو ايشور جو ڀڳت ٿي گذريو آهي. ٻاٻو گرداسرام صاحب

چگو ودوان ۽ گائڻ وديا جو ماهر هوندو هو. ٻاٻي گرداسرام صاحب جي ڏينهن ۾ ان دربار جا گهڻا سک شيوڪ ٿيا ۽ دربار جي لاءِ سندر عمارت جڙي تيار ٿي. ٻاٻو گرداسرام پورڻ برهمچاري ٻال ڄتي هوندا هئا. ٻاٻي گرداسرام يوگي پرش هوندا هئا. سندن آڪرشڻ شڪتي گهڻي هوندي هئي. هر ڪنهن جي دل پاڻ ڏانهن جهٽ ڇڪي وٺندا هئا. ڪيترن ئي آسيسا ڪيائون. ڪيترا سک سندس آسيسا سان اڄ جي پيا آهن. اهي ٻاٻي گرداسرام صاحب ٿان ٻلهار پيا وڃن. ڪراچي واري ٻوهومل کي اولاد جي بخشش ڪيائون. حيدرآباد جو خالچند اکين کان جڏو هو. هنکي حڪم ڏنائون ته پنهنجون اکيون وڃي گروگرنٿ صاحب جي سنجهي جي پاٺ سان مهٽ. پوري سايڻ ڇهن مهنن ۾ اکين ڪرڻ سان خالچند جي اکين ۾ وري جوت آئي.

ٻاٻي گرداسرام صبوح جو سويل اٿي ڪريا ڪرم ڪري پنهنجي ڪوٺي ۾ ايشور جو نام ٻه ٽي ڪلاڪ جپيندو هو. تنهن کانپوءِ صبوح ۸ کان ۱۰ ٽائين شبد ڪيرتن پاڻ ڪندو هو. ۱۰ کان ۱۲ ٽائين گروگرنٿ صاحب جي ڪٿا ڪندو هو. ٻاٻي گرداسرام گهڻن ئي آسيسا ڪئي ۽ گهڻن جا ڏک دور ڪيا. مايا ته اصل سندن پيرن ڇهاءِ ٿي ڦرندي هئي. ٻاٻو صاحب هٿ جو ڇوٽ هوندو هو. جيڪو سوالي وٽس ڪو سوال کڻي ايندو هو تنهن کي

خالي اصل ڪونہ موٽائيندا هئا. بابي صاحب سون جي
اندازَ ۾ سکي شيوڪي وڌائي. پاوي ۽ پريت وارا تہ
سندس هزارن جي انداز ۾ هوندا هئا. بابو گُرداسرام صاحب
١٦ سال گاديءَ تي ويهي دربار کي هر طرح زور وٺايائون
اڄ ٽائين سندن نالو هر ڪنهن جي وات ۾ آهي. هر ڪو
بابي گرداسرام جي گڻن جي ساک ڪري رهيو آهي. بابو
گرداسرام دکين دکہ جي دور ڪرڻ لاءِ پهل پڙهي پيار ڏيندا
هئا. جهار وجهندا هئا. سڳو ڌاڳو پڙهي ڏيندا هئا. جنتر
لکي ڏيندا هئا جي پيوت ڪاٽڻ ۽ بدن تي مهٽڻ لاءِ ڏيندا
هئا هر هڪ سال اُتراڻ جي ڏينهن دربار ۾ ديوتائن جي
پرسنتائي لاءِ وڏو يڳيہ ڌام ڌوم سان ڪندا هئا. بابو
گرداسرامَ صاحب ماس مڇي ۽ شراب اصل ڪونہ ورتائيندا
هئا. سر تي وڏيون جٽائون رکيل هونديون هيون. گهڻو
ڪري وار چوٽيل رکندا هئا. سندن شڪل شاندار هوندي
هئي. بابي گرداسرام صاحب ڪمت دروشن ڌرم سڀي
حيدرآباد جي سيٺي سمپردائن جي سادن سنتن جو ڪيو.
جنهن تي هزارين خرچ ڪيائون. شرير ڇڏڻ کان اڳواٽ
ٻڌايائون تہ اسين هاڻي شرير ڇڏيون ٿا.

تاريخ ٧ آکاڙ ١٨٨٥ سنبت ۾ ٢ بجي جو شرير تياڳيائون
هر هڪ سال تي ڏينهن سندن ورسي ڌام ڌام سان دربار
۾ ملهائي وڃي ٿي. سندن چاڪر يون دربار ۾ رکيل آهن.
سندن چاڪرين اڳيان امڻ جو وڏو مهانم آهي هر ڪنهن

کي پنهنجي ڀاونا جا ڀاڙا ملن ٿا. سنت س ديو لوڪ پڌارڻ کانپوءِ سنت س چيلو ٻابو منوهرداس گادي تي ويٺو جو ساڍا فقط ١٢ سال گادي تي رهيو. هاڻي ان دربار جي گادي تي ٻابي منوهرداس جو چيلو ٻابو ٻالڪداس گاديءَ تي ويٺل آهي.

مهاتما رامانند جي ڪٽيا

ڳوٺ لقمان ۾ اسٽيشن خيرپور ميرس جي نزديڪ سنت رامانند جي ڪٽيا آهي. ان ڪٽيا ۾ مهاتما رامانند صاحب رهي ٿو. اهو استان رمڻيڪ آهي. ان استان سان لاڳو هڪ باغ آهي. اها ڪٽيا ڀائي ڀيجارام هڪ سنت گرهستي اٽڪل ڇهه سال ٿيا ته مهاتما رامانند کي پنهنجي باغ ۾ ٺهرائي ڏني. ان ڪٽيا ۾ سنت رامانند صاحب سڄو ڏينهن پنهنجن سنگين سان گڏ گذاري ٿو ۽ گيان ۽ ايشور ڀڳتي بابت پنهنجن سنگين کي اپديش ڏي ٿو.

ٻن ٽن سالن کان ان ڪٽيا ۾ سنت رامانند صاحب وٽ ڪيترا سوالي ڪٺا اچن ٿا. انهن سوالين جي منوڪامنا سندن ڀاونا ۽ شرڌا انوسار پوري ٿئي ٿي. ڌن جا سوالي ڌن کي پراپت ڪن ٿا ۽ روزگار جا سوالي روزگار کي ۽ شرير جي تندرستي رکڻ جا هر ڪنهن کي پنهنجي ڀاونا

جا پوئلڳ ملن ٿا ڪو به سوالي خالي نٿو وڃي. مهاتما رامانند جا مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجن ٿا.

سنت رامانند اصل ڳوٺ هالاڻي تعلقي ڪنڊياري جا وسندڙ آهن. سندن جنم جو نالو منگترام هو. وڏي آکهه وارا هئا. ڪيترا سندن آکهه جا عزيز ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ڌنڌو ڪندڙ آهن ۽ ڪيترا وڏين نوڪرين ۾ آهن. جڏهن ١٨ ورهين جي ڄمار جا ٿيا تڏهن ايشور جي پريم جو رنگ مٿس اچي چڙهيو ۽ هو وئراڳي وارو ٿيو. تنهن ڪري گهر ٻار ڇڏي اچي هالاڻي وارن سنتن جي دربار ۾ رهيو ۽ دربار جي سيوا ڪرڻ لڳو. مائٽن ڪيس شادي ڪرڻ لاءِ گهڻوئي چيو پر هن شادي نه ڪئي. تنهن کانپوءِ جلدي هردوار گنگا جي طرف تيرٿن ڏانهن هليو ويو. اتي ناور پرمهنس ڪيشوانند جي چيلي سنت وشڌ آنند کي پنهنجو گرو ڪيائين. گروءَ وٽان ڌرم شاستر پڙهي سورڳو آشرم کان پري پهاڙ تي اڪيلو رهي وڃي ڪي سال تپسيا ڪيائين. اٺن ورهين تيرٿن تي رهڻ کانپوءِ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ اچي ديوان منگهارام جي باغ ۾ رهيو. ديوان منگهارام خيرپور رياست جي والي مير علي مراد خان جي نوڪري ۾ هوندو هو. سنت رامانند ١٠ سال ديوان منگهارام جي باغ ۾ رهيو. تنهن کانپوءِ لقمان نواسي ڀائي ڀڄارام جي شردا ۽ سڪ سنت رامانند صاحب ۾ ٿي. هن سنت کي پنهنجي باغ ۾ هڪ ڪٽيا ٺهرائي ڏني. ان وقت کان وٺي سنت رامانند ان ڪٽيا ۾ رهڻ

لڳو. ڀائي ڀڄارام جو اٿل وشواس ۽ شرڌا سنت رامانند
صاحب جي ٽن من ۽ ڌن سان شيوا ڪئي ۽ پاڻ کي
هر ڪنهن طرح سنت متان ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڄارام
سنتن جو شرڌالو سک هو. ڀائي ڀڄارام پاڻ ٻه هڪ سنت
گرهستي ۽ وڏي ڪمائي وارو ٿي گذريو آهي. ٻارهن
سال ٿيا ته ڀائي ڀڄارام ۴۶ ورهين جي ڄمار ۾ گذر ڪري
ويو آهي. سنت رامانند صاحب جي اوستا هن وقت
۷۰ ورهيه ٿيندي. پر سنت ڪڏهن به بيمار نه ٿيا آهن.
شرير ۾ تڪڙا آهن. سدائين ڪل مک رهن ٿا ۽ وڏي موج
آنند ۾ سڪيو وقت گذارين ٿا. گيرو رتا ڪپڙا ڪو نه پهرين
ٿا پر رواجي اڇا ڪپڙا پهرين ٿا. سنت ايشور ڀڳتي ۽
گيان جا ڀنڊار آهن. سڀني هندو ڌرم جا اُچ خيال سندن
آهن. وڏا وڏا ڪاهورا سندن پريمي شش آهن. رات جو
اٽ نيم سان ۳ بجي اٿن ٿا. تنهن ڪانپوءِ ۳ بجي کان ۶
بجي صبوح ڌيائين پنهنجي ٻرهم آنند جي ابياس ۾ رهن
ٿا. تنهن ڪانپوءِ سکمڻي صاحب جو پاٺ پڙهندا آهن.
شهر جي ڪرڙا ڪري باغ واري ڪٽيا ۾ ايندا آهن.
باغ واري ڪٽيا ۾ روز مره ۵ يا ۶ مهمان وٽن ويٺا ٿي
رهن ٿا. سدائين وٽن ستسنگ لڳو رهي ٿو. سنت آئي وٽي
سان ايشور ڀڳتي ۽ گيان بابت وچن ولاس ڪندا آهن.
۲ بجي منجهند جو سنتن ۽ مهمانن جي رسوئي ڀائي ڀڄارام
جي گهران ايندي آهي جا سڀني سان گڏجي ونڊدا آهن.
تنهن ڪانپوءِ ٿورو آرام ڪري ساڍي ۵ شام جو موٽي

ٻڌي ٻيڄارام جي اوطاق ڏانهن ويندا آهن. سائين ٨ ٻجي رات جو رهڻ وٽي آرامي ٿيندا آهن. سنت رامانند جهڙا پورن مهاتمائون هن زماني ۾ ڪي ڇڏا ليندا اهڙن سنتن جي سنگ ڪرڻ مان هرڪو لاڀ وٺي سگهي ٿو.

گوسائين ڪرشن گر جي مڙهي
جيڪب آباد

شهر جيڪب آباد ۾ سرڪاري واهه جي ڪپ تي گوسائين ڪرشن گر جي نامور مڙهي آهي. اها مڙهي سنياسين جي مڙهي آهي، سنياسي ديوي جا پوڄاري آهن. ان استان ۾ هيٺيان مهاتمائون ٿي ويا آهن.

١- گوسائين سورج گر
٢- گوسائين ڪرشن گر
٣- گوسائين شنڪر گر
٤- گوسائين پڇن گر
٥- گوسائين پون گر
٦- گوسائين ڀڳوان گر

اها مڙهي گوسائين ڪرشن گر جي نالي پرسڌ آهي. ڇاڪاڻ ته گوسائين ڪرشن گر هڪ وڏو مهاتما ۽ پهچيل شرير هو سندس ايام ۾ اها گدي ساري سنڌ ۾ نامور ۽

SINDH ARCHIVES

مشھور ٿي. گوسائين ڪرشن گر اٽڪل ١٥ سال ٿيا ته شرير ڇڏي ويو آهي. سندس ديو لوڪ پڌارڻ کانپوءِ سندس چيلو گوسائين شنڪر گر گادي تي ويٺو آهي. هن وقت گادي تي گوسائين شنڪر گر ويٺل آهي. هر هڪ سال ناهري واري مهيني ۾ گوسائين ڪرشن گر جي ورسي ڌام ڌوم سان ملهائبي آهي. ان مڙهيءَ ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان آهن تنهن کانسواءِ شو جو مندر ۽ ديوي جو مندر آهي. اهو استان ڏاڍو رمڻيڪ ۽ سنو ٺهيل آهي. ان استان ۾ سنڌ جي ٻين شهرن جا سنت مهاتمائون اچي ڪجهه ڏينهن رهي سگهن وڃن ٿا. استان جي سنتن ۽ ٻاهرين سنتن مهاتمائن لاءِ ڪيترين ڪٽيائون هيٺ ۽ مٿي ٺهيل آهن. هر روز صبوح ۽ شام مڙهي ۾ ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ٿئي ٿو. صبوح جو ٧ کان ٩ بجي تائين شام جو ٥ بجي کان ٨ بجي ڪٿا ڪيرتن سنگت ٿئي ٿو. گوسائين شنڪر گر شام جو گرو گرنٿ صاحب جي ڪٿا ڪندو آهي هن وقت گوسائين گر جي اوستا ٥٧ ورهيه آهي. ان ڌرمي استان تي مجهندڙ شام جو عام لنگر جاري ٿئي ٿو جنهن ۾ چاليهارو سنت ۽ ٻيا مزمان پوڄن وٺن ٿا. هن استان کي گوسائين شنڪر گر، گر پائي ۽ گوسائين ڪرشن گر جي چيلي ته جگو ڀعهڏجي پڇن جي پرتاپ سبب زور وٺايو آهي. استان کي گهڻي سڪي شيوڪي آهي. سنڌ جي ان پاسي جي رهاڪن جي ان مڙهي ۾ گهڻي شرڌا ۽ صدق آهي.

گوسائين ڪرشن گر موهيندڙ ۽ سهڻي شڪل جو هوندو هو. هو صاحب ڏاڍي مٺي ۽ سنهي سر سان ايشور جا شبد ڳائيندو هو. سندس ڪٽري واٽي رچيل آهي. سائين ڪرشن گر سال ٻه سال حيدرآباد سنڌ ۾ سوامي ست چت آنند صاحب ۽ ڀائي کيماداس صاحب سان صحبت ڪرڻ لاءِ ايندا هئا ۽ اونهاري جا ٻه ٽي مهنا ڀائي کيماداس صاحب جي ٽڪاڻي ۾ لڳاتار پيا هوندا هئا ۽ روز شام ٽڪاڻي ۾ ۽ ڪڏهن سوامي ست چت آنند صاحب جي ستسنگ ۾ شبد ڪيرتن ڳائيندا هئا ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪندا هئا.

قنڌارائي خالصا اڪال ٻونگو حيدرآباد

شهر حيدرآباد سنڌ ۾ ڪچي الهندي ۾ هڪ پراچين سمي جي گرودوار آهي جنهن جو نالو اڪال ٻونگو آهي. اَڪال يعني اَڪال پرک ايشور پرماتما، تنهن جو ٻونگو يعني استان، ايشور جو استان. اهو استان سيني کان جهوني گرودوار آهي جنهن ۾ چار هٿوارا گرو صاحبن جا هٿن سان لکيل آدي گرو گرنٿ صاحب ۽ هڪ ڏسمين پاتشاه گرو گوبند سنگهه جو هٿوارو صاحب براجمان آهن. هر روز صبوح جو شري آسا دي وار ڇهين کان ساڍي ٧ بجي تائين

۽ ڪٿا گرو گرنٿ صاحب جي ٨ کان ٩ ٻجي تائين ٿيندي
آهي ۽ شام جو ٧ کان ٩ تائين ڪٿا ڪيرتن ٿيندو آهي
هي هڪ عاليشان ۽ سندر استان، شري امرتسر صاحب
جي دربار جي نموني ۾ ٺهرايل آهي. اهو ڌرمي استان
ڪنهن به خاص هڪ ماڻهوءَ جي خاص ملڪيت نه آهي.
اڪل پنڌگو ستگورن جي ملڪيت آهي ۽ ٻين ٽڪاڻن
۽ دربارن وانگر ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي ملڪيت نه آهي.
ان دربار جي ڪاروبار شرڌالو قنڌاراڻي خالصن جي هڪ
ڪاميٽي هلائي رهي آهي. دربار جي آمدني ۽ خرچ جو
روزانو حساب ڪتاب رکڻ ۾ اچي ٿو. هن دربار تي
قنڌاراڻي نالو هن ڪري پيو جو ميرن جي صاحبي ۾ هڪ
آڏومل پنهنجي عيال اولاد سميت پنجاب کان لڏي
حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو. تنهن کانپوءِ هو صاحب
حيدرآبادي عامل سڏجڻ ۾ آيو. قنڌاري مل آڏومل جو
پوٽو هو. آڏواڻي گهڻي آڏومل جي نالي سان سڏجي
ٿي. هي قنڌاراڻي خالصا يا قنڌاري مل جا اولاد آهن.
دربار واري زمين اٽڪل ڏهه هزار فوٽ آهي. ان زمين
تي ٽالپرن جي راڄ ۾ قنڌاراڻي آکهه وارن اوائل ۾ هڪ
ڪچي اوطاق جوڙائي هئي جتي قنڌاراڻي آکهه وارا
روز گڏجي روح رهاڻ ڪندا هئا. ان قنڌاراڻي برادري
جو هڪ ديوان ماڻڪسنگهه جو انگريزن وٽ مختيارڪاري
جي عهدي تي هو. هن صاحب اوڪري چڙهڻ کانپوءِ

پنهنجي برادري جا ڀ ڻي ڀائر پاڻ سان ونئي سال ١٨٥٥ع
ڌاري شري امبرتسر صاحب ڏانهن روانو ٿيو. انهن سڀني
شري امبرتسر جي دربار ۾ ٻه ڻي مهينا رهي سنت سنگت ڪيو
۽ امرت ڇڪي خالصا ٿيا. شري امبرتسر تان اٿڻ
وقت ٻه هسوار صاحبن جا هڪ آدي هسوارو صاحبن ۽
ٻيو دسمين پتا جو مٿي تي ڪڻي منزلون ڪندا حيدرآباد
موٽي آيا. انهن پاڻ سان گرو گوبند سنگهه صاحب جا ٽورا
شستر به آندا. اهي شستر اڪال پونگي ۾ اڄ ڏينهن تائين
موجود آهن ۽ انهن جي شيوا ٿيندي آهي.

خالصي ماڻڪ سنگهه ۽ سندس سؤٽن شري امبرتسر
کان موٽڻ بعد سال ١٨٥٥ع ۾ مٿي ذڪر ڪيل اوطاق
ڍهرائي، ان هنڌ پڪي دربار صاحب جوڙايائون ۽ ان
پڪي دربار ۾ شري امبرتسر مان آندل ٻه هسوار براجمان
ڪيائون ۽ گهڻن برادريءَ جي ڀائرن کي امرت ڇڪائي
خالصا پنٿ ۾ آندائون ۽ ان دربار جو نالو اڪال پونگو
رکيائون اها دربار قنڌاراڻي برادريءَ وارن پاڻ ۾ ڦوري
ڪري ٺهرائي انهن مان ڪن ڪاٺ خريد ڪري ڏنو
۽ ڪنهن هالن جون ڪاشيءَ جي سرن جي شيوا ڪئي.
دربار صاحب جي لاءِ وصولي ڪرڻ ۽ جڳهه جوڙائڻ جو
ڪم ٻن بانيڪارن خالصي ڇرت سنگهه ۽ خالصي ٽلوڪ سنگهه
تي رکيل هو. جڏهن دربار صاحب جي جاءِ سال ١٨٥٨ع
۾ تيار ٿي تڏهن سال ١٨٥٨ کان وٺي سال ١٨٧٢ تائين

درٻار جو ڪاروبار خالصو ديوان چترسنگهه هلايو. خالصي
چترسنگهه، درٻار صاحب ۾ ڀائي هرڪشنداس منگلاڻي
۽ ڀائي ڳاڳارام ٻسيراماڻي شبدي مقرر ڪيا جي هر روز
صبوح جو شري آسادي وار ۽ شبد ڪيرتن ڪندا هئا.
دسمين پاتشاه جي هسواري صاحب جي ٽهل لاءِ هڪ
خالصو صوڀاسنگهه جنهن جو امبرت ڇڪيل هو تنهن کي
مقرر ڪيائين. خالصي چترسنگهه جي شوٻو ڇٽڻ ڪانپوءِ
هنداراڻي برادري وارن خالصي مانڪسنگهه کي اڪال
ٻونگي جي ڪاروبار سونپيو. خالصو مانڪسنگهه گروصاحبن
جي باڻي پڙهڻ ۽ انجي ارٿ ۽ ڪٿا ڪرڻ ۾ هوشيار
هوندو هو. خالصي مانڪسنگهه اڪال ٻونگي جي سيوا
۽ ڪاروبار چڱي طرح هلايو. پاڻ صبوح جو سويل اٽڪل نيم
سان ۴ ٻجي اڪال ٻونگي ۾ ايندو هو. دسمين پاتشاه
جي هسواري جي ٽهل لاءِ هڪ ٺهڪسنگهه ڏلي خالصو
مقرر ڪيو ويو. هو درٻار صاحب ۾ رهندو هو. سڄو ڪم
درٻار صاحب جو هو پاڻ ڪندو هو. خالصو ٺهڪسنگهه
چڱو سمجهو هوندو هو. هو صاحبن جي باڻي چڱي طرح
ڄاڻندو هو. مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳي ٻڌايائين ته مان
سڀاڻي شوٻو ڇڏيندس. انهن ڏينهن ۾ خالصن ۽ سکن
جي پلٽڻ حيدرآباد ۾ هوندي هئي. پلٽڻ وارن خالصن ۽
سکن سان ٺهڪسنگهه جو تمام گهاٽو سمبنڌ هوندو هو.
هن صاحب جي ڪري پلٽڻ وارا درٻار صاحب ۾ گهڻو
ايندا هئا. سندس قضئي جو ٻڌي سڄي پلٽڻ جا سپاهي

وڪيل وٽي سندن ڪاٺي سان گڏ مساڻي ڏانهن هليا. وڏي ڌام ڌوم سان سندس ڪِريا ڪرم دربار صاحب ۾ ڪيو ويو. دربار جي ٽهل شيوا ڪمداراڻي برادري وارا ۽ سندس اولاد خوشي سان ڪندا هئا. دربار صاحب لاءِ چٽ ۽ هسوارن جا قيمخوابن جا رومال ۽ صاحبن جي ٻراجڻن واري ڪوٺي جي سامان جي ٽهل سڀ ڪمداراڻي خالصا ڪندا هئا.

دربار صاحب جي ٽهل شيوا لاءِ ڀائي آتماسنگهه ۽ ڀائي راڌاڪرشن مقرر ٿيل هوندا هئا. ڀائي راڌاڪرشن ٣٤ سال پورا اڪال پونگي جي شيوا گهڻي سِڪ ۽ شرڌا سان ڪئي. ڪيترا سال اڪال پونگي جي ڪاروبار خالصي مانڪسنگهه ڪئي. سندس سرڳواس ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ڪاروبار ڪمداراڻي خالصي تيغ سنگهه خالصي مانڪسنگهه جي وڏي پٽ جي هٿ ۾ آئي. مگر هو اُن وقت لاڙڪاڻي ۾ ريلوي اسٽيشن ماستر هو، تنهن ڪري دربار صاحب جي ڪاروبار پنهنجي ڀاءُ خالصي محڪمسنگهه جي هٿ ۾ ڏنائين الهي رپت سال ١٩٠١ع تائين دربار جو ڪاروبار خالصي محڪومسنگهه هلايو آخر محڪومسنگهه ۽ سندس برادري واري ڪمداراڻي خالصن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي. پيو جنهن تي ڌر ديواني دعوا ڪئي اهو ديواني تڪرار سال ١٩٠١ کان وٺي سال ١٩٠٥ تائين ڪورٽن ۾ هليو. اهو سڀ وقت دربار بند هئي. آخر ڪورٽ مان اهو فيصلو ٿيو ته اڪال پونگي جي

سنڀال لاءِ ڪو خاص هڪ ماڻهو يعني تيغ سنگهه ۽ ا
مڪم سنگهه ۽ آهي پر اها دربار سڄي قنڌاراڻي خالصن
جي ملڪيت آهي. تنهن ڪانپوءِ سال ١٩٠٥ع کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين ڪاروبار هڪ چونڊيل ڪاميٽي جي
هٿ وس آهي. جنهن ڪاميٽي جا ميمبر فقط قنڌاراڻي
خالصا آهن.

گذريل ويهن سالن ۾ اڪال پونگي واري دربار واري
جاءِ ۾ گهڻيون ڦيرڦاريون ۽ واڌارا ۽ سڌارا ٿيا آهن. اها
شيوا ڀائرن ئي ڪئي آهي. اڪال پونگي دربار جي
وڏي مهما آهي. ڪيترا شردالو سک دربار صاحب ۾
اچي پاونا رکي پنهنجو سوال گروگرنت صاحب اڳيان پيش
ڪن ٿا ۽ انهن جو اهو سوال قبول پوي ٿو ۽ سندن
ڪارج راس ٿين ٿا. گهڻن شردالن کي ان ڳالهه جا پرتا
آهن. هر ڪنهن کي پاونه جا ڦڙا ملن ٿا. ان دربار سان
لاڳو پنج سماڌيون به آهن. اهي سماڌيون انهن خالصن
ڀائرن جون آهن جن اڪال پونگي جي شيوا ڪئي آهي.
انهن مان هڪ سماڌ خالصي ديوالي سنگهه جي آهي.
جنهن ڪيترا سال پينشن تي وڃڻ ڪانپوءِ نظر گهٽ هوندي
به اڪال پونگي جي تن من ۽ ڌن سان شيوا ڪئي آهي.
هي صاحب سک ۽ شردا رکي صبوح جو سويل هر روز
٥ بجي آڏواڻي گهٽي مان جتي سندس رهڻ جي جاءِ
هئي تتان اڪل پونگي ۾ اچي گروگرنت صاحب جي

شيوا ڪندو هو. ڪيتري ئي برسات پوي ۽ ٿڌيون پونديون هيون ته به هي چڱو ماڻهوس پنهنجو نيم نه ڇڏيندو هو. سندس فرزند مسٽر رام سنگهه اڳوڻو اڪيڊمي جو پرنسيپال آهي.

دربار مهنت سوامي رامديال

شهر حيدرآباد ۾ آڏواڻي گهٽي جي پاڙي ۾ جهوني دربار والي مهنت سوامي رامديال جي پرسن آهي. ان دربار جي مهنتن جي پرنالي هيٺ ڏجي ٿي:-

(۱) ڀڳت ڀڳوان (۲) شري سوامي گرداس جي (۳) شري سوامي مڌورام (۴) شري سوامي هرداس جي (۵) شري سنتداس (۶) شري گرڏتا جي (۷) شري فقير بخش (۸) شري آگيارام (۹) شري سوامي گرديا (۱۰) شري سوامي رامديال (۱۱) شري سوامي هرنامداس.

شهر حيدرآباد ۾ پرسن چار مهنت گهڻن سالن کان وٺي مقرر ٿيل آهن. (۱) شري مهنت پيارورام جي (۲) شري مهنت ڏيانداس جي (۳) شري مهنت رامديال جي (۴) شري مهنت مدنداس جي. انهن چئني مهنتن جو وڏو مهنت پيارورام جي هو ۽ سندس پويان آهن.

ان دربار جو وڏو ڀڳت ڀڳوان گري سنياسي هو جنهن

صاحب کي گرو شري چند صاحب ٽڙي جي شھر ۾ اپديش ڏني ھئي. ڀڳت ڀڳوان ڪرامت جو صاحب ھو. سوامي سنتداس سنبت ١٨٨٠ ۾ حيدرآباد ۾ اچي دربار اسٿاپن ڪئي. ان دربار ۾ ھر روز صبوح جو ٧ کان ١٠ ٽائين شري آسادي وار ۽ ڪيرتن ۽ ڪٿا ٿيندي آھي. ورتمان گادي پر مھنت سوامي ھرنامداس صاحب پاڻ ڪٿا ڪيرتن ڪندا آھن. مھنت سوامي ھرنامداس صاحب ھڪ وڏو ودوان پنڊت، سڀ ڌرم شاستر پڙھيل ۽ نرموھي ۽ وئراڳوان ساڌو آھي. ھن وقت حيدرآباد بلڪ سنڌ ۾ مھنت ھرنامداس جھڙا ودوان ۽ ايشور ڀڳت ڪي ٿورا ليندا. ھو صاحب ٻال جتي ۽ برھمچاري آھي. مھنت ھرنامداس دربار جي سموري ڪاروبار پنھنجي چيلي ڀائي سنمکداس جي حوالي ڪري پاڻ سمورو وقت دربار جي شيوا، ڪٿا ڪيرتن ۽ ڌرم شاستر جي ابياس ڪرڻ ۾ سڦلو ڪري ٿو. ھن اکل لعل جي ڪن ٿورن کي سڌ آھي. پڙھندڙ ھن صاحب جي صحبت ڪرڻ سان اگھٽوئي ڀرائي سگھندا. ھيءَ دربار اکثر ڪري مھنت سوامي رامديال جي نالي سان ھن وقت سڏجي ٿي. جنھن صاحب جو مختصر جيون چرتر ھيٺ ڏجي ٿو.

مھنت سوامي رامديال حيدرآباد جي عامل ديوان جو پٽ ھو جنھن کي سنڌس مائٽن پنڊت ورھين جي ڄمار ۾ ان دربار جي مھنت گرديال صاحب کي ارپڻ ڪري ڏنو. مھنت گرديال ـ بالڪ کي فقيري ڀيک ڏيئي

رام ڏيال ٽالوڪي پنھنجو چيلو ڪيو. چيلو رام ڏيال جڏھن اڃان مس ڏھن ورھين جو ٿيو ته گنگا پاسي سنتن ۽ سڌن سان گڏجي جھنگل ۾ وڃي رھيو. اڀياس ۽ تپسيا ڪئي. پورا ٢٥ سال ھي صاحب جھنگل ۾ ايشور ڀڳتي ۽ يوگ اڀياس ڪرڻ ۾ مشغلا ڪيا تڏھن ڪاٿو ۾ ٣٥ سالن جي اوستا ۾ حيدرآباد ۾ موٽي آيو. ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ سندس گرو مھنت رامڏيال صاحب چولو ڇڏيو ۽ گادي تي مھنت رامڏيال براجمان ٿيو. ھن صاحب ٢٥ سال گادي تي رھي ٦٢ سالن جي اوستا ۾ سنبت ١٩٨٦ برابر سال ١٩٣٠ ۾ ديھ لوڪ پڌاريو. مھنت سوامي رامڏيال صاحب پورن ايشور ڀڳت ھئا. ڪين وچن سڌي پراپت ٿيل ھوندي ھئي. ستنام جي ٻھرين پوري جپ صاحب جي ٻوٽي ٻڙھي ڪنھن به بيمار يا ڏُکن ۽ اوکري جي گھرجائون کي ڀل پياريندا ھئا يا رکيا ۾ جنتر ناھي ڏيندا ھئا ته ان جا اوس ڪارج ٿيندا ھئا. ھزار ٻمارن جا ڏک مھنت صاحب دور ڪيا ۽ اھڙ شرڌالو سکن جا ڪارج پورا ڪيائون. ڪيترا شاگرد جڏھن امتحان ڏيڻ ويندا ھئا، تڏھن سوامي جن کان رکيا لکائي اُھا ٽوپي ۾ وجھي ويندا ھئا ته امتحان ھال ۾ ھنن کي سڀ ڪجھ سولائي سان ايندو ھو ۽ ھو امتحان ۾ اوس پاس ٿيندا ھئا. ڪيترو ۾ سخت بيمار جنھن کي ڊاڪٽرن لاعلاج ڪري ڇڏي ڏنو ھو سو به سوامي جنجي ستنام جي ٻوٽي ٻڙھيل

ڦهل ڦيهڻ سان ۽ رکيا ڀاڻڻ سان تُرت چڱو ڀلو ٿي پوندو هو. انيڪ ڀاڻهو سوامي جنجي آسيسا سان وڏي نوڪري ۽ ڌنڌي کي لڳا.

مهمنس سوامي رام ديال صاحب جي روز مره جي ورتڻ جو ذڪر ڪجي، ته هو هر روز رات جو ۴ بجي اٿي شريڪ جي ڪريا لاهي دربار جي انگڻ جي ٻهاري هٿن سان پائي ٿڌي پاڻي سان سنان ڪري گرو گرنٿ صاحب جو پرڪاش پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. ٻه ڪلاڪ گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ويٺا پڙهيندا هئا. تنهن کانپوءِ ڪڙاه پرساد پنهنجن هٿن سان تيار ڪندا هئا. ڏينهن رات ۾ هڪ دفعو روٽي وٺندا هئا. روٽي پنهنجي لاءِ ۽ چيلن لاءِ سدائين پنهنجي هٿن سان تيار ڪندا هئا. اول ٻين سڀني کي کارائي پوءِ پاڻ کائيندا هئا. تنهن کانپوءِ ٿورو آرام ڪندا هئا هر روز شام جو ۴-۵ بجي ٿيولي گرم ڪري اُها ڏينهن جي کاڌل روٽي دال ڦلڪو ۽ چانور وات ۾ اوڪاري ڪڍي ڇڏيندا هئا. اها ورتڻ سندن هميشه جي روز مره جي هوندي هئي. شام جو هر روز پنهنجي آڪاڙي ڏومڻ واه جي ٻيرسان ڳاين جي سنڀال ڪرڻ ويندا هئا. سوامي جنکي ڳاين جي شيوا ڏاڍي پسند هوندي هئي. ڳاين ٻلي سندن روزانو خرچ چار پنج روپيه هوندو هو. ڳايون ۱۵-۱۶ هونديون هين ڳاين سان ڏاڍو پريم هوندو هون. ڳاين جي هٿن سان سيوا ڪندا هئا. سوامي جن ٻين ٽڪاڻيدارن ۽ مهنتن

واڳو پنسو پاڻ وٽ جمع نہ ڪيو. ٨ يا ١٠ ڏينهن سنتن ساڌن جي رسوئي ڪري ان تي سموري ٻچت ٨-١٠ ڏينهن جي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ وٽ پنسو اصل جمع نہ ڪيائون. سياري ۽ اونهاري رات جو ٻاهر دربار جي اڱڻ ۾ سمهندا هئا. ڪهڙو بہ ٿڌ سيارو هوندو تہ مهنت صاحب ٻاهر اڱڻ ۾ سمهيو پيو هوندو هو. ونس جي وڇيو هو تہ حال احوال ڏيندو وٺندو هو. ڪلمڪ سياءَ جا هوندا هئا. اٽڪل ١٧ سال ٿيا تہ چولو ڇڏيائون. سنڌن گادي تي سنڌن چيلو سوامي هرنامداس ويٺو. سوامي هرنامداس حيدرآباد جي ديوان جو ٻالڪ هو جنهن کي مائٽن سوامي رامديال صاحب کي ارپڻ ڪري ڏنو. سوامي هرنامداس جو مٿي ٿورو ذڪر ڪيل آهي. هي صاحب پنهنجي گرو واڳو سمورو وقت دربار ۾ رهي دربار جي سيوا ڪري ٿو ۽ شاستر پڙهڻ ۾ سڦلو ڪري ٿو.

نانگي گنگارام صاحب جو
استان حيدرآباد

شهر حيدرآباد سنڌ ۾ هندن جي مساڻي گهاٽ جي پرسان هڪ جهونو ڌرمي استان نالي نانگي صاحب جي دربار آهي، جتي نانگي گنگارام صاحب جنهن جي سماڌي

آهي. ان آستان ۾ سماڌيءَ ۾ حيدرآباد نواسين جو ايترو قدر صدق آهي جو جڏهن جڏهن ڪنهن بہ قسم جي مشڪلات هنن کي آڏو ايندي آهي، تڏهن نانڪي گنگارام صاحب جي سماڌ تي وڃي پنهنجي مشڪلات ظاهر ڪندا آهن تہ سگهو ئي سندن مشڪلات آسان ٿيندي آهي. ان ڳالهہ مان ظاهر آهي تہ نانڪي صاحب جن هاڻي بہ حاضران حضور وينا آهن. سڌ تي سڌ ڏين ٿا. ان ترمي آستان جي گادي پسرن جي پرنالي هيٺ ڏجي ٿي.

(١) نانڪو گنگارام صاحب (٢) نانڪو ڪشنداس صاحب (٣) ڀائو مستورام صاحب (٤) ڀائو مڪترام صاحب (٥) ڀائو هرڪشنداس صاحب (٦) ڀائو آگيارام صاحب (٧) ڀائو ڪنولداس.

نانڪي گنگارام صاحب جنهجو جنم براهمڻ ڪل ۾ ٿيو ۾ پوءِ ڀيک اُداسي اختيار ڪري سر تي جٽائون ڌاريون هئائون. سندن گورو ٿارو پنجاب ضلع انبالا ۾ هو، پاڻ سان گڏ بہ ڪامل فقير سوامي وڏڀنڊي صاحب ۽ سوامي سنتداس صاحب شامل ڪري تيرٿ ياترا ڪندا سنبت ١٨٦١ ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ پڌاريا هئا، ٻئي سنت ڪيهہ سال حيدرآباد سنڌ ۾ گڏجي مساڻي جي ويجهو دريا ۾ رهڻ لڳا. سوامي وڏڀنڊي نانڪي گنگارام صاحب کي وڏي پاڻ موافق سمجهي انجو ادب ڪندا هئا ۽ سندس آگيا موافق هلندا هئا. پڇاڙي جي وقت نانڪي صاحب سوامي وڏڀنڊي صاحب کي هي صلاح ڏني

هٿي ته منهنجي ديهانت کانپوءِ اوهان وڃي سکر ۽ روهڙي
جي وچ ۾ سکر جي ويجهو جا پنڊاري آهي اتي دولهه
لڳائي پنهنجو استان ڪجو ۽ انجو نالو ساڌ ٻيلو رکجو.
سنبت ١٨٨١ برابر سنه ١٨٠٤ع ۾ سوامي ونکنڊي صاحب
نانڪي صاحب جا سيوڪ گنگا جي ڏي روانا ڪري ۽
ٻالڪ روهڙي طرف روانا ٿيا ۽ هاڻوڪي ساڌ ٻيلي ۾ براجمان
ٿيا. نانڪو گنگارام صاحب ٻن سنتن سان گڏ حيدرآباد ۾
سنتن سان گڏ حيدرآباد ۾ اچي مساڻي گهاٽ وٽ زمين
صفا ڪرائي دولهه دکائي اچي ويٺا. درجي به درجي
اتي لانڊي تيار ٿي ۽ ٿورا برتن پنڊاري لاءِ موجود ٿيا.

حيدرآباد جي چمڙاٽي گهٽي جي برادري وارا سڀ
گهر ديوان چندراه جو اولاد نانڪي گنگارام صاحب جي
دربار جا سيوڪ آهن. انهن سڀني برادري وارا نانڪي صاحب
کي ڏنل وچن موجب شراب ڪونه واپرائيندا آهن.

ديوان چندراه جنهنجي نالي چمڙاٽي گهٽي سڏجي
ٿي تنهن کي پٽ سنتان ڪونه ٿيندو هو، تنهن لاءِ نانڪي
صاحب جنجي اڳيان وينتي ڪيائين. نانڪي صاحب جن
حڪم ڪيو ته پير جي اڳيان ڏکڻ پاسي دربار لاءِ باغ
پوکاءِ. انهي باغ ۾ جيتريون چڪيون پنهنجي هٿ سان
پوکيندين تيترا پٽ توکي ٿيندا. ديوان چندراه نانڪي
صاحب جو پريمي سيوڪ هوندو هو. ديوان چندراه پنهنجي
هٿ سان ٦ چڪيون پوکيون ۽ انکي پوءِ ٦ پٽ ٿيا.
اهو باغ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. ديوان چندراه کي

جيڪي ٥ پٽ نانڪي صاحب جي حياتيءَ ۾ ٿيا اُن جا نالا نانڪي صاحب پاڻ رکيا. مطلب ته نانڪي صاحب جي ڇٽراءِ تي وڏي مهر جي نظر هئي. نانڪي صاحب ڪيترا ڪرامت جا ڪم ڪيا جنهن ڪري سندن نالو عام ماڻهن ۽ حاڪمن ۾ مشهور ٿي ويو. نانڪو گنگارام ڪرامت جو صاحب هو. نانڪي صاحب جو ناماچار ڏاڍو هو. ان وقت حيدرآباد ۾ فقط اهوئي استان هو جنهن ۾ پرديسي نانڪن فقيرن جون جماعتون اچي رهنديون هيون هڪ يا ٻه ڏينهن ڪچو سيڌو نانڪي صاحب وٽان انهن جماعتن کي ملندو هو.

ديوان جهوڙومل ميرن جو وزير هو هنجي برخلاف ميرن صاحب وٽ ڪنهن چغلي هنئي ته جهوڙيمل سرڪار کي نقصان پهچائي ڍل جي بستگيءَ ۾ ڪنهن زميندار کي بي واجبي فائدو رسايو آهي ان لاءِ مير هڪ نواب کي جاچ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. جهوڙيمل نانڪي صاحب وٽ پنهنجو حال پيش ڪيو. نانڪي صاحب جهوڙيمل تي آسيسا ڪئي ۽ هن تان اها آپدا ٽاري.

نانڪو صاحب رات جو ٣ بجي اٿي سنان پاڻي ڪري سماڌي ۾ ويهندا هئا ۽ سڄو ڏينهن هري نام جو نالو اُچاريندا هئا. جڏهن ستسنگي وٽن ايندا هئا تڏهن انهن سان گيان چرچا اُپديش جي وارتا ڪندا هئا. ڇٽاڻي برادري کانسواءِ ٻيا گهڻا حيدرآباد جا عامل ديوان نانڪي

صاحب جا شرڌالو ۽ صادق سک هوندا هئا. اهي سڀ
دربار جي ٽهل شيوا صدق سان ڪندا هئا.

لعلواڻي ديوان اُتم سنگهه ۽ ديوان جيچندراءِ جون
سماڌيون ان دربار ۾ وڪيل آهن. حيدرآباد جي مير صاحب
جو پڻ صدق نانڪي صاحب ۾ هوندو هو. مير صاحب
ٽمپاءِ وڏا نانڪي صاحب وٽ سنڌس دربار ۾ ايندا هئا.

نانڪو گنگارام صاحب وڏهه سال حيدرآباد سنڌ واري
دربار جي گادي تي براجمان ٿي سمبت ۱۸۸۱ ۾ جوتي جوت
ٿيا. نانڪي گنگارام صاحب جا ٻه چيلا هئا. هڪڙو ٻائو
پورنداس ۽ ٻيو ڪشنداس. نانڪي صاحب ڪانپوءِ ٻيو نمبر
چيلو ٻائو ڪشنداس گادي تي براجمان ٿيا. جيئن مٿي
ڏيکاريل آهي ته نانڪو گنگارام جڏهن حيدرآباد سنڌ ۾
آيو تڏهن پاڻ سان ٻه ڪامل فقير پنجاب کان وٺي
آيو هو. انهن مان ٻائو سنتداس هڪ وڏو ڪرامت جو
ڌڻي ٿي گذريو آهي. ان سبب جون ڪيتريون ڪرامت
جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ٿيون. هو صاحب ورڌين جو مالڪ
هوندو هو. ٻائي سنتداس جو پوير ديوان چندراءِ سان
هوندو هو. ٻائي سنتداس صاحب جي سماڌي هن استان
تي نانڪي گنگارام صاحب جي سماڌ سان گڏ وڪيل آهي
ٻائو سنتداس صاحب اڄان تائين حاضر ناظر آهن. ڳالهه
ٿا ڪن ته هڪ براهمڻ ڪي نياڻي جي وهانو لاءِ ۵۰۰ روپين
جي گهرج هئي. ان براهمڻ ٻائي سنتداس صاحب جي

سماڌ اڳيان پنهنجو حال پيش ڪيو. هنگي پوري پنجين ڏينهن ٥٠٠ روپيه سماڌ اڳيان رکيل نظر آيا.

ناڻگو ڪشنداس صاحب سنمت ١٨٨١ برابر سنه ١٨٢٤ع ۾ گادي تي ويٺا ۽ سنمبت ١٨٩٣ برابر سال ١٨٣٦ جوتي جوت ٿيا. ڪل ١٢ سال گاديءَ تي براجمان ٿيا.

ناڻگي ڪشنداس کي پنهنجي گرو ناڻگي گنگارام صاحب جي ڀنڊاري لاءِ پئسن جي گهرج ٿي ان وقت پئسو موجود ڪونه هو. تنهن هوندي به ناڻگي ڪشنداس سڄي سنڌ جي فقيرن کي ڀنڊاري جو نوتو ڏياري موڪليو ناڻگي صاحب ڪراچي مان ڪنڊ ۽ گيهه گهرائي انجي رقم لاءِ هڪ هزار روپين جي هنڊي ديوان جهوڙيمل کي لکي جا هنڊي ديوان جهوڙيمل اکين تي رکي ڀري ۽ پنهنجا وڏا ڀاڳ سمجهيا جو گرن سنڌس ياد گيري ڪئي آهي ۽ ڪيس شيوا ڪرڻ جو وجهه ڏنو آهي. دربار جي ٻين شردالو سکن پنهنجي پڄندي آهر ڀنڊاري لاءِ سامان ۽ نقد پئسن جي مدد ڪئي. بي انداز سامان اچي گڏ ٿيو. حشام ساڌو سنت ۽ ماڻهو گڏ ٿيا. ناڻگي گنگارام صاحب جي وڏي برڪت تيار ٿيل مال تي پوندي هئي. گهٽي

قد ڀوڄن لٽائڻ ۽ ڪارائڻ کانپوءِ به ڪيترو مال روز بچي پوندو هو سو ٻئي ڏينهن غريبن غربن کي کارايو ويندو هو. ڀنڊاري پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪيترو مال بچي پيو. ناڻگو ڪشنداس وڏي ناڻگي صاحب جي حڪم موجب روز دربار جي لوڙهي کي پرڪرما ڏيئي شانتيءَ سان

پڙهندي اٺ ٽيم ۾ مشغول رهندو هو. هي مهاتما ڏياوان ۽ سياڻ جو ساڌو هوندو هو. هو هر ويلي رام نام مک سان پيو اُچاريندو هو. گهڻو وقت ليم سان سمادي ۾ رهندو هو.

نانگي ڪشنداس ڪانپوءِ سنڌس چيلو ٻاٻو مستورام صاحب سنبت ١٨٩٣ ۾ گادي تي ويٺا ۽ سنبت ١٩١٢ ۾ جوتي جوت ٿيا. ڪل ١٩ سال گاديءَ تي براجمان ٿيا. هي سنت اصل ماتلي تعلقي جو ويٺل هو. هنجي ڪچي ڪان ساڌوءَ ٻڌي هئي ۽ هر سال هڪ ڀيرو مهنا نانگي صاحب جي دل و جان سان شيوا ڪندو هو. ٻاٻو مستورام سچو ڏينهن هٿن سان دربار جي ۽ دربار سان لاڳو باغ جي شيوا ڪندو هو. گهڻو وقت باغ ۾ گذاريندو هو. ٻاٻو مستورام سنبت ١٩١٢ ۾ جوتي جوت سمايا. ٻاٻي مستورام جي ديولوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ سنڌس چيلو ٻاٻو مڪترا گادي نشين ٿيو. ٻاٻو مڪترام گاديءَ تي ويهڻ وقت ١٤ سالن جي عمر جو هو تنهن ڪري دربار جي ڪاروبار سڀ ٻائي ڏيئورام هڪ شرڌالو دربار جو سک هلائيندو هو. ٻاٻو مڪترام سنبت ١٩١٢ برابر سنه ١٨٥٥ع گاديءَ تي براجمان ٿيا ۽ سنبت ١٩٧٥ برابر سنه ١٩١٨ع برابر ٦٣ سال گادي نشين هئا. دربار جي ڪاروبار ٻائي ڏيئورام هلائيندو هو. ٻاٻو مڪترام ڳالهائڻ جو بلڪل سوڪم هو. سنڌس آهار به ٿورو هوندو هو. سڀ وقت گرمنتر زبان سان پيو اُچاريندو هو. ٻائي صاحب جي پيشاني ۾ ڏاڍي

ANTIQUITIES & ARCHIVES SINDH ARCHIVES GOVT. OF SINDH

ڪرائتي هئي ۽ سندس اکيون الاهي جوت سان پيئون ٻرنديون هيون. هن فقير جي دل ڏاڍي ڪشادي هوندي هئي. اُدارچت هوندو هو. دربار ۾ لنگر لي گهڻا آدمي ايندا هئا تنکي قلڪو پاڇي يا ڍوڍو چٽڻي ملندي هئي جوانيءَ جي اوسٿا ۾ سندس حليمائي ۽ سانتيڪي سڀاءُ ۽ آتم سرشٽ رعت ڪري هنجو جس ۽ پرتاب گهڻي قدر وڌيو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته مکي سڪرابداس جو پٽ سخت بيمار ٿي پيو. مکي صاحب ڀائي مکترام صاحب کي پنهنجي جاءِ تي گهرايو ۽ ٻوارتنا ڪئي ته آسيسا ڪريو ته ٻالڪ چڱو ڀلو ٿئي. ڀائي مکترام پنهنجا چرن ٻالڪ جي مٿي تي گهمايا ۽ يڪدم چڱو ڀلو ٿي پيو ڀائو مکترام پنهنجي گرن والگو نانڪو هو. سندس شادي ڪيل ڪان هئي. هڪ دفعي هڪ ٻيو جوڳيسر دربار ۾ اچي ٽڪيو. جنهنجي شيوا ڀائي صاحب چڱي ڪئي ان جوڳيسر دربار ڇڏڻ وقت ڀائي صاحب کي عرض ڪيو ته مونکي هڪ وچن ڏيو. ڀائي صاحب هنکي وچن ڏنو تنهن تي ان جوڳيسر پنهنجي ٩ ورهين جي ڇوڪري جي ٻانهن ڀائي صاحب کي ڏيئي چيو ته اوهان هن سان وهانو ڪريو. جو انجام اوهان ڪيو آهي. ڀائي مکترام ٻهرياتين جوڳيسر جي اها وينتي قبول نه ڪئي پر آخر هنجي گهڻي ستائڻ تي ۽ پنهنجي ڏال وچن کي ڀڳو نه ڪرڻ لاءِ لاچار ان ڪنيا سان وهانو ڪيو. ڀائو

مکترام صاحب سياڻو ڏيالو ۽ لهڻو هو. سندس مورت
اماڻي علامت سادي ۽ ڪنڌ هميشه هيٺ هوندو هوس.
هو دل جو ڪشادو، ساڌ پڻ ۽ غريبن تي ڪهل ڪرڻ
وارو هو. حيدرآباد شهر لاءِ ٻارن جي دفن ڪرڻ لاءِ مساڻي
جي ڀرسان پنهنجو ٽڪر زمين جو پنچايت کي بنا عيوض
جي ڏنو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ٻائي مکترام
کي ڌيءَ جي ٻار ڏيڻ لاءِ هڪ سؤ روپيه ضروري گهربل
هئا. ٻائي صاحب ناٺگي صاحب ۽ دربار جي ٻين گاديسرن
جي سماڌين اڳيان پنهنجو حال پيش ڪيو ۽ تنهن کانپوءِ
وڃي بستري تي آرام ڪيو. صبوح جو سوير اڃان اوندهه
پيل هئي ته هڪ اجنبي ماڻهو هيڪلي انڌ مان جاڳائي
هڪ سؤ روپين جي ٿيلهي هٿ ۾ ڏيئي غائب ٿي ويو. ٻائي
صاحب کي اها حالت ڏسي گهڻو تعجب لڳو جو دربار
جا سڀ دروازا بند هئا. پڙهندڙ اها ڳالهه ياد ڪن ته
ٻائو ناٺگو صاحب کان آد وٺي سڀ گاديسر ان دربار جا
حاضران حضور آهن انهن ۾ فقط شرڌا ۽ ڀاونا جي گهٽتائي
آهي. حيدرآباد جي شهدادپوري پاڙي جا گهڻا ماڻهو
۽ لکين آکهه وارا هن دربار جا صديقي سک آهن.
ٻائو مکترام صاحب تاريخ ٨ ناهري سنبت ١٩٧٩ ۾
ديولوڪ پڌاريا.

ٻائي مکترام صاحب کي ٻه پٽ هئا. هڪ ٻائو
هرڪشنداس ۽ ٻيو ٻائو آگيارام، انهن ٻنهي ۾ گرو صاحب

ڪلا وڏي آهي ۽ هو پنهنجن وڏن جا آدرش اڳيان رکي دربار جو نامچار قائم رکندا آيا آهن ۽ پاڻ به نام جپڻ ٿا ۽ سکن کي به نام جپائين ٿا. ڀائي هرڪشنداس جي ڏينهن ۾ صاحبن جو مندر، سماڌين جي پرشان دربار جي پريمي سکن ٺهرايو آهي.

ڀائو هرڪشنداس صاحب ۴-۵ سال مس گادي تي وهڻ ڪانپوءِ ديولوڪ پڌاريو. ڀائي هرڪشنداس صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ ڀائي مکترام جو ٻيو نمبر فرزند ڀائو آگيارام صاحب گادي نشين ٿيو. ڀائو آگيارام صاحب پڻ به چار سال گادي نشين رهيو. ورتمان دربار جو گاديسر ڀائو ڪنولداس صاحب ڀائي آگيارام صاحب جو وڏو فرزند گادي نشين گذريل ۱۴ سالن کان آهي. جو صاحب دربار، سماڌين جي شيوا ٽهل ڪري ٿو.

برهمو مندر حيدرآباد

شهر حيدرآباد ۾ هڪ ايڪانت ۽ هوادار ۽ سندر رمڻيڪ ڌرمي استان سول اسپتال جي نزديڪ برهمو مندر پرسڌ آهي. استان سان لاڳو سنت جي مهاتمائن ساڌو نولراءِ ۽ ساڌ وهيرانند جون سماڌيون آهن. ايڪانت پسند ڪندڙ ڌرمي خيالن وارا منش ان ڌرمي استان جو لاڀ

پراپت ڪري سگهن ٿا. ان ڌرمي استان جو پايو وجهندڙ
سادو نولراءِ ۽ سادو هيرانند هئا. ان استان جي سنڀال
هن وقت هڪ ڪاميٽي ڪري ٿي، جنهن جو سيڪريٽري
پروفيسر نرملداس ڌرمداس گربخشاڻي آهي. ان مندر
۾ سڀڪنهن آرتوار تي پاٺ ۽ ڀڄن گڏجي هري ڪيرتن
۽ ايشور جي پرارٿنا ڪن ٿا. هر هڪ سال سيپٽمبر مهني
جي ٽئين آرتوار تي ان استان جو ساليانو اُتسو ڌام ڌوم
سان ملهايو ويندو آهي. ان استان جو بنياد سيپٽمبر
مهني سالِ ١٨٧٥ع ۾ مهارشي ديويندرناٿ ٽئگور جي پٽ
ستيندرناٿ ٽئگور آءِ. سي. ايس جو حيدرآباد جو ان
وقت سيشن جج هو، تنهن ڪيو هو. زمين جنهن تي
مندر جي اڏاوت ٿيل آهي سا سرڪار مان سادو نولراءِ
کي مندر لاءِ ملي هئي. انهي مندر جي اڏاوت تي
جيڪو خرچ ٿيو، سو گهڻو ڪري سادو نولراءِ سڀ پنهنجي
هٿان ڪيو. ڪوبه عام چندو چيرو ڪونه ڪيو ويو هو.

برهمو مندر هڪ ايڪانت واري جاءِ آهي. منجهس
باغيچي جو ٽڪرو آهي، جنهن ۾ ڪيترا ٻڙ جا وڏا وڻ
آهن، جي ڏاڍي رونق لڳايو ۽ ڇانوَ ڪيو بيٺا آهن
هڪڙو ٻڙ جو وڏو وڻ وچ ۾ آهي، جنهن جي چوڌاري
ٿلهو ٺهيل آهي. اهو ٻڙ جو وڻ ايڏو ته وڏو آهي جو
انجي ڇانو هيٺ ڪيترا ماڻهو ويهي سگهن ٿا. الهندي
پاسي سنڌ جي آتمائن ساڌو نولراءِ ۽ سادو هيرانند جون
سماڌيون ٺهيل آهن جن ۾ سندن سنڌ رکيل آهن.

مندر جي جاءِ ڏيکاري ٿي وڃي ها. تنهن ڪري
راءِ بهادر ديوان تاراچند شوقيرام پنهنجي حياتي ۾
اٺ هزار روپيا پنهنجي هٿان خرچ ڪري هڪ وڏو هال
مندر کي ٺهرائي ڏنو. سماڌين واري جاءِ راءِ صاحب
هشمتراءِ لعلسنگهه پنج هزار روپيا خرچ ڪري انهن سر
ٺهرائي آهي. سماڌين جي پرسان ڏکڻ پاسي گولائي ۾
هڪ ٻئي مٿان ٽلها ٺهيل آهن جتي ساڌو هيرانند پنهنجي
حياتيءَ ۾ ٻين سنگتن سان گڏجي شام جي وقت اچي،
ايڪانت ۽ ڌيان ۾ پنهنجو وقت سڦلو ڪندو هو. اهڙو
سندر، هوادار ۽ ايڪانت وارو ڌرمي استان حيدرآباد
بلڪ سڄي سنڌ ۾ ڪو مشڪل هوندو. برهمو مندر ۾
ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند ۽ ٻيا سنگي هر روز شام جو
ٽلهي تي ٻڙ جي هيٺان ويهي، ڌرمي پستڪ پڙهندا هئا
۽ ڀڄن ڀاءُ ۽ پرارٿنائون ڪندا هئا. هر هڪ آرتوار ڏينهن
صبوح جو مندر ۾ اُپاشنا ۽ ڀڄن ۽ ڪيرتن ٿيندو هو ۽
هن وقت پڻ ٿيندو اچي ٿو. برهمو مندر جي هيٺين
سيوڪن سيوا ڪئي آهي.

(١) ديوان ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (٢) ساڌو
انداعل سين (٣) ڀڳت روپچند (٤) ديوان پرڀداس
شيوڪرام (٥) ڀائي ٺهلرام ليلارام (٦) ساڌو ايشورداس
(٧) ديوان ڪندنمل (٨) ڊاڪٽر ڀيراج (٩) ديوان
ڌرمداس ڀوڄراج (١٠) پروفيسر اوڌلداس.

سال به سال سيپٽمبر مهيني جي ٽئين آرتوار تي برهمو

مندر ۾ اُسو ڀانڪ ۾ اچي ٿو. جڏهن سادو ۽ ايشورداس،
پنڊت وشنو، ديوان ٽوپيداس، ڀائي ٿهلرام ۽ ديوان
سنڌن مل للڪار سان برهمو مندر ۾ سيالي اُسو تي ۽
سيڪڙهن آدمين تي اُپاسنا ڪرڻ وقت گڏجي شبد ڳائيندا
هئا تڏهن پنڊتن جا وار ڪڙا ٿي بيهندا هئا. سنڌن
منڊ آلاپ ۽ ڏي وس سان ٻڌل دولهو هو... ان ڳالهه جو
اثر انهن کي آهي جن اهو شبد ڪيرتن ٻڌو هوندو.
برهمو مندر وارن جا مٺا هيٺيان آهن.

Faith, Prayer, Purity, Love and God.

پنڊت وشنو حيدرآباد برهمو سماج جا جيڪي گهڻا ٻرپا
آهن سي سڀڪنهن کان ڳجها نه آهن. هو برهمو سماج جو
جهڙي هڪڙو چمڪندڙ ڏيئو هو. پنڊت وشنو برهمو
سماج ۾ گهڻو اُنساه ڦوڪيو. ٻئي ڀائر سادو ۽ نولراءِ سنڌس
لعيڙو ڀاءُ سادو هيرانند ۽ ٻيا ان مندر ۾ هر روز شام جو
اچي ايشور پرارٿنا ڪندا ۽ ايشور جو ڌيان ڪندا هئا.
برهمو مندر ۾ سادو هيرانند ۽ بابو نندلعل سين گڏجي
ايشور جي پرارٿنا ڪندا هئا ۽ شبد ڪيرتن ڳائيندا هئا.

برهم سماج وارن جو زور ايشور پرارٿنا تي آهي. هنن
جو اهو مت آهي ايشور اُپاسنا جي وسيلي مٿس ايشور
کي ويجهو ڏٺي ٿو. برهم سماج وارا ايشور اُپاسنا ڪانسواءِ
ٻي پوڄا اجائي ڪري سمجهن. اُپاسنا جهن ۾ اُدبودن،
آواڌنا، ڌيان، پرارٿنا آهي. هنن جي ڪوشش آهي ته
ذاتي پاڪ جا بندن ٽوڙجن ۽ سڀئي ڪوڙين پوڄائن کي

ڪي ڇڏي هڪ پرماتما جي پوڄا ڪرڻ گھر جي انسان ۽
انسان جي پوڄا يا گرنٿ جي پوڄا ۾ ٿو ڦاسي. تهن
کي انهن پوڄائن مان آزاد ڪجي. هنن جي ڪوشش
سان ڪي قدر حيدرآباد ۽ ڪراچي جي رهاڪن جي
مٿورتي ۾ ڦيرو آيو هو. هر هڪ آرتوار ڏينهن صبوح
جو ساڌو نولراءِ مندر ۾ اُپاسنا ڪندو هو. هنجي اُپاسنا
۽ اُپديش ۾ ڏاڍو رس هوندو هو. برهمو سماج جي ساليانې
اُتي ڪي ساڌو نولراءِ هميشه حيدرآباد ايندو هو. اُتسو
جو خرچ پڪو سڀ پاڻ ڪندو هو. سيٺي سنگتين سائين
کي پوتي پوڄڻ پنهنجي هٿن سان کارائيندو هو ۽ پاڻ
سيٺي کي ڪرائي، پوءِ پاڻ کائيندو هو. ساليانې اُتسو
وقت حيدرآباد شهر ۾ نگر ڪيرتن ڪرڻ ۾ ايندو هو.
ساڌو نولراءِ کانپوءِ راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ۽ ڀڳت
رُوپچند برهمو مندر ۾ هر هڪ آرتوار تي اُپاسنا ۽ اُپديش
ڪندا هئا. ديوان ڪوڙومل بلند آواز سان نصيحت آموز
اُپديش ۽ اُپاسنا ڪندو هو. ڀڳت رُوپچند جا وري مٺڙ
۽ مٺا شبد ٻڌندڙن جو تتل هردو ٺاري سيتل ڪري
ڇڏيندا هئا. ڪيترن سالن کان پروفيسر لرملداس ڏومداس
گوبنڌاڻي نسه نيم سان هر هڪ آرتوار تي صبوح جو مندر
۾ اُپاسنا ڪري ٿو. اٽڪل ٤٠-٥٠ سنگي اچن ٿا. سندس
اُپاسنا ۾ چڱو رس ٻڌندڙن کي اچي ٿو. مس سيتا چند لرام
سامتاڻي مئنيجر ڪملا گرلس هاءِ سڪول جي پنهنجا مٺڙ
۽ رسيلا شبد ڳائي سنگين کي وڏو آنند ڏئي ٿي.

برهمو مندر سان گڏ هڪ ريڊنگ روم ۽ لئبرري پڻ آهي. پڻگتي سوالن تي بحث مباحثا ۽ وياکيان برهمو مندر ۾ ڪيا وڃن ٿا. برهمو مندر جو وايو منڊل شانتي وارو ۽ پوتر آهي. پرهندڙ هر هڪ آرتوار تي صبوح جي وقت مندر ۾ ستسنگ ۾ شامل ٿي آنند حاصل ڪري سگهن ٿا.

گورسنگت هيرآباد

شهر حيدرآباد ۾ هيرآباد ڪوارٽر ۾ هڪ وڏو ڪشادو ۽ عاليشان ڌرمي استان گورسنگت جي نالي سان پرسڌ آهي. ان ڌرمي استان جو پايو سال ١٩١٨ع سنبت ١٩٧٤ ۾ هولي جي پرب تي وڌو ويو هو. ان استان جا مکيه اوائلي باليڪار مسٽر خانچند پرتابراءِ للواڻي، مسٽر فتحچند ميگهراج آڏواڻي ۽ ديوان ليلارام جيٺ ۽ مسٽر وسيومل ۽ مسٽر ٻنگومل گرمکداس هئا. انهيءَ وقت حيدرآباد ۾ پليگ جي سبب ڪري ماڻهو حيدرآباد ۾ گهر ڇڏي هيرآباد ۾ جتي سک سانت هئي تتي لڏي اچي وينا. هيرآباد ۾ پاڙو گڏجي روز مره امرت ويلي شبد ڪيرتن ۽ آسادي وار ڪندا هئا. ان لاءِ هڪ سنگي پنهنجي جاءِ پراپڪار لاءِ ٿوري وقت لاءِ ڏني جنهن ڪانپوءِ ٤ سال

حيدرآباد ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي ڪري ان ۾ صبوح ۽ شام
ستسنگ ڪرڻ ۾ آيو چاڪاڻ ته پليگ جي بيماري لهڻ
کانپوءِ به حيدرآباد جي رهواسين جي دل ٿي ته اهڙو
ستسنگ جاري رکڻ ۾ اچي. خرچ لاءِ پئسو ۽ ميمبرن چندو
ڏيڻ لڳا. ڪيترن سڄڻن پڻ ڪجهه سهائتا ڏني. ان
ستسنگ جو ناءُ گورسنگت حيدرآباد رکيو ويو ۽ گورسنگت
حيدرآباد ايسوسيئيشن نالي وڏي جا رجسٽرڊ ڪئي ويئي
جنهن جا ٽي ٽرسٽي مقرر ڪيا ويا. پهريان ٽي ٽرسٽي
هيٺيان ٽي ڄاڻو ٿيا.

(١) سرڳواسي مسٽر کانچند ٻرتاراءِ
(٢) مسٽر ديگومل گرمکداس
(٣) مسٽر ٿڪچند مينگهراج

انهن ٽن ٽرسٽين کانسواءِ ٨ ٻيا ڪاروباري ڪاميٽي
جا ميمبر آهن. اهو سڄو ڌرم استان ۽ پئسو وغيره
هڪ پبلڪ ٽرسٽ ۾ آهي. سال به سال گورسنگت جي آمدني
۽ خرچ ۽ ڪاروبار بابت ساليانو رپورٽ تيار ڪري
گورسنگت جا ٽرسٽي ڇپائيندا آهن. شري گرو گرنٿ
صاحب جي ڪٿا سنڌي ٻولين کي اهو شبهه خيال ٿيو
ته چڱو ائين ٿئي جو جيئن گرو گرنٿ صاحب جي سري راڳ
جو ارٿ سنگت ۾ ٻڌندو ٿو وڃي، تيئن اهو ارٿ سليس
سنڌي ۾ ڇپائي ٻاهر ڪڍجي ته هزارن ٻين سنگتن
جي واڪي ارٿ سميت پڙهي دل سان هنڊائين. تنهن

ڪالپوءِ اهو ڪم هٿ ۾ ڪيئون جو سال ١٩٢٠ کان وٺي شروع ٿيو ۽ سال ١٩٤٦ ۾ اچي ختم ٿيو ۽ سڄو گرو گرنٿ صاحب ٢٢ پاڻگن ۾ اوٽ سونهري لکتي ۽ ڇپجي پائون ۾ ورائيو ويو آهي. ان پرڀڪار جي ڪم لاءِ ماسٽر فتحچند ميگهراج آڏواڻي جنس جو ڀاڳي آهي جنهن صاحب ٽڪايف وٺي گرو گرنٿ جو سنڌي ۾ ترجمون ڪري ڇپايو آهي. گرو گرنٿ صاحب جا ٢٢ پاڻگا هن وقت گورسنگت ۾ خريد ڪري سگهجن ٿا. گورسنگت ٽنهن ڪالسواءِ گرو واڻي جا نوان ڏهي پستڪ انڪل هڪ سؤ لکي ڇپايا آهن. انهن ڏهي پستڪن جي وڪيلي سڪي جو پرچار گهڻي قدر ٿيو آهي.

گورسنگت هيرآباد هولي، ڏياري، جنم اشٽمي ۽ گرو نانڪ صاحب ۽ گرو گوبندسنگهه صاحب جا جنم ڏينهن سال به سال ڌام ڌوم سان ملهائيندا آيا آهن. سال ١٩٢١ع ۾ ونن انسو ٽي جاءِ جي بلڪل تنگي معلوم ٿي. تنهڪري حيدرآباد ميونسپالٽي کي ٻن پلاٽن ٩٦٠٠ چورس فوٽن لاءِ درخواست ڪئي ويئي جا زمين منظور ٿي. گرو نانڪ ديو جي اوتار ڌارڻ ڏينهن تاريخ ١٥ اومبر ١٩٢١ تي شرمان سنت پرتاسنگهه صاحب گورسنگت جي عمارت جو پايو وڌو ۽ تنهن ڪالپوءِ عمارت جو ڪم شروع ڪيو ويو. گوردواري جي عمارت تي انڪل مدولکه روپيه خرچ اچي ويو آهي. اهي هتسا پائون ۽

پيسن وڏي دل سان دان ڏنا آهن. ديوان تنومل شيوڪرام ميرچنداڻي سپرنٽينڊنگ انجنيئر ۽ مهتا موڪل وٽي دربار صاحب جي ٺهرائڻ ۾ دل وجان سان مدد ڪئي. اها جاءِ سال ١٩٢٣ ۾ ٺهي تيار ٿي ۽ ان سال گرسنگت وارا انهيءَ جاءِ ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان ڪري ڪري اچي ويٺا ۽ ستسنگ صبوح ۽ شام جو جاري ڪيو جو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو.

گرسنگت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ شيواداري مقرر ڪيل آهي. هيٺين شيوادارن گرسنگت جي شيوا وقت بوقت ڪئي آهي.

(١) ڀاءُ ماستر لڌارام موهنداس

(٢) خالصو شمشير سنگهه موڙجمل مسڪاڻي

(٣) ڀاءُ ڀهالچند آسومل گربخشاڻي

(٤) ڀاءُ لعلچند روچيرام ڀمواڻي

(٥) ڀاءُ بولچند گردرداس چبلاڻي

گرسنگت جو ڪاروبار تمام سٺي نموني باقاعدي هلي رهيو آهي. هر روز صبوح شام جو شبد ڪيرتن ۽ ستسنگ ٿئي ٿو جنهن ۾ ڀائر ۽ پيسرون جهجهي انداز ۾ اچن ٿا. گرسنگت جي ڪاروبار هلائڻ ۾ جن ڀائرن وقت بوقت جيڪا سهائتا پئي ڪئي آهي تن جا نالا سندن شيوا جي وچور سان هيٺ ڏجن ٿا.

(١) سرگواسي ڀاءُ گوپالداس فتح سنگهه اوائل واري وقت ۾ ڀائرن جي شيوا مٿو پريم پيار شبدن سان ڪئي.

(٢) سرڳواسي ديوان وسڻيومل پنجومل گدواڻي گورسنگت کي وقت بوقت نقد پئسي جي سهائتا ڀي ڏني ۽ پڻ ڪم ڪار ۾ مدد ڀي ڪئي.

(٣) سرڳواسي ديوان ليلارام سنگهه، جج صاحب گرو گرنت صاحب جي ارٿ جي سمجهاڻي گورسنگت وارن کي ڀي ڏني.

(٤) سرڳواسي ديوان کانچند پرتابراءِ لعلواڻي شروعاتي ٽرسٽي ۽ مکيه ڪاروبار هلائيندڙ.

(٥) ماستر فتحچند ميگهراج آڏواڻي مکيه ڪاروبار هلائيندڙ، گورو گرنت صاحب جي ڪٿا هن صاحب ڪي سال گورسنگت ۾ ڪئي آهي. گرو گرنت صاحب جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ ٻيا ڪيترا ڌرمي پستڪ گورسنگت ٻاران ڇپايا آهن ۽ گوردواري جي عمارت لاءِ پئسن جو چندو وصول ڪيو آهي.

(٦) سرڳواسي ڀاءُ ميٺومل لوڪسنگهه لعلواڻي گورسنگت سان لاڳو ليڊيز پارڪ ٺهرائڻ ۾ مدد ڪئي آهي ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ گورسنگت کي ڇپائڻ لاءِ لکي ڏنا آهن.

(٧) ديوان ڀلگومل گورمکداس ميرچنداڻي گورسنگت جو ٽرسٽي، جنهن گورسنگت عمارت لاءِ پاڻ کان چندي جي وصولي ڪئي آهي ۽ سدائين اُتساهه ۽ اُمنگ سان ڪاروبار هلائڻ ۾ ڀهرو ورتو آهي.

(٨) ماستر لعلچند روچيرام پنواڻي ڪيترا سال

سيواداري ٿي ٿي شيوا ڪئي آهي ۽ هيءَ مٺڙ پڙهندڙي سٽ ۽
۽ پڻ ڪم ڪري شبدن سان ٻي ساڌ سنگت جي شيوا ڪئي آهي.

(٩) سيٺ پرمانند ايسرداس لغاري شروع کان وٺي
گرو سنگت جي شيوا پئي ڪئي آهي ۽ ڪيترا سال ساللهه
گرو سنگت ۾ ڪٿا ڪئي آهي ۽ ماستر فتحچند کي مدد
بي ڪئي آهي.

(١٠) سرڳواسي راءِ بهادر مينارام اجيت سنگهه گدواڻي
ٻن ۾ من ۽ ڌن جي شيوا ڪئي آهي.

(١١) ماستر للدارام موهنداس چندپراماڻي ڪيترا سال
سيواداري ٿي رهيو آهي.

مٿين سڀني کان سواءِ هيٺين ڀائرن به گرو سنگت جي
شيوا ڪئي آهي:-

(١) سرڳواسي منگهارام ڀاروومل شهاڻي
(٢) سرڳواسي ڪنڌلمل ريجهومل ميرچنداڻي
(٣) سرڳواسي موهنداس ڀاونداس چندپراماڻي ماستر
للدارام جو پيءُ.
(٤) سرڳواسي سنتداس منگهارام وڪيل
(٥) ڀاءُ ٺاڪرداس ڏومداس سپاهيملاڻي
(٦) سرڳواسي آوتسنگهه مهتاب سنگهه آڏواڻي
(٧) ڀاءُ گاوندداس سنگهومل عيدناڻي
(٨) سرڳواسي گنگارام ٽلوڪچند مهتاڻي گرو سنگت
عمارت ٺهرائڻ ۾ پنج هزار روپيه دان طور ڏنا.

(۹) خالصو ديال سنگهه، ٽولارام سدارنگاڻي

(۱۰) مسٽر واهچند رجهومل ٽنڊاڻي

(۱۱) مسٽر ڇبلداس دلپتراءِ

(۱۲) مسٽر ڀڄا سنگهه، ليکراج شهاڻي

هيٺين ماڻهن گورسنگت سان لاڳو عمارتن لاءِ سهائتا ڏني آهي.

(۱) ڊاڪٽر نارائڻداس ڏرمداس پنهنجي سرڳواسي پٽ ٽيرٿداس جي اسمت هڪ لوڪچر هال الاهي تيرٿ هال ٺهرايو آهي ۽ ان شيءِ ڪم لاءِ اٺ هزار روپيه سهائتا ڏني.

(۲) ڊاڪٽر شونقيرام سهجرام پنج هزار روپيه خرچ ڪري گورسنگت سان لاڳو مردن لاءِ هڪ پارڪ ٺهرايو آهي جنهن جو نالو واهچند سهجرام پارڪ رکيو ويو آهي.

(۳) مسٽر ڀڳوان سنگهه بسنت سنگهه آڏواڻي پنهنجي ماتا شريمتي ڏمي ٻائي بسنت سنگهه جي نمت گورسنگت اسپتال جي عمارت ٺهرائي آهي.

(۴) سرڳواسي شيوڪرام گوڏومل منسکاڻي ٻه هزار سهائتا گورسنگت کي سچيتي ٻائي لئبرريءَ جي نالي سهائتا طور ڏنا آهن.

(۵) ماسٽر شڪت سنگهه پنهنجي ماتا جي اسمت گورسنگت سان لاڳو هڪ ڪوٺي سادن سنتن جي رهڻ لاءِ ۱۵۰۰ روپيه دان ڪيو آهي.

(۶) سرڳواسي ديوان شيرومل چنيراءِ ۱۵۰۰ روپيه گورسنگت سان لاڳو ريڊنگ روم لاءِ دان ڏنا آهن.

(٧) مسٽر عيشي رام جهانگياڻي وڪيل ٻه هزار روپيه پنهنجي پٽ جي امت گورسنگت سان لاڳو ڪيا ستسنگ لاءِ ڏنا آهي.

گورسنگت حيدرآباد هيٺيان عام خير جا ڪم ڪري رهي آهي.

(١) گورسنگت خيراتي اسپتال ۽ ان سان گڏ هوميوپيٿي اسپتال.

(٢) گورسنگت لئبرري ۽ ريڊنگ روم.

(٣) گورسنگت ليڊيز پارڪ ۽ گورسنگت مردن جو پارڪ.

(٤) گهرجاڻو غريب ڀائرن کي ماهوار اَن ۽ نقد ۽ ڪپڙي جي سهائتا.

(٥) گورواڻي ۽ ٻيا ڌرمي، پستڪ ڇپائڻ ۽ سستي اگهه تي ايڪال ڪرڻ.

گورسنگت حيدرآباد وارا سڀ گورپرب ۽ گورونانڪ ديو ۽ گوروگوبند سنگهه جي اوتار ڌارڻ جا ڏينهن، هولي ۽ ڏياري، جنم اشٽمي ۽ رام نومي هر سال ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا. هن وقت ڪل ٻه سؤ ميمبر ماهوار چندو ڀريندڙ آهن. ڪو به ٻاءِ سؤ روپيه هڪواري ڏيڻ سان لائيف ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙا لائيف ميمبر ڪل پنجويهه کن آهن. گورسنگت جو مٿيون ذڪر ڪيل سمورو خرچ ڀائرن امت جي چڙهائي ۽ سهائتا ۽ ماهوار چندي جي

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT GOVERNMENT OF SINDH SINDH ARCHIVES

سهائتا ماڻ هلي رهيو آهي. هر روز صبوح جو ستسنگ
ساهپت ٿيڻ کانپوءِ ڪڙاهه پرساد ورهائڻ ۾ ايندو آهي.
گهرج وارن ٻارن ۽ ٻيڙن لاءِ گورسنگت ۾ هڪ فنڊ سالن
کان وٺي چالو آهي جنهن ۾ ڪي ٻائر ماهوار چندو ۽ ڪي
سهائتا ڏيندا آهن. شادي توڙي مرتيوءَ جي موقعن تي
ٻائر پتاشڪتي هن فنڊ ۾ ڪجهه سهائتا ٻارن ۽ ٻيڙن
کي بلڪل مخفي طرح ڏيڻ ۾ اچي ٿي. ڪوبه شخص
گورسنگت جو ميمبر ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ هندو سک
ڌرم ۾ نشچو هوندو. گورسنگت جنهن مراد سان برپا
ڪئي ويئي آهي سا مراد هميشه اڳيان رکي گورسنگت
جا ڪاروباري ڪم ڪندا آيا آهن. امبوت ويلي گورسنگت
۾ شري آسادي وار ۽ سنڌيا ڪال شبد ڪيرتن ۽ ڪٿا
شري گرو گرنٿ صاحب جي هر روز ٿيندي آهي.
گورسنگت جي برپا ٿيڻ مان وڏو فائدو اهو ٿيو آهي جو
حيدرآباد جا ننڍڙي ٿهي وارا شبد ڪيرتن شري آسادي وار
ڪرڻ سکيا آهن. اميد ته ننڍي هوندي جا ٻچ چڱو قل
پيدا ڪندا ۽ حيدرآباد واسين جو ستسنگ ڪرڻ ۽ ڌرم
پاسي لاڙو قائم ٿيو آهي ۽ گرواڻي ۽ سکيءَ جو پرچار
هلندو آيو آهي. اهڙي ڌرمي استان جي گهڻي قدر
گهرج هئي جا گهرج گورسنگت پوري طرح سان بجاءِ
آڻي، پوري ريت پنهنجا آدرش پاليا آهن. گورسنگت
وارا هاڻي دسمين پاتشاهي جي گرنٿ صاحب جو سنڌي

۾ ترجمو ڇپائڻ جو خيال ڪري رهيا آهن. سال ١٩٢٣ع کان گورسنگت سان لاڳو گورسنگت ڪيا ستسنگ ڪولهو ويو آهي جنهن ۾ هيرآباد جون ڪيترائون جنهي عمر ١٢ سال يا گهٽ آهي، تن ستسنگ جو لاڀ ني ورتو آهي ستسنگ شام جو هڪ ڪلاڪ لڳندو آهي. اوائل ۾ ڪڪن کي گرمکي اکر سيکاريا وڃن ٿا ۽ گوروائي جون سولڙيون پوٿيون پاڙهي شري گورو گرنٿ صاحب جو ڪجھ ابياس ڪرايو وڃي ٿو. گورسنگت وارن ڪيترا ڏري پستڪ گرمکي ۽ سنڌي ۾ لکي ڇپايا آهن ۽ بلڪل سستي پيسا ۾ ڏنا وڃن ٿا. سستي اگهه جي ڪري اهي پستڪ هرڪو خريد ڪري ٿو ۽ انهن ڪري اهي پستڪ گهر گهر ۾ پهچي وڃن ٿا ۽ ان سان گڏ سکيءَ جو پرچار به ڦهليو ٿو رهي.

ڀائي ڪوڙومل جو باغ

شهر حيدرآباد سنڌ ۾ قليلي جي ٻار ڀائي ڪوڙومل جو نامور باغ آهي. ان باغ ۾ سنڌ، پنجاب ۽ سڄي هندستان کان آيل ساڌو سنت اچي رهن ٿا. اٽڪل پنجيتاليهن سالن کان ڀائي ڪوڙومل خوبچند صراف پنهنجو باغ هڪ ٽرسٽ ٻڌائڻي ڪري ان ۾ ساڌن سنتن جي ٽڪڻ لاءِ

انگل ڏھ ڀڪيون لانڍيون ٺھرايون آھن. ڪل اُوڻ سٺي مقرر ڪيل آھن. باغ جي سموري پيدائش خرچ لئي ساڌن سنتن جي ڀوڄن ۽ ڪپڙن ۽ ٻين ضروري گھرجن بلي خرچ ڪرڻ ۾ اچي ٿي. سنڌ کان ٻاھر ساڌن سنتن کي ڀائي ڪوڙومل جي باغ جي چڱي طرح سان سڌ آھي. وڏا وڏا مھاتمائون جيڪي ھندستان جو رٽن ڪندا سنڌ ۾ اچن ٿا سي ٻن چئن ڏينھن لاءِ ڀائي ڪوڙومل جي باغ ۾ رھي سگھن، ونن ٿا. ڀائي ڪوڙومل صاحب وڏي شرڌا ۽ سڪ سان انھن جي ٽھل ۽ من ۽ ڌن سان سيوا ڪري ٿو. ڪنھن ڪنھن وقت ڀائي ڪوڙومل جي باغ ۾ وڏا وڏا مھاتمائون ايشور جا پورڻ ڀڳت ۽ وڏا ودوان پنڊت اچي ڪو ڪال رھن ٿا. جن پُرشن جو ساڌن ۾ صدق آھي سي وقت بوقت ڀائي ڪوڙومل جي باغ ۾ ساڌن سنتن جي درشن ڪرڻ ۽ انھن سان صحبت ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا. انھن کي سندن ڀاڳن سان اوچ ڪسوٽيءَ جا مھاتمائون ملي وڃن ٿا. ھر روز شام جو ڀائي ڪوڙومل جي باغ ۾ رھندڙ ساڌ ۽ ستسنگ ڪن ٿا ۽ گڏجي ڌرم شاستر پڙھن ٿا ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪن ٿا. ڀائي ڪوڙومل ھن وقت نورتي مارگ اختيار ڪري، دنيا کان فارغ ٿي، سمورو وقت ان باغ ۾ ساڌن سنتن جي سيوا ۾ رھي ٿو. باغ سان لاڳو ھڪ گئؤشالا بہ آھي جنھن ۾ انگل سترڪن ڳايون لانڍيون ۽ وڇيون پلجن ٿيون. اتي اڪالت استان پڻ ڪندڙن لاءِ ڪمائتو آھي، اھو استان ڦليلي جي ڀر سميت

شيوارام ٻولچند جي ڦٽين جي ڪارخاني جي اُلهندي
طرف آهي. ڀائي ڪوڙومل جي باغ ۾ ساڌن سنتن جي
رهڻ ۽ ڀوڄن جو بندوبست ٿيو ۽ نهايت جوڳو آهي.
پر اڄ ڪلهه سنڌ جا داني ۽ ڌرماتما پرش ان ڌرمي استان
کي ڌن جي سيوا ڪري زور وٺائين ته بهتر ٿئي. ڀائي
ڪوڙومل جي هن وقت وڏي اوستا آهي. ٻيا مقرر ڪيل
نوڪر باغ ۾ ساڌن سنتن جي ٽهل سيوا ۽ ٻئي ڪم ڪار
۾ دلچسپي ڪانه وٺن. ڀائي ڪوڙومل ڪٿي سر اڪيلو سڀ
ڪم ڀاڙ ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري اهو صاحب
جس جو ڀاڳي آهي. باغ ۾ جيڪي سنتن جي رهڻ لاءِ
جهونپڙيون ٺهيل آهن سي اڪثر ڀراڻيون ۽ جهونيون ٿي
ويون آهن. جنهن مرامت ڪرائڻ جي گهڻي گهرج آهي.
هن لکڻ جي هي مراد آهي ته پڙهندڙن مان ڪي ڪم
ڪندڙ ڀائي ڪوڙومل سان صلاح مصلحت ڪري ان ڌرمي
استان کي زور وٺائيندا ته اهڙا ڌرمي استان سنڌ ديش جو
نالو ۽ ناموس ٻڌي ڪن ٿا.

گرو نانڪ ديو جي ٽلهي

تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ڪراچي ۾ شهر ميرپور
بٺوري کان ٻه ميل پري هڪ استان نالي گرو نانڪ ديو
جي ٽلهي سان پرسد آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته گرو نانڪ ديوجن

جڏهن سنڌ ۾ براهمڻ ٽيا هئا تڏهن ان هنڌ اچي ڪو
وقت رهيا هئا. ڪي سؤ سال ٿيا ته سنڌو درياهه ان
استان وٽان وهندڙ هو. هاڻي درياهه ان استان کي ڇڏي
ويو آهي. اهو استان ميرپور بٺوري تعلقي جي ديهه ٻالبتو
۾ هڪ حيدرآبادي عامل ديوان جي زميداري ۾ آهي.
ديهه ٻالبو جي سروي نقشي ۾ پڻ اهو استان ڏيکاريل
آهي. ڪيترن سالن کان تعلقي ميرپور بٺوري جا لباڻا
سک ان استان جي نزديڪ پنهنجو ڳوٺ ٺاهي اچي ويٺا
آهن. اها ٽلهي ٽڪين سرن جي اڏيل آهي. هر هڪ
سال چيٽي چنڊ تي گرو نانڪ ديو جي ٽلهي تي وڏو ميلو
لڳندو آهي. ان استان جي لباڻا سک شيوا ڪندا آهن
۽ روز رات جو ڏيئو ٻاريندا آهن. انهن لباڻن سکن جو
مکي رام سنگهه آهي. ان ٽلهي جي مٿان هڪ جهونو جار
جو وڻ آڳاٽي زماني جو بيٺل آهي. ان جار جي وڻ جون
ٻيرون ۽ سڪل پن ۾ ماڻهن جو وڏو صدق ۽ يقين آهي.
اهي کائڻ سان کهڙو به بيمار ماڻهو چڱو ڀلو ٿئي ٿو.
ٻه سال ٿيندا ته هڪ ڪاميٽي سنڌ جي سکن جي نالي
سکي پرچارڪ سوسائٽي گرو نانڪ ديو جي ٽلهي تي
اٽڪل هڪ لک روپيه خرچ ڪري وڏي عاليشان ٽڪين
سرن جي دربار ۽ مسافرخانو ٺهرايو آهي ۽ پڻ هڪ
کوهه کوٽايو آهي. ان سوسائٽي جو باليڪار هن وقت
گياني ٽيرٿ سنگهه آهي.

ان درٻار جو بنياد پرسڌ اڪالي سک ليڊر ماستر
تارا سنگهه وڌو هو. اهو ڌرمي استان ڪيترن سالن کان
سنڌ جي مٺن وساري ڇڏيو هو. تنهن ڪري وري ان
سک پرچارڪن سپا زور ورتو آهي. مٿين ذڪر ڪيل
گرو نانڪ درٻار ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان ڪيو ويو
آهي انهي روز صبوح ۽ شام ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ٿئي
ٿو. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ حيدرآبادي سک جو مٿين سپا
جي ٻاران جاين جوڙائڻ جو ڪم ڪندو هو سو هڪ دفعي
رات جو ميرپور بٺوري کان ان استان تي ويو ٿي. درٻار
جي اڏاوت لاءِ هو هڪي ٻه چار هزار ساڻ هئا. رات اونداهي
هئڻ سبب هن کان رستو ڀلجي ويو. اهو سک رستو وڃائي
ڏايو هيران اچي ٿيو. اوچتو ان گرو نانڪ ديو جي ٽلهي
مان هڪ روشنائي پرگهٽ ٿي، اها روشنائي ان سک وٽ
اچي پهتي. ان روشنائي جي آڌار تي اهو سک گرو نانڪ ديو
جي ٽلهي تي سک سانت سان وڃي پهتو. پوءِ اها روشنائي
غائب ٿي ويئي.

پورو ٿيو.

شري سڪتام مندر حيدرآباد

شهر حيدرآباد سڀاهي ملاڻي گهٽي ۾ سڪتام مندر مهاپرڀو ولڀ آچاريه جي سمپرادائي وارن وشنون جو هڪ مهو اوتم ڌرمي استان ٿي ڏيڍ سؤ سالن کان هلندو آهي، جنهن زمين تي اهو استان ٺهيل آهي سا زمين اٽڪل ٻارهان هزار فوٽ حيدرآباد جي وشنو جماعت کي سنڌ جي حاڪمن ميرن کان بخشيش طور پنهنجي مندر ٺهرائڻ لاءِ مليل هئي. ان استان تي حيدرآباد جي وشنون اهو سڪتام جو مندر ٺهرايو آهي. حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۽ سنڌي سروي رڪارڊ ۾ سڪتام مندر ولڀ مهراجن ڪمپوڻي جي ڳالهي داخل ٿيل هو. ان استان ۾ اوائل فقط شري ناٿ جي جو چتر رکيل هوندو هو. هر روز صبوح ۽ شام جو ان مندر ۾ حيدرآباد جا وشنو گڏجي ڪٿا ڪيرتن ڪندا هئا. ممبئي، متڙا ۽ شري ناٿ جي گواسوامي ٻالڪ ان استان ۾ اچي رهندا هئا. ان استان جي مواسط حيدرآباد جا وشنو ڪندا آيا آهن. مکيه ڪاروباري ان وقت جواهري وشنداس هوندو هو. ٺاڪرن جي شيوا ۽ وارتا ۽ سنڀال مندر جي پشڪرڻون مهراج موٽن داس چيتانند ڪندو هو. ان قصي کي ٦٠-٧٠ ورهيه ٿيا.

مهراج موٽن داس ڪالپوءِ سندس اولاد هرهڪ مهراج اوتمداس، مهراج ڪيسولداس، مهراج منگهومل ۽ مهراج پرڀدت هردت ٺاڪرن جي شيوا ۽ وارتا ڪيرتن ۾ مندر

جي سنڀال ڪندا آيا. انڪل اسي سال ٿيا ته گوسوامي بالڪ مهراج مٿولعل وڏو اَن ڪوٽ ڪري شري ناٿ جو ڇپن مندر ۾ پڌارايو هو، لڇمڻ ڪانپوره شري دائو جي جو ڇپن ان مندر ۾ پڌاريو ويو، سنبت ١٩٦٠ ۾ مهراج اوڌمداس متراجي مان مهراج گوپال لعل جي مندر مان شري مدن موهن جي پرتما ان استان ۾ پڌرائي. تنهن ڪانپوره هڪڙي سال ١٩٤٣ ۾ شري ناٿ جي جي پرتما مندر ۾ پڌرائي وئي آهي. شري سڪندام مندر ۾ سالياڻا ٽمڻان اُتسو ملهايا وڃن ٿا.

رام نومي، مهراج ولڀ جينتي، اڪشي ٽيج، جل ياترا، رٿ ياترا، هنڊورا، ڦول منڊليون، شري ڪرشن جنم اشٽمي، راڌا اشٽمي، ٻل ڀدر، دسهرو، ڏياري، انڪوٽ، هري پربوڌني ايڪادسي، بسنت پنچمي، ڏول، هولي ۽ ڦول منڊلي.

حيدرآباد سنڌ ۾ انڪل ٥٠٠ گهر ويشڻن جا مهاپربو ولڀ آچاريه جي سمپرداءِ جا آهن، جن مان پشڪرڻ برهمڻن جا ١٥٠ گهر، ٻه سو گهر ڀاٽين جا باقي ڏيڍ سو گهر ڪرپالاڻي پنجابي ۽ ٻين عامل ويشڻن جا گهر آهن.

مهراج پربو ولڀ آچاريه جي ويشنو سمپرداءِ جو اُديش آهي شري ڪرشن سيوا، شري ڪرشن جي بال ڀاو ۾ سيوا ڪرڻ ۽ سندس يش ۽ گڻانواد ڳائڻ، ڀڳوت سيوا مان مراد سان ڪئي وڃي ٿي ته سيوا ڪرڻ سان سيوا

ڪنهن جو چت سڀ ڪرشن ڀڳوان ۾ لڳي ۽ سندس سمرن ۽ آڌگيري هن جيئڙي ٿئي. ان مراد سان ڀڳوت شيوا ٽن جا يعني شرير سان ۽ وت جا يعني ڌن جي شيوا ڪئي وڃي ٿي. جنهن سان آتم مانسي شيوا سڌ ٿئي ٿي. ان وشنو مارڳ ۾ ورڻ آشرم ڌرم چڱي طرح پالڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڇوڙي ۾ ڀڳوان ۾ سنياس ورتو وڃي ٿو. ڀڳوت شيوا جو اڌڪار برهم سمبنڌ سان ملندو آهي برهم سمبنڌ معنيٰ ڀڳوان ۾ سڀ ڌن، دولت مال ملڪيت بلڪ شرير سمرپڻ ڪرڻ، هرهڪ وشنو ماتر جو متين چيل شيوا ڪرتويہ آهي. هرهڪ وشنو جو اهو فرض آهي ته جيڪو به ڀوڄن ڪري، وستر پهري يا ٻي ڪا به شيءِ ورتائي ته پهرين اها ڀڳوان جي اڳيان ارپڻ ڪري پوءِ پاڻ ورتائي. سواءِ ڀڳوان جي ڀوڳ لڳائڻ جي هڪڙي ڀوڄن ورتو نه آهي ڀوڳ لڳائي اهو ڀوڄن پرسادي طور ورتو آهي جهڙي طرح شري مد ڀڳوت گيتا ۾ اُپديش ڪيل آهي. حيدرآباد ۾ گهڻن وشنون جي گهرن ۾ ڀڳوت شيوا رکيل آهي. شري سڪدام مندر ۾ ڪل ڇهه درشن مهراڄن جا هر روز ٿين ٿا. ٽي صبوح جو ۽ ٽي شام جو. صبوح جو منگلا جو درشن، تنهن کان ڪلاڪ پوءِ رڪي شنگار جو راڄ ڀوڳ جا درشن ٿين ٿا. شام جو اُٿاپن، ڀوڳ ۽ سيڻ جا درشن ٿين ٿا. پوءِ شام جو ڪٿا وارتا ٿئي ٿي ۽ درشن وقت ڀڳوت جي ايش جي ڪٿا نواد جا پد ڳايا

وڃن ٿا ۽ ڪيرتن ڪيو وڃي ٿو. هر روز صبوح ۽ شام جو انهن درشن وقت مهاراڄن جي درشن ڪرڻ لاءِ اٽڪل ٽيهه چاليهه مرد ۽ استريون اچن ٿيون. وڏن ٻارهن ماهن اتسون تي ٻه ٽي سؤ ويشنو مندر ۾ اچن ٿا. وقت ٻه وقت مهراڄن جا ٻالڪ سورت، ممبئي، متراء، ڪڇ مالڊوي مان اچي مندر ۾ ٽڪن ٿا ۽ وياکياڻ ڪن ٿا. ويشنو سمپردايه مارگ وارن جو هي سڌانت آهي ته برهم ۽ جڳت سچ آهي جيو برهم جو انش آهي. ڀڳوان جون ٻه شڪتيون آهن (١) آورڀاو (٢) تروڀاو ان سڌانت کي شڌ ادوئيت سڌانت سڏيو وڃي ٿو. هن مارگ کي پشٽي مارگ سڏيو وڃي ٿو. پشٽي لفظ جي معنيٰ آهي انگره، ڪرپا دياء، ان مارگ کي ڀڳوت ڪرپا، ڀڳوت انگرهي مارگ به سڏيو وڃي ٿو.

سڄي هندستان ۾ گوسوامي ٻالڪ ولڀ ڪل جا رهن ٿا. شري ناٿ دوارو، ڪانڪرولي، متراء، ڪامڀن، ڪاشي، سورت، ممبئي، احمدآباد، اندور، ڪڇ مانڊوي جامنگر، نڙياد ۽ ڪنڀات وغيره.

سکڌام مندر معنيٰ سک جو گهر يعني جنهن مندر ۾ وڃي ٺاڪرن جي درشن ڪرڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي جو سک ايشور آهي. ٺٽي جو مندر، ٻيا سکڌام مندر ڪراچي، شڪارپور، روهڙي، سيوهڻ، ٽنڊو، ٽنڊو الهيار ۽ نصرپور ۾ آهن. انهن سڀني شهرن ۾ ولڀ ويشنو گهڻي تعداد ۾ هن ٿا. ان استان ۾ شري ناٿ جي گولڪا جي

ٻڌو ي وڪيل آهي جنهن ۾ وشنو شري ناٿ جي گولڪ
جا پئسا وجهن ٿا. هر سال ١٥١ گولڪ جي ٻڌوري کولبي
آهي ۽ ٻڌوري واري رقم شري ناٿ ڏانهن موڪلي
ويندي آهي. جنهن مٿي ذڪر ڪيو آهي ته مهراج موهن داس
جا ٻه پٽ مهراج اوڌوداس ۽ ٻيا مندر جي شيوا ۽ وارتا
۽ ٻيو سنڀال جو ڪم ڪندا آيا. سال ١٩٤٠ع ۽ ان کان
اڳ، اهو مندر جي شيوا ۽ سنڀال جو ڪم پنڊت هردت
ڪندو ٿي آيو آهي. جڏهن سال ١٩٢١ع نئين سٽي سروي
انڪوائري حيدرآباد شهر جي ٿي تڏهن اهو سڪدام مندر
وليڀ مهراج ڪميونٽي مندر ٺاڪر جي نالي سان سٽي
سروي رڪارڊ ۾ داخل ٿيو ۽ قبضي وارا ۽ مئنيجر مهراج
ڪيشونداس، موهن داس ۽ مهراج هردت ڪيٽا داخل
ڪيا ويا. پر پوءِ ڀائي وليڀداس ولد ڀائي نندن داس سٽي
سروي انڪوائري آفيسر وٽ پنهنجو بيان ڏنو جنهن موجب
سٽي سروي رڪارڊ ۾ ڦري اهو سڪدام مندر مهراج
گوردن لعل گرڌر لعل شري ناٿ جي واري جي خانگي
جڳهه جي نالي سان داخل ٿيو. ان ڳالهه کي به ١١ سال
لنگهي ويا. سٽي سروي جي جاچ ۽ داخلا کان ١١ سال
پوءِ سال ١٩٢٥ع شري ناٿ واري مهراج گوردن لعل سڪدام
مندر جي قبضي ملط لاءِ موهن داس جي پوٽين هرهڪ
مهراج منگهومل، مهراج ڄاڻهي مل، مهراج هرڪشنداس،
مهراج هردت تي ديواني ڪورٽ حيدرآباد ۾ هڪ دعوى
داخل ڪئي. ان دعوى هلندي ڪورٽ جي معرفت

پڇهي ٽن مهراج گوڪل ناٿ ٻمبئي واري مهراج کي اهين مقرر ڪيو جنهن اهين فيصلو ڪيو ته اهو سڪدام مندر شري ناٿ دواري مهراج گووند لعل مهراج ڏامودرداس جي ملڪيت آهي ۽ هو شيوا جنهن کان وٺيس تنهن کان ڪرائي. مندر ۾ ڪٿا منگهومل هردت واوا ڪن.

شري ناٿ مندر جو مالڪ مهراج گووند لعل ڏامودرداس هن وقت ننڍو آهي هن جا ٽرسٽي رسيور يعني امينن ۽ ڪورٽ مان مقرر ٿيل آهن. هن وقت انهن ٽرسٽين جي پاران مندر جي شيوا ڪرڻ لاءِ هڪ موکيو ۽ پيٽيو مقرر ٿيل آهن جي مندر جو ڪاروبار پنجن سالن کان هلائين ٿا. مهراج ٻچو لعل، مهراج موتي لعل، مهراج گووند لعل جي مندر جي ويشنو مندرن جو سنڀاليندڙ ان مندر جي وقت ب وقت سنڀال ڪرڻ، حساب ڪتاب وٺڻ لاءِ شڪارپور مان حيدرآباد اچي ٿو. مندر جي مرامت لاءِ رقم حيدرآباد جا ويشنو ڏين ۾ پوري ڪن ٿا. هن وقت مندر جو ڪاروبار ۽ شيوا سٺي نموني ۾ هلي آهي. ساليانا اٽسو چڱي طرح سان ڌام ڌوم ملهايا وڃن ٿا چڱو انهن ٿئي ته وارتا لاءِ مهراج پنڊت هردت کي اگهين نموني ونگر چيو وڃي ۽ هن تي زور رکي وارتا هن کان ڪرائجي جو هو وڏو پنڊت آهي ۽ ويشنو سمپرادائن جو چڱو ڄاڻو آهي.

ٽورن چڪي وارا ڀڳت

تعلقي حيدرآباد ڳوٺ ٽورا چڪي وارا ڀڳت الهور ڀڳت ٿي گذريا آهن. انهن ڌرمي استان تي وڏا وڏا ڪرامت وارا ڀڳت ٿي گذريا آهن. انهن جو وڏو ڀڳت ٺاڪرداس هوندو هو. انهن جون سماڌيون ڳوٺ ٽورا چڪي جي ڀرسان آهن. انهن سماڌين تي هر سال تاريخ ١٤ ڊسمبر کان وٺي ٢١ ڊسمبر تائين وڏو ميلو لڳي ٿو. ڀڳت ٺاڪرداس جو گرو ڀڳت ڪرمچند ويتل قائم لڳ، ميرپورخاص وارو هوندو هو. ڀڳت ڪرمچند جو گرو ڀڳت هاٿيرام هوندو هو.

ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌ اسٽيشن ٨٤ چوراڻو ڇهلوڙي کان ٣ ميل پري آهي. ان سماڌ تي چيٽي چنڊ ۽ تاريخ پهرين چيت جي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي جتي هزارن جي تعداد ۾ هندو مرد ۽ زالون ايندا آهن.

١- ڀڳت ٺاڪرداس
٢- ڀڳت ڪرمچند (پاءِ ڀڳت ٺاڪرداس)
٣- ڀڳت ڏالورام
٤- ڀڳت ٽولارام
٥- ڀڳت هيٺارام

ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌين ۾ ٻاري واري پٽ جي هندو زالين مرد جو گهڻي قدر صدق ۽ شرڌا آهي.

هر ڪنهن کي ڀاونا جا ڀاڙا ساليانې ميلي تي اچڻ ۽ شردا سان ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌي اڳيان سوال ڪرڻ جا مليا آهن. سورداس کي اکيون، نرڌن پرش ڌن ۽ اولاد جي سڪايلن کي اولاد مليا آهن. ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌي اڳيان اهڙا سوال اگهيا آهن. ڪيترا نر مرد مڙس هن استان تي شردا سان سوال ڪرڻ سان ڙسي حاصل ڪري ويا آهن. هن ڪلجڳ جي وقت ڀڳت ٺاڪرداس جون ظاهري ڪرامتون ماڻهن ڏٺيون آهن ڪيترن کي هٿن تي پرتا آهن.

ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌ جنهن زميندار جي زمينداري پر آهي سو ڳالهه ٿو ڪري ته هر روز رات جو ان ٻه ٻان پٽ ۾ جتي سماڌ آهي اتي شبدن ڳائڻ ۽ ڪنجهڻ ۽ ڌڪرن جو آواز هٿن کي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

ڀڳت ٺاڪرداس جي سماڌ جهلوڙي اسٽيشن کان ڏهه ميل پري آهي. ٻئي ڀين ڀڳتن جون سماڌيون لڳ ڳوٺ ٽوڙا چڪي جي آهن. مٿين سڀني ڀڳتن جون ڪرامتون ڏيکاريل آهن. انهن ڀڳتن جي ڪيتري واڻي رچيل آهي. ڀڳت ڪرمچند جو پٽ ڀڳت منگهنداس هوندو هو، جنهن جون ٻه گهڻيون ڪرامتون ڏيکاريل آهن. انهن ڀڳتن کي وچن سڌي پراپت ٿيل هئي. ڀڳت منگهنداس ڪيترن ٻڌا مڙسي وارن مردن تي آسيسا ڪري اُنهن کي مڙسي ڏني. ڀڳت منگهنداس ڀڳت ڪرمچند جي فرزند بصورل موٽومل جي سوٽ تي آسيسا ڪئي جنهن ڪري هو جو

اڳي صفا نامرد هو تنهن کي مڙسي ٿي ۽ هنکي اولاد ٿيو. سيٺ موٽومل ڊنگاڻي پوزدار تعلقي ٽنڊي الهيار جا آنورا وڌيل هئا تنهن کري هنکي اولاد ڪونه ٿيندو هو. ڀڳت ٽولارام جي آسيسا سان موٽومل چڱو ڀلو ٿيو ۽ هنکي هڪ پٽ ڄائو. هوسڙي جي ماستر وشنداس کي پٽ ڪونه ٿيندو هو. هن ڀڳت ٽولارام ۽ ڀڳت ڀالورام جي سماڌ تي اچي صدق سان سوال ڪيو هنکي ٤ سال ٿيا ته پٽ ٿيو.

ڀڳت ڪوڙچند ڀڳت ٺاڪرداس جو ننڍو ڀاءُ ٦ سال گادي تي ويهي ديولوڪ پڌاريو. ڀڳت ڀالورام ٤٠ سال گادي نشين ٿيو ۽ ڀڳت ٽولارام ١٠ سال ۽ ڀڳت ميٺارام ٣٩ سال گادي نشين ٿيو. لاڙي جي پٽ تعلقي ميرپورخاص جيمس آباد، ڊگهڙي، کپري، ٽنڊي الهيار، ماتلي ۽ شهدادپور جي هڪ سؤ ڳوٺن جا اٽڪل ٢٤٠٠ ڪٽنب هن استان جا سک شيوڪ آهن. جن مڙني جو مٿين ذڪر ڪيل ٻنهي هنڌن جي سماڌين ۾ پورو ويساهه ۽ شردا آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي ڀاونا جا ڦڙا ملن ٿا. جيڪو شردالو پورن يقين ۽ اعتقاد رکي انهن سماڌين اڳيان پنهنجو دک درد پيش ڪري ٿو تنهن جون ڀاونا بموجب سماڌين وارا ڀڳت من جون مرادون پڄائين ٿا. ٻلاول ڳوٺ جو ڀڳت هيري تي ڀڳت ٺاڪرداس جي آسيسا ٿي ۽ مهراج آسنداس ۽ مهراج شونداس ٻراهڻ ويٺل هيو واه گورچاڻي تي ڀڳت ڀالورام جي آسيسا ٿي. ڀڳت هيرو ۽ مهراج آسنداس ۽ مهراج شونداس جا پنهنجي پنهنجي پٽ ۾ گهڻا سک شيوڪ آهن.

ڪٽ واري بابي گرداس صاحب جي دربار

شهر شڪارپور ۾ بابي گرداس صاحب ڪٽ واري جي دربار ناموري ۽ پرسڌ هڪ جهونو استان آهي. انکي ڪٽ واري بابي جي ڏوهه مالا ۽ سڏين ٿا. بابي گرداس صاحب جي دربار اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهيه جي جهوني شهر شڪارپور ۾ سڀني دربارن کان وڏي پهرين نمبر عاليشان دربار آهي. ان دربار کي ڪٽ واري بابي جي ڏوهه مالا ان ڪري سڏيندا آهن جو بابي گرداس صاحب جي هڪ شيشم جي ڪٽ سندن سماڌ اڳيان رکيل آهي. جنهن جي اڳيان سوين هزارين سوالي پنهنجي من جون مرادون ماڻش ڪن ٿا ۽ هر هڪ جي ڀاونا ۽ شردا انوسار هر ڪنهن جا مطلب ڪٽ وارو بابو پورا ڪندو آهي. شڪارپور ۽ ان جي آس پاس ڳوٺن جي ماڻهن جو ان دربار ۾ اٽل صدق بيحد شردا آهي. ان استان جو پايو وجهندڙ بابو گرداس ڪٽ وارو شري امرتسر صاحب جي دربار جو شيوادار هو جنهن شڪارپور ۾ اچي اها دربار استاپن ڪيائين. ان استان ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان آهي. ان استان ۾ هيٺين گاديسر ٿيا آهن.

۱- بابو گرداس صاحب
۲- بابو ڪاشي داس صاحب

٣- ٻابو شيوداس صاحب

٤- ٻابو نارائڻ داس صاحب

٥- ٻابو گيانچند صاحب

٦- ٻابو رامداس صاحب

هن درٻار جو ورتمان گادي پتي ٻابو رامداس صاحب آهي. ٻابو رامداس ڏڪ ورهيه ساڃو آهي جنهن صاحب کي اٽڪل ١٠ سال ٿيندا ته پوڄ پنڊت شڪارپور جي ان درٻار جي گادي تي ويهاريو. ٻابو رامداس درٻار صاحب کي چڱي انتظام ۾ هلائي رهيو آهي. ٻابو رامداس صاحب آدارچت ۽ سخي مرد آهي. جيڪا به آمدني درٻار ۾ اچي ٿي سا سڀ ساڌن سنتن جي ڀلي ۽ ڪڇه لنگر جي ڀلي خرچ ڪري ٿو ڇڏي. ڪڇه به پاڇي انهو وڪي. هن وقت سندس اوسٽا ٦٠ ورهيه ٿيندي.

ڪٿ واري درٻار روز صبوح جو ٥ بجي کلندي آهي. ان وقت گروگرنٿ صاحب براجمان ڪيا ويندا آهن ۽ شري آسا دي وار ۽ شبد ڪيرتن روز ٿيندو آهي تنهن ڪاڻپوءِ ١٢ بجي تائين ڪٿا ڪيرتن ٿيندو آهي. سڀن جي تعداد ۾ مرد ۽ استريون هر روز درٻار ۾ اچن ٿا. هر روز سڄو ڏينهن درٻار ۾ خلق اچي ۽ وڃي پيئي. درٻار ۾ ميلو لڳو پيو آهي. اٽڪل پنج ڇهه سؤ مرد ۽ استريون اچن ٿيون. مرد درٻار جي ٻهاري ۽ صفائي ڪندا آهن ۽ مايون ٻاڙي پيئون پريندريون آهن ۽ ٻاجيون پيئون صا ڪ

ڪنديون آهن. ان دربار ۾ اڪثر ڪري هر روز اکنڊ پاٺ
جو ڀوڳ پوندو آهي. هڪڙن اکنڊ پاٺن جا ڀوڳ پيا پون
ته ٻيا اکنڊ پيا رکجن. اکنڊ پاٺ رکائڻ جو رواج هن دربار
۾ صبوح ۽ سانجهي لنگر ۾ ٦٠-٧٠ آدمي رسوئي وٺن ٿا.
ٽيهو ڏينهن لنگر کليو پيو آهي. سڄو ڏينهن دربار کليل رهندو
آهي. آمد رفت مردن ۽ زالن جي، سڄو ڏينهن جاري آهي فقط
منجهند جو ٿلهه تي دربار جا شيوادار آرام ڪن ٿا. هر روز
ڪتن لاءِ ڪڪ ڳوهڻ ڪٽڪ جي اٽي مان ڪتن لاءِ روٽيون
پچائي ڪتن کي کارايون وڃن ٿيون. ڪيترن گهر جائو
سفيد پوش آدمين کي بابو رامداس صاحب سيدن اناٿن
جي شادي لاءِ ڌن جي سهائتا لڪائي ڏيندو آهي. ان
دربار کي لکين جي ملڪيت جايون، ٿي باغ ۽ زرعي
زمينون آهن. دربار کان ٻاهر، لاڳيون دڪانون ۽ مسافرخانا
آهن جن ۾ دربار جا سک شيوڪ ٻاهر کان آيل اچي ٽڪن
ٿا. جڪي سک شيوڪ فئملي سان اچن ٿا تنکي بابو
رامداس صاحب دربار سان لاڳو جايون ٦ ٥ ڏهن لاءِ رهڻ
لاءِ ڏيندو آهي. دربار ۾ صبوح شام ڪٿا ڪرڻ پڙهڻ
لاءِ روز مره اچن ٿا. ان دربار جي شڪارپور واسين هندو
توڙي مسلمانن جي گهڻي مانتا آهي، جو انهن دربار جا
گهڻا هٿن تي پرتا ڏٺا آهن. سڄي شهر ان دربار کي مڃي
ٿو. انهن لئي گهڻيون مهرابون ٿيل آهن. ان دربار جا
مکيه سک شيوڪ ڀلهه آڪهه وارا آهن. شڪارپور ۾ هي

ڪٽ واري ٻاٻي جو قسم هلندو آهي. جيڪو ڪٽ واري ٻاٻي جو قسم کڻي ڳالهه ڪندو آهي تنهن ڳالهه تي اڪثر ڀروسو ڪرڻ ۾ ايندو آهي ته گهڻو سچي هوندي. ان درٻار جو اڪثر ڪري سڄو شڪارپور جو شهر سک شيوڪ آهي. ڪنهن تي به چاليهو يا پنڌيان مڙو ٿيل نه آهي. هرڪو شرڌا سان ان درٻار کي پتاشڪتي دان طور ڏئي ٿو. درٻار جا مکيه شرڌالو سک هيٺيان آهن. پيا ٻه گهڻا وڏا شاهوڪار سيٺيون آهن. (١) سيٺ منگهومل ٽيڪارام ڪراچي جو واپاري (٢) سيٺ سولوداس پشم جو واپاري ويٺل شڪارپور.

ان درٻار جا گديسر لنگوٽي بند برهمچاري آهن. گديسر اڪثر ڪري ٻوج شڪارپور جي پنچائت چونڊيندي آهي. ان درٻار جي گديسرن جون سماڌيون آهن. ٻاٻي گرداس صاحب جي ڪٽ ۽ ٻين سادن جي سماڌين ۾ شڪارپور واسين جي پوري شرڌا آهي. جيڪو سوالي سچي ڀاونا ۽ شرڌا سان سماڌين ۽ ڪٽ اڳيان پڌائي ٿو تنهن جا من جا مطلب اڪثر ڪري پورا ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو شڪارپور واسين غريب توڙي شاهوڪارن جو ٻويم شرڌا ۽ صدق ان درٻار ۾ گهڻو آهي. شڪارپور شهر ۾ ڪٽ واري ٻاٻي گرداس صاحب جي درٻار کان وڌو سدق سو تيرٿ استان آهي. پرهمڌرن کي ضرور ان تيرٿ استان تي پنهنجو ڌيان وجهي تيرٿ ياترا ڪري سندس جو لاڀ وٺڻ گهرجي.

سوامي شيام گر جي مڙهي شهدادپور

شهر شهدادپور جي ڀرسان سوامي شيام هندن جو ناميارو ۽ پرسڌ سنياسين جهونو استان ڏيڍ سؤ سالن کان جاري آهي. ان استان سان لاڳو درگا ديوي ۽ شو جا مندر آهن. هر هڪ سال ۾ ٻه دفعا نوراتن ۾ چيٽ ۽ آسو جي مهني ۾ درگا ديوي جي پراڻ جو پاٺ ٿيندو آهي. ان استان جا ساڌ درگا ۽ شڪتي جا اپاسڪ آهن. نوراتن ۾ گاديسر الله وٺي رهندو آهي ٻاهر ڪنهن کي منهن نه ڏيکاريندو آهي. ان استان ۾ وڏا وڏا سڌ پرش ڪرامت جا مالڪ ٿي گذريا آهن. هن استان جا گهڻا سک شيوڪ آهن. سوامي جو استان هن ڪري سڏجي ٿو. ان استان جي پائي وجهندڙ سوامي شيام گر ستگرن وٽ سوا ڏيهن رهي ان کان سوا ڏيهن ۾ گيان حاصل ڪيو تنهن ڪري گوسوامي کي سوامي جي نالي سڏجي ٿو. ان استان جي ساڌن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) گوسوامي شيام گر (٢) گوسوامي منگل گر (٣) مان گر (٤) ٻوهم گر (٥) لعل گر (٦) ديا گر (٧) ڌرم گر (٨) ڪلياڻ گر (٩) رام گر (١٠) شيو گر (١١) واسديو گر.

سنياسين جو اشٽ دتاتريه سوامي آهي. گوسوامي سوامي شيام گر جو اصوڪو استان گرنار ۾ جونگره آبو ڀرپاڙ تي آهي. گوسوامي سوامي شيام پنهنجي ستگرو کان اپديش وٺي اول دهلي ۾ مغل بادشاه اورنگزيب وٽ

وڃي هنکي ڪرامتون ڏيکاري ٻهن سڏن جا بند خلاص
ڪرايا جن سڏن کي بندي خاني ۾ وجهي هنن ڪان
چڪيون ٿي پيهايون. دهلي ۾ ٿورو وقت رهي گوسوامي
سوائي شيام گر شهداد پور جي پرسان پير وڻ جي هيٺان
پياڻ ۾ دونهي دکائي اچي ويٺو. انهن ڏينهن جو سنڌ
حاڪم جو شڪار تي ويل هو سو پنهنجن ماڻهن سميت
گوسوامي جن وٽ آيو. گوسوامي جن هنکي ۽ هنجي ماڻهن
کي هڪ ئي روٽي مان روٽي کارائي ۽ تنهي مان پاڻي
پيارايو. پر اها هڪ ئي روٽي اجان نه کٽي ۽ اکي تنهي
مان پاڻي کٽيو. فقير جي اها ڪرامت ڏسي سنڌ جي
حاڪم فقير کي زمين ڪر آبادي لاءِ بخشيش ڪري
ڏنو. گوسوامي دونهي جي اڳيان سورو وقت
رهي ايشور جو ڌيان ڪندو رهيو. اا دونهي اڄ ڏينهن
تائين قائم آهي. ان دونهي مان جيڪو بيمار ٿوري ڀڀوت
چکي ٿو ۽ پنهنجي شرير کي لڳائي ٿو ته جهٽ چڱو ڀلو
ٿي پوي ٿو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعي گوسوامي سوائي شيام گر
وٽ آيا ۽ اچي چيائون ته اسين گنگا جي تيرٿ ياترا
ڪرڻ وڃون ٿا. سوائي شيام گر انهن چيلي سکن کي
پنهنجي استان تي گنگا جو درشن ڪرايو ۽ انهن چيلي
ان تي اشنان ڪيو.

گوسوامي شيام گر ديهه سميت سماڌ ورتي ۽ پنهنجو

گاڏي اشين منگل گر کي ڏنو. سوامي شيام گر ٽڙهي وارا ساڌ سڀ سڌ پرش ۽ ڪرامت جا ڏيکي ليا آهن. انهن جي سکي شيويڪي گهڻن ڳوٺن ۾ آهي. زرخيز زمين ۽ شهداد پور ۽ سانگهڙ ۾ جايون استان جي ملڪيت آهي. روز لنگر تي ڪيترا سک شيوڪ مهمان پوڄن وٺن ٿا. هولي ڪانپوءِ ڏهه ڏينهن تي شهداد پور نواسي. استان تي ايندا آهن پڄن پاٺ ليندو آهي ۽ سڀ روٽي گڏ جي کائيندا آهن. گاديسر لعل گر وڏي ڪرامت جو ڏيکي هو. ڏورئي تي پنهنجن جو شراب کپي ويو. گوسوامي لعل گر پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو ته وڃي شهر مان شراب وٺي اچو. هڪ مائي وٽ شراب هو پر ڪوڙ ڳالهائي چيو ته وٽس شراب نه آهي. گوسائين لعل گر جڏهن اها ڳالهه ٻڌي تڏهن پنهنجن سکن شيوڪن کي چيائون ته اوهان ماڻ ڪري وهيو اوهان وٽ شراب پاڻيهي ٿو اچي. ٻلدي مائي وارو شراب جو مٽ سڄو ڪڍي مٿي ۾ اچي لٿو جو سکن شيوڪن پيتو. مائي روئيندي آئي ته منهنجو شراب جو مٽ الائي ڪير ڪڍي ويو. گوسائين لعل گر مائي کي چيو ته توهان موٽي گهر وڃ تنهنجو شراب جو مٽ پورل رکيو اٿئي. مائي وڃي ڏٺو ته برابر ساڳيو گهر شراب جو مٽ پورل رکيل هو.

ان استان جي گاديسر ڪليان گر کي وڏي ماتا جي بيماري ٿي پيئي. هنجي حالت سخت هئي. هن صاحب پنهنجي چيلي شنڪر گر کي گهرائي هنکي چيو ته اسين

هاڻي موڪلايون ٿا ٿوڪي استان پرتو آهي ٿوڪي گادي
تي وهاري ٿا وڃون. سندس چيلي شنڪر گر گرو
ڪلياڻ گر کي چيو ته مونکي باقي ۹ سال هن سنسار ۾
رهڻو آهي. اوهانکي پنهنجي حياتي جا ۹ سال ڏيان
ٿو. اوهان ۹ سال وڌيڪ وقت حيات رهندا مان اوهانجي
بدلي شرير ڇڏيان ٿو. ائين چئي شنڪر گر کي ساڳي
ماتا جي بيماري سبب شرير ٻئي ڏينهن تياڳيو.

ان استان تي جيڪي سماڌيون آهن تن ۾ ماڻهن کي
گهڻي شرڌا آهي. جيڪو جهڙي ڀاونا رکي پنهنجو سوال
سماڌين اڳيان پيش ڪري ٿو تنهنجو سوال هڪدم اگهجي
ٿو. ڪيترا سوين اهڙا مثال آهن. ان استان جو ساڌ
شنڪر گر چيلو گادي سر ڪلياڻ گر جو وڏو صدبرش ٿي
گذريو آهي. جڏهن ڪلياڻ گر هردوار تيرٿن تي ويو ٿي
تڏهن سندس چيلي شنڪر گر پنهنجي گرو ڪلياڻ گر
کي عرض ڪيو ته مونکي به گنگا جي تي وٺي هلو پر
ڪلياڻ گر، شنڪر گر کي چيو ته پٺيان ڪو ته استان جي
سنڀال لاءِ هجي. تنهن تي شنڪر گر وراڻي ڏني ته سائين
جڏهن اوهان گنگا جي تي ٽٻي ڏيندا تڏهن مان به ان وقت
اوهان سان گڏ ٽٻي ڏيندس. ڪلياڻ گر ته هردوار ويو هليو
شنڪر گر جڏهن هردوار ڏانهن وڃي گنگا جي ٽٻي ڏيئي
اچان پاڻي مان مٿو ٻاهر ڪڍيو ته هن اُن وقت شنڪر گر
کي پاڻي مان ٽٻي ڏيئي ٻاهر مٿو ڪڍندو ڏٺو. تنهن

تي ڪلياڻ گر شنڪر گر کان پڇيو ته تون وري هٿ
ڪڍ هڻ آئين. شنڪر گر وراڻي ڏني ته سائين مون اوهان کي
چيو هو ته مان به اوهان سان گڏ گنگا جي تي نئي ڏينداس.
هاڻي مان ٽڪي تي ماني وجهي هٿ آيو آهيان. پنهنجان
استان تي ماني ٽڪي ٽي پهچي سوري مان وري ٽي
استان تي وڃان ٿو. شهدادپور جي حلوائي ٽاري مل جو
پٽ ٽن سالن جو مري ويو. سندس زال روئي اچي
شنڪرگر کي عرض ڪيو ته سائين منهنجي پٽ کي وري
جيئاريو. شنڪرگر مئل ٻالڪ تي ڇنڊو پاڻي جو هنيو
ته اهو ٻالڪ اٿي ڪڙو ٿيو. اهو ٽالو بصرمل هٿ ٽارومل
حلوائي هو. شيوگر استان جي ملڪيت زرعي زمين
۽ جايون وڏايون. ڪل ١٣٠٠ روپيه ڏرماه مسواڙ اچي
تي. زمين ١٢٠٠ سو ايڪڙ آهي. سنبت ١٩٨٤ ۾ استان
جي وڏي عاليشان پڪي ماڙوڪي جاءِ سوامي شيوگر
ٺهرائي. شيوگر ١٩٨٢ ۾ وڏو يڳداو پنهنجي گرو جو
ڪيو جنهن تي سندس ٤٨٠٠٠ اٺيتاليهه هزار روپيه خرچ
اچي ويو. يڳداوي وقت دريا جي کوه جو پاڻي کڻي
ويو. شيوگر چانور پڙهي کوه ۾ وڌا ته کوه پاڻي سان
اچي ڀريو ۽ منجهس پاڻي اصل نه کٽو. استان سان لاڳو
پستڪ آليه ۽ ڌرماتو اسپتال آهي. هن وقت سوامي
واسديو گاديءَ نشين آهي. هي صاحب ميري پوري ڪري
رهيو آهي ۽ آدرڃت آهي.

ڪراچي شهر ۾ ڌرمي استانن جي يادداشت

نالو ڌرمي استانن جو، پتو ائڊريس

(١) سوامي نارائڻ مندر، بندر روڊ

(٢) ڀائي نند لعل جو ٽڪاڻو (ستسنگ سڀا)
مٺو در اولڊ ٽائون

(٣) سڪندام مندر، مٺو در اولڊ ٽائون

(٤) شري رام ڪرشن پرم هنس، بندر روڊ ايڪسٽينشن

(٥) گرو مندر، بندر روڊ ايڪسٽينشن

(٦) ڪرسٽ ڪنج (سادو واسواڻي جو)
بندر روڊ ايڪسٽينشن

(٧) هنومان جو مندر، سولجر بازار

(٨) گرو سک سڀا، رتن تلاءُ

(٩) جيٺمل گردوارو، پرنس روڊ

(١٠) گرو نانڪ دربار، رام باغ رڪريشن گرائونڊ

(١١) سيتلداس جي واهه، ڀيمپور

(١٢) ڪڏي وارو مندر، اولڊ ٽائون

(١٣) شري اُڏيري لعل صاحب جو ٿان، ايمڙي چيٽي

(١٤) رامداس جو ٽڪاڻو، ڪاغذي بزار ڀرسان

(١٥) ڀائي لڇمڻداس جو ٽڪاڻو، رام باغ فريئر روڊ

(١٦) سوامي هيمراج چدآڪاشي جو مندر،
بندر روڊ ايڪسٽينشن

(١٧) سوامي گوالداس جو استان، بندر روڊ ايڪسٽينشن

شهر حيدرآباد سنڌ

(١) گرو ننڪ جو، ٻڌي مٿان لونگ ڀڳت جي گهٽي هيٺان

(٢) سکڌام مندر، سپاهيملاڻي گهٽي.

(٣) مهراڻ جي حويلي، ٻڌي مٿان قليلي رستي تي

(٤) ڀائي ٻولچند جو شوالو، ٻڌي مٿان قليلي رستي تي

(٥) لڇمي نارائڻ جو مندر، قليلي رستي تي

(٦) سوامي ٽيئونرام ۽ گوالداس جو استان قليلو تي،

(٧) ڦلاج پري، قليلي روڊ

(٨) رشي گهاٽ، قليلي تي

(٩) ڀائي جوهرمل چونڊراڻي جو شوالو، قليلي تي

(١٠) نرنارائڻ جو مندر، قليلي تي

(١١) مهنت گرديال جو ٽڪاڻو، آڏواڻي گهٽي

(١٢) مهنت ڏيالداس صاحب جو ٽڪاڻو، مکڪي گهٽي.

(١٣) ڀائي چمن ٻرهم جو ٽڪاڻو، سپاهيملاڻي گهٽي

(١٤) منگلاڻي ساڌن جو ٽڪاڻو، سپاهيملاڻي گهٽي

(١٥) قندهاراڻي خالصن جو اڪال ٻونگو، الهندو ڪچو
اسٽيشن روڊ ديول ڀرسان

(١٦) مسند ڀائي ڪشنداس صاحب ٽڪاڻو،
چندڀراماڻي گهٽي.

(١٧) مسند ڀائي شامداس صاحب جو ٽڪاڻو،
شاهي بزار نزديڪ چندڀراماڻي گهٽي

(١٩) ڀائي لڇمڻداس جو ٽڪاڻو، هيرآباد

(٢٠) ڀائي ڀڳوانداس جو ٽڪاڻو، ٻومڻ واه قليلي

(٢١) ڪالي جو مندر، ريلوي اسٽيشن جي ڀرڀان

(٢٢) راڻي باغ وارو مندر، ريلوي اسٽيشن ڀرسان

(٢٣) ڀواني ماتا جو مندر، راڻي جي باغ ۾

گرو مندر ڪراچي

شهر ڪراچي بندر روڊ اسٽيشن تي هڪ وڏو ڪشادو هوادار عاليشان مندر جو ڌرمي استان آهي جو گرو مندر جي نالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. اهو هاڻوڪو استان گرو مندر استان سال ١٩٣٦ ۾ تيار ٿيل آهي. ان ڌرمي استان ۾ گرو گرنٿ صاحب براجمان آهي. هر روز صبوح ۽ شام ڀائر ۽ ڀيرون اٽڪل هڪ سؤ کن گڏجي ايشور جو ڪٿا ۽ ڪيرتن ڪندا رهن ٿيون. گرو مندر استان هڪ رجسٽرڊ اسوسيئيشن جي سنڀال هيٺ آهي. جو اسوسيئيشن سرڪار ۾ سال ١٩٢٧ ۾ رجسٽرڊ ڪرائي وئي آهي. سال ١٩٣٤ اڌاري جڏهن حيدرآباد عامل ۽ سنڌ جا هندو ڪراچي جي بندر روڊ اسٽيشن ۾ پهچڻ جاءِ جوڙائي اچي ويٺا تڏهن انهن کي ستسنگ ڪرڻ لاءِ هڪ ڌرمي استان جي گهرج ٿي. تڏهن هيٺين چئن عامل ڀائرن ڀاڳ صلاح ڪري ڪ. د. ديوان ڪنولسنگهه پوهومل ملڪاڻي زميندار جي جاءِ مسواڙ تي وٺي هڪ ڌرمي استان سال ١٩٣٤ ۾ برپا ڪيو.

(١) ڀاءُ ڀڳوانسنگهه ديوان اسٽسنگهه آڏواڻي
(٢) ڀاءُ ڀيرومل ٽلومل
(٣) ڀاءُ گوبندرام واڌومل آڏواڻي
(٤) ڀاءُ ليلارام گوڌومل واسواڻي

ان آستان ۾ گروگرنٿ صاحب براجمان ڪيو ويو. گروءَ جي سيوا لاءِ هڪ سيواداري مقرر ڪيو ويو. صبوح ۽ شام مٿين آستان تي ڀائر ۽ ڀينرون گڏجي ستسنگ ڪندا ۽ شبد ڪيرتن ۽ ڪٿا ڪندا هئا. ان آستان ۾ گرومندر وارا ٦-٧ سال رهيا. تنهن وچ ۾ سال ١٩٣٧ ۾ جڏهن ڏٺو ويو ته حيدرآباد عامل گهٽي انداز ۾ لڏي ان طرف اچي ويٺا آهن ۽ اها جاءِ ستسنگ لاءِ پوري نه ٿي ٿئي تڏهن هيٺين عامل ڀائرن گڏجي هڪ ائسوسيئيشن سال ١٩٣٧ ۾ ٺاهي جا سرڪار ۾ رجسٽر ڪرائي وئي. ان ائسوسيئيشن جي مراد آهي.

( ) سنڌ جي هندن ۾ گروگرنٿ صاحب ۽ ڏهن گرن جي سکيا جو پرچار ڪرڻ.

(٢) عامل ڀائرن ۽ ڀينرن ۽ ٻين هندن ۾ ڌرمي ۽ روحاني واڌارو ڪرڻ ۽ گروگرنٿ صاحب ۾ ڏيکاريل سکيا موجب انهن کي اپديش ڪرڻ.

(٣) ائسوسيئيشن جي ميمبرن جو ٻمگتي، اخلاقي ۽ ڌرمي وديا جو واڌارو ۽ سڌارو ڪرڻ.

(٤) غريب گهرجائو ڀائرن ۽ ڀينرن کي اَن، ڪپڙي ۽ ڌن جي سهائتا ڪرڻ، بيمار گهرجائو ڀائرن کي دوا ۽ ڊاڪٽر جي فين لاءِ ڌن جي سهائتا ڪرڻ، ان ائسوسيئيشن جو ڪوبه ڀاءُ يا ڀيڻ ٨ آنا ماهوار چندي ڏيڻ سان ميمبر ٿي سگهي ٿو.

انسوسئيشن جي اوائلي ميمبرن ۽ باني ڪارن جا نالا:-

(١) ديوان ڪوڙلسنگ ڀوڄومل ملڪاڻي زميندار

(٢) ديوان واڌومل ڀيلارام آڏواڻي وڪيل

(٣) ديوان ڀڳوانسنگ ڀسنت سنگ آڏواڻي

(٤) مسٽر چيلارام ٽيڪچند مسڪاڻي بي. اي ايل. ايل. بي

(٥) مسٽر ڀڳوانداس آر راهچنداڻي

(٦) مسٽر ڀيرومل ٿلومل جگتياڻي

(٧) مسٽر گوبندرام واڌومل آڏواڻي

(٨) مسٽر ليلارام گوڌومل واسواڻي

(٩) مسٽر ڊانگومل موهن لعل

(١٠) مسٽر چندبرام ٻولچند آڏواڻي

(١١) مسز شانتي بائي هاسومل ٿڏاڻي

(١٢) مسز راڻي بائي ڀڳوانسنگهه آڏواڻي

اها ڪاميٽي مٿين ڀائرن ۽ ڀيڻن جي دائمي بورڊ آهي ۽ بورڊ جي ميمبرن جي چونڊ سال به سال ڪا ن ٿيندي آهي. انهن ميمبرن ۾ هڪ سيڪريٽري ۽ هڪ جائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. پهريون سيڪريٽري مسٽر چيلارام ٽيڪچند مسڪاڻي جنهن سال ١٩٤٤ تائين گرومندر جو سيڪريٽري ٿي سارا هان جوڳي شهوا ڪئي آهي. هن وقت سيڪريٽري مسٽر چندبرام ٻولچند آڏواڻي آهي.

گرو مندر ائسوسيئيشن عامل هائوسنگهه سوسائٽي کان زمين ١٦٥١ چورس وال پئسن تي خريد ڪري اُن تي اٺڪل اڍ لک رپيا خرچ ڪري هڪ وڏو عاليشان استان ٺهرايو آهي. گرو مندر جو استان ڀاءُ ڀڳوانسنگهه بسنتسنگهه آڏواڻي ۽ ڀاءُ ڪيسونداس چيتومل آڏواڻي وڏي تڪليف وٺي ٺهرايو آهي. ڀاءُ ڀڳوانسنگهه بسنتسنگهه پنج هزار رپيه مندر جي وڏي هال ٺهرائڻ ۾ چندو ڏنو. ٻين عامل ڀائرن ۽ ڀيڻن ڪن ٻه هزار ڪن هڪ هزار ته ڪن پنج سؤ چندو مندر جي اڏاوت ٺهرائڻ ۾ چندو چاڙهيو. الهن ڀائرن ۽ ڀيڻن جا نالا مندر جي هال ۾ وڏي بورڊ تي لکيل آهن. گرو مندر جي ملڪيت جي سنڀال وغيره لاءِ هيٺيان ٽي ٽرسٽي مقرر ٿيل آهن.

(١) ڀاءُ حشمتراءِ همتمل آڏواڻي

(٢) ڀاءُ ڪيسونداس چتومل آڏواڻي

(٣) هڪ عامل هائوسنگهه سوسائٽي جو چونڊيل عيوضي

وڏي خوشي جي ڳالهه آهي ته ٿوري عرصي ۾ گرو مندر ڪيترن ٻين گوردوارن جي ڀيٽ وڏي اوج تي رسيو آهي. اهو سڀ گرو مندر جو سيڪريٽري ڀاءُ چيلارام ٽيڪچند مسڪاڻي جي اُتساهه ۽ اُمنگ جو نتيجو آهي. ڀاءُ چيلارام ۽ سندس ڀيڻن جي رس ساز ڀريل ۽ مٺن شبدن ۽ نصيحت آميز ڪٿا جي ٻڌڻ لاءِ گهڻا سنگتي پاڻ روز مره هڪ سؤ جي انداز ۾ صبوح ۽ شام

جو اڇن ٿا. ڀاءُ چيلارام جي سيوا ڪري ٿي گورمندر ٿوري عرصي ۾ ايڏي اوج کي رسيو آهي ان سنگت جي ڀاران ڀاءُ چيلارام کي ڌنيواد ٿي ڏجي. گورمندر جو ڪاروبار چڱي انتظام ۽ سٺي نموني ۾ هليو اچي ٿو. ساليانو آمد ۽ خرچ اٽڪل ١٨٠٠٠ هزار روپيا اچي وڃي ٿو. ماهوار ۽ سالوار گورمندر جو حساب ڪتاب ڇپائبو وڃي ٿو. آڊيٽر ڏيئومل ٽيڪچند جگتياڻي آهي سال ۾ اٽڪل ٥٠ کن اکنڊ پاٺ ۽ ساڌارڻ پاٺ ڏيڍ سؤ کن رکيا وڃن ٿا. سال وار ڀوڳن جو انداز سوا سؤ آهي. گورمندر ۾ هر روز نت نيم سان صبوح جو ساڍا ٤ بجي سکمڻي صاحب جو پاٺ ڪيو ويندو آهي. تنهن کانپوءِ ساڍي ٻجي آسا دي وار پاٺ ۽ ڀڄن ڪن ٿا. شام جو رهراس جو پاٺ ڪيو ويندو آهي تنهن کانپوءِ ڪيرتن ۽ گروگرنٿ صاحب مان ڪٿا ڀاءُ چيلارام مستڪاڻي ڪندو آهي. ڀاءُ چيلارام جي ڪٿا ۾ ٻڌندڙن کي گهڻو رس آنند پراپت ٿئي ٿو. گورمندر وارا سڀ وڏا ڏينهن هولي، ڏياري ۽ جنم اشٽمي ۽ شري رامچند جو جنم ڏينهن، گرو نانڪ صاحب ۽ گورو گوبند سنگهه جي اوتار ڌارڻ جو جنم ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا. سڀ گور پرب ملهايا وڃن ٿا.

گورمندر وارا اٽڪل ١٥ گهرجائو ڪٽنبن کي ماهوار سهائتا ڏين ٿا. گورمندر سان لاڳو هڪ لئبرري ڌرمي

سنڌي، انگريزي، گرمکي پستڪن جي آهي جنهن جو
لاڀ ڀائر ۽ ڀينرون وٺي رهيا آهن. ان لائبرري جي کولڻ
لاءِ شريمتي سيتا ٻائي ڪيسولداس آڏواڻي ۾ هزار روپيه
ڏنا آهن. ان لائبرري تي دادو سنڌس پتا راءِ صاحب
اُڌارام چالهومل ٿڌاڻي جو نالو رکيل آهي. گورمندر ۾
ڪيترن سالن کان سمت ڏاراڻ ڏينهن رات ۱۱ بجي کان
۲ بجي تائين ڀائر ۽ ڀينرون جاڳرتو ڪري شبد ۽ ڪيرتن
ڪندا آهن. ان موقعي تي اڪثر ڪري سڀ گڏجي
ڪيرتن ڪن ٿا.

گورمندر وارا گورو صاحبن جي اسڪال واڻي جو پرچار
گذريل ۱۲ سالن کان ڪندا پيا آهن. واڻي جي پرچار
لاءِ ڪلاس ورتا وڃن ٿا جن ۾ ننڍين ٻالڪن کي گورواڻي
جو ارٿ پاڙهيو وڃي ٿو ۽ گرواڻي ارٿ ٻالڪن کي
چڱيءَ طرح سان سيکاريو وڃي ٿو ۽ پڻ سال ۾ سال انهن
جا امتحان ورتا وڃن ۽ نمبر اچڻ وارن کي انعام ڏنا وڃن
ٿا. گورمندر پورب گورواڻي جو ڪلاس ۽ امتحان وٺڻ
جو شڀ ڪم الهي مراد سان هٿ ۾ ڪيو آهي ته گورو
صاحبن جي واڻي هرهڪ ننڍو توڙي وڏو پاڙهي، پڻ
چڱي طرح سمجهي سگهي ۽ واڻي جو ابياس ڪري.
واڻي جي سمجهڻ ۽ ابياس ڪان سواءِ گورو صاحبن جو اپديش
دل سان هنڊائڻ ۽ ان تي پيروي ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي.
گورمندر ۾ انڪل ۱۲ ڪن ساليانو آنند صاحب ريت پرماڻ
شاديون ٿين ٿيون. آنند ريت پرماڻ شادي تي خرچ ٿورو پوي،

وڃڻ اچي ٿو شادي شانتي وارو ماحول ۾ پوترتائي سان
پوڄا ڪرڻ سان ڪرائي وڃي ٿي. گور مندر جي بانيڪارن
سيڪريٽري ۽ شيوادارن کي گور مندر جي واڌاري اُنتي
لاءِ گهڻو اونو آهي. هو سڀ پاڻ ۾ ايڪمت ٿي ڪنهن
ڏيکاءَ ڪانسواءِ سانتيڪي نموني ۽ هرڪو پنهنجي نموني
۾ شيوا ڪري رهيو آهي.

شري گورو نانڪ صاحب دربار ڪراچي

شهر ڪراچي ۾ گاڏي کاتي ۾ هڪ جهونو ۽ وڏو ڌرمي استان شري گورو نانڪ صاحب جي نالي سان نامور ۽ پرسڌ آهي. اها دربار سال ١٩١١ع کان چالو ٿي آهي. اوائل ۾ کي جوان هرهڪ سرگواسي مسٽر گوپالداس فتح سنگهه جگتياڻي ۽ مسٽر فتحچند ڀڳاسنگهه پاولاٽي ۽ مسٽر ڪرڪ سنگهه، سروير شامداس هيرانند ۽ ٻولچند پاڻ ۾ گڏجي سال ١٩١١ع ۾ گاڏي کاتي ۾ خنقض حسن بلڊنگ ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي ڪري اُن ۾ صبوح ۽ شام جو ستسنگ ڪرڻ لڳا. مسٽر گوپالداس جي مٺن ۽ رس ڀريل شبدن جي ٻڌڻ لاءِ پريمي صبوح ۽ شام پاڻ ۾ گڏجي ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ۽ ايشور جو گڻانواد ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ سال ١٩٣٥ گورو نانڪ صاحب دربار وارن

گاڏي کاتي ۾ ديوان ڀلارام روڊ تي هڪ وڏو پلاٽ ٥٦٠ چورس وال خريد ڪري ان تي اٺ لک روپيه خرچ ٺهرايو. اهو استان سيٺين ڀائرن پاڻ ۾ گڏجي ڦورهي ڪري ٺهرايو آهي. ڪنهن خاص هڪ ماڻهو جي پئسن مان اهو استان نه ٺهيل آهي. ڪراچي، حيدرآباد سکر ۽ ڪوئيٽا کان ڪراچي مان ڪي ڀائر اڪٺا جن وچي استان لاءِ چندو ڪٺو ڪيو. انهن مان ٽي مکيه ڀاڱيڪار ڪم جا هئا.

(١) راءِ صاحب کاچند منگهن مل هيرانندداڻي
(٢) مسٽر شامداس آڏارام ميرچندداڻي
(٣) مسٽر ساڌو سنگهه ٽولنءِ مل ٿڌاڻي.

انهن ٽن ڀائرن جي ڪوشش سان پئسا مندر جي ٺهراڻ لاءِ ڪٺا ٿيا. ان ڏري استان جي سنڀال لاءِ پنج ٽرسٽي هميشه لاءِ مقرر ٿيل آهن.

(١) سيٺ ٽيڪمداس ڪوڙا مل واڌو
(٢) سيٺ وينسي مل ڪلاچند
(٣) راءِ صاحب کاچند منگهمل هيرانندداڻي
(٤) ڀاءُ مسٽر گوپالداس وليرام ڪرپالاڻي
(٥) ڀاءُ مسٽر موتي سنگهه گيان سنگهه

انهن پنجن ٽرسٽين کانسواءِ هيٺين ستن ڀائرن جي ڪاروباري ڪاميٽي چونڊيل آهي. جا ڪاميٽي مندر جي روزمره ڪاروباري هلائڻ تي ڌيان ڏي ٿو ۽ حساب ڪتاب آمدني ۽ خرچ جو رکن ٿا. مٿيان ٽرسٽي استان

جي مئنيجمينٽ جا سڀ اليڪٽيڊ آهن. هن وقت جي ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) ڀاءُ موتي سنگهه گيان سنگهه

(٢) ڀاءُ گوپالداس ولڀرام ڪرپالاڻي

(٣) ڀاءُ يوجراج گدومل آڏواڻي

(٤) ڀاءُ ص. رتن سنگهه جهمت سنگهه لعلواڻي

(٥) ڀاءُ هري رام

(٦) ڀاءُ منگهارام دولترام لعلواڻي

(٧) ڀاءُ گوڪلداس پريتمداس چنداڻي

ڀاءُ يوجراج گدومل آڏواڻي ان استان جو سيڪريٽري مقرر ٿيل آهي. هي ڀاءُ وڏي اُتساه ۽ اُمنگ سان شري گرو نانڪ صاحب جي دربار جي سيوا ڪري رهيو آهي. سنڌس ڪم ساراهه جوڳو آهي جنهن ڪري ڪيس ڌنيواد ڏجي ٿي.

استان جي سيوا لاءِ ٻه پگهاردار سيواداري مقرر ڪيل آهن. سراسري روزانو هڪ سؤ سنگتي صبوح ۽ شام جو ٻنهي وقتن تي سنگت ۾ اچن ٿا. وڏن ڏڻن تي اهو انداز وڌي پنج سؤ ٿئي ٿو. دربار ۾ وڏو هال آهي جنهن ۾ ٥٠٠ سؤ سنگتي سولائي سان ويهي شبد ڪيرتن ۽ ڪٿا جو آنند وٺي سگهن ٿا.

ان استان جو ڪاروبار ميمبرن جي چندي مان هلي ٿو. ڪل ٻه سؤ ميمبر آهن. ان استان ۾ ماڙي تي هڪ

SINDH ARCHIVES
28681
ACCESSION
No. 11-8
Dr. Nabi Bux Baloch COLLECTION

جاءِ ٻاهريان آيل سنتن جي ٽڪاڻي لاءِ مقرر ڪيل آهي. ٻاهران آيل سنتن جي ٽولين جو ٻڌڻ اسٿان ۾ بندوبست ڪرڻ ۾ اچي ٿو. ان سنت مهاتما کان ڪٿا ڪيرتن دربار ۾ ڪرايو ويندو آهي. حساب ڪتاب باقاعدي ساهوڪاري نموني ۾ رکڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي لاءِ آڙوي آڊيٽر مقرر ٿيل آهي. سڀ گرو پرب اسٿان اندر ملهايا وڃن ٿا. ان اسٿان جو گرنٿي ڀائي آتماسنگهه آهي. ان اسٿان جي وسيلي ڌهن گرن جي سکيا ۽ واڻيءَ جو پرچار ڪراچي نواسين ۾ چڱي طرح سان ڪيو وڃي ٿو. غريب گهرجائو ڀائرن کي ماهوار اوڳر ڪيل چندي مان ڪي قدر ٻڻ ڪٽي وڃي ٿي. ان مندر ۾ گرمکي ۽ ڌرمي سکيا سيکارڻ لاءِ هڪ ڪلاس شام جو ٥ کان ٦ تائين ڪيترن سالن کان جاري آهي. انکي گرمکي ۽ ڌرمي سکيا پاٺ شالا سڏيو وڃي ٿو. گورو نانڪ دربار وارن جي اها شڀ اڇا لاءِ ننڍن ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي گور واڻي ڪنٺ ڪرائجي ڪيس گرمکي سيکارجي ۽ گور واڻي جي ارٿ ڪرڻ جو اڀياس ڪرائجي. ڏنهن لاءِ مندر سان لڳو زمين خريد ڪري ان تي گرو نانڪ دربار جي ڇهاري هيٺ هڪ پاٺ شالا ٺهرائڻ جو دربار جي ڀاڳيڪارن کي خيال آهي ان لاءِ ڪو داني پرش ڪين؟ ڏن جي سهائتا ڏيندو. ان پاٺ شالا ۾ هن وقت: دادي واڻي ڀائي ۽ دادي گوپي ڀائي ٻالڪين کي گرمکي سيکاري اُنهنکي جپ صاحب، سکمڻي جو ارٿ سيکاري رهيون آهن.

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH